سنڌي لوڪ ڪهاڻيون

بادشاهن، وزيرن ۽ سوداگرن جون ڳالهيون

جلد ٻيو

لوڪ ادب سلسلي جو ٻاويهون ڪتاب

لوڪ ڪهاڻيون - ٢

(بادشاهن، وزيرن ۽ سوداگرن جون ڳالهيون)

مرتب

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ
ڊائريڪٽر لوڪ ادب اسڪيم
سنڌي ادبي بورڊ

سنڌي ادبي بورڊ
ڄامشورو/حيدرآباد سنڌ
پاڪستان
١٤٠٧هه/١٩٨٧ع

ڇاپو پهريون	فيبروري ١٩٦٣ع	تعداد ١٠٠٠
ڇاپو ٻيو	ڊسمبر ١٩٧٧ع	تعداد ٤٠٠٠
ڇاپو ٽيو	آگسٽ ١٩٨٧ع	تعداد ٢٠٠٠

[سنڌي ادبي بورڊ جا حق ۽ واسطا قائم]

قيمت ٽيهہ رپيا
[Price Rs: 30-00]

ملڻ جو هنڌ:

سنڌي ادبي بورڊ جو بڪ اسٽال،
تلڪ چاڙهي، حيدرآباد سنڌ.

ٽپال ائڊريس:

(جي. پي. او باڪس نمبر ١٢ حيدرآباد سنڌ.)

پاران ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

هيءُ ڪتاب سنڌي ادبي بورڊ پرنٽنگ پريس ڄامشورو سنڌ ۾ مئنيجر،
ميان الله بچائي يوسف زئي ڇپيو ۽ مسٽر محمد حسين ترڪ، سيڪريٽري،
سنڌي ادبي بورڊ ان کي ڇپائي پڌرو ڪيو.

مهاڳ

سنڌ جي 'لوڪ ادب' کي سهيڙڻ لاءِ هڪ تفصيلي تجويز، سنه ۱۹۵۵ع ۾، 'سنڌي ادبي بورڊ' جي سامهون رکي وئي، جا ۱۹۵۶ع جي آخر ڌاري بورڊ بحال ڪئي، ۽ ان جي عملي نگراني ۽ تڪميل بنده جي حوالي ڪئي.

ان تجويز مطابق، جنوري ۱۹۵۷ع کان لوڪ ادب سهيڙڻ جو ڪم شروع ڪيو ويو: انهيءَ سلسلي ۾ تعلقيوار ڪارڪن مقرر ڪيا ويا ته ڏنل هدايتن موجب، ٻهراڙيءَ مان مواد گڏ ڪري موڪلين. سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ 'سنڌي لغت آفيس' سان گڏ لوڪ ادب جي مرڪزي آفيس قائم ڪئي وئي، ۽ ڪارڪن مقرر ڪيا ويا، ته مقامي طور گڏ ڪيل، توڙي ٻاهران آيل مواد کي هدايتن موجب ورچي ورهائي، پيٽي صاف ڪري، ڇپائڻ لائق بنائين.

ٻهريان ٻه سال، ۱۹۵۷ع ۽ ۱۹۵۸ع، لوڪ ادب جي مواد سهيڙڻ ۾ صرف ٿيا. انهيءَ عرصي ۾ تعلقيوار ڪارڪنن، ڳوٺن مان گهربل ڳالهيون هٿ ڪيون، مرڪزي آفيس جي عملي ڇپيل ڪتابي ذخيري مان ضروري مواد آتاريو: ۽ بنده ڪوشش ڪري سنڌ جي هر ڀاڱي جو گشت ڪري، سڃاڻ سگهڙن سان ڪچهريون ڪيون، ۽ عام سنڌي ادب جي هر پهلوءَ کي سمجهڻ ۽ ان جي خاص ذخيري کي قلمبند ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. انهي سعي ۽ همت، بلڪ جذبي ۽ محبت سان قدري ايترو مواد گڏ ٿيو، ۽ ٿي رهيو آهي، جو ان جي آڌار تي عام سنڌي ادب جي هر ڀاڱي بابت، نمولي طور هڪ ڪتاب مرتب ڪري سگهجي. ڪتابن جي تاليف جو سلسلو ٽئين سال ۱۹۵۹ع کان شروع ڪيو ويو آهي.

هت ٻه ڳالهيون واضح ڪرڻ ضروري آهن:

ٻھريون تہ ھن تجويز موجب، سنڌي ٻوليءَ جي عام ادب جون اھي جملي جنسون، جيڪي ھن وقت تائين ٻھراڙيءَ جي عوام ۾ مقبول ۽ مروج آھن، تن کي 'لوڪ ادب' جو ذخيرو تسليم ڪيو ويو آھي. انھيءَ ذخيري ۾ سنڌي ادب جون معياري جنسون ٻڻ شامل آھن، مثلاً: مداحون، مولود، ڏيھ اڪريون، ڪافيون وغيره؛ مگر جيئن تہ اھي ھن وقت تائين ٻھراڙيءَ ۾ عام مقبول ۽ مشھور آھن، انھيءَ ڪري انھن کي ٻڻ 'لوڪ ادب' جي دائري ۾ شمار ڪيو ويو آھي. انھيءَ لحاظ سان، ھن تجويز ھيٺ گڏ ڪيل 'لوڪ ادب' کي بعينہ 'فوڪ لور' (Folklore) جي مغربي مفھوم سان تعبير ڪرڻ صحيح نہ ٿيندو. اسان جي ملڪ ۾ شھري زندگي اڃان ايتري وسعت يا خاص نوعيت اختيار نہ ڪئي آھي، جو اھا خواص جي زندگيءَ ۽ تمدّن جو، يا 'معياري ادب' جو سرچشمو بڻجي. سنڌي زندگيءَ جو مرڪزي دائرو اڃان تائين ڳوٺ آھي، ۽ انھيءَ ڪري سنڌي ادب جو وڏو ذخيرو اھوئي آھي، جو عوام جي زندگيءَ جو آئينو آھي. انھيءَ ڪري ھن مرحلي تي سنڌي ٻوليءَ جي 'لوڪ ادب' ۽ 'معياري ادب' جي وچ ۾ حد فاصل قائم ڪري نٿي سگھجي.

پيو تہ ھن تجويز ذريعي 'لوڪ ادب' جو سمورو مواد گڏ نہ ٿي سگھيو آھي، ان کي سھيڙڻ لاءِ وڏي وقت ۽ ڪافي ذريعن جي ضرورت آھي. لوڪ ادب جو سڄو ذخيرو سربستو گڏ ڪرڻ جڻ اٿاھ سمنڊ سوجھي مڙني موتين ۽ ماڻڪن کي ميڙڻ جي برابر ٿيندو، جو لاممڪن آھي. البتہ جو ڪجھ گڏ ٿي سگھيو آھي، سو لوڪ ادب جي ھر جنس بابت مثالي مواد آھي. انھيءَ لحاظ سان ھن تجويز ھيٺ تاليف ڪيل ڪتاب اميد تہ آئينده ڪوشش لاءِ نمايان نشان ۽ نيڪ فال ثابت ٿيندا.

'لوڪ ادب تجويز' جي تحريڪ جيتوڻيڪ بنده جي طرفان ٿي، مگر ان جي عملي سربراھي توڙي تڪميل ۾ گھڻن ئي مخلصن جون ڪوششون شامل آھن. اول تہ 'سنڌي ادبي بورڊ' جي ميمبرن کي

جس جڳائي، جن هن تجويز کي سنہ ١٩٥٦ع ۾ منظور ڪيو. ان بعد گهربل مواد گڏ ڪرڻ، صاف ڪرڻ، ترتيب ڏيڻ، ابتدائي مسودا توڙي پريس ڪاپيون تيار ڪرڻ، ۽ آخر ۾ ڪتابن ڇپائڻ ۾ ڪيترائي ساٿي پاڻهن پيلي ٿيا آهن. هن تجويز کي ڪامياب بنائڻ ۾ تعلقيوار ڪارڪنن، مرڪزي آفيس جي باهمت فرزندن، سنڌ جي سڄاڻ سگهڙن، توڙي انهن مڙني دوستن جو حصو آهي، جن بنده لاءِ سگهڙن کي پولي هٿ ڪرڻ ۽ ساڻن ڪچهرين ڪرڻ ۾ پنهنجي هڙان وڙان مدد ڪئي.

'لوڪ ادب تجويز' هيٺ 'لوڪ ڪهاڻين' جا هيئيان ست ڪتاب مرتب ڪري شايع ڪرائا آهن: (١) بادشاهن ۽ راڻين، شهزادن ۽ شهزادين جون ڳالهيون، (٢) بادشاهن، وزيرن ۽ سوداگرن جون ڳالهيون، (٣) پرين، ديون، جادوگرن ۽ ڏائڻين جون ڳالهيون، (٤) بادشاهن، شاهوڪارن، ڏاهن، ٺڳن ۽ ٻين جون ڳالهيون، (٥) پاراڻيون آکاڻيون، (٦) جانورن ۽ پکين جون آکاڻيون ۽ (٧) ڳاهن سان ڳالهيون. جيئن تہ هن سلسلي جي پهرئين ڪتاب جي مقدمہ ۾ لوڪ ڪهاڻين جي علمي اهميت ۽ ابتدا، اهم ڪردارن جي نوعيت، تاريخي پس منظر ۽ اندروني سٽاءَ وغيره جي مکيہ پهلوئن تي تفصيلي بحث ڪيو ويو آهي، تنهنڪري هتي فقط هن ڪتاب ۾ شامل آکاڻين جي اندروني سٽاءَ تي بحث ڪيو ويو آهي.

مجموعي طور هي ڪتاب 'لوڪ ادب' سلسلي جو پاويهون ڪتاب آهي. ان جو بنيادي مواد جولاءِ ١٩٥٨ع تائين گڏ ٿيو؛ سڄي مواد کي چڪاسي، مختلف روايتن کي پيٽي، ترتيب ڏيئي، ڊسمبر ١٩٥٩ع ۾ ڪتاب جو مسوده تيار ڪيو ويو؛ ۽ مارچ ١٩٦٢ع ۾ مسودہ جي آخرين تصحيح ڪري پريس ڪاپي شايع ٿيڻ لاءِ ڏني وئي.

مرڪزي آفيس جي ٻين ڪارڪنن سان گڏ خاص طرح محترم ممتاز مرزا هن ڪتاب جي مواد کي اتاري، يڪجاءِ ڪرڻ، پيٽڻ ۽

ڏاوبارا صاف ڪري لکڻ ۾ تحسين جوڳو ڪم ڪيو، ۽ محترم شيخ محمد اسمٰعيل ان سڄي ڪم جي نگراني ڪئي، ۽ مسودہ تيار ڪرڻ ۾ مدد ڪئي. ڪتاب جي آخري سٽاءِ، ترتيب ۽ تاليف لاءِ بندہ خود ذميوار آهي.

مئنيجر ڪوآپريٽو پرنٽنگ پريس، ۽ سنڌس ساٿين ڪتاب کي جلد ۽ سهڻي نموني سان ڇاپڻ ۾ مدد ڪئي. ولي محمد طاهرزادي ان جا پروف پڙهيا.

خادم العلم
ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ

سنڌ يونيورسٽي،
حيدرآباد سنڌ
٣- فيبروري ١٩٦٣ع

عنوانن جي فهرست

ڳالهه جو نالو			صفحو
١- شهزادو گل منير	...	...	٣
٢- شهزادي ۽ جادو جي منڊي	...	...	٢٣
٣- ڪوڙهيو بادشاهه ۽ وفادار طوطو	...	...	٢٩
٤- بادشاهه ۽ غلام	...	...	٣٧
٥- بادشاهه ۽ فقير	...	...	٤٣
٦- بادشاهه ۽ ٽُرڙ ڪاڻو	...	...	٤٦
٧- جـّهان شاهه بادشاهه	...	...	٥٠
٨- سُرمو ٻاتائين، پاڻي نه چاتائين	...	...	٥٣
٩- پاڪ ۽ نپاڪ	...	...	٥٩
١٠- ربّ جي رضا	...	...	٦٥
١١- با نصيب	...	...	٦٩
١٢- نڪو وزير	...	...	٧٣
١٣- ڪانئر بادشاهه	...	...	٨٧
١٤- صبر شهزادو	...	...	٩٣
١٥- شهزادو، وزيرزادو، لوهر ۽ ڪتي	...	...	١٠٣
١٦- لعل به لڀي، پريت به رهجي اچي	...	...	١٠٩
١٧- ٿالهي، ڪدرو ۽ ڪاتي	...	...	١١٦
١٨- عقلمند ڇوڪري	...	...	١٢٣
١٩- نڪي ۽ عشق	...	...	١٣٧
٢٠- وزيرزادو ۽ سوداگرباڻي	...	...	١٤٥
٢١- دوستي زال جي يا مرد جي؟	...	...	١٥١
٢٢- سچ ڇوڪرو	...	...	١٥٧

٢٣- سوداگر ۽ وزيرزادي	... ...	١٦٥
٢٤- سڪ ڪي پنڌ آهي ڪونه	... ...	١٧٢
٢٥- سوداگرزادو ۽ ڇتيهه لڪڻي ڇوڪري ...	...	١٧٧
٢٦- جاڳڻ ڪم جوان جو	... ...	١٨٦
٢٧- آسپهه مانڪ سوداگر	... ...	١٩٢
٢٨- ڀڪ ڪنهن جي؟	... ...	٢٠١
٢٩- سؤ گهوڙن وارو سوداگر	... ...	٢٠٧
٣٠- سامون سوداگر	... ...	٢١١
٣١- سوداگر ۽ هنس پکي	... ...	٢١٨
٣٢- سوداگر جي سُجاڻ زال	... ...	٢٢٥
٣٣- سياڻو سوداگر	... ...	٢٣٠
٣٤- چڱي جي چڱائي، مدي جي مدائي	... ...	٢٣٤
٣٥- چَريت سوداگرزادو	... ...	٢٤٨
٣٦- ڪُڇمُڇ راجا ۽ ڇيڇميچ وزير	... ...	٢٥٤
٣٧- دولت جو نشو	... ...	٢٥٩

ام للانسان ماتمني O فللّٰه الاخرة والاولىٰ

مقدمه

'سنڌي لوڪ ڪهاڻيون' جي سلسلي جو هيءُ ٻيو ڪتاب آهي. عام لوڪ ڪهاڻين جي علمي اهميت ۽ ابتداء، انهن جي اوسر ۽ ارتقاء، مخصوص ڪردارن ۽ سٽاء، توڙي خاص سنڌي لوڪ ڪهاڻين جي خصوصي اجزاء، روايت ۽ صحت تي، هن سلسلي جي پهرئين ڪتاب جي مقدمي ۾ تفصيل سان روشني وڌي وئي آهي.

هن مجموعي ۾ شامل ڪهاڻين کي مرڪزي خيال جي لحاظ سان هيٺين طور تي ورهائي سگهجي ٿو:

- همتون ۽ ڪشالا: ڪهاڻي نمبر ١، ٢، ١٢، ١٤، ٢٧، ٣٠، ٣١.
- ٽڪڙ ڪم شيطان جو: ڪهاڻي نمبر ٣، ٤.
- وعدي خلافي جي سزا: ڪهاڻي نمبر ٥.
- ڏند ڪٿا: ڪهاڻي نمبر ٦.
- نصيحت: ڪهاڻي نمبر ٧، ١١، ٢٦، ٣٤، ٣٨.
- مرد جو عقل: ڪهاڻي نمبر ١٠، ١٧، ١٩، ٢٠، ٢٢، ٢٨، ٣٣، ٣٧.
- عورت جو عقل: ڪهاڻي نمبر ٨، ١٨، ٢٥، ٣٢.
- ڀاڳ ۽ ڀاڳ: ڪهاڻي نمبر ٩، ٢٩.
- خيرات جي برڪت: ڪهاڻي نمبر ١٣.
- دوستيءَ جو ننگ: ڪهاڻي نمبر ١٥، ١٦، ٢١.
- عشق ۽ محبت: ڪهاڻي نمبر ٢٣، ٢٤.
- بيوقوفي: ڪهاڻي نمبر ٣٥، ٣٦.

انهن ڪهاڻين جي سٽاء، مجموعي طور هن سلسلي جي پهرئين جلد ۾ شامل ڪهاڻين جهڙي آهي. انساني ڪردارن ۾ بادشاهه، شهزادا، شهزاديون، امير، وزير، سوداگر ۽ عام ماڻهو شامل آهن؛ غيبي ڪردارن ۾ ديو، جن، ۽ پريون اچي وڃن ٿا. ازانسواءِ

جادوگرياڻيون ۽ ڏائڻيون ۽ راڪاس به ڪن ڪهاڻين جا ڪردار آهن. جتي غيبي ڪردار پنهنجن ڪمن ۾ مصروف آهن، اُتي سندن مقابلي ۾ انساني طاقتون به پنهنجي پوري قوت سان نظر اچن ٿيون. ٻنهي مان فتح انهن جي ٿئي ٿي، جيڪي حق تي آهن. نيڪي ۽ بديءَ جي اها جنگ تڏهن کان هلندڙ آهي، جڏهن کان انسان ۾ غور ۽ ويچار جو مادو پيدا ٿيو.

ڪهاڻين جا ڪردار

هن جلد جي ڪهاڻين ۾ غيبي ڪردارن جون خوبيون ۽ خاميون لڳ ڀڳ ساڳيون آهن، جيڪي هن کان اڳ پهرئين جلد جي ڪهاڻين ۾ نروار ٿيل آهن.

ديو: ديو، انسان تي مهربان آهي؛ هو شهزادي گل منير جي ٿئين جوانيءَ تي رحم کائي، سندس مدد ڪري ٿو(١). ساڳئي وقت ديو انسان جو دشمن به آهي؛ هو شهزادي جي روح تي قبضو ڪري ٿو، جنهن ڪري شهزادو روز مري ۽ جيئي ٿو؛ ڪيس جيڪي ماڻهو ڪانڌي ٿي قبرستان کڻي وڃن ٿا، تن کي ديو کائي کپائي ڇڏي ٿو(٢). ديو، صورتون به بدلائين ٿا. مثلاً ديو، سوداگر جي زال تي عاشق ٿئي ٿو، ۽ پوءِ فقير جو ويس ڌاري، خيرات وٺڻ جي بهاني سان سوداگر جي زال کڻي آڏامي وڃي ٿو(٣). ديو به ڪرشمو ڪري ٿو، يعني ته سوداگر ۽ سندس پاڻ کي شوڪارو هڻي پٿر پهڻ ڪري ٿو(٤). پر ديو جي مسيءَ سان ڪرندڙ رت جا ڦڙا جڏهن هيٺ ڪرن ٿا، تڏهن هيرن موتين ۾ بدلجي وڃن ٿا(٥).

پريون: پري، جادوگرياڻي جي هٿ سان گڏ اڌ رات جو چوڙ راند ڪيڏڻ لاءِ اچي ٿي. هوءَ ايڏي طاقتور آهي جو انسان کي ماري به سگهي ٿي(٦). پرين جي ملڪ جو بادشاهه پکي جهلڻ تي اچي

(١) ڪهاڻي نمبر ١، ص ٥. (٢) ڪهاڻي نمبر ١٢، ص ص ٨٣-٨٦ (٣) ڪهاڻي نمبر ٣٠، ص ٢١٢. (٤) ايضاً، ص ٢١٤. (٥) ڪهاڻي نمبر ١٢، ص ٧٩. (٦) ڪهاڻي نمبر ٢ ص ٢٦.

ٿو ۽ وري ٻڪي جهنگل تي موٽي وڃي ٿو. اهڙا ڪردار پنهنجي سونهن ۾ ڪو ثاني نٿا رکن. انسان، انهن غيبي ڪردارن جو اهو رخ ڏسي مٿن عاشق ٿين ٿا(١).

جن: جنن وٽ انسانن کي ستائڻ جا جدا طريقا آهن. هو چنڊ جي چوڏهين رات انسان ۾ واسو ڪن ٿا. پيءُ ڪنهن طاقت کان نٿا ڊڄن، پر راڳ تي مست ٿي وڃن ٿا، ۽ مستيءَ ۾ اچي نچن ٿا. هو ويران ۽ سنڃين جاين يا وڻن ۾ رهن ٿا. ماڻهن سان مقابلو ڪن ٿا، ۽ جنهن ماڻهو ۾ واسو ڪن ٿا، آن جي ڪيترين خدمتن چاڪرين کان پوءِ به پنهنجي مرضي سان جند ڇڏين ٿا(٢).

راڪاس: راڪاس جو ڪردار ٻي ڪُنڊ و آهي. جن ۽ ديو سان اچان به ڪا مدد پڄي سگهي ٿي، پر راڪاس هميشه پنهنجي طمع خاطر ڪيس ڪن ٿا. مثلاً، راڪاس مهيني ۾ هڪڙو دفعو شهر ۾ اچي ٿو، هڪڙي گاڏي آن جي ۽ هڪڙو ماڻهو کائي ٿو؛ ان کي به پوءِ ماڻهو ماري ٿو(٣).

انساني معاشري جا ڪي ڪردار، جادوگرن جي حيثيت ۾ غيبي ڪردارن جهڙا ڪم ڪن ٿا. ٽيهين ڪهاڻي ۾ ٻن سامي فقيرن جا ڪردار ملن ٿا، جي قدري 'ديو' جي ڪردار سان مشابهه آهن. اهي سامي فقير ڇهه مهينا سمهن ٿا ۽ ڇهه مهينا جاڳن ٿا. پنهنجا کهرکهاڻ سرسبز باغن ۾ ناهين ٿا، جيڪي پوءِ سندن سمهڻ ڪري ويران ٿي وڃن ٿا. سندن عمريون تمام وڏيون آهن، ۽ اهي اڪثر جهور پوڙها آهن. جيئن ته هو انسان آهن، انهيءَ ڪري رحمدل ۽ انسانن جا دوست آهن، جيڪو انسان سندن خدمت ڪري ٿو، ان جي مدد ڪن ٿا(٤).

انساني گروهه ۾ ڪي اهڙا جبرا ۽ طاقتور بادشاهه آهن، جن جو السالن کان سواءِ جنن پوتن، ٻکي هڪڻ تي حڪم هلي ٿو(٥). سوداگرزادو

(١) ڪهاڻي نمبر ١٤، ص ص ٩٣-١٠٢. (٢) ڪهاڻي نمبر ٣٤، ص ص ٢٣٤-٢٤٧.
(٣) ڪهاڻي نمبر ٢٦، ص ص ١٧٨-١٩٠. (٤) ڪهاڻي نمبر ١٨، ص ص ٢١١-٢١٧.
(٥) ڪهاڻي نمبر ٦، ص ص ٣٦-٣٩.

روزانو هڪڙو موتي اوڳاري ٿو(١). ڪهاڻي نمبر ٻهرين ۾ گل منير جي ٻانهي حقيقت ۾ جادوگرياڻي آهي، جنهن وٽ اها طاقت آهي جو هر ڪا صورت وٺي سگهي ٿي. هو ٻهرين گل منير کي سڳو ٻڌي طوطو ڪري ٿي، ۽ پوءِ ان جي پنيان باز بنجي اڏامي ٿي(٢). جادوگرياڻي کي هر ڳالهه جو علم آهي. ڪهاڻي نمبر ٻيءَ ۾ جادوگرياڻي کي خبر آهي ته شهزاديءَ جو لڪيو گهوڙي سان آهي، ۽ شهزادي وٽ ڪرامتي مُنڊي آهي، انهيءَ کي حاصل ڪرڻ لاءِ هوءَ پنهنجي پٽ کي گهوڙي جي صورت ۾ اٿي ٿي ۽ منڊي حاصل ڪرڻ بعد پٽ کي آڏاڻي ڪٽي وجهي ٿي. جادوگرياڻيءَ جي پٽ جي هٿن ۾ ديو آهن، جيڪي سندس حڪم مڃن ٿا(٣). ٻارهين ڪهاڻيءَ ۾ ڏائڻ جو ڪردار شامل آهي، ڏائڻ ماڻهن جو هانءُ ڪڍي ٿي ۽ کيس وڏي طاقت حاصل آهي(٤).

لوڪ ڪهاڻيءَ جي ابتدا، اڪثر ڪنهن اهڙي واقعي سان ٿئي ٿي، جنهن جو اڳتي هلي، ڪهاڻيءَ جي مرڪزي ڳالهه سان ڪو خاص تعلق نٿو رهي. هن مجموعي ۾ ٻي (ص ٢٣)، پنجين (ص ٤٢)، ستاويهين (ص ١٩٢) ۽ اناويهين (ص ٢٠١) ڪهاڻيءَ جي مُنڍ واري ڳالهه، اولاد جي سڪ سان شروع ٿئي ٿي. ستين (ص ٥٠) ۽ اٺين (ص ٥٣) ڪهاڻيءَ جي شروعات شڪار تي وڃڻ ۽ راهه وڃائڻ سان ٿئي ٿي. چوڏهين (ص ٩٣) ڪهاڻيءَ جي شروعات، ٻيءَ جي اجائي خوشامد ڪرڻ سان ٿئي ٿي.

عام طرح ڪهاڻيءَ جو مانجهي يا سورمو شروعاتي مذڪور کان پوءِ جدا طور نروار ٿئي ٿو. ڪهاڻين جي مانجهين کي پنهنجي مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ ڪن ٻين چڱين طاقتن کان ڪي اهڙيون شيون ملن ٿيون، جيڪي سندن هر تڪليف ۾ مددگار ٿين ٿيون. ديوَ، بادشاهه کي لٺ ۽ مُنڊي ڏني ٿو(٥)؛ ڏائڻ، ٽڪي وزير کي آڏام ڪٽولي ڏني ٿي، ۽ ديو کيس ٻه جادوئي ڏوڪا ڏئي ٿو، جن جي وڃائڻ

(١) ڪهاڻي نمبر ٣١، ص ٢٦١. (٢) ڪهاڻي نمبر ١، ص ١٧. (٣) ڪهاڻي ٢، ص ص ٢٣-٢٨. (٤) ڪهاڻي نمبر ١٢، ص ٧٥. (٥) ڪهاڻي نمبر ٢، ص ٢٣.

سانَ ديوَ اچن ٿا(١)؛ ڇنيهه لکڻي ڇوڪري کي سَنڌي ملي ٿي، جنهن جي وسيلي هن کي ستن بادشاهن جو خزانو ملي ٿو(٢)؛ سوداگرزادي کي هڪڙي تختي ملي ٿي(٣)؛ هنس هڪي سوداگر کي ڪٺي ڳهر رسائي ٿو(٤).

جيئن ته هن مجموعي ۾ بادشاهن، وزيرن ۽ سوداگرن جون ڪهاڻيون شامل آهن، تنهنڪري بنيادي طور هتي اهو مواد شامل ڪيو ويو آهي، جن جو واسطو سنئون سڌو انساني معاشري سان آهي. عشق ۽ محبت انسان جي زندگيءَ جو هڪ لازمي جُزُ آهي. قديم زماني کان وٺي عشقيه قصا ۽ داستان رائج آهن، جي پڻ لوڪ ڪهاڻين تي اثرانداز ٿيا. هن مجموعي ۾ پڻ اهڙيون ڪهاڻيون شامل آهن، جن جو مرڪزي نُڪتو يا خيال محض ”عشق ۽ محبت“ آهي. سچو عشق، پنهنجي پريتءَ تي حرف نه آڻڻ، وفاداري ۽ سچائي، عشقيه ڪهاڻين جا خاص نڪتا آهن. ڪهاڻي نمبر ڏيويهين سنڌ ۾ هلندڙ مشهور عشقيه داستان ”خدا دوست“ تان ورتل آهي، جيڪو مشهور بادشاهه محمود غزنوي جي عهدِ حڪومت سان منسوب آهي(٥). ڪهاڻي نمبر چوويهين ۾ ساڳئي ئي مقصد تي پڌل آهي. عاشق کي فقط محبوب جو ديدار ڪرڻو آهي؛ هن جو واسطو محبوب سان آهي، محبوب جي ڌن دولت سان نه آهي. سچ چيو اٿئي ته ”سڪ کي پنڌ آهي ئي ڪونه“(٦).

سترهين ڪهاڻي جا ڪردار نهايت سچار، عقلمند ۽ ساڳئي وقت سادا آهن. هرڪو پنهنجي جاءِ تي گفتار جو غازي آهي؛ هر لفظ جيئي چيئي ڪين ٿا، متان ڪو اوَلو گفتو نڪري وڃي ۽ پوءِ پڇتائڻو پوي. بادشاهه جو صحيح تصور هن ڪهاڻيءَ ۾ ملي ٿو ته هو رعيت جي لڄ ۽ عزت جي حفاظت ڪرڻ وارو آهي، هن کي بدراهه اختيار ڪرڻي ناهي، چڱي ۽ مدي جي سڃاڻ رکي ٿو، ۽ مهل

---

(١) ڪهاڻي نمبر ١٢، ص ٨٣. (٢) ڪهاڻي نمبر ٢٥، ص ١٦٩. (٣) ڪهاڻي نمبر ٢٦، ص ١٨٦. (٤) ڪهاڻي نمبر ٣١، ص ٢٢٠ (٥) ص ص ١٦٥ - ١٧١ ۽ پڻ ڏسو لوڪ ادب سلسلي جو اوڻهون ڪتاب، مشهور سنڌي قصا -١، ”پاهرين قصا ۽ عشقيه داستان“، ص ص ٥٠٠-٥٠٨ (٦) ص ص ١٤٢-١٤٦.

تي ڳالهه صاف ڪري، وزير جي دل جو دليل دور ڪرڻ ۾ پنهنجي گهٽتائي ٿو سمجهي. ڪهاڻيءَ ۾ موقعي جي مناسبت سان ڳاهون به آيل آهن، جن ۾ ماهر وڪيل آهي(١).

هن مجموعي ۾ شامل ٣٧ ڪهاڻيون، سواءِ ٻوابشاهه جي، ٻين الن ضلعن مان هيٺين طور مليون آهن. تفصيل مان معلوم ٿيندو ته ڪي ساڳيون ڪهاڻيون آتر، وچولي توڙي لاڙ ۾ ساڳئي نموني ۾ رائج آهن. مثلاً ڏيوڍهين ڪهاڻي "سوداگر ۽ وزيرزادي" جون ٽي روايتون لاڙڪاڻي، شهدادپور ۽ ٺٽي مان مليون.

ضلعو سکر

آباوڙو: ٢١، ٣٦
ميرپورماٿيلو: ٢
روهڙي: ١٣، ٢٩، ٣١

ضلعو خيرپور

فيض گنج: ٣٥

ضلعو لاڙڪاڻو

لاڙڪاڻو: ٣، ٢٣
قنبر: ١٥
وارهه: ٢٢

ضلعو دادو

ڪڪڙ: ١٣، ١٨، ٣٢

ضلعو سانگهڙ

شهدادپور: ٧، ١٠، ١١، ٢٠، ٢٣، ٢٤، ٢٥، ٢٦، ٢٨
سنجهورو: ٥، ٦

ضلعو ٺٽو

ٺٽو: ٤، ٩، ٢٣، ٢٦، ٣٠

ضلعو حيدرآباد

حيدرآباد: ١، ٨، ١٢، ١٣، ١٩، ٣٥
ٽنڊو الهيار: ٨، ٢٧، ٣٣
ٽنڊو باگو: ١٦، ٣٢، ٢٤
بدين: ٨
هالا: ٨، ١٢، ١٧

ضلعو ٿرپارڪر

ڇاڇرو: ٨

هن سلسلي جي ٻهرئين جلد ۾ اوڻيتاليهه (٣٩) ڪهاڻيون شامل آهن ۽ هن ٻئي جلد سميت جملي ڇاهتر (٧٦) ڪهاڻيون تصحيح ۽ ترتيب سان، پڙهندڙ جي آڏو اچي وينديون.

ن.ب

---

(١) ص ص ١١٦-١٣٢ ۽ ٻئي ڏسو لوڪ ادب سلسلي جو ستاويهون ڪتاب "ڳاهن سان ڳالهيون".

متن

بادشاهن ، وزيرن ۽ سوداگرن جون ڳالهيون

١- شهزادو گل منير *

هڪڙو هو بادشاهہ— بادشاهن جو بادشاهہ تہ ڌڻي تعاليٰ پاڻ آهي، پر هو زماني جو بادشاهہ هو. سندس راڄ ۾ شينهن ٻڪري گڏ پاڻي پيئندا هئا. هن کي ٻہ پٽ هئا، تنهن کان سواءِ خدا جو ڏنو گهڻئي ڪي هئس، سو هروقت ڌڻيءَ جا شڪرانا مڃي پيو حڪومت هلائيندو هو. خدا جي قدرت سان بادشاهہ کي ٽيو پٽ بہ ڄائو، جو ٻين ٻنهي ڀائرن کان وڌيڪ سهڻو هو. بادشاهہ تمام خوش ٿيو ۽ پٽ جي خوشيءَ ۾ خزانن جا در کولي ڇڏيائين. ماڻهن ايترو مال لٽايو جو ملڪ جا سڀ غريب امير ٿي ويا. آخر چاليهن ڏينهن جي خوشين کان پوءِ بادشاهہ، شهزادي جي بخت ڏسڻ لاءِ نجومين کي گهرايو. نجومين حساب ڪري بادشاهہ کي ٻڌايو تہ: شهزادي جو بخت بالا آهي، مگر ٽون ورهين جي عمر کان وٺي سخت تڪليفون ڏسندو، ۽ مائٽن کان وڇڙندو، آخر جوانيءَ ۾ سک ڏسندو ۽ وڏي بادشاهيءَ جو مالڪ ٿيندو. بادشاهہ اهو احوال ٻڌي نجومين کي انعام ڏئي روانو ڪيو.

شهزادي جو نالو ”گل منير“ رکيائون. اُن جي نپائڻ لاءِ خاص دايون مقرر ٿيون، جن کيس لاڏن ڪوڏن سان پئي نپايو. جڏهن ڇهن ورهين جي ڄمار جو ٿيو، تڏهن کيس استاد جي حوالي ڪيائون. ٿوريئي وقت ۾ شهزادو پڙهي قابل ٿيو. شهزادو جڏهن ٽون ورهين جي ڄمار جو ٿيو،

* هيءَ ڳالهہ وچولي (تعلقي حيدرآباد) مان محمد ٻچل کان ملي.

تڏهن بادشاهہ هن فاني دنيا مان چالاڻو ڪيو. ٽيئي شهزادا اڃان ننڍا هئا، تنهنڪري وڏي وزير کي اچي بي ايماني ٿي، تنهن هڪدم بادشاهيءَ تي قبضو ڪري، ٽنهي شهزادن کي ملڪ نيڪالي ڏيئي ڇڏي.

ٽيئي شهزادا وزير جي ڊپ کان شهر ڇڏي، فقيراڻو ويس ڪري آٿي هليا. هلندي هلندي نيٺ ٿڪجي پيا ۽ هڪڙو ٻڙ ڏسي، ان جي هيٺان ويهي رهيا. بادشاهي پار، جن ڪڏهن بہ ايتري تڪليف نہ سٺي هئي، سي ڳالهيون ڪندي ڪندي انهيءَ ٻڙ هيٺ سمهي رهيا. جڏهن ننڊ مان سجاڳ ٿيا، تڏهن وڏي ڀاءُ ننڍن کي چيو تہ: ادا! مون خواب لڌو آهي، جنهن ۾ ڏسان ٿو تہ سونکي ماهيءِ کير جو وٽو ۽ ڪٽڪ جي ماني ملي آهي، ڪائي ڏؤ ڪيو اٿم. ان تي وچٽ چيو تہ: ادا! مون پڻ خواب ۾ ڏٺو آهي تہ الله سائين مونکي مڇي ماني ڏياري آهي. باقي رهيو شهزادو گل منير، تنهن ڪٿي مات ڪئي. تڏهن ڀائرن چيس تہ: ادا! تون بہ ٻڌاءِ، تہ تو ڪو خواب لڌو يا نہ؟ ان تي گل منير چيو تہ: مون جيڪي خواب ۾ ڏٺو آهي، سو جي اوهان کي ٻڌائيندس تہ ڪاوڙجي پوندؤ، تنهنڪري اها ڳالهہ ئي ڪٿي ڇڏيو. ان تي ڀائرن چيس تہ: اسين تنهنجا دشمن ٿورو ئي آهيون، جيڪي ڏٺو اٿئي سو چئي ڏي. تڏهن گل منير چيو تہ: ادا! خواب ۾ ڏسان ٿو تہ الله سائين مون تي راضي ٿيو آهي جو بادشاهي ملي اٿم ۽ چار راڻيون پرڻيو آهيان. هندوري ۾ ستو پيو آهيان، ساڄي پاسي هڪڙي پلنگ تي بہ راڻيون ويٺيون آهن ۽ کاٻي پاسي ٻئي پلنگ تي پيون بہ راڻيون ويٺيون آهن. انهن مان واري واري سان هرهڪ منهنجي هندوري کي لوڏي بہ پيئي ۽ منهنجي وات ۾ پتاشو بہ پيئي وجهي. ڀائرن گل منير جي واتان اها خبر ٻڌي ڪيس

۾ چماڻون هٽي چيو ته: اهڙو جي سياڳو هجين ها ته بابي جي بادشاهي ۾ ڪين وڃائين ها. گل منير کي ڏاڍو ڏک ٿيو ۽ زاروزار روئڻ لڳو. ٿوريءَ دير کان پوءِ پائرن کيس اٿي هلڻ لاءِ چيو، مگر هن اڳتي هلڻ کان نابري واري؛ تڏهن هو کيس اتيئي ڇڏي اڳتي روانا ٿي ويا.

پائرن جي وڃڻ کان پوءِ گل منير اٿي پنڌ پيو. هلندي هلندي سج لهي ويس، سو هڪڙو وڻ ڏسي ان جي هيٺان رات جا چار پهر گذارڻ لاءِ سمهي پيو. قدرت خدا جي، انهيءَ وڻ ۾ هڪڙو ديو رهندو هو، تنهن جو ڏنو ته هڪڙو آدمزادو وڻ هيٺ ستو پيو آهي، سو سندس وات پاڻي پاڻي ٿيڻ لڳو ۽ ان کي کائڻ جي خيال سان هيٺ لهي آيو. جڏهن گل منير تي نظر پيس تڏهن هن جي سهڻي صورت ۽ ننڊ وهي ڏسي مٿس رحم اچي ويس، سو کائڻ جو خيال لاهي، کيس ننڊ جي حالت ۾ کڻي، هڪڙي شهر کان ٿورو پريرو ڇڏي ويندو رهيو. گل منير جڏهن ننڊ مان سجاڳ ٿيو، تڏهن ڇا ڏسي ته ڪنهن شهر جي ٻاهران پيو آهي! ڏاڍو حيران ٿيو، پر ڏٺيءَ جو راز سمجهي اتان اٿي شهر ڏانهن رخ رکيائين. شهزادي کي بک ۽ اڃ تپايو، سو ٻي ڪا واهه نه ڏسي، هڪڙي مسجد ۾ وڃي ويهي رهيو. ماڻهن مسافر سمجهي کاڌو آڻي ڏنس، سو کائي آرام ڪيائين. مسجد جو ملان، گل منير جي سهڻي صورت ڏسي حيران ٿي ويو ۽ کانئس حال احوال پڇيائين. گل منير کيس ٻڌايو ته: آءٌ مسافر آهيان، بک ڪري مسجد ۾ لنگهي آيس، گهڙي پهر آرام ڪري اڳتي روانو ٿيندس. ملان کي گل منير جي گفتگو ۾ وڏي تنهنڪري کيس چيائين ته: مونکي اولاد ڪونهي، جي تون مون وٽ رهندين ته توکي پنهنجن ٻچن وانگر خوش رکندس. گل منير ۾ خيال ڪيو ته ڪٿي پيو رلندس ۽ ڌڪا کائيندس! جيڪڏهن خدا کي نوازڻو هوندو ته اتيئي ڏيندو.

پوءِ ملان جي ڳالهه قبول ڪري اتي مسجد ۾ رهڻ لڳو.
انهيءَ ملان وٽ جيڪي ٻار پڙهندا هئا، تن ۾ بادشاهه جي ڌيءَ ۽ وزير جو پٽ به هئا. ملان، گل منير کي خليفو ڪري ڪٿي مڪتب ۾ ويهاريو. جيتوڻيڪ گل منير هر علم ۽ هنر کان واقف هو، پر اتي پاڻ کي اڻ پڙهيل سڏايائين. شهزادي ۽ وزيرزادو هڪٻئي تي اهڙا عاشق هئا جو هڪٻئي کان گهڙي به جدا نه ٿيندا هئا. شهزادي جڏهن پڙهي قابل ٿي، تڏهن سندس محلات مان نڪرڻ بند ٿيو. فقط جمعي جي ڏينهن دور ڪرڻ جي بهاني مڪتب ۾ ايندي هئي، جتي پري کان وزيرزادي کي ڏسي دل خوش ڪندي هئي، ڇاڪاڻ ته بادشاهي حڪم موجب سندن ڳالهائڻ ٻولهائڻ بند هو.
جڏهن هنن کي گهڻا ڏينهن گذري ويا ۽ پاڻ ۾ ڳالهائڻ ٻولهائڻ نه ٿين، تڏهن شهزاديءَ ڇا ڪيو جو گل منير کي اڻ پڙهيل سمجهي، کيس هڪڙو خط لکي ڏنائين ته وزيرزادي کي پهچائي ڏي. جنهن ۾ لکيل هو ته: فلاڻي رات، فلاڻي هنڌ لوڪ لقاءَ جي سمهڻ کان پوءِ اچج ته هي ملڪ ڇڏي هليا هلون. ٻيو سڀ بندوبست آءٌ پاڻ ڪنديس. گل منير خط ڪٿي وزيرزادي کي ڏيڻ لاءِ هليو. اوچتو خيال آيس، ڏسان ته شهزاديءَ خط ۾ ڇا لکيو آهي! سو هڪڙيءَ ڪنڊ ۾ ويهي خط پڙهيائين. سمورو احوال معلوم ڪري چيائين ته: آءٌ وري ڪهڙيءَ ڳالهه ۾ گهٽ آهيان! پوءِ وزيرزادي کي خط ڏيڻ بدران پاڻ ويهي ان جو جواب لکي آڻي شهزاديءَ کي ڏنائين، جا پڙهي خوش ٿي ۽ پنهنجي هڪڙي حال محرم ٻانهيءَ سان سڄي حقيقت ڪري کيس تيار ٿيڻ لاءِ چيائين. انجام واري رات تي ٻانهي به ٻه گهوڙا ۽ به خرزينون ناڻي سان ڀري شهر جي ٻاهران هڪڙي وڻ جي هيٺان اچي ويٺي. شهزادي به اڌ رات جو لڪندي لڪندي انهيءَ وڻ وٽ آئي. ڏٺائين ته ٻانهي تيار ويٺي آهي، پر وزيرزادي جو ڪو پتو ڪونهي.

سو ٻانهيءَ کان پڇا ڪيائين. ٻانهيءَ جواب ڏنس ته: مونکي پاڻ آئي گھڻي دير ٿي آهي، هو الاجي ڇو نه آيو. وزيرزادي کي ته ان ڳالهه جي خبر ئي ڪانه هئي، تنهن ته پنهنجي ننڊ ۾ ڦوڪون ڏنيون. هيڏانهن هي ٻئي ڇٽيون، شهزادي ۽ ٻانهي هن جي فڪر ۾ وڃڻ هيٺ ويٺيون رهيون. ايتري ۾ شهزادو گل منير به ٿلهي سنهري، جهنڊ هٽي اچي مقرر وڻ وٽ پهتو. اونداهي هجڻ سبب گل منير جي شڪل چڱيءَ طرح ڏسجڻ ۾ نٿي آئي؛ شهزاديءَ جي ليکي ته وزيرزادو آهي، سو نه ڪيائين هم نه تم، ٽپ ڏيئي گھوڙي تي چڙهي ويٺي، گل منير کي به اشارو ڪيائين، جيڪو سائس پيلهه گھوڙي تي چڙهي ويٺو. ٻانهي به ٽپ ڏيئي چڙهي ٻئي گھوڙي تي، پوءِ اٿي پنڌ پيا.

شهزادي گل منير کي وزيرزادو سمجھي هر هر پيٺي پاڪر وجهي ڳالهائڻ لاءِ چوي، پر هو اهڙو ڪچي جهڙي پٽ؛ رکيو 'هون هان' ڪيو پئي جند ڇڏايائين. آخر ساري رات جي مسافريءَ کان پوءِ وڃي ٻيءَ بادشاهيءَ ۾ گھڙيا، جتي ڪين صبح ٿي ويو. آرام ڪرڻ جي خيال سان گھوڙن تان لهي پيا. اتي شهزادي جان ڪٿي ڏسي ته مار! وزيرزادو الائي ڪٿي زهيو، هيءُ ته اهوئي ملان وارو خليفو آهي! سا اندر ۾ ڪاسي ويٺي، گل منير کي پٺي پاراتا ڏيئي چوڻ لڳي ته: هڪدم گھوڙن کي پوئتي وراءِ! ائين چئي ٻانهيءَ کي به پر ٿي پيد واهي ڪڍيائين. ٻانهيءَ ڊپ وچان ڏڪندي چيو ته: سائڻ! انهيءَ ۾ سنهنجو ته ڪوبه ڏوهه ڪونهي، خبر نه آهي ته ڪيئن وزيرزادو رهجي ويو ۽ هي خليفو نصيب ۾ لڳوسين. هاڻي پوئتي هلبو ته به خوار ٿينداسين، ڇو ته اها ڳالهه هلي ويئي هوندي ته شهزادي ڀڄي ويئي آهي. هاڻي چڱو ائين آهي ته جهڙو آهي تهڙو ڪٿي قبول ڪر. شڪل صورت ۾ وزيرزادي کان به سهڻو آهي. اتي گل منير؛ شهزاديءَ کي چيو ته: اي شهزادي! تون جي بادشاهزادي

آهين ته آءٌ به بادشاهزادو آهيان... منهنجو نالو گل منير آهي، قسمت الائي ڪيئن ڪٿي ڪشالن ۾ وڌو آهي. هاڻي جي لکئي ڪٿي پاڻ کي ملايو آهي ته توکي قضا جي ڪر تي صبر ڪرڻ گهرجي. الله ۾ اميد آهي ته آءٌ توسان بيوفائي نه ڪندس ۽ توکي پنهنجي ساهه کان وڌيڪ پائيندس. ائين چئي گل منير پاند ڳچيءَ ۾ پائي پرچائڻ لڳس، پر شهزاديءَ جي اها پٽي پوي ته: آءٌ هتي گهڙي به نه گهاريندس، سونکي وزيرزادي کان سواءِ پيو ڪي به نه کپي، تنهنڪري اتي هلي چڏيوم نه ته آءٌ پاڻ ماري ڇڏينديس. ائين چئي شهزادي ويهي روئڻ لڳي. پانهي اهو حال ڏسي کيس دلداري ڏيئي پرچايو، چئي: شهزادي! ڏڏو کير وري ٽئين ڪونه پوندو، هيءُ به شهزادو آهي، وزيرزادي کان ڪنهن به حالت ۾ گهٽ ڪونهي. باقي اهو ڏسجي ته اسان کي سنڀالي سگهندو يا نه، تنهن لاءِ سندس پرک وٺي ڏسجي: جي عقل وارو هوندو ته پنهنجي لاءِ هرطرح جو بندوبست ڪندو، جي عقل نه هوندس ته وري پاڻ تائين پهچندو ئي ڪونه ۽ پوءِ پاڻ پاڻهي وزيرزادي کي ڳولي لهنديونسين. انهيءَ تي شهزاديءَ جي دل کي ڪجهه آٿت آيو ۽ پانهيءَ جي اها ڳالهه قبول ڪيائين.

پانهيءَ ڇا ڪيو جو خرزين مان هڪ لعل ڪڍي گل منير کي ڏيئي چيائين ته: شهر ۾ وڃي ڪا رهڻ لاءِ جاءِ هٿ ڪر ۽ ان ۾ ضرورت جون سڀ شيون موجود ڪري پوءِ اچ ته اتي هلي رهون. گل منير لعل کڻي شهر ۾ ويو، جتي هڪڙي صراف کي لعل ڏيکاري ان جي قيمت پڇيائين. صراف ڏٺو ته هي آهي ڇوڪرو، تنهن کي ڪهڙي خبر ته لعل جو ملهه ڇا هوندو، سو چيائينس ته: هيءُ لعل پوري آهي، تنهنڪري ايتري گهٽي قيمت ڪانه لهندي جو توکي پڌايان، باقي هي پنج سؤ رپيا کڻي وڃ. ان تي گل منير

چيس تہ : هي لعل پوري نہ آهي پر نهري آهي. هڪڙي ڳالهہ تي صراف تہ ٻيءَ تي گل منير. نيٺ گل منير چيس تہ : جي لعل پوري ٿيو تہ تنهنجي، جي نهري ٿي تہ جيڪي مال ملڪيت اٿيئي سا منهنجي. صراف اها ڳالهہ قبول ڪئي. ٻہ شاهد بيهاري لعل پيچي ڏٺائون تہ نهري نڪتي. ان تي گل منير چيس تہ : تو پنهنجي شرط هارائي. هاڻي تنهنجي سڄي ملڪيت جو وارث آءٌ آهيان. صراف جي مُنهن جو پنو ئي لهي ويو. گل منير کي مٿس قياس اچي ويو، تڏهن چيائينس تہ : چڱو، شرط تہ هارائي، پر مونکي پيو ڪجهہ بہ نہ گهرجي، فقط رهڻ لاءِ هڪ عاليشان جاءِ، جنهن ۾ شاهاڻي قسم جو سامان ۽ ضرورت جي هرڪا شيءِ موجود هجي. صراف جي خدا ٻڌي، جو ٿوري مان ٿي جند ڇٽيس. سو حاضر حاضر ڇٽي هڪڙي عاليشان محلات ۾ وٺي آيس، جنهن ۾ ضرورت جي هرڪا شيءِ موجود ڪري، چاٻيون هن جي حوالي ڪيائين. گل منير سڄو بندوبست ڪري، ساڳي لعل کڻي شهزادي ۽ ٻانهيءَ وٽ پهتو. ٻانهيءَ کي لعل هٿ ۾ ڏيئي، ساري ڳالهہ ٻڌائي کين هلڻ لاءِ چيائين. شهزاديءَ پهريائين تہ انڪار ڪيو، پر پوءِ ٻانهيءَ جي مِنٿن ۽ سمجهائڻ تي اچي انهيءَ جاءِ ۾ پهتي. ٻانهيءَ جهٽ پٽ طعام تيار ڪيو جو کائي آرام ڪيائون. اهڙيءَ طرح ٻہ ـ ٽي ڏينهن گذري ويا، مگر شهزادي، گل منير سان نہ ڳالهايو ۽ نہ ڏانهس ڏٺائين. رات ڏينهن وزيرزادي کي ياد ڪري ويٺي ٿڌا شوڪارا پريندي هئي.

انهيءَ شهر ۾ رهندي کين ڪجهہ ڏينهن گذري ويا. ٻانهيءَ کي گل منير جي حالت ڏسي ڏاڍو قياس ايندو هو، جو ويچارو ويڳاڻو ويٺو هوندو هو. شهزاديءَ کي گهڻئي سمجهائيندي هئي، پر هوءَ ابهائي وزيرزادي جي ويچار ۾ ويٺي هوندي هئي. آخر هڪڙي ڏينهن گل منير کي سمجهايائين

تہ : ڪاڏي ڪوھ ہ ڪٽي ويندا، تنھنڪري تون ھن ملڪ جي بادشاھ جي دربار ۾ وڃ، من ڪجھ ڪو ٻلو پيٽي تي پوي. گل منير انھيءَ مھل ئي سھي منيري دربار ۾ ويو ۽ بادشاھ جو سلام ڪيائين. بادشاھ ھن جي سونھن ڏسي بي اختيار ٿي ڪانئس حال احوال پڇيو. گل منير ٻڌايو تہ : آءٌ سوداگر آھيان، منھنجو ڪو ھڪڙو ملڪ نہ آھي، جتي واپار جو سٺو لڳو، اتيئي ڪجھ وقت رھبو آھي. بادشاھ کي گل منير جي گفتگو پسند آئي ۽ کيس پنھنجي دربار ۾ روزانو حاضر رھڻ لاءِ چيائين. وڃڻ مھل کيس گهڻ انعام ڏيئي ۽ قيمتي پوشاڪ پھرائي روانو ڪيائين. ان کان پوءِ گل منير روزانو بادشاھ جي دربار ۾ ايندو ھو ۽ موڪلائڻ وقت ڪجھ نہ ڪجھ انعام وٺي ويندو ھو. ھڪڙي ڏينھن بادشاھ، گل منير کان پڇيو تہ : توسان پيا ٻہ ڪي ماٺھو آھن يا اڪيلو آھين؟ گل منير وراڻيو تہ : مون سان منھنجي زال ۽ ھڪڙي ٻانھي آھي. ائين چئي بادشاھ کان موڪلائي پنھنجي گھر آيو ۽ اچي ٻانھيءَ سان سڄي حقيقت ڪري ڪانئس صلاح ورتائين. ٻانھيءَ چيس تہ : تون ڪوبہ اَلڪو نہ ڪر، پلي روزانو بادشاھ وٽ حاضري ڀريندو رھ؛ آءٌ شھزاديءَ کي ٻاڻيھي ميجائيندي س. پوءِ گل منير روز صبح جو دربار ھليو ويندو ھو، جتان رات جو موٽي اچي پنھنجو منھن وٺي سمھي پوندو ھو.

ھڪڙي ڏينھن بادشاھ پنھنجي ٻانھيءَ کي حڪم ڏنو تہ : اج کان وٺي روز صبح جو گل منير جي جاءِ تي وڃي، گل ۽ پان ڏيئي ايندي ڪر. ٻانھي حڪم جي ٻندي، سا ٻئي ڏينھن گل منير جي جاءِ تي پان ۽ گل ڪٽي ويئي. انھيءَ زماني ۾ وڏن ماڻھن ۽ بادشاھن وٽ اھو رواج ھو تہ جيڪا ٻانھي پان ۽ گل ڪٽي ايندي ھئي، تنھن کان پان ۽ گل وٺي، ان جي عوض آنہ جو ٿالھ ڀري ڏيندا ھئا. سو جڏھن

ٻانهي، شهزاديءَ وٽ گل ۽ پان کڻي آئي، تڏهن شهزاديءَ انهن جي وٺڻ کان انڪار ڪيو، ۽ نه ئي وري ڪو ٻانهيءَ کي آئنده سان ڳالهه ٻري ڏنائين. ٻانهي ڏاڍي حيران ٿي. اهڙيءَ طرح جڏهن ٿورا ڳهٽا ڏينهن گذريا، تڏهن ٻانهيءَ وڃي وزير کي ٻڌايو ته: گل منير جي گهر نڪو پان ٿا وٺن ۽ نڪي گل، سندس زال جو سدائين مُنهن مُنهن تي چڙهيو پيو آهي، پيو ته ٺهيو پر مون ڪيس ڪڏهن گل منير سان ڳالهائيندي به نه ڏٺو آهي. مونکي شڪ ٿو پوي ته هيءَ گل منير جي زال ئي ڪانهي، شايد ڀڄائي وٺي آيو آهي. وزير ته اڳيئي گل منير تي سڙيو ويٺو هو، جو بادشاهه جو هن تي گهڻو راز هو، ۽ ڪيس گمان هو ته متان ڪڏهن ڪيس وزيريءَ تان لاهي، گل منير کي وزير مقرر نه ڪري: تنهن کي وجهه ملي ويو، سو يڪدم بادشاهه کي وڃي چيائين ته: مون ٻڌو آهي ته گل منير جيڪا زال آندي آهي، سا سندس نڪاح ٻڌي زال نه آهي، پر ڪٿان ڀڄائي آيو آهي. بادشاهه چيو ته: اهو ڪوڙ آهي، ائين ڪونه هوندو. هڪڙيءَ تي بادشاهه، ٻيءَ تي وزير. نيٺ وزير کي چيائين ته: ڀلا انهيءَ ڳالهه جي ڪهڙي زيت آزمائش وٺجي؟ وزير چيو ته: آزمودو وٺڻ سولو آهي. توهين ڪنهن ڏينهن شام جو مجلس مان اٿڻ وقت گل منير ۽ مونکي دعوت ڏيئي محلات ۾ وٺي هلجو ۽ پنهنجي رائيءَ کي سمجهائي ڇڏجو ته پنهنجي هٿن سان اسان کي هنڌ وڇائي ڏي، هٿ ڌئاري ۽ ماني وغيره تيار ڪري پاڻ کارائي؛ ۽ ساري رات اسان سان ويهي ڳالهيون ڪري، پوءِ صبح ٿيڻ تي سيڪو پنهنجي ڪم سان وڃي لڳي. ٻيءَ رات وري آءٌ توهان کي ۽ گل منير کي پنهنجي گهر وٺي هلندس ۽ منهنجي زال پنهنجي هٿن سان ماني ٽيڪي کارائيندي پياريندي. ٽئين ڏينهن، جي گل منير جي پنهنجي نڪاح ٻڌي زال هوندي ته اسان کي به دعوت ڏيندو

۽ سندس زال اسان جي زالن وانگر پنهنجي هٿن سان ماني تڪي ڪارائيندي، پر جي ڪا پرائي پچائي آيو هوندو ته اسان کي دعوت ئي ڪونه ڏيندو. بادشاهه کي وزير جي اها ڳالهه پسند آئي.

شام جو جڏهن مجلس ٿي، تڏهن بادشاهه، گل منير ۽ وزير کي چيو ته: اڄ اوهان کي اسان جي دعوت آهي. اسان سان محلات ۾ هلو. بادشاهه جي چوڻ تي هنن دعوت قبول ڪئي. ٽئي بادشاهه سان گڏجي محل ۾ آيا. بادشاهه پنهنجي راڻيءَ کي اڳيئي سمجهائي ڇڏيو هو، سو راڻي هنن کي پنهنجن هٿن سان هنڌ وڇائي ڏنو ۽ ٽنهي ڄڻن کي پلنگن تي آڻي ويهاريو. پوءِ پنهنجن هٿن سان ماني پچائي کين کارايائين ۽ سڄي رات ساڻن ڳالهيون ٻولهيون ڪيائين. صبح جو هرڪو پنهنجو پنهنجو رستو وٺي هليو ويو. ٻئي ڏينهن شام جو دربار مان اٿڻ وقت وزير، بادشاهه ۽ گل منير کي دعوت ڏني، سي ٽئي ڄڻا گڏجي وزير جي محلات ڏانهن ويا. وزير جي زال ٽنهي ڄڻن جو چڱو آدرڀاءُ ڪيو ۽ کين پنهنجن هٿن سان ماني تڪي کارائي، پوءِ ويهي ساڻن ڪچهري ڪيائين. اهڙيءَ ريت ساري رات ڳالهيون ٻولهيون ڪري هرڪو پنهنجي گهر روانو ٿيو.

شهزادو گل منير وزير جي دعوت کائي جڏهن گهر پئي آيو ته واٽ تي اچي خيال ٿيس ته بادشاهه ۽ وزير ته چڱي سيٺي آهي، هنن جي ته دعوت کاڌم پر هاڻي آءٌ ڇا ڪريان، ڪيئن هنن کي دعوت ڏيان! اهي ٻور پچائيندو اچي گهر پيڙو ٿيو ۽ هڪڙي ٽلل منجي ڏسي انهيءَ تي ليٽي پيو. ٻانهيءَ جو گل منير جي اها حالت ڏٺي، سا رڙهي اچي پاسي ۾ ويٺس، چي: شهزادا! ڪر خبر ڪهڙي ڳڻتي اٿئي؟ گل منير پهرين ته گهٽوئي نٽايو، پر پوءِ ٻانهيءَ جي زور ڀرڻ تي، بادشاهه ۽ وزير جي دعوتن جو سارو ذڪر ٻڌائي چيو ته:

اڄ جيڪڏهن مون کين دعوت نہ ڏني تہ هو الائجي ڇا سمجهندا، پر جي دعوت ڏجي بہ ڪٿي تہ وري شهزاديءَ جي حالت توکان ڳجهي ڪانهي، هاڻي تون ئي ٻڌاءِ تہ ڇا ڪريان؟ تڏهن ٻانهيءَ چيس تہ: شهزادا! ڳالهہ بہ ايتري، هاڻي ڪنهن بہ قسم جو خيال نہ ڪر، آءٌ رانيءَ کي پاڻيهي پير تي بيهاريندي يس، تون ڀلي بادشاهہ ۽ وزيرکي دعوت ڏي، پر پهرين هيئن ڪر جو ڪجهہ مهرون ڪٺي وڃي هڪڙي نٽ وٺي اچي ڏي. شهزادي بازار مان هڪڙي نٽ وٺي آڻي ٻانهيءَ کي ڏني. ٻانهيءَ ڇا ڪيو جو گل منيرکي بادشاهہ ڏانهن روانو ڪري، پاڻ نٽ کڻي اچي شهزاديءَ جي پير ۾ ويٺي، چي: شهزادي! اڄ اسان جي آزمائش آهي، جي اسين انهيءَ ۾ ناڪام ٿياسين تہ پوءِ خير ناهي تہ بادشاهہ پاڻ سان ڪهڙي هلت ڪري، تنهنڪري چڱو ٿيندو تہ هيءَ نٽ کڻي پاءِ، اڄوڪي رات جي ڳالهہ آهي، خير سان گذري ويندي؛ پيءُ صورت ۾ گل منير سان گڏ تاحق مارجي وينديونسين. انهيءَ تي شهزاديءَ کي ڏاڍي ڪاوڙ لڳي ۽ هن کي ڌڪ ڏيئي، گهڻ وڏ ڳالهائي پري ڪيائين. پر ٻانهي بہ مڙڻ واري ڪانہ هئي، تنهن وري بہ رانيءَ کي منٿ ميڙ ڪئي ۽ بادشاهہ ۽ وزير جي دعوت جو سڄو قصو ٻڌائي کيس سمجهايو. انهيءَ سمجهائڻ تي رانيءَ جي ڪاوڙ ڍري ٿي ۽ نٽ کڻي وڌائين. پوءِ ٻانهيءَ سمجهائي ڇڏيس تہ: جڏهن بادشاهہ ۽ وزير اچن، تڏهن کين ڪيڪاري، پنهنجن هٿن سان هنڌ وڇائي ويهارجئين، ۽ پنهنجن هٿن سان ماني کارائي، ساڻن ساري رات رهاڻ ڪجئين، ائين نہ ٿئي جو هو ڪا گهٽتائي ڏسي شڪجي پون ۽ پوءِ پاڻ کي سور سهڻا پون. ائين چئي ٻانهي، شهزاديءَ کي هارسينگار ڪرائي، پاڻ وڃي طعام تيار ڪرڻ لڳي.

جڏهن سانجهيءَ مهل بادشاهہ جي ڪچهري ختم ٿي، تڏهن گل منير، بادشاهہ ۽ وزيرکي دعوت ڏيئي گهر وٺي

آيو. شهزاديءَ مرندي ڪسندي هنن کي ڪيڪاري اچي پلنگن تي ويهاريو ۽ طعام تيار ڪري پنهنجن هٿن سان کين کارايو. طعام کائي جڏهن هٿن ڌوئڻ لاءِ اٿيا تڏهن بادشاهه ۽ وزير جا ٻهريائين هٿ ڌئاري، پوءِ گل منير جا هٿ ڌئاريائين. گل منير هٿ ڌوئي گرڙي ڪري ڪٿي شهزاديءَ ڏانهن اڇلائي جا سندس ڪپڙن تي وڃي لڳي. انهيءَ تي شهزادي ٿورو مشڪي ۽ پوءِ اچي هنن سان ڪچهري ڪرڻ ويٺي. ساري رات رهاڻ ڪري صبح جو گل منير کان موڪلائي بادشاهه ۽ وزير اٿي هليا. واٽ تي بادشاهه وزير کي چيو ته: ڏٺئي وزير! پنهنجي زال کان سواءِ ٻيءَ سان ايتري حجت ڪري ٿي سگهجي؟ پڪ هيءَ سندس نڪاح ٻڌي زال آهي. تنهن تي وزير چيو ته: بادشاهه سلامت! ائين برابر آهي ته گل منير جي زال اسان جي تمام گهڻي خدمت ڪئي، پر مون پٺي ڏٺو ته هن گل منير کان پٺي پاسو ڪيو. تنهنڪري اجان به ڳالهه ۾ رولو پيو سمجهانءِ تڏهن بادشاهه چيس ته: ڀلا پيو ڪهڙو بلو ڪريون؟ ان تي وزير چيو ته: بادشاهه سلامت! شڪار جو ڪو بهانو ڪري هتان نڪري ٻاهر هلجي، زالون به پاڻ سان کڻجن ۽ هرهڪ جو طنبو جدا جدا هجي. ان کان پوءِ رات جي وقت پاڻ ٽيئي ڄڻا طنبن جي ٻاهران ويهي ڪچهري ڪريون. پوءِ جنهن کي پنهنجيءَ زال جو سڏ ٿيندو سو طنبو ۾ هليو ويندو. گل منير جي نڪاح ٻڌي زال هوندي ته کيس سڏيندي، جي ڌاري هوندي ته سمهي رهندي ۽ گل منير به ٻاهر ئي پيو هوندو. بادشاهه کي وزير جي اها صلاح وڻي سو پٺي ڏينهن شڪار جو بهانو ڪري گل منير کي به ٻاقبيلي تيار ٿيڻ لاءِ چيائين. گل منير اها ڳالهه ٻڌي ويچار ۾ پئجي ويو ۽ گهر اچي وري به منهن ويڙهي چنل منجيءَ تي سمهي رهيو. ٻانهيءَ جو ڏٺو، تنهن سهي ڪيو ته هن کي ڪا ڳڻتي آهي، تنهن اچي کانئس حقيقت پڇي. گل منير شڪار واري حقيقت ٻڌائي چيس ته:

هاڻي شهزادي الائجي کهڙا پير ڪٽندي! جي ڪين ڪو شڪ پيو ته راڻي ڦري ولندا ۽ مونکي تڙي ڪڍي ڇڏيندا. انهيءَ تي ٻانهيءَ چيس ته: شهزادا! تون ڪنهن به قسم جي ڳڻتي نه ڪر، خدا مڙيئي سولي ڪندو. اٿي ماني لڪر کاءُ! اتي گل منير کي پيٽ ۾ ساهه پيو ۽ ماني لکي کائي آرام ڪيائين. ٻانهي وچي شهزاديءَ کي ڳالهه ٻڌائي سمجهايو. جنهن آخرڪار ٻانهيءَ جو اهو چوڻ به قبول ڪيو.

ٻئي ڏينهن بادشاهه شڪار لاءِ تيار ٿيو. گل منير به گهر ۾ پوري تياري ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو. بادشاهه جي نوڪرن هن کي آٽ آڻي ڏنو، جنهن تي شهزادي ۽ ٻانهيءَ کي سوار ڪيائين ۽ پاڻ گهوڙي تي سوار ٿي اچي بادشاهه ۽ وزير سان گڏيو، جن هن کي ڏسي پنهنجن زالن کي آٺن تي سوار ڪيو، ۽ پاڻ گهوڙن تي سوار ٿي روانا ٿيا. هي ٽيئي ڄڻا شڪار ڪندا هلندا رهيا. آخر شام جو هڪڙي هنڌ خيما کوڙيائون. هرهڪ پنهنجي پنهنجي طنبوءَ ۾ داخل ٿيو. جڏهن رات ٿي ۽ ماني ٽڪي کائي واندا ٿيا، تڏهن طنبن جي اڳيان هڪڙي ميدان تي ٽيئي ڄڻا ڪچهري ڪرڻ لڳا. لهوارين اوڀارين خبرن چارن کان پوءِ بادشاهه چيو ته: هاڻي ڪا راڳ جي محفل ٿئي. پهرين بادشاهه راڳ ٻڌايو، راڳ ختم ٿيو ته بادشاهه کي راڻيءَ جو سڏ ٿيو. وري وزير راڳ شروع ڪيو. راڳ جي ختم ٿيڻ تي وزير جي زال هن کي سڏ ڪيو. هاڻي گل منير جو وارو هو، هن کي هڪڙو وطن ڇڏڻ جو ڏک، پيو ٻائرن جي جدائي. ٻيو وري شهزاديءَ جي بيوفائي، سڀ سور اچي جاڳيس، سو ڏاڍي ڏک وچان ڳائڻ لڳو. ٻانهي راڻيءَ کي منٿون ميڙون ڪيون ته: مان گل منير کي سڏ ڪري، مگر هن صفا انڪار ڪيو. نيٺ ٻانهي چالاڪي ڪري گل منير کي سڏ ڪيا. هوڏانهن گل منير جي دل مان جيڪي درد جون دانهون نڪري رهيون هيون، سي ٻڌي بادشاهه ۽ وزير

حيران ٿي ويا، ۽ راڳ مان اهڙو ته رس آيو جو اٿڻ جي وائي نه واريائون. شهزاديءَ جڏهن اهو ڏکارو راڳ ٻڌو، تڏهن ننڊ ٿي حرام ٿي ويس ۽ ٻانهيءَ کان پڇيائين ته: اهو ڪير پيو ڳائي؟ ٻانهيءَ ٻڌايس ته: اهڙو راڳ، گل منير کان سواءِ ٻيو ڪير ڳائيندو. انهيءَ تي شهزاديءَ جي دل ۾ گل منير جي چڪ ۽ سڪ ٿي، سو ٻانهيءَ کي گل منير کي سڏڻ لاءِ چيائين. ٻانهيءَ چيس ته: ٻنهي ته گهڻا ئي سڏ ڪيا آهن، هاڻي تون ڪٿي سڏ ڪرينس. انهيءَ تي شهزاديءَ کٽ تان اٿي ۽ طنبوءَ جي دروازي تي بيهي، گل منير کي سڏڻ لڳي ته: گل منير! هاڻي ڪافي رات گذري چڪي آهي، اڄ ته ڪجهه وقت آرام ڪريون. پر جيئن ته بادشاهه ۽ وزير اٿڻ جي ڪانه ٿي ڪئي، تنهنڪري گل منير چيس ته: بادشاهه سلامت جي موجودگيءَ ۾ آءٌ ڪچهريءَ مان اٿي اچان، اها ڳالهه چڱي نه ڪانهي. شهزاديءَ اهو ٻڌي ڪٿي صبر ڪيو. گل منير وري به ڳائڻ ۽ ڏوهيڙا ڏيڻ لڳو. ڪجهه دير کان پوءِ شهزادي اهڙو درد وارو ڳائڻ ٻڌڻ سهي نه سگهي، سا اٿي وري گل منير کي سڏ ڪرڻ لڳي، جنهنڪري بادشاهه لاچار مجلس پوري ڪئي ۽ گل منير کي اجازت ڏنائين. گل منير اچا طنبوءَ ۾ گهڙيو ئي مس ته شهزادي ڪٽي ڀاڪر پاتس. گل منير هجي جو خوشيءَ وچان ڪپڙن ئي ۾ نه پيو ماپي، خدا جو شڪرانو ادا ڪري شهزاديءَ ساڻ رهاڻ ۾ ويهي رهيو، ۽ باقي رات رهاڻيون ڪندي گذاريائون. صبح ٿيڻ تي بادشاهه، وزير ۽ گل منير واپس پنهنجي پنهنجي جاءِ تي آيا. گهر پهچي شهزادي ڏسي ته سندس هار، جو طنبو ۾، کٽ جي پائي ۾ لاهي رکيو هئائين، سو اتي ئي رهجي ويو هو، سو ڪومائجي ويهي رهي. گل منير شهزاديءَ جي اها حالت ڏسي کانئس انهيءَ جو سبب پڇيو. جنهن تي هن هار رهجي وڃڻ جي حقيقت ٻڌايس، گل منير يڪدم هار ڪٿي اچڻ لاءِ سنيريو. شهزاديءَ گهٽو جهليس ته نه هار ويو

تہ گھوڙيو، پر تون نہ وڃ، مگر هو جلد اچڻ جو چئي هار ڪٺڻ لاءِ روانو ٿيو.

گل منير گھوڙي تي سوار ٿي، تڪڙو تڪڙو اچي طنبن وٽ پهتو، ڏسي تہ بادشاهہ جي ٻانهي طنبن جي صفائي پئي ڪري. ان ڪان هار جو پڇيائين. چا ٻانهي، چا هار! هن ڪي تہ هو خدا ڏياريو، سو وري واپس ڪيئن ڪري! سا گل منير ڪان نٽائڻ لڳي، ۽ صاف جواب ڏنائين تہ: هار تہ مون ڏٺو ئي ڪونهي. گل منير کي پڪ ٿي تہ هار ٻانهيءَ وٽ آهي، تنهن دڙڪا دهمان ڪيس. ٻانهي ڪا جادوگرياڻي هئي، تنهن ڇا ڪيو جو هڪڙو سڱو پڙهي ڪٺي گل منير جي ڳچيءَ ۾ وڌو تہ هو يڪدم طوطو بڻجي پيو. ٻانهي ڪيس جهلڻ لاءِ وڌي تہ هو پڙڪو ڏيئي اڏاڻو. ٻانهيءَ جو ڏٺو تہ شڪار هٿن مان ٿو وڃي، سا هڪدم باز ٿي پويان لڳس. اڳيان طوطو پويان باز، آخر وڃي ٻيءَ بادشاهيءَ ۾ پهتا. طوطو ٿڪجي اڏامڻ ڪان چڙور ٿي پيو هو، سو ڪاهي پيو شهر ۾، ۽ گهتون ڏيندو وڃي شهزاديءَ جي محلات جي هڪڙي جاري ۾ ويٺو. باز دريءَ وٽ لامارا ڏيڻ لڳو. طوطو ويچارو خوف ڪان پڙڪو ڏيئي وڃي شهزاديءَ جي ڪپڙن ۾ لڪو. جنهن ڪٺي پنهنجي هنج ۾ ڪيس ۽ ويهي هٿڙا گهمائڻ لڳيس. هٿن گهمائيندي ڪيس، طوطي جي ڳچيءَ ۾ سڱو نظر آيو، سو يڪدم ڇوڙيائين تہ شهزادو گل منير وري بہ ماڻهو ٿي پيو. شهزاديءَ جو گل منير جي سهڻي صورت ڏٺي، سا ڏسڻ شرط مٿس موهت ٿي پيئي ۽ هن ڪان حال احوال پڇيائين. گل منير سربستو احوال ٻڌايس. شهزاديءَ کي پڪ ٿي تہ آهي تہ شهزادو، پوءِ هاڻي ليڪيون لڳن. پوءِ شهزاديءَ گل منير سان دل جي ڳالهہ ڪئي ۽ هن بہ شهزاديءَ جو راضپو ڏسي، ساڻس شاديءَ ڪرڻ جو انجام ڪيو، البت بادشاهہ جو خوف ظاهر ڪيائين. ان تي شهزاديءَ چيس تہ: بابي جو مون سان وعدو آهي تہ آءٌ پنهنجي پسنديءَ تي

مڙس ڪنديس: تون ڪوبہ خيال نہ ڪر. آءٌ بابي ڪي هتي ئي ٿي گهرايان. ائين چئي بانهيءَ کي پيءُ ڏانهن موڪليائين. بانهي بادشاهہ کي وٽي آئي: جو پنهنجي ڌيءُ جي خاص محل ۾ ڪنهن اوقتو ماڻهو کي ڏسي ڏاڍو ڪاوڙيو، ۽ يڪدم ڌيءَ کان گل منير بابت پڇيائين. شهزاديءَ ساڻس سچي حقيقت ڪئي ۽ پوءِ چيائين تہ: مون هن جي بدن کي هٿ لاتو آهي، تنهن کان سواءِ هي بہ شهزادو آهي ۽ سوڀيا وارو آهي، تنهنڪري آءٌ پنهنجي پسنديءَ تي هن سان شادي ڪرڻ لاءِ تيار آهيان، وڌيڪ لاءِ توهان مرضي وارا آهيو. بادشاهہ کي گل منير جي صورت ۽ گفتگو پسند آئي ۽ ڪيس شهزاديءَ جو سڱ ڏنائين. پوءِ دربار ۾ وٺي آيس جتي اميرن وزيرن کي بہ گل منير جي گفتگو پسند آئي ۽ انهيءَ جوڙي جي شاديءَ ۾ سرها ٿيا. ڏينهن ۾ اندر گل منير جي شادي ٿي ۽ ٻئي زال مڙس پاڻ ۾ خوش گذارڻ لڳا.

هڪڙي ڏينهن گل منير پنهنجيءَ راڻيءَ کي چيو تہ: جيتوڻيڪ هت هرطرح سان خوش پيو گذاريان، مگر هاڻي پوئتي پنهنجي عزيزن قريبن جي بہ خبرچار لهڻي آهي، هو بہ پريشان هوندا، تنهنڪري منهنجي مرضي آهي تہ تون مونکي بادشاهہ سلامت کان موڪل وٺي ڏي تہ ماڻٽن وٽان گهمي ڦري ڪين منهن ڏيکاري اچان. انهيءَ تي شهزاديءَ چيس تہ: شهزادا! آءٌ بہ تنوسان گڏ هلنديس. توکان سواءِ هتي مونکي ڪٿي ٿو سک اچي؟ ائين چئي هوءَ پنهنجي پيءُ وٽ ويئي ۽ چيائينس تہ: گل منير کي ماڻٽن جي يادگيري ٿي پيئي آهي، تنهنڪري هاڻي اسان کي موڪل ڏي تہ پنهنجي وطن وڃون. جيتوڻيڪ بادشاهہ جي مرضي ڪانہ هئي پر شهزاديءَ جو راضپو ڏسي خوشيءَ سان موڪل ڏنائين ۽ کين گهڻو سامان ۽ لشڪر ڏيئي روانو ڪيائين.

گل‌منير لاءِ لشڪر سميت منزلن تي منزلون ڪندو، آخر هڪڙي ڏينهن ڪنهن بادشاهه جي شهر ۾ هڪڙي باغ ۾ لٿو. قدرت خدا جي اهو باغ بادشاهه جو خاص باغ هو، منجهس هرقسم جا ميوا موجود هئا. گل منير طنبو کوڙائي اتي رهي پيو. بادشاهه جي ماڻهن جو گل منير جو لشڪر ڏٺو ۽ سو به وري باغ ۾ سي وٺي بادشاهه ڏانهن ڀڳا ۽ کيس وڃي ٻڌايائون ته: پنهنجي شهر تي ڪو غنيم، چڙهي ڪري آيو آهي ۽ توهان جي باغ ۾ لشڪر سميت لهي پيو آهي. بادشاهه اها خبر ٻڌي وزير کي سڏ سماءَ لهڻ لاءِ موڪليو. وزير هڪلي باغ ۾ آيو، ۽ لشڪر ڏسي دهلجي ويو. نيٺ دل جهلي شهزادي گل منير جي طنبوءَ وٽ آيو ۽ شهزادي کي سلام ڪيائين. گل منير، وزير کان خبرچار پڇي. وزير سياڻو هو تنهن چيس ته: توهان جي اچڻ جي خبر ٻڌي بادشاهه سلامت پيغام موڪليو آهي ته: جي مهمان جي حيثيت سان آيا آهيو ته اسان جا مهمان آهيو، جي جنگ جو خيال هجي ته اسين به تياري ڪريون. انهيءَ تي گل منير ٿورو مشڪي وزير کي چيو ته: اي عقل جا وير! اسين مهمان آهيون، ڪجهه وقت آرام ڪري پنهنجي ملڪ وينداسين، جنگ نه ڪنداسين. ائين چئي وزير کي پوشاڪ پهرائي، بادشاهه ڏانهن ڪجهه تحفا ۽ سلام ڏيئي کيس روانو ڪيائين. وزير گل منير کان موڪلائي بادشاهه وٽ آيو ۽ سڄي ڳالهه ڪري ٻڌايائينس، پر شهزادي جي سهڻي صورت ۽ عقل جي ايتري ته تعريف ڪيائين جو بادشاهه ٻڌي حيران ٿي ويو ۽ وزير کي چيائين ته: جي شهزادو واقعي اهڙو حسين ۽ عقلمند آهي ته منهنجي مرضي آهي ته پنهنجي شهزاديءَ جو سڱ کيس ڪٽي ڏيان. وزير انهيءَ ڳالهه ۾ راضي ٿيو ۽ بادشاهه جي چوڻ تي اچي شهزادي سان مليو. سلام ڪري کيس بادشاهه جو پيغام ٻڌايائين. شهزادي گل منير بادشاهه جي ڌيءَ سان شادي ڪرڻ قبول ڪئي ۽ وزير کي

پوشاڪ پهرائي جلد تياري ڪرڻ لاءِ تاڪيد ڪيائين. وزير بادشاهه وٽ آيو ۽ کيس اچي مبارڪ ڏنائين.

آخر شاديءَ جي تياري ٿي: هفتي کن اندر گل منير ۽ بادشاهه جي ڌيءَ جي وڏي ڌام ڌوم سان شادي ٿي گذري. ڪجهه وقت رهڻ کان پوءِ شهزادي، بادشاهه کان موڪل ورتي، جنهن گهڻو ڏاج ڏيوڻ ڏيئي، شهزادي کي خوشيءَ سان موڪل ڏني. سو هڪلي اچي انهيءَ بادشاهه جي شهر جي ٻاهران لٿو، جتي سندس پهرين راڻي، ٻانهيءَ سميت رهيل هئي.

شهزادي گل منير کي شهزاديءَ کان جدا ٿئي ٻارهن مهينا گذري چڪا هئا. شهزادو گل منير جڏهن هن کان موڪلائي هار کڻي ويو ۽ واپس نه وريو، تڏهن کان هن جي حالت پوئتي پوڻ لڳي، ايتريقدر جو اکين سان ڳوڙها پيا وهندا هئس. هار سينگار کي ته ويجهي به ڪين ويندي هئي، فقط هڪ رات جي ملاقات کي ساريو پيئي ڳرندي هئي. هوڏانهن بادشاهه کي به گل منير جي نه اچڻ جو خيال ٿيو ۽ خبرچار وٺڻ لاءِ پنهنجي ٻانهيءَ کي گل منير جي گهر موڪليائين. شهزادي، ٻانهيءَ کي ايندو ڏسي ماٺ ڪري سياڻي ٿي ويهي رهي ۽ هن کان خبرون چارون پڇيائين. ٻانهيءَ ٻڌايس ته: بادشاهه، گل منير جي خبرچار لاءِ موڪليو آهي، جو ڪيترن ڏينهن کان وٽي درٻار ۾ ڪونه ٿو اچي. شهزاديءَ چيو ته: شهزادو پنهنجي ڳوٺ ويو آهي. اميد ته هاڻي جلد موٽي ايندو. اها ورندي وٺي ٻانهي بادشاهه وٽ آئي ۽ کيس حقيقت ٻڌايائين، بادشاهه ڪٺي ماٺ ڪئي.

شهزادو گل منير، جو لشڪر سميت شهر جي ٻاهران اچي لٿو هو، سو ڪن ماڻهن ڏٺو، جن ڊوڙي وڃي بادشاهه کي ٻڌايو ته: پنهنجي شهر تي ڪو غنيم چڙهي ڪري آيو آهي ۽ سندس لشڪر شهر جي ٻاهران اچي لٿو آهي. بادشاهه

پنهنجي وزير کي موڪليو ته تون وڃي ڏس ته ڪير آهي ۽ سندس مرضي ڪهڙي آهي. وزير اٿي هليو، ۽ اچي شهزادي سان مليو. شهزادي کي ڏسندي ئي سڃاتائين ته هي اهوئي گل منير آهي، جنهن کي مئو ڄاتو هئوسين. سو خيرت ۾ پڇي ويو ته هي ڪٿان اچي پيدا ٿيو. نيٺ هڪبئي سان مليا ۽ گڏجي بادشاهه وٽ آيا، جو شهزادي کي ڏسي خوش ٿيو ۽ حال احوال پڇيائينس. گل منير سربستي ڳالهه اول کان آخر تائين کيس ٻڌائي، جا ٻڌي بادشاهه خوش ٿيو. پوءِ بادشاهه کان موڪلائي گل منير لشڪر ۾ آيو، جتان پنهنجون ٻئي راڻيون ساڻ ڪري اچي گهر ۾ پهتو ۽ پهرين راڻي سان مليو. هوءَ به ٻارهن مهينن کان پوءِ گل منير کي ڏسي سرهي ٿي ۽ سڀ ڏک سور لهي ويس.

هڪڙي ڏينهن بادشاهه، وزير سان صلاح ڪئي ته گل منير جو شان ۽ رتبو اعليٰ آهي، جو ٻن وڏن بادشاهن جون ڌيئرون پرڻيو آهي، منهنجو خيال آهي ته پنهنجي وڏي ڌيءَ به کيس ڏيان. وزير هٿ ٻڌي عرض ڪيو ته: ڌيءَ اٿارڻ فرض آهي، منهنجو ٻي اهوئي خيال آهي، وڌيڪ توهين مرضيءَ جا مالڪ آهيو. بادشاهه، وزير کي شاديءَ جو پيغام ڏيئي گل منير ڏانهن موڪليو. شهزادي به انهي ڳالهه ۾ هائوڪار ڪئي. آخر ٿوري گهڙي ڏينهن گل منير جو چوٿين راڻيءَ سان به نڪاح ٿيو.

بادشاهه هاڻي پيرسن ٿي ويو هو، تنهن پنهنجي جيئري بادشاهي ڪٿي گل منير جي حوالي ڪئي ۽ پاڻ وڃي خدا جي عبادت ڪرڻ لڳو. شهزادي گل منير ڏٺو ته چار راڻيون به مليون ۽ بادشاهي به ملي، منهنجو خواب سچو ثابت ٿيو، تڏهن پائرن جي يادگيري ٿيس. کيس يقين ٿي ويو ته منهنجي پائرن جا خواب به سچا ٿيا هوندا، سو ماڻهو ڳولا لاءِ چڙهايائين. ڪين پار پتا ڏيئي ٻڌايائين ته: هڪڙو ڪنهن ميهار وٽ هوندو ۽

پيو ڪنهن مهاڻي وٽ هوندو. ساڻهو ڳوليندا رهيا، نيٺ ٻنهي کي وچي هٿ ڪيائون. هڪڙو وڏو پاڻ سيهار وٽ هو ۽ اُن جي ڌيءَ سان شادي ڪئي هئائين. ٻيو پاڻ وري مهاڻي وٽ هو. جڏهن ٻئي اچي حاضر ٿيا، تڏهن گل منير حڪم ڏنو ته ٻنهي کي وهنجاري سهنجاري نوان ڪپڙا ڍڪائي، محلات ۾ وٺي اچو. نوڪر حڪم جا ٻندا، تن سڀ ڪم پورو ڪري ٻنهي پاڻن کي محلات ۾ آندو. محلات ۾ شهزادي گل منير جا ڪيو جو پاڻ هندوري ۾ ستو، ٻه راڻيون سڄي پاسي هڪڙي پلنگ تي ويهاريائين ۽ ٻه راڻيون کاٻي پاسي ويهاريائين؛ جن واري سان لوڏو ٻه پئي ڏنو ۽ وات ۾ پتاشو ٻه پئي وڌس. پاڻن ويٺي سڄو تماشو ڏٺو، تن ٻه سڃاتو ته هيءَ اسان جو ننڍو پاڻ آهي، جنهن جو الله سائين ايڏو مرتبو ڪيو آهي. انهيءَ کان پوءِ شهزادي ٻه پاڻ سڃاتايو. اهڙيءَ ريت ٽيئي پاڻ پاڻ ۾ سلي خوش ٿيا. پوءِ شهزادي، پنهنجي ٻنهي پاڻن جي مرضي سان هڪڙي کي مينهون وٺي ڏنيون، ٻئي کي مهاڻن جو سردار بڻايائين. جهڙيءَ ريت تنهي پاڻن جي دلي مراد پوري ٿي، تهڙيءَ طرح الله سائين ڪل جهان جون مرادون پوريون ڪري. آمين!



٢ـ شهزادي ۽ جادوءَ جي منڊي*

هڪڙو هو بادشاهه - جنهن کي اولاد ٿيندو ئي ڪونه هو. نيٺ هڪڙي ڏينهن ويس بدلائي، ڪارا ڪپڙا پائي، شهر جي ٻاهران رستي تي اوندي منجي وجهي سمهي رهيو. رستي تان ڪئين ماڻهو پيئي آيا ويا ۽ هن کان پئي حال احوال پڇيائون، پر هن ڪنهن سان به پنهنجي دل جو حال نه ڪيو. ٿورن گهڻن ڏينهن کان پوءِ، هڪ ڀيري جڏهن رات ٿي ۽ لوڪ لقاءُ سمهي رهيو، تڏهن وٽس هڪڙو ديو آيو، جنهن کانئس پڇيو ته: اي آدم جا ٻچڙا! هيترن ڏينهن کان هنن حالن ۾ تون هتي ڪيئن ويٺو آهين؟ بادشاهه هن سان سموري حقيقت بيان ڪئي. ديو چيس ته: هيءَ لٺ اٿئي، ۽ اٽي هين ٻير جي وڻ ۾ هڻ، پوءِ جيڪڏهن ٻير ڪريو ته پٽ ملندئي، پر جي پن ڪريو ته ڌيءَ ڄمندئي؛ پر ياد رک ته جي ڌيءَ ڄائي ته انهيءَ جو لڳو اٿئي گهوڙي سان؛ ۽ هيءَ ٻنڊي اٿئي، جا ڌيءَ کي چيچ ۾ پارائي ڇڏج، جو

* هيءَ ڳالهه آتر (تعلقي ميرپورماٿيلي) سان محمد عالم "شور" خانپوري کان مليل.

هوءَ جتي به منڊيءَ کي چوندي ته ڪيس آڏائي آتي وڃي چڙهندي. ديو ايترو چئي بادشاهه کي لٺ ۽ منڊي ڏيئي غائب ٿي ويو. بادشاهه جيئن آها لٺ آنهيءَ وڻ ۾ هڻي، ته ڏٿيءَ جي سان فقط هڪ پڻ ڪريو. بادشاهه آهوڪٽي، ڏوئي وڃي راڻيءَ کي ڪارايو. ٿورن ئي ڏينهن ۾ راڻيءَ کي پيٽ ٿيو، ۽ مُدت پوري ٿيڻ تي کيس ڏيءَ جائي. بادشاهه ڏاڍا شادمانا ۽ شڪرانيا ڪيا، ۽ شهزادي ۽ اج ننڍي سيان وڏي، نيٺ اچي جوان ٿي.

هڪڙي ڏينهن، بادشاهه پنهنجي وزير کي چيو ته: تون سفر جو سامان ساڻ ڪري، ڪنهن نه ڪنهن بادشاهيءَ ۾ وڃي، شهزاديءَ لاءِ شهزادو ڳولي سگهه، ڪري آچ: پر سونکي پٽ آهي ڪونه سو شهزادو اهڙو هجي، جو هتي اسان وٽ رهي ۽ پس پيش هي راج ڀاڳ سنڀالي. بادشاهه جي حڪم تي وزير ولايتون ووڙيندو نيٺ وڃي هڪڙيءَ بادشاهيءَ ۾ پهتو. مجاڻ آتي جي شهزادي جي ماءُ هئي جادوگرڻ — جنهن کي شهزاديءَ جي پيدائش، گهوڙي سان لڪئي، ۽ ديو واري منڊيءَ جي ڪا اڳيئي خبر هئي — تنهن آها منڊي هٿ ڪرڻ لاءِ پٽ کي ڪو اهڙو جنتر سيڪاري ڇڏيو، جو پڙهي هو هڪدم گهوڙي جني پوش ۾ اچي ويندو هو. خير — وزير، شهزاديءَ جي ڳالهه اتي پڪي ڪري موٽي آيو، ۽ اچي بادشاهه سان سمورو احوال ڪيائين، ۽ ٻڌايائينس ته: شهزادو، گهوڙي جي پوشاڪ ۾ ڍڪيندو آهي. اهو ٻڌي بادشاهه کي ديو واري ڳالهه دل سان لڳي آئي. آخر شهزاديءَ کي پرڻائي، پنهي زال مڙس کي پاڻ وٽ جدا جاءِ جوڙائي، آن ۾ رهائي ڇڏيائين: جتي ڏينهن رات ٻانهيون هٿ ٻڌيو، جن جي خدمت ۾ بيٺيون هونديون هيون، ۽ سڀ ڪاڏا پيتا ۽ ساز سامان ويٺي ويٺي کين آتي پيا ملندا هئا.

شاديءَ کان پوءِ بہ شهزادي جو اهوئي دستور رهيو، تہ جڏهن دل ٿيندي هيس، تڏهن گهوڙي جو پوش ڍڪي بيهي رهندو هو. شهزاديءَ جي ماءُ کي انهيءَ ڳالهہ جو ڏاڍو ارمان رهندو هو، ۽ ڌيءَ جي قسمت تي پيئي ذلتي دل ۾ ڪڙهندي هئي. نيٺ سهي سهي هڪڙي ڏينهن ٻانهيءَ کي چيائين تہ: جڏهن شهزادو رات جو پنهنجي پوشاڪ لاهي رکي، تڏهن تون وڃهہ وٺي، چپ چاپ آها کڻي ڪيڏانهن گم ڪري ڇڏ. هڪڙيءَ رات جڏهن شهزادو ۽ شهزادي ستا پيا هئا، تڏهن ٻانهيءَ وجهہ ڏسي، شهزادي جي آها پوشاڪ چورائي ڪٺي وڃي ساڙي ڇڏي. شهزادي کي جڏهن خبر پيئي، تڏهن ڏاڍو ڏک ٿيس. ۽ اچي ڊپ ورتس تہ هاڻي ماٺس آلائي ڇا ڪري ڇڏيندي! آخر لاچار ٿي ڪمڪار لاءِ هو اندر ٻاهر نڪرڻ لڳو. هوڏانهن ماٺس کي جڏهن اهو اطلاع پهتو، تڏهن دل ۾ چيائين تہ، هاڻ منهنجي پٽ جو خير ڪونهي، جو منهنجي سڳي ڌاڳي کان نڪري ويو آهي. سو واڪڙو واڪڙ ڪندي هڪڙي ڏينهن اچي پٽ وٽ نڪاءُ ڪيائين. ننهن جي ڪرامتي منڊي هٿ ڪرڻ جي تہ اڳيئي لوڙهہ لڳل هيس، سو اچڻ سان ننهن تي اهڙو وٺي لبيس وارو هٿ ڦيرايائين، جو شهزادي ڏاڍي خوش ٿي، ۽ هن کي ٻنهہ پنهنجي ماءُ سمجهي ڪٺي اکين ۾ جايون ڏنائين. هڪڙي ڏينهن شهزادي وهنجندي، ديو واري آها منڊي غسلخاني ۾ وساري آئي. سَسُٽس کي جو لڳو وجهہ، سو منڊي کڻي ڪيائين سوگهي، ۽ وڃهندي پٽ کي ٻانهن ۾ هٿ، وٺي اڏائي ۽ گهڙيءَ ۾ اچي پنهنجي بادشاهيءَ ۾ لٿي. شهزاديءَ کي جڏهن اها خبر پيئي، تڏهن ڏاڍو پڇتايائين، ۽ روئي روئي ساٽي ٿي پيئي. آخر پيءُ کان اجازت وٺي، هڪ ٻانهي ۽ ٻہ گهوڙا تيار ڪرائي، مردانو ويس ڪري، آئي مڙس جي پٺيان پنڌ پيئي.

هلندي هلندي ٿوري گهٽي ڏينهن، شهزادي پنهنجي مڙس سميت اچي مڙس جي ملڪ ۾ پهتي. شهر جي ٻاهران جهنگ ۾ رات پئجي ويس. هڪڙيون ويچاريون اڪيليون زالون، پيو پرديس ۽ جهنگ، سو رات هنن سبب گهوڙن کي هڪ پاسي ڪري، مٿي وڻ تي چڙهي ويهي رهيون. اڌ رات گذارڻ کان پوءِ ڏٺيءَ جي قدرت سان شهزاديءَ جو مڙس هڪ پريءَ سان گڏ انهيءَ وڻ جي هيٺان اچي چوپڙ راند ڪرڻ ويٺو. شهزاديءَ جڏهن هيءَ حالت ڏٺي تڏهن سندس اکين مان لڙڪ وهڻ لڳا، جي اتفاق سان وڃي سندس مڙس جي مٿان ڪريا. تنهن تي شهزادي مٿي نهاريو ۽ کيس سڃاڻي اشاري سان چيائين ته: بس ڪر، مٿان پَري توکي ماري نه ڇڏي. اشاري ملڻ تي شهزاديءَ کٽي مات ڪئي. آخر صبح ٿيڻ تي پَري، شهزادي کان موڪلائي اُڏامي ويئي. پوءِ شهزادي هن کي هيٺ لهي اچڻ لاءِ چيو. هوءَ وڻ تان هيٺ لٿي. پوءِ ٻئي جڻا پاڻ ۾ مليا حالي احوالي ٿيا، ۽ ڏک سور اوريائون. شهزادي چيس ته: منهنجي ساڻ آهي جادوگرڻ، سو توکي آئي پاڻ وٽ ڪيئن رهايان؟ پر هڪڙي صلاح آهي ته تون وڃُ پنهنجي ٿي هلي ويهه. انهيءَ بهاني سان گڏ رهي سگهنداسين. تڏهن شهزاديءَ چيس ته: توکان سواءِ منهنجي زندگي زهر آهي، تون ڪهڙي به نموني مونکي پاڻ کان جدا نه ڪر، جيئن تون چوندين، تيئن ڪرڻ لاءِ تيار آهيان.

نيٺ شهزادي هن کي وٺي اچي ساڻ سان ملايو، ۽ ايلاز منٿون ڪري، کيس پنهنجيءَ جي بهاني پاڻ وٽ رهايائين. ماٽس هئي ظالم روح، ما هن ويچاريءَ کان سخت ڪم وٺڻ لڳي. هڪ ڏينهن سرنهن ۽ واريءَ جون ٻه ڳوٺيون پاڻ ۾ گڏائي، شهزاديءَ کي چيائين ته: هن ڍير مان سرنهن جدا ڪري ڳوڻ ڀري رک نه ته تنهنجو خير ڪونهي. اهو حڪم ٻڌي شهزادي ڳڻتيءَ ۾ پئجي ويئي. جڏهن سندس مڙس آيو تڏهن هن سان

اها حقيقت ڪيائين. شهزادو هو جادوگرڻ ماءُ جو پٽ، سو هن کي ٻه ڪي ڳر ايندا هئا، تنهن ڇا ڪيو جو هڪدم ديون کي حڪم ڪيائين ته: اهو ڪم هڪڙي پل ۾ ڪري ڏيو. حڪم جي دير هئي، اک ڇنڀ ۾ ڪم ٿي ويو. ماڻس جڏهن هيءُ حال ڏٺو، تڏهن سمجهي ويئي ته اهو ڪم منهنجي پٽ جو آهي. ٻئي ڏينهن وري وڏيءَ ڳپ ۾ گهڻا ڪنڊا ۽ ڪانيون ملائي چيائينس ته: انهيءَ مان گارو ٺاهي ڀت جوڙي، اڻ جي مٿان گاري جو ليپو ڏيئي ڇڏ. شهزاديءَ اها ڳالهه ٻه وڃي مڙس سان ڪئي، جنهن وري ٻه ديون کي حڪم ڪيو، جن گهڙيءَ ۾ ڀت جوڙي، لنبي ٺاهي تيار ڪري ڇڏي. جادوگرياڻيءَ جڏهن اهو لقاءُ ڏٺو، تڏهن پڪ ٿيس ته منهنجو پٽ هن ٻانهيءَ تي عاشق آهي، ۽ وري ٻه ڪيڏانهن هليو نه وڃي. وري جادوءَ جي زور تي ڪٿي ڏسي ته هيءَ ٻانهي آهي ساڳي شهزادي آهي جنهن سان منهنجي پٽ جي شادي ٿيل آهي. هيڪاري ڳڻتيءَ ۾ پئجي ويئي ته هاڻي منهنجي پٽ جو خير ڪونهي، اها شهزادي ڪڏهن نه ڪڏهن منهنجي پٽ کي ضرور وٺي ويندي، تنهنڪري کيس ڇونه اڪل سان مارائي ڇڏجي. آخر خيال ڪري هڪڙي ڏينهن چٺي لکي ڏنائينس ۽ چيائينس ته: منهنجيءَ ڀيڻ وٽ کڻي وڃ. شهزادي اها چٺي کڻي هلي ته واٽ تي سندس مڙس مليس، جنهن سان اهو احوال ڪيائين. شهزادو جان کڻي چٺي پڙهي ته لکيو پيو ته: هيءَ منهنجي پٽ جي دشمن آهي، تو وٽ پهچي ته کيس ماري کپائي ختم ڪري ڇڏج. هن اها چٺي ڦاڙي، ٻي لکي ڏنيس ته: هيءَ منهنجي ننهن سدوري ۽ سلڇڻي آهي، تون هن کي پيار ۽ محبت سان پاڻ وٽ رهائج.

شهزادي جي ماسي ڪَن ڪان ڪُري، اک ڪان ڪاڻي، هٿ ڪان ٽنڊي ۽ ٽنگ ڪان منڊي هئي. شهزاديءَ کي هلڻ وقت سندس مڙس اها ڳالهه ٻڌائي چيو ته: تون

جڏهن دهل جو آواز ٻڌين، تڏهن ڪنهن بهاني سان ٻاهران اچي بيهجانءِ ته پوءِ پاڻ گڏجي هي ملڪ ڇڏي ڪنهن پاسي هليا هلنداسين. ماسي توکي گهڻوئي روڪيندي، پر هوءَ اچان آتي ئي نه، ته وٺي زور سان ڌڪو ڏجينس، جيئن وڃي ڪنهن آڙاهه ۾ ڪري. شهزاديءَ جي وڃڻ ڪان پوءِ شهزادي جي ماءُ کي پڪ ٿي ته هوءَ هاڻي مري ڪپي ويئي هوندي، سو ڇا ڪيائين جو پيڻ جي ڳوٺ مان پٽ کي پرڻائڻ لاءِ ڇيڄ وٺي اٿي نڪتي. واٽ تي شهزادو ضد ڪري ويهي رهيو، ڇي اها ڪراتي منڊي ڏي ته اڳتي هلان، نه ته ڪونه هلندس. آخر گهڻي ڇڪتاڻ کان پوءِ ماڻس کيس منڊي ڏني، جا شهزادي وٺي ڪٺي سوگهي ڪئي. ڇيڄ ٻه هلندي هلندي تيسين اچي انهيءَ ڳوٺ ۾ شهزاديءَ جي رهڻ واريءَ جاءِ جي ٻاهران پيئي. اتي شهزاديءَ جي ڪَن تي جو دهل جو آواز پيو، تڏهن سهي ڪيائين ته شهزادو اچي ويو... سو منڊي ڦَنڊي ماسيءَ کي ماڻ ماڻ ڪري وٺي جو ڦيلهو ڏنائين ته وڃي اونڌي منهن ڪري، ۽ پاڻ ٻڙڪو ڪائي، هڪدم اچي پنهنجي مڙس سان ملي ۽ پوءِ ٻئي گڏجي وٺي آڏاٽا ۽ اڪ ڇنپ ۾ اچي پنهنجيءَ بادشاهيءَ ۾ پهتا. شهزاديءَ جي پيءُ ۽ ماءُ جڏهن هنن کي ڏٺو، تڏهن ڏاڍا خوش ٿيا ۽ خيرخيراتون ڪري خوشيون ڪيائون. ٻئيان شهزادي جي جادوگرڻ ماءُ جڏهن ڏٺو ته پٽ، جو وڃڻو هو سو هٿان ويو، تڏهن روئي روئي منهن مٿو پٽي ڇيڄ سميت واپس هلي ويئي. هوڏانهن شهزادو ۽ شهزادي پاڻ ۾ هميشه لاءِ گڏ گذارڻ لڳا ۽ سڄي عمر ڏاڍي مزي ۾ گذاريائون.

جهڙو ميلو انهن جو ٿيو، تهڙو شل جڳ جهان جو ٿئي.

٣- ڪوڙهيو بادشاهه ۽ وفادار طوطو*

هڪڙو هو بادشاهه، جنهن کي ڪوڙهه جي بيماريءَ اهڙو اچي ورايو، جو سڄو بدن ونجي ويس؛ اها جاءِ نه هجيس جنهن تي آڱر رکي سگهجي. سڄو بت ڦٽن ڦرڙين سان لنبجي ويس، جنهن مان بدبوءِ پئي ايندي هئي؛ جنهنڪري ڪوبه ماڻهو هن جي ويجهو ڪونه ويندو هو. ويچارا نوڪرچاڪر به لاچار منهن تي ڪپڙو رکي ٿهل ٽڪور لاءِ وٽس ويندا هئا، پر گهڙي به گهڙيون ترسي، ٻيڻي ٻي وٽانئس موٽي ايندا هئا.

بادشاهه ويچاري علاج ڪرائڻ کان ڪين گهٽايو. لکن لٽائي ڇڏيائين پر قدرت اهڙي، جو ڪک جيترو به فائدو ڪونه ٿيس. ٣٠٠ ۽ ٿيندي ٿيندي سٿان وار به اچي اچا ٿيس. آخرڪار سيني پاسن کان نااميد ٿي، ملڪ راڄ جا معاملا وزير جي حوالي ڪري، ڪارا ڪپڙا پائي، شاهي محلات جي اڱڻ ڇؤواٽي تي اونڌي منجي ڪري وڃي ويهي رهيو. انهيءَ ڇؤواٽي تان هر روز ڪيترائي ديس پرديس جا فقير ۽ درويش پيا لنگهندا هئا، ۽ بادشاهه به سيني کان علاج لاءِ ڏس پتا پيو پڇندو هو؛ پر ڪنهن به هن کي ڪو اهڙو ڏس ڪونه ٻڌايو، جنهن مان هو چڱو ڀلو ٿئي. هڪڙي ڏينهن ڪنهن ڏورانهين ولايت جو هڪڙو جهور پوڙهو سيلاني فقير اچي لنگهيو- جنهن جي ڪنن جون پاپڙيون به پئي ڏڏيون- تنهن بادشاهه کي ڏس ڏنو ته: پورا چاليهه ڏينهن لاڳيتا طوطي جي رت سان ترڙ ڪريو، اميد ته ڪوڙهه جو چڻو به نه رهندو ۽ گلاب جي گل جهڙا ٿي پوندئو.

---

* هيءَ ڳالهه آتر (تعلقي لاڙڪاڻي) مان غلام نبي کان ملي.

سيلاني فقير ته بادشاهه کي اهو ڏس ڏيئي، پنهنجي واٽ وٺي ويندو رهيو، پر بادشاهه کي اچي فڪر ورايو ته ايترا طوطا اچن ڪٿان، جو روز انهن جي رت سان تڙ ڪري سگهجي! نيٺ بادشاهه ڇڏواڻي تان اٿي پنهنجي محلات ۾ آيو، ۽ اچڻ سان نوڪرن کي حڪم ڏنائين ته: هڪدم شهر ۾ پڙهو گهمايو ته: اڄ کان وٺي چاليهن ڏينهن تائين، جيڪو به ماڻهو جيترا به طوطا بادشاهه وٽ آڻيندو، تنهن کي اوترو انعام ملندو. سڄي شهر ۾ پڙهو گهمي ويو. جنهن به اها ڳالهه ٿي ٻڌي، سو عجب ۾ پئجي ٿي ويو: پوءِ انعام جي لالچ ۾ هرڪو ماڻهو طوطن هٿ ڪرڻ لاءِ تير ڪمان هٿ ۾ ڪري جهنگ ۾ ڪاهي پيو. خدا جي قدرت اهڙي ٿي، جو اڃان ماڻهو طوطن ڳولڻ لاءِ شهر مان نڪري، جهنگ ۾ گهڙيائي مس ته سخت طوفان سان گڏ مينهن اچي وٺو ۽ سڀ ماڻهو انهيءَ ڏينهن جيئن خالي هٿين ويا هئا تيئن پوئين پيرين موٽي آيا.

انهيءَ شهر ۾ هڪڙو غريب ڪاٺير رهندو هو، جنهن ويچاري وٽ گهر ۾ سڄو ٽڪر به ڪونه هوندو هو، ۽ ڏهاڙي جڏهن جهنگ مان ڪاٺيون ڪري ايندو هو، تڏهن اهي وڪڻي، اٽي لپ وٺي وڃي پنهنجي ٻچن جو گذران ڪندو هو. اُن ڏينهن جو مينهن وٺو ۽ طوفان لڳو، تنهنڪري هيءُ ويچارو منجهي پيو ته هاڻي ڇا ڪجي! خيال ڪيائين ته اڄ پُسيل ڪاٺيون مون غريب کان ڪير وٺندو؟ پر وري به پنهنجن ٻچن جو ويچار ڪري، ڪهاڙو ڪلهي تي رکي، انهيءَ ئي مينهن واءَ ۾ اٿي جهنگ ڏانهن روانو ٿيو. جهنگ ۾ گهمندي گهمندي هڪڙي وڏي ٻڙ جي وڻ تي وڃي نظر پيس، جنهن جي ٿڙ جو هڪڙو پاسو سڪو ٽوٽ ٿيو پيو هو، ۽ مينهن جي ڪري ٻه مٿس ڪانه پئي هئي. ڪاٺير ڏاڍو خوش ٿيو ۽ لاهيندي ڪلهي تان ڪهاڙو، اچي ٿڙ کي

ورتائين. اڃان ۾ چار ڏڪ مس هنيائين تہ ٽڙ مان هڪڙو طوطو نڪري آيو، جنهن هن کي چيو تہ: اڙي ڪاٺير! خدا جي واسطي هن ٽڙ کي ٻيو ڏڪ نہ هڻجانءِ، جو منهنجا ٻچا مينهن ۾ پسي مري ويندا! ڪاٺير جواب ڏنس تہ: آءٌ غريب ماڻهو آهيان، منهنجو ۽ منهنجي ٻچن جو پيٽ گذر هنن ڪاٺين تي آهي. هن مينهن واءُ ۾ هيڏي رولڙي ڪان پوءِ، مس مس هيءُ سڪل ٽڙ هٿ آيو اٿم، سو هيءُ نہ وڍيان تہ ڪاٺيون ڪٿان ڪندس ۽ رات پنهنجن ٻچن جي ٽوڻ ڪيئن پوري ڪندس؟ طوطو ڏاڍو ششدر ٿيو ۽ ٻي ڪا واهہ نہ ڏسي، ڪاٺير کي چيائين تہ: مونکي ڪٿي هلي بازار ۾ وڪڻ، توکي چڱا پئسا ملندا؛ پر مهرباني ڪري هن ٽڙ کي نہ وڍ! ڪاٺير، طوطي جي اها ڳالهہ قبول ڪئي ۽ طوطو ڪٺي شهر ڏانهن روانو ٿيو.

ڪاٺير جڏهن شهر ۾ آيو، تڏهن بادشاهہ جا نوڪر هن جي هٿ ۾ طوطو ڏسي، هن ڏانهن ڊوڙي آيا ۽ کيس بادشاهہ وٽ وٺي ويا. بادشاهہ طوطي کي ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو ۽ ڪاٺير کي چيائين تہ: اي شخص! توکي جنس هجي، جو ههڙي مينهن ۽ طوفان ۾ منهنجي لاءِ طوطو ڪٺي آيو آهين؛ هاڻي جيڪي گهرڻو هجيئي، سو گهر! ڪاٺير چيو تہ: جيئندا قبلا! آءٌ هڪ غريب ڪاٺير آهيان، مونکي ڇا مجال جو اوهان کان ڪجهہ گهران! ڏيندا تہ بہ اوهان جو احسان، نہ ڏيندا تہ بہ اوهان جو احسان... سائينجن کي دعائون ڪندو هليو ويندس. اتي طوطي، بادشاهہ کي چيو تہ: جيئندا قبلا! هن غريب کي چاليهہ مهرون انعام ڏيو تہ اوهان کي دعائون ڪندو وڃي! بادشاهہ طوطي کي ڳالهائيندو ڏسي اچرج ۾ پئجي ويو، ۽ هڪدم ان جي چوڻ تي ڪاٺير کي چاليهہ مهرون انعام ڏنائين. ڪاٺير مهرون وٺي، دعائون ڪندو وڃي پنهنجي ٻارن ٻچن سان خوش ٿيو.

بادشاهه پوءِ نوڪرن کي حڪم ڏنو ته: ڇٽري ڪٽي اچو ته طوطو ڪٿهي، ان جي رت سان تڙ ڪريان، ته هن سوڏي مرض مان ڪو ڇوٽڪارو ملي. بادشاهه جو اهو حڪم ٻڌي طوطو ڏڪي ويو ۽ ڏاڍي آزيءَ نيازيءَ سان بادشاهه کي عرض ڪيائين ته: جيئندا قبلا! مون هڪڙي طوطي جي رت مان اوهين هڪڙو تڙ به ڪري ڪين سگهندا. اوهان کي هن سوڏي مرض کان ڇٽڻ لاءِ گهڻئي طوطا گهرجن؛ تنهنڪري ٻين طوطن جي جان بخشي ڪري، رڳو مون هڪڙي جي کنڀن کي پٽي، انهن کي پاڻيءَ ۾ ڪاڙهي، ان سان فقط هڪڙو ڀيرو تڙ ڪريو، ته خدا جي حڪم سان اوهان جي بدن تي ڪوڙهه جو هڪ ٽيڪو به ڪونه رهندو. بادشاهه کي طوطي جي ڳالهه تي ويساهه اچي ويو، پوءِ ان جي چوڻ موجب طوطي جا سيئي کنڀ پٽارائي پاڻيءَ ۾ ٽهڪائڻ جو حڪم ڏنائين. نوڪرن هن جا سيئي کنڀ پٽي، پاڻيءَ ۾ ٽهڪائي، بادشاهه کي اچي اطلاع ڏنو، ۽ طوطي کي گهوڙن جي ڪڙهه ۾ ڦٽو ڪري ڇڏيائون.

بادشاهه حمام خاني ۾ وڃي ڪپڙا لاٿا، ۽ پنهنجي بدن تي پاڻي اوتڻ لڳو... جيئن جيئن مٿان پاڻي وجهندو ويو، تيئن تيئن ڪوڙهه جا ڦٽ ويا لهندا، ۽ جڏهن سڀ پاڻي ختم ٿي ويو، تڏهن سڄي بدن جي چمڙي گلاب جي گل جهڙي نرم ٿي پيس. بادشاهه اهو حال ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو، ۽ الله تعاليٰ جو شڪر ڪيائين. انهيءَ خوشيءَ ۾ ڪيترا ڏينهن خيرخيراتون ڪيائين، ۽ آئي وئي غريب غربي کي بيحساب ڪارايائين پهرايائين. ٿورن گهڻن ڏينهن کان پوءِ بادشاهه خوش چڱو ڀلو ٿي موٽي اچي تخت تي ويٺو، ۽ وزير کان ملڪ جو ڪاروبار وٺي پنهنجي هٿ ڪري، سچو ڪم ڪار پاڻ سنڀالڻ لڳو.

انهيءَ وچ ۾ طوطي به گهوڙن جي ڪڙهه ۾ ڏڪا کائي کائي نيٺ نوان پَرَ ڪڍيا، ۽ اچي آڏامڻ جهڙو ٿيو. اتي طوطي خيال ڪيو ته بادشاهه کي وڃي سندس چڱڀلائيءَ جون مبارڪون به ڏيان ۽ عرض به ڪريانس ته هاڻي مونکي موڪل ڏي ته وڃي ٻچن پيڙو ٿيان. اهو خيال ڪري طوطو اڏامي بادشاهه وٽ ويو، ۽ سندس سامهون پَٽَ تي ويهي کيس مبارڪون ڏنائين. انهيءَ تي بادشاهه طوطي کي کڻي پنهنجي جهوليءَ ۾ ويهاريو، ۽ اکين سان ڳوڙها ڪري پيس. تنهن تي طوطي بادشاهه کي عرض ڪيو ته: جيئندا قبلا! اوهان کي ٻاقي ڪهڙو غم آهي جو ايترو غمگين پيا ڏسجو؟ تڏهن بادشاهه چيو ته: ڏک اِهو ته پنهنجيءَ پيريءَ جو... سڄي جواني ڪوڙهه ۾ ڪٽجي ويئي، ستان اچي پيريءَ ورايو آهي... ڪوڙهه مان ڇٽس ته به ڪهڙو ڇٽس! اتي طوطي چيو ته: بادشاهه سلامت! جي موڪل ملي ته اوهان جي پيريءَ جو به علاج ڪريان. بادشاهه سرکي جواب ڏنس ته: ميان ميٺُو! منهنجي پيريءَ جو ڀلا ڪهڙو علاج ڪندين؟ طوطي عرض ڪيو ته: سائين! سونکي هڪڙيءَ ولايت جي خبر آهي، جتي هڪ اهڙو ميوو آهي، جنهن کي جيڪڏهن ڪو پوڙهو کائي ته جوان ٿي پوي. بادشاهه کي ڏاڍو عجب لڳو سو طوطي کي چيائين ته: آءٌ توکي موڪل ته کڻي ڏيان، پر تون ٻاجي موٽي اچين يا نه؟ طوطي چيو ته: سائين! آءٌ اوهان جو خريد ڪيل ٻانهو آهيان، ۽ جيستائين اوهين موڪل نه ڏيندا تيستائين آءٌ ڪيڏانهن به ڪونه ويندس. بادشاهه کي طوطي جي ڳالهه تي وري بہ ويساهه آيو ۽ هن کي انهيءَ ميوي آڻڻ لاءِ موڪل ڏنائين.

طوطو، بادشاهه کان موڪلائي روانو ٿيو. اڏامندي اڏامندي منزلون ڪندي، ساهيون پٽيندي، ٿوري گهڻي ڏينهن، نيٺ اچي انهيءَ ملڪ ۾ پهتو، جتي اهو ميوو هو. اتي جي

پکين هن ٻئي ملڪ جي طوطي کي ڏسي، اچي هن سان جهيڙو ڪيو، پر سندس ذات جي طوطن هن جو پاسو ورتو، ۽ هن کي ڇڏائي پاڻ وٽ وٺي آيا، ۽ ڏاڍي ٿهل ٽڪور ڪيائونس. انهن طوطن هن کان آتي اچڻ جو سبب پڇيو. جنهن تي هن سڄو حال ڪري ٻڌاين ۽ چيائين ته: مون هيتري تڪليف رڳو انهيءَ ميوي کي هٿ ڪرڻ لاءِ سَٺي آهي، تنهنڪري مهرباني ڪري مونکي اهو ميوو آڻي ڏيو ته مونکي وڃان. انهيءَ تي ٻه-ٽي طوطا آتان وٺي آڏاٿا ۽ ٿوري وقت ۾ اهو ميوو آڻي هن کي ڏنائون.

طوطو، ميوو وٺي هنن کان موڪلائي روانو ٿيو، ۽ اڏامندي اڏامندي، ڪن ڏينهن کان پوءِ وري به اچي بادشاهه وٽ حاضر ٿيو. بادشاهه ميوو ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو ۽ هڪدم ڪٽي ٿي کاڏائين، پر وزير آڻي ادب سان عرض ڪيو ته: جيئندا قبلا! اهو هڪڙو ميوو آهي، جيڪو رڳو اوهان کي جوان ڪندو، تنهنڪري چڱو نه انهيءَ کي پوکايو، جيئن رعيت جو هرگهرجائو شخص ان کي کائي جوان ٿئي! بادشاهه کي وزير جي صلاح ڏاڍي وڻي، سو پنهنجي ماليءَ کي گهرائي، ميوو ڏيئي چيائينس ته: هن ميوي کي چڱيءَ طرح پوک ۽ ان جي اهڙي خبرداري رک جو سال اندر ميوي جو وڻ تيار ٿي پوي. مالهي ميوو وٺي اچي باغ ۾ پوکيو. ٿورن گهڻن ڏينهن کان پوءِ انهيءَ ميوي جو سلو ظاهر ٿيو، جيڪو آهستي آهستي وڌي وڻ ٿيو. ۽ سال ٻي ڪين گذريو ته ڦر جهليائين. هڪڙيءَ رات ڏاڍي زور سان هوا لڳي. هوا جي جهوٽي تي هڪڙو ميوو وڻ مان ڇڄي اچي پٽ تي ڪريو. اتفاق سان هڪڙو ڪاريهر نانگ اچي آتان لنگهيو، جو ميوي تي زهر هاري هليو ويو. صبح جو مالهي اچي ڏسي ته وڻ هيٺ ميوو ڪريو پيو آهي. هن اهو ميوو کڻي اچي بادشاهه کي ڏنو. بادشاهه ميوو ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو ۽ ان کي کائڻ

ٿي هو ته وزير وري به اٿي بيهي ادب سان عرض ڪيو ته: سائين! ملڪن ۾ ڏوهه به ٿيندا آهن؛ تنهنڪري منهنجي صلاح اها آهي ته پهرين ان ميوي جو هڪ ٽڪر ڪنهن ڪراڙي ڪتي کي کارائي ڏسو ته هيءُ ڪتو به جوان ٿئي ٿو يا نه! بادشاهه هن جي صلاح تي ميوي جو ٽڪر ڪٽي ڪتي ڏانهن اُڇلايو. ڪتي اڃان ميوو کاڌو ئي مس ته اڇي ڦِڪڻ لڳو ۽ ٿوريءَ دير کان پوءِ اتي جو اتي چڙيون هڻي هڻي مري ويو.

بادشاهه اهو حال ڏسي ڪاوڙ ۾ تپي ڳاڙهو ٿي ويو، ۽ طوطي کي پڃري مان ڪڍي ٽڪرا ٽڪرا ڪري ڇڏيائين. پوءِ مالهيءَ کي حڪم ڪيائين ته: انهيءَ زهريلي وڻ جي چوڌاري ڏنگرن جو وڏو لوڙهو ڏيئي ڇڏ، ته جيئن ڪوبه ماڻهو اهو ميوو نه کائي سگهي. مالهي حڪم ملڻ سان ئي باغ ۾ آيو ۽ وڻ جي چوڌاري وڏو لوڙهو ڏيئي ڇڏيائين.

انهيءَ شهر ۾ ٻه ڪُراڙا زال مڙس رهندا هئا، جيڪي روزانو پاڻ ۾ پيا جهيڙو جهٽو ڪندا هئا. هڪڙي ڏينهن ڪُراڙي زال اهڙو ته اچي ڪڪ ٿي، جو پاڻ کي مارڻ لاءِ گهران نڪتي، ۽ سڌي بادشاهه جي باغ ۾ اچي، زهريلي وڻ مان ميوو پٽي کائڻ لڳي... پر هن جو مرڻ ته پري رهيو، اٽلندو هوءَ گهڙيءَ ۾ جوان ٿي پيئي. ڪراڙيءَ پنهنجو اهو حال ڏسي ڏاڍي خوش ٿي، ۽ وڻ مان ٻئي ميوا پٽي، پاڻ سان کڻي آئي ۽ اچي مڙس کي چيائين ته: اڙي ڪُراڙا! خوش ته آهين؟ انهيءَ تي ڪراڙي جواب ڏنس ته: مائي! مڙوئي حياتيءَ جا ڏينهن پورا ڪري‍ٿا آهن. ڪراڙيءَ چيس ته: ماريا! آءٌ تنهنجي زال آهيان. پاڻ مارڻ لاءِ مون وڃي زهريلي وڻ جو ميوو کاڌو ته جوان ٿي پيئي آهيان... اڃهو هيءُ ڏس، تنهنجي لاءِ به ميوو کڻي آئي آهيان. تون به کاءُ ته جوان ٿين! ڪُراڙي ميوو وٺي کاڌو ته اهو به جوان ٿي

پيو. ٻئي زال مڙس هڪٻئي کي جوان ڏسي ڏاڍو خوش ٿيا، ۽ انهيءَ خوشيءَ ۾ سڌا بادشاهه وٽ ويا، ۽ عرض ڪيائون ته: بادشاهه سلامت! اسين اوهان جي رعيت آهيون. اسين ٻئي زال مڙس ڪَپراڙا هئاسون. حياتيءَ مان ڪڪ ٿي. اوهان جي باغ جو زهريلو ميوو کاڌوسين ته جوان ٿي پيا آهيون!

بادشاهه هنن جي اها ڳالهه ٻڌي اچرج ۾ پئجي ويو، ۽ هڪدم مالهيءَ کي ان ميوي آڻڻ لاءِ حڪم ڪيائين. جڏهن ميوو آيو تڏهن بادشاهه هڪڙو ميوو پنهنجي پوڙهي گهوڙي کي کارايو، جيڪو کائڻ شرط جوان ٿي پيو، ۽ دڙها هڻڻ لڳو. اتي بادشاهه کي به اعتبار آيو ۽ اهو ميوو پاڻ به کاڌائين، جنهنڪري هو پوڙهي مان جوان ٿي پيو. پوءِ بادشاهه کي طوطو ياد آيو ۽ پڇتائڻ لڳو ته ناحق ان وفادار طوطي کي ماريم. پر ڏڏو ڪير وري ٽُٽن ۾ ڪونه پوندو! تنهنڪري بادشاهه پنهنجي جوانيءَ کي ڏسي، خدا تعاليٰ جو شڪرانو بجا آندو ۽ ڏاڍيون خير خيراتون ڪيائين.

—

٤- بادشاهه ۽ غلام*

هڪڙو هو بادشاهه، جنهن وٽ هڪڙو غلام هو، جو عقل ۽ علم ۾ پڙ سمجهيو ويندو هو. هڪڙي ڏينهن بادشاهه کي خيال ٿيو ته هن جو امتحان وٺجي ته ڪيتري پاڻيءَ ۾ آهي. تنهنڪري غلام کي حڪم ڪيائين ته: سفر جو سانباهو ڪر. پوءِ ٻـورو ساز سامان ۽ لشڪر ساڻ ڪري، پئي سفر تي روانا ٿيا.

هلندي هلندي هنن کي ست ڏينهن گذري ويا، تڏهن بادشاهه هڪڙي هنـڌ منزل هنئي، ۽ ان غلام کي حڪم ڪيائين ته: اڄ جو اڄ مونکي راڻي ۽ ٻانهي آڻي ڏي، نه ته

---

* هيءَ ڳالهه لاڙ (تعلقي ٺٽي) سان عبدالله گندري کان ملي.

تنهنجون اکيون ڪڍائي ڇڏيندس! بادشاهه جو حڪم ٻڌي غلام ڏڪي ويو، پر عقل کان ڪم ورتي، نوڪرن کي حڪم ڏنائين ته: سيڻي ۽ ڪاٺيون آڻي ڏيو. جڏهن اهي شيون اچي ويون، تڏهن هن انهن مان راڻي ۽ ٻانهيءَ جا بوتا ٺاهي تيار ڪيا ۽ بادشاهه کي عرض ڪيائين ته: بادشاهه سلامت! راڻي ٻانهيءَ سميت حاضر آهي. بادشاهه رات جو راڻيءَ سان سمهي ننڊ ڪئي. جڏهن صبح ٿيو، تڏهن ٻانهيءَ کي حڪم ڏنائين ته: راڻيءَ کي تڙ پاڻي ڪراءِ؟ ٻانهيءَ حڪم موجب جهڙو راڻيءَ جي مٿان پاڻي وڌو، تهڙو هوءَ ڪري پيئي ۽ مٽي ۽ ڪاٺيون ظاهر ٿي پيون. ٿوريءَ دير کان پوءِ بادشاهه، راڻيءَ کي سڏ ڪيو، پر ڪوبه جواب نه ٻڌي، اچي ڏسي ته راڻي نهي ئي ڪانه! انهيءَ تي ٻانهيءَ کان پڇيائين ته: راڻي ڪٿي آهي؟ ٻانهيءَ جواب ڏنس ته: جيئندا قبلا! منهنجي مٿان پاڻي هاريو ته خبر پئويو ته راڻي ڪٿي آهي. بادشاهه پاڻي ڪٿي ٻانهيءَ جي مٿان وڌو، ته هوءَ به ڪک ڪاٺيون ٿي ڪري پيئي. اها حالت ڏسي، بادشاهه ڪاوڙ ۾ ڳاڙهو ٿي ويو ۽ غلام کي گهرائي هن جون اکيون ڪڍارائي ڇڏيائين.

انڌي ٿيڻ کان پوءِ اهو غلام حياتيءَ جا ڏينهن ڏکيا سکيا سڙيئي پيو گذاريندو هو. انهن ڏينهن ۾ اتفاق اهڙو ٿيو، جو ملڪ ۾ هڪڙو ساموندي گهوڙو ڪاهي آيو ۽ سڄيءَ خلق ۾ ٺاڪوڙو وجهي ڏنائين. گهوڙو ڪنهن جي به قابوءَ ۾ نه پئي آيو. بادشاهه گهڻئي حيلا هلايا، پر ڪجهه به ڪين وريو. آخر بادشاهه انهيءَ نابين غلام کي گهرائي چيو ته: تون گهوڙو جهلي ڏي. غلام انهيءَ تي جواب ڏنو ته: بادشاهه سلامت! آءٌ اکين کان معذور، ڪيئن گهوڙو جهلي سگهندس؟ بادشاهه چيس ته: جيڪڏهن تو گهوڙو نه جهلي ڏنو، ته توکي مارائي ڇڏبو. بادشاهه جو اهو حڪم ٻڌي، غلام ڏاڍو

اچي لاچار ٿيو. مجبور ٿي بادشاهہ کي عرض ڪيائين تہ: جيئندا قبلا! ڀلا مونکي ٻڌايو تہ گهوڙو ڪنهن جاءِ تي لهي بہ ٿو يانہ؟ انهيءَ تي بادشاهہ جواب ڏنس تہ: هائو، گهوڙو هر جمعي رات فلاڻي هنڌ لهندو آهي. تڏهن غلام چيو تہ: مونکي انهيءَ هنڌ وٺي هلو.

بادشاهہ جو حڪم ٿي ويو. ناپين غلام ڪيترن ئي ماڻهن سان گڏجي انهيءَ هنڌ ويو، ۽ ميدان بابت خبرچار وٺي، بادشاهہ کي صلاح ڏنائين تہ: انهيءَ هنڌ تي هڪڙو تلاءُ ٺهرايو وڃي. هفتي اندر ئي تلاءُ تيار ٿي ويو. آخرڪار جمعي رات بہ اچي ويئي. تڏهن بادشاهہ ان غلام ۽ ٻيءَ خلق سميت اچي تلاءُ جي ويجهو ويٺو. ٿوري وقت گذرڻ کان پوءِ گهوڙو اچي تلاءُ ۾ ڪريو... پر اک ڇنڀ ۾ گهوڙو گم ٿي ويو، ۽ رڳو ڪاٺيون پٺي تريون. ماڻهن اهي ڪاٺيون ڪڍي اچي بادشاهہ جي اڳيان رکيون. انهن ڪاٺين ۾ هڪ سونو پترو لڳل هو، جنهن تي اهڙا لفظ لکيل هئا، جن کي ڪوبہ پڙهي نہ پئي سگهيو. بادشاهہ خود بہ حيران ٿيو، پر پوءِ وري بہ غلام کي چيائين تہ: ٻڌاءِ تہ انهيءَ پتري تي ڇا لکيل آهي؟ غلام ڪاٻہ واهہ نہ ڏسي عرض ڪيو تہ: پترو مونکي هٿن ۾ ڏيو. جڏهن پترو هن کي ڏنو ويو، تڏهن ان کي ائين ئي هيٺ مٿي، هيڏانهن هوڏانهن هٿ لائي، گهڻي گهڻي تائين سوچي ويچاري، پوءِ چيائين تہ: هن ۾ لکيل آهي تہ جيڪو شخص هي گهوڙو روڪيندو ۽ مون وٽ ايندو، آءٌ ان سان شادي ڪنديس. بادشاهہ جو اها ڳالهہ ٻڌي، سو غلام کي چيائين تہ: جلدي ٻڌاءِ تہ اهو گهوڙو ڪيئن روڪبو ۽ انهيءَ شهزاديءَ سان ڪيئن ملي سگهبو؟ غلام جواب ڏنو تہ: بادشاهہ سلامت! گهوڙو تہ ڪڏهوڪو هتي، هن اوهان جي تلاءُ ۾ جهلجي ويو آهي، هاڻي اوهان جي بادشاهيءَ ۾ هو ڪڏهن بہ ڪو نقصان ڪونہ ڪندو... باقي رهي شهزادي،

سو جيڪڏهن ڪو غوراب تيار ٿئي ته ان ۾ چڙهي، ان کي به هلي ڪتان هٿ ڪري سگهبو... ساسوندي گهوڙي واري شهزادي ضرور ڪنهن درياءَ يا سمنڊ جي ڪناري سان رهيل هوندي. انهيءَ تي بادشاهي حڪم ٿي ويو ۽ هڪڙو وڏو غوراب ٺهي تيار ٿيو، جنهن ۾ بادشاهه، لشڪر ۽ ان غلام سميت چڙهي سفر تي روانو ٿيو.

بادشاهه کي هن سفر ۾ گهڻئي ڏينهن گذري ويا، پر گهوڙي يا شهزاديءَ جي ڪابه خبر ڪانه پيئي. آخر هڪڙي ڏينهن بادشاهه کي غلام ٻڌايو ته: بادشاهه سلامت! شهزادي هن ئي شهر ۾ آهي. بادشاهه اهو ٻڌي غوراب کي لنگر هٽائڻ جو حڪم ڏنو. جڏهن غوراب بيٺو، تڏهن بادشاهه، وزير امير ساڻ ڪري شهر ڏانهن روانو ٿيو. انهيءَ وچ ۾ شهزاديءَ کي خبر پهتي ته ڪنهن ڏوراهين ڏيهه جي غوراب اچي لنگر ڪئيو آهي، سو ويس بدلائي جهاز تي آئي، ۽ سڄي خبرچار ورتائين. جڏهن شهزاديءَ کي ساري حقيقت معلوم ٿي ويئي، تڏهن ان غلام کي پاڻ سان محلات ۾ وٺي ويئي. شهزاديءَ وٽ هڪ قيمتي سرمو هو، جنهن سان سرائي پري اکين ۾ پاتائين ته ٿوريءَ دير کان پوءِ هن جي ٻنهي اکين ۾ نور اچي ويو. ان بعد شهزاديءَ پيءُ کي نياپو موڪليو ته: بابا سائين! ٻون پنهنجو گهوٽ گولي لڌو آهي. پٽس انهيءَ تي ڏاڍو خوش ٿيو. پوءِ هن ٻنهي ڏاڍي ڌام ڌوم سان شادي ڪئي.

بادشاهه کي جڏهن اهو حال معلوم ٿيو، تڏهن ڏاڍو اچي پڇتايو. شهزاديءَ وٽ دانهن ڪندي ويو، پر هن کيس ڏاڍو شرمايو ۽ چيائينس ته: اي بادشاهه! تون اکين هوندي به انڌو هئين، توکي ايترو به عقل ڪونه آيو ته ستن ڏينهن جي مفاصلي تي اک چنبي ۾ راتي ۽ ٻانهي ڪيئن پهچي ٿي سگهيون؟ وري ڪالهه ۽ ڪن جي راتيءَ ٺهڻ تي، غلام جي عقل ۽ هنر تي آفرين چوڻ بدران توکي ايڏي خار آئي،

جو تو پنھنجي وفادار غلام جون اکيون کڍائي ڇڏيون! ھاڻي جنھن رستي کان آيو آھين، انھيءَ رستي کان ئي واپس وڃ. بادشاہ، شھزاديءَ جو اھو جواب ٻڌي مائٽي کري پنھنجي ملڪ ڏانھن روانو ٿي ويو.

ٿورن ڏينھن کان پوءِ شھزاديءَ جو پيءُ بہ سڄيءَ حڪومت جون واڳون پنھنجي ڌيءَ جي حوالي ڪري، وڃي عبادت ڪرڻ لڳو ۽ شھزادي پنھنجي مڙس سان حياتيءَ جا باقي ڏينھن سک سانت ۾ گذاريا.

٥- بادشاهہ ۽ فقير *

هڪڙو هو بادشاهہ ــ ڪيس الله جو ڏنو سڀڪجهہ هو، پر رڳو اولاد جو بکيو هو. اولاد نہ هجڻ ڪري هو ڏاڍو غمگين گذاريندو هو. هڪڙي ڏينهن بادشاهہ پنهنجي شهر مان نڪري، ڪنهن ٻيائهي تي منجهاوندو ڪري وڃي سمهي رهيو، جيڪو بہ اتان لنگهيو ٿي، سو ڪيس مٿان لتاڙيندو پئي ويو. آخرڪار هڪ الله لوڪ فقير اچي وٽانئس لنگهيو؛ جنهن هن کي ائين ستل ڏسي پڇيو تہ: ميان! توسان خير تہ آهي، جو ٿواٽي تي منجهو اوندو ڪيو ستو پيو آهين؟ بادشاهہ جواب ڏنس تہ: خدا جا بندا! تون انهيءَ ڳالهہ کي ڇا ڪندين؟ جيئن ٻي مخلوق سنهنجي مٿان لنگهي ويئي آهي، تيئن تون بہ لنگهي وڃ! فقير چيو تہ: مون پنهنجي ساري عمر ۾ ڪڏهن ڪيئلي بہ ڪانہ لتاڙي آهي، سو تو انسان جي مٿان ڪيئن لنگهي وڃان؟ جيڪڏهن ڪا مشڪلات اٿيئي تہ ڪٿي ٻڌاءِ... من ان لاءِ ڪو تدارڪ ڪري سگهجي!

آخرڪار بادشاهہ روئي پنهنجي دل جو احوال بيان ڪيو تہ: آءٌ فلاڻي ملڪ جو بادشاهہ آهيان. الله جو ڏنو سڀڪي اٿم، صرف اولاد جو گهورو آهيان. فقير، بادشاهہ کي چيو تہ: جمعي جي ڏينهن وهنجي سهنجي، تيل ڦليل ڪري، گزڪمان کڻي فلاڻي باغ ۾ ڪنهن ميويدار وڻ ۾ وجي تير هڻج... جيترا ميوا ڪريا اوترا پٽ ۽ جيترا پن ڪريا اوتريون ڌيئرون

---

* هيءَ ڳالهہ وچولي (تعلقي سنجهوري) مان علي اڪبر لغاري کان ملي.

ڏيندئي. تون رکو اهي وچي راڻيءَ کي کارائج. ڪندو الله ته اولاد جهجهوئي ٿي پوندئي.

بادشاهه، جمعي جي ڏينهن فقير جي چوڻ موجب تيار ٿي، باغ ۾ وڃي هڪڙي انب جي وڻ ۾ تير هنيو: قدرت سان هڪ انب ٻن پنن سميت اچي پٽ تي ڪريو. بادشاهه اهو انب ۽ ٻه پن کڻي پنهنجي گهر آيو. انب ته پنهنجي راڻيءَ کي کارايائين، باقي ٻن پنن مان هڪڙو پنهنجي ڪتيءَ کي ۽ ٻيو پنهنجي گهوڙيءَ کي کارائي ڇڏيائين. قدرت قادر جي سان راڻيءَ کي پوري مهيني پٽ ڄائو. هوڏانهن وري ڪتيءَ کي مادي گلر ۽ گهوڙيءَ کي وڇيري ڄائي. ٿوري گهڻي ڏينهن سا گيو فقير بادشاهه وٽ آيو ۽ پڇيائينس ته: بادشاهه! ڪهڙو اولاد ٿيو اٿئي؟ بادشاهه دل ۾ خيال ڪيو ته جيڪڏهن فقير کي ٻڌائيندس ته پٽ ٿيو آهي ته پڇندو ته ڏيڙهون ڪونه ٿيئي ڇا! ۽ ٻئي پٽ جي دعا ڪونه ڪندم سو فقير کي چيائين ته: ٻه ڏيڙهون ڄاپون اٿم. هاڻ ڪا پٽ جي دعا ڪريوم! فقير چيو ته: بادشاهه! ڇو ٻه ڏيڙهون ڪافي نه اٿئي؟ مون ٻڌو آهي ته توکي پٽ به ٿيو آهي! ائين چئي فقير جتان آيو هو، اوڏانهن پنهنجو رستو وٺي ويندو رهيو؛ پر بادشاهه کي البت خيال ٿي پيو ته فقير جي انهن گفتن جو الاجي ڪهڙو مطلب هو!

هوڏانهن شهزادو اڄ ننڍو سڀاڻ وڏو، نيٺ اچي جوان ٿيو. ان سان گڏ وڇيري ۽ گلر به وڏي وڏي اچي پاڻ وهيا ٿيا. هڪڙي ڏينهن شهزادي کي اچي شڪار ڪرڻ جو شوق ٿيو: سو وڇيريءَ تي سنج وجهي، گلر ساڻ ڪري، گز ڪمان کڻي، جهنگ ڏانهن روانو ٿيو. هلندي هلندي هڪڙي هنڌ شهزادي ڏٺو ته هڪ شاهي قلعو آهي، جنهن جو دروازو کليو پيو آهي: قلعي جي ٻاهران تمام گهڻي خلق اچي گڏ ٿي آهي.

دروازي بند ڪرڻ لاءِ ڏاڍا زور پيا لائين، تہ بہ دروازو بندئي نہ ٿيو ٿئي! شهزادو عجب ۾ پئجي ويو تہ هي ڇا ماجرا آهي! نيٺ وڏي ماڻهن کان پڇيائين تہ: اوهان سان ڪهڙي ويڌن آهي، جو ٻاهران ٻيهي قلعي جي دروازي بند ڪرڻ لاءِ



ايڏو زور پيا لايو؟ ماڻهن چيس تہ: تون پنهنجي جوانيءَ تي قياس ڪرڻ هتان پاسو ڪري جتان جو آهين اوڏانهن هليو وڃ. هن دروازي جي چانئٺ ٽپي جيڪو اندر ٿيو، سو وڃڻ ڪي ويو! اتي شهزادي کي ڪجهہ من ۾ آيو، سو ماڻهن کي چيائين تہ: اوهين سڀ هٽي پري ٿي بيهو، دروازي کي آءٌ پاڻهي ٿو بند ڪريان. سڀ ماڻهو لاچار هٽي پري ٿي بيهي رهيا. شهزادو وڃيريءَ ۾ گلر کي ڀري ٻڌي، دروازي تي زور آزمائڻ بيهي رهيو. گهڻئي اچلون ڏنائين پر دروازو بنهہ چري ئي نہ. اوچتو شهزادي جو پير کسڪي ويو، ۽ وڃي چانئٺ پٺيان قلعي ۾ اندر ڪريو. پٺيان يڪدم دروازو

بند ٿي ويو. شهزادو جيئن ٽاڦرجي قلعي جي اندر ٿيو ۽ سامهون نهاريائين ته ڇا ڏسي ته اهو ساڳيو فقير ستو پيو آهي. فقير شهزادي کي آيل ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو، ۽ ڪيس ڪڍهن ٻه قلعي کان ٻاهر نه ڪڍيائين.

٦- بادشاهہ ۽ ڪَرڙ ڪانءُ*

هڪڙو هو بادشاهہ— بادشاهہ پاڻ خدا آهي، پر هيءَ زماني جو بادشاهہ هو. هن جو حڪم ماڻهن ڪان سواءِ پکي پکڻ، جيت جنّئي، ديون پرين ۽ جنن ڀوتن تي پڻ هلندو هو. هڪ دفعي هن جي ملڪ ۾ اَڃي ڏڪار پيو. اُن جي اَڻ هوند سبب غريب ماڻهو پاڻ پيٽ کي ٻهَنيون ٻڌيو پيا گهمندا هئا، پر پنهنجن ٻارڙن کي بہ سڪل مانيءَ گڀو هٿ ۾ ڏيئي ڀرپاسي ڀرپاسي راند تي موڪلي ڇڏيندا هئا. مٿان اَڇي ملڪ ۾ ڪانوَ ساماڻا، سي لامارا ڏيئي، ٻارڙن کان اهو مانيءَ گڀو بہ کسي هليا ويندا هئا.

ٿورن گهڻن ڏينهن بعد اها خبر وڃي بادشاهہ تائين پهتي تہ ڪانوَن اصل پينگ ڪري ڇڏي آهي. ننڍڙا ٻارڙا اَجان مانيءَ ٽڪر هٿ ۾ ڪٿي نڪرن ئي مس ٿا، تہ ڪانوَ اچيو انهن کان اهو ڦريو وڃن. سو بادشاهہ حڪم ڪيو تہ: سڀئي ڪانوَ اچي سون وٽ حاضر ٿين. جڏهن سڀ ڪانوَ اچي حاضر ٿيا، تڏهن بادشاهہ انهن کي چيو تہ: اوهان هيءُ ڪهڙو ظلم ٻاري ڏنو آهي؟ ڪانون جواب ڏنو تہ: جيئندا قبلا! اسين جيڪي بہ ڪانو آهيون، سي ٻارن کان ماني ٽڪر ڦري وڃي پنهنجي جهوني ڪانءُ کي ڏيندا آهيون، جيڪو اسان سڀني جو سردار آهي. اهو تمام پوڙهو آهي ۽ ڪو وقت سنيري. بادشاهہ حڪم ڪيو تہ: انهيءَ ڪانءُ کي سون وٽ حاضر ڪيو وڃي! ڪانوَ ويا ۽ ان پوڙهي ڪانءُ کي ڪٺي

---

* هيءَ ڳالهہ وچولي (تعلقي سنجهوري) مان علي اڪبر لغاري کان ملي.

آيا. بادشاهہ ڪانءُ کان پڇيو تہ: ڪيترو وقت سنڀرين؟ هن جواب ڏنو تہ: بادشاهہ سلامت! تنهنجي نانيءَ جي ناني، تنهن جي نانيءَ جي نانيءَ ۽ ان جي يار فقير وارو وقت سنڀران. بادشاهہ چيو: ڳالهہ ڪر. ڪانءُ چيو تہ: تنهنجي ناني جو نانو، تنهن جي ناني جو نانو هوندو هو. ان جي بادشاهيءَ ۾ هڪڙو فقير پنهنجو آيو ۽ اچي سندس محلات جي در تي سيٺ هنيائين. ٻانهي خيرات کڻي آئي، پر فقير وٺڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو. چيئي: مونکي خود راڻي اچي خيرات ڏيئي وڃي. فقير جو اهو ضد ڏسي، آخرڪار راڻي پاڻ خيرات کڻي آئي. پوءِ تہ ٻنهي جون اکيون اڪيون وڃي ويون ۽ ٻئي اتيئي ڇمي بيهي رهيا. ڪو پهر اڌ تہ ائين ئي گذري ويو. آخر آتان جڏهن ڪو ماڻهو اچي لنگهيو، تڏهن راڻيءَ فقير کي چيو تہ: تون فلاڻي هنڌ وڻ هيٺان هلي ويهہ، تہ آءٌ بہ اتي اچان ٿي.

فقير ان هنڌ هڪ وڻ هيٺان وڃي ويٺو. گهڙي ڪن کان پوءِ راڻي بہ اچي اتي پهتي، وري جو هڪٻئي سان اکيون مليون، تہ رات لنگهي ويئي ۽ مٿان اچي ڏينهن ٿيو! هوڏانهن جڏهن بادشاهہ کي خبر پيئي تہ راڻي ڀڄي ويئي آهي، تڏهن ملڪ ۾ هلائي ڇڏيائين تہ راڻي مري ويئي آهي.

ٿورن گهڻن ڏينهن کان پوءِ ان ملڪ جو وزير انهيءَ وڻ هيٺان لنگهيو. ڇا ڏسي تہ راڻي ۽ فقير ٻئي اتي ويٺا آهن. وزير انهن ٻنهي جي وچ ۾ کٽي ڪپڙو ڏنو، تہ راڻي سجاڳ ٿي ۽ فقير کي چيائين تہ: فقير سائين سڏيو! هاڻي بادشاهہ جي اچڻ جي مهل ٿي آهي، تنهنڪري آءٌ محلات ڏي ٿي هلان. وزير وري جو کٽي اهو ڪپڙو پري ڪيو تہ انهن جو اهوئي ساڳيو حال.

وزير وڃي ساري حقيقت بادشاهہ کي ٻڌائي. بادشاهہ چي ڏنو تہ اهي ٻئي برابر ائين ئي ويٺا هئا. بادشاهہ کي جو

... آخرڪار راڻي هاڻ خيرات کڻي آئي. پوءِ ته ٻنهي جون اکيون اٽڪي ويون ۽ ٻئي اتي ڄمي بيهي رهيا ...

لڳي خار، سو ڇا ڪيائين جو انهن پنهي جيئرن حاڳندن مٿان هڪڙو چوگرد بند قبو جوڙائي چڙهايائين، جو اڄان بيٺو آهي.

بادشاهہ پوڙهي ڪانءَ کي چيو تہ: تون اهو قبو سونگي ڏيکاريندين؟، ڪانو چيو تہ: هائو سائين! پر مون ۾ اڏامڻ جي طاقت ڪانهي. سونگي معافي ۾ وجهائي ڪٿائي هلين تہ پوءِ مان اهو قبو هلي توکي اکين سان ڏيکاريان.

اهو ٻڌي بادشاهہ پنهنجن نوڪرن کي حڪم ڪيو تہ: اوهين ڪانءَ کي کڻو ۽ جيڏانهن هلڻ لاءِ چئي، اوڏانهن وٺي هلو.

آخر اهي سڀ اچي هڪڙي قبي وٽ پهتا، پر قبو هو چوڌاري بند، سو بادشاهہ حڪم ڏنو تہ: قبي ۾ سوراخ ڪيو وڃي. جڏهن ڪانءَ اها ڳالهہ ٻڌي، تڏهن اچي ڏڪڻ ورتس. تيستائين قبي ۾ سوراخ ڪيو ويو پر ان ۾ اندر تہ ڪجهہ بہ ڪين هو. تڏهن بادشاهہ حڪم ڪيو تہ: هن ترڙ ڪانءَ کي جهلي، سوراخ مان اندر اڇلائي، ورائي قبو لنبي ڇڏيو. هيءَ رڳو پراوا ٽڪر ڪائي جائي ۽ ڪوڙ گهڙيو، ٻڌاڪون ٻڌايو، سيني کي ڇمايو ويٺو آهي. ٻين ڪانون جو پنهنجي سردار جو هيءُ حال ڏٺو، سو زوريءَ ٻارن ڪان ٽڪر ڦرڻ جي اڳتي لاءِ توبهہ ڪيائون. هاڻي ڪانءَ رڳو ٻري ڪان ويهي ٻارن جا ٽڪر تڪيندا آهن. سو بہ تڏهن، جڏهن ٻار بيخيالا هوندا آهن، نہ تہ ٿوروئي ڪو ڌمان ڪرين تہ ڪوهين پيا ڀڄن!

ڏٺيءَ جي قدرت اهڙي ٿي جو ڪانون ڪان جو اتان جي ماڻهن جي هيئن جند ڇٽي، سو چوڌاري ملڪ ۾ سڪار ٿي ويا، ۽ سڀ ماڻهو پنهنجي بادشاهہ کي ڏينهن رات دعائون ڪرڻ لڳا.

٧- جهان شاهہ بادشاهہ *

جهان شاهہ نالي هڪ بادشاهہ هو، جو ڏاڍو ظالم هو. امير غريب سڀ هن کان ناراض هئا. نئين ڏينهن نئون ظلم ڪندو هو. جنهن تي ڀڙڪ پاهر ڪيائين، تنهن کي ڦاسيءَ تي ٽنگايائين. هڪ ڏينهن هيءُ ظالم بادشاهہ، وڏي اٽالي سان سهي سنبري شڪار تي نڪتو. سارو ڏينهن جهنگ ۾ ماڻهن سميت ڀٽڪندو رهيو، پر شڪار نہ مليو سو نہ مليس. مچاڻ ان جهنگل ۾ هڪ ڪيهر شينهن رهندو هو، جو وري سج لهڻ مهل شڪار تي چڙهندو هو. هيڏانهن هن ڪي بہ اچي شام ٿي ۽ هوڏانهن شينهن بہ گجگوڙ ڪري آيو ۽ سڌو

---

* هيءَ ڳالهہ وچولي (تعلقي شهدادپور) مان "ظفر" بلوچ کان ملي.

منهن ڪيائين بادشاهہ جي اتالي ڏانهن. بادشاهہ جا ماڻهو تہ هونئن ئي هن مان ڪڪ هئا ۽ ٻيو وري هرڪنهن کي جان جو خوف، سو هو شينهن جي ٻهرين ئي گجگوڙ ٻڌي، ڀڄي ويا... ۽ باقي وڃي بادشاهہ اڪيلو بچيو. هن بہ ڀڄڻ جي واٽ ڳولي، پر ايتري ۾ شينهن بہ اچي مٿانئس پيو. اتي بادشاهہ دل ۾ خيال ڪيو تہ مرڻو تہ هڪ ڏينهن آهي... اڄ نہ تہ سڀاڻي، سو ڇو نہ مقابلو ڪري مڙس ٿي مرجي! اهو ويچار ڪري، تلوار ڪڍي بيهي رهيو. قدرت خدا جي سان، شينهن سان وڙهندي وڙهندي هن جي تلوار وڃي شينهن جي پيٽ ۾ لڳي، ۽ آتي جو آتي مري ويو. اتي اوندهہ بہ ڪجهہ وڌي ويئي، سو جهان شاهہ بہ پنهنجي ملڪ موٽڻ لاءِ گهوڙي جي وڪ وڌائي.

هلندي هلندي ڇا ٿو ڏسي تہ هڪڙي ٻلي آهي، جا هڪڙي ڪتي کي جهلڻ لاءِ آن جي پٺيان پيئي ڊوڙي. ايتري ۾ اوچتو هڪڙي لومڙي آئي، تنهن ٻلي کي جهلي ڪائي ڇڏيو. لومڙي بہ اڃان اڳتي ڪين ويئي هئي تہ هڪڙو شڪاري ڪتو الاجي ڪٿان اچي سهڙيو، تنهن وري لومڙيءَ کي ڪٽي قابو ڪيو ۽ ڏاڍي مزي سان ان کي چڪ ۾ جهلي لوڏيندو اتي اڳتي هلڻ لڳو. پريان هڪڙو ماڻهو گهوڙي تي چڙهيو پئي آيو. آن جو ڪتي کي ڏٺو، سو الاجي ڪهڙو ڀُور پيس... بس ڪڍنديئي ڪهاڙي ڪيائينس موت جي حوالي. اڃان مڙس بہ قدم اڳتي ئي ڪين ٽيو تہ سندس گهوڙو ٿاٻو ڪائي ڪري پيو... ۽ پاڻ اڇلجي آن جي اڳيان ڌڙ وڃي ڳائي پر سٽيو، ۽ گهڙيءَ ۾ سڄو بت رتوڇاڻ ٿي ويس.

جهان شاهہ اهو سمورو لقاءُ ڏسي، اچرج ۾ پئجي ويو- تہ مار! ڏسو خدا جي قدرت... هرڪنهن جي مٿان ڪو آهي! سڀ بہ ڏاڍيون برايون ڪيون آهن، سو ڪٿي نہ ڪٿي

آءٌ بہ ضرور لوڙيندس. انهيءَ ويچار ايندي ئي اچي مڙس ڪي دِپ ورايو: جهڙوڪ هو تهڙو رات آتي جهنگ ۾ رهي پيو، ۽ سڄي رات انهيءَ ويچار ۾ ويٺي ويٺي مٿان اچي ڏينهن ٿيس. پوءِ آٿي، ڪنڌ هيٺ ڪري، گهوڙي جي واڳ وٺي، آهستي آهستي پيرين پنڌ هلندي هلندي، ڏينهن لڙئي اچي پنهنجي محلات ۾ پهتو. ان ڪان پوءِ بادشاهي، اميرن وزيرن مان چئن چڱن جي حوالي ڪري، پاڻ گوشائتو ويهي پنهنجن گناهن ڪي بخشائڻ لاءِ رات ڏينهن عبادت ڪرڻ لڳو.

٨- سرمون پاتائين، پائي نہ ڄاتائين*

هڪ ڏينهن، ڪو بادشاهہ شڪار جي خيال سان تير ڪمان کڻي، جهنگل ڏانهن آئي هليو. جهنگ ۾ شڪار ڪندي ڪندي بادشاهہ کي اڃ لڳي، سو پاڻيءَ جي تلاش ۾ هيڏانهن هوڏانهن واجهائڻ ۽ گهوڙو ڊوڙائڻ لڳو. هلندي هلندي پري کان ڪن عورتن کي ڏٺائين، جن هڪڙيءَ کوهہ تان پاڻي پئي ڀريو. بادشاهہ اهو ڏسي دل ۾ ڏاڍو خوش ٿيو، ۽ گهوڙو ڊوڙائي انهيءَ گهڙيءَ اچي کوهہ وٽ پهتو. ڏسي ته ڇا کڻي ته مارا! کوهہ جي پر ۾ هڪ سائيءَ جو لاش پيو آهي جنهن جي سسي ليٽي ڪانہ! ۽ چار ڇوڪريون عمر جون ننڍيون نينگيون ۽ شڪل صورت جون سهڻيون، ان سسيءَ وڍيل لاش جي چوڌاري ويٺيون آهن ۽ پاڻ ۾ گفتگو پيون ڪن. بادشاهہ هڪڙي وڻ جي اوٽ ۾ لڪي سندن ڳالهيون ٻڌڻ لڳو. هڪڙي ڇوڪريءَ چيو تہ: هن زال کي وارن سان ڏاڍي ڪا پريت هئي! وريءَ ٻيءَ چيو تہ: ڏندن سان بہ ڏاڍي ڪا دل هيس. ٽينءَ چيو تہ: سرمي سان ڏاڍو شوق هوس. آخر ۾ چوٿين ڇوڪري- جا پڻ ٽنهي کان شڪل شبيهہ ۾ وڌيڪ موچاري ۽ عقل ۾ اڳري پئي نظر آئي تنهن- چيو تہ: ادي سرمون تہ پاتائين پر پائي نہ ڄاتائين!

---

* هن ڳالهہ جو مدار وچولي (تعلقي حيدرآباد) مان محمد ٻچل، (تعلقي ٽنڊي الهيار) مان ولي محمد طاهرزادي کان ۽ (تعلقي هالا) مان قاضي نورمحمد کان؛ ٿرپارڪر (تعلقي ڇاڇري) مان رائچند ۽ لاڙ (تعلقي بدين) مان شيخ محمد سومار کان مليل روايتن تي آهي.

چوڪرين جون اهي ڳالهيون ٻڌي، بادشاهه سخت حيرت ۾ پئجي ويو. دل ۾ چوڻ لڳو ته جڏهن عورت جي سسي به غائب آهي، تڏهن هي چوڪريون ڪيئن پيون اهي ڳالهيون ڪن! نيٺ بادشاهه وڻ جي اوٽ مان نڪري، اچي چوڪرين کان پاڻي گهريو. چوڪرين بادشاهه کي وڏيءَ خوشي سان پاڻي پياريو. بادشاهه پاڻي پي وڃي وڻ جي ڇانو هيٺان ويهي رهيو ۽ چوڪرين کي سڏي پڇيائين ته: هن مئل زال بابت اوهان پاڻ ۾ جيڪي به ڳالهيون پئي ڪيون، سي اوهان ڪيئن سمجهيون؟ تنهن تي پهرينءَ چوڪري جواب ڏنو ته: جيڪي زالون وارن جون شوقين هونديون آهن، سي هرهر وارن کي تيل مکينديون ۽ ڦڻي ڏينديون آهن، جنهنڪري سندن پٺيءَ تي البت تيل لڳي ويندو آهي. هن زال کي به پٺيءَ تي تيل لڳل ڏٺم، تڏهن سمجهيم ته هيءَ زال وارن جي ڏاڍي ڪا شوقين هئي! ٻي چوڪري چوڻ لڳي ته: ڏندن جون شوقين زالون، ڏندن کي تمام گهڻو مساڳ هڻنديون آهن، جنهنڪري هٿن جي ننهن جون پاڙون به مساڳ هڻندي هڻندي ڳاڙهيون ٿي وينديون اٿن. هن جا به ننهن ڳاڙها ڏٺم تڏهن سمجهيم ته هن کي پنهنجن ڏندن سان ڏاڍي ڪا دل هئي! اتي ٽيئن چوڪري چيو ته: جيڪي گهڻو سرمون پائينديون آهن ٽيڪا ڪڍنديون آهن، سي ان جا ليڱها وري پنهنجي چولي جي داوَن سان اگهي ڇڏينديون آهن. سو هن مئل زال جي چولي تي به اهڙي قسم جا ليڱها ڏٺا، تڏهن سمجهيم ته هن عورت کي سرمي سان به گهڻي پوندي هئي! پڇاڙيءَ ۾ بادشاهه چوٿينءَ چوڪريءَ کي چيو ته: هاڻي تون ٻڌاءِ ته ڪيئن هن مئل زال سرمون پاتو پر پاڻي نه ڇاتو؟ چوڪريءَ جواب ڏنو ته: بادشاهه سلامت! جان جي امان ملي ته اوهان کي هڪ ڳالهه چوان! بادشاهه طرفان جڏهن ڪيس جان جي امان ملي، تڏهن چيائين ته: بادشاهه سلامت! هن

ڳالهہ کي سمجهڻ لاءِ اوهان کي مون سان شادي ڪرڻي پوندي! بادشاهہ دل ۾ خيال ڪيو تہ هيءَ ڇوڪري ڪا وڏي عقل واري ۽ سياڻي ٿي ڏسجي، جو پنهنجي ڇوڪرين تہ ڪي آهجاڻ سچاڻي پنهنجي راءِ ظاهر ڪئي، پر هن ڇوڪريءَ ڪو وڏو راز پروڙيو آهي... ان راز کي سمجهڻ لاءِ مونکي هيءَ شادي ضرور ڪرڻي پوندي. ائين سوچيندو ويچاريندو، بادشاهہ نيٺ اتان اٿي، موٽي پنهنجي محلات ۾ آيو.

اها عقلمند ڇوڪري هڪ سوداگر جي ڌيءَ هئي، جو ملڪ جو وڏي ۾ وڏو سوداگر هو. هوءَ سوداگر جي سڪيلڌي ڌيءَ هئي. اهو سوداگر درياءَ جي ڪناري تي پنهنجي هڪڙي عاليشان محلات ۾ رهندو هو. ٻئي ڏينهن بادشاهہ، ان سوداگر ڏانهن پنهنجي وزير جي هٿان شاديءَ جو پيغام موڪلي ڏنو. جو ٻڌي هو پنهنجي سر ڏاڍو خوش ٿيو... پر ڌيءَ هيس سڪيلڌي، سو پهريائين هن کان پڇڻ ضرور چاتائين. سوداگر پوءِ بادشاهہ جو پيغام اچي ڌيءَ کي ٻڌايو، جنهن بادشاهہ سان شادي ڪرڻ جو اقرار تہ ڪيو، پر هي شرط وڌائين تہ شاديءَ کان اڳ سندس پيءُ جي محلات جي ڀرسان هڪ پيو وڏو محلات تيار ڪرايو وڃي. بادشاهہ اهو شرط بہ يڪدم منظور ڪيو. آخر بادشاهہ جي حڪم سان، درياءَ جي ڪپ تي، هڪ سهڻو محلات جڙي راس ٿيو ۽ پن چئن ڏينهن ۾، بادشاهہ گهڻن دهلن دمامن ۽ وڏي ڌام ڌوم سان هن جي ڌيءَ سان شادي رچائي، ۽ ٻئي اچي ان نئين عاليشان محلات ۾ خوش گذارڻ لڳا.

نئين شاديءَ جي خوشيءَ ۾ بادشاهہ کان اها ڳالهہ ئي وسري ويئي تہ هن ڇوڪريءَ سان ڪهڙي شرط تي شادي ڪئي هئائين. ڇوڪريءَ البت پنهنجي پيءُ کي سڄي ڳالهہ ويهي پيرائتي ڪري ٻڌائي، جنهن هن کي هر طرح جي مدد ڪرڻ جو آسرو ڏنو. تنهن تي ڇوڪريءَ پيءُ کي چيو تہ:

لڪ ڇپ ۾ هن محلات ڪان وٺي، پنهنجي محلات تائين هڪ سرنگهه تيار ڪرائي ڏيو. ٿوري گهڻي ڏينهن جڏهن اها سرنگهه بلڪل تيار ٿي ويئي، تڏهن هڪ ڏينهن سوداگر، بادشاهه کي دعوت ڏيئي، پنهنجي محلات ۾ وٺي آيو. بادشاهه جڏهن پنهنجي محلات جو دروازو پاهر لنگهيو، تڏهن ڇوڪري چا ڪيو، جو يڪدم هار سينگار ڪري، ڏؤلکوهار پائي، بادشاهه کان اڳ ۾ ئي پنهنجي پيءُ جي محلات ۾ پهچي، هڪ پلنگ تي لهي لڪي ويهي رهي. بادشاهه جڏهن سوداگر جي محلات اندر پهتو، ۽ اتي هڪ پلنگ تي پنهنجيءَ زال کي ويٺل ڏٺائين، تڏهن حيرت ۾ پئجي آڱر ڪڙو ٿيو. تنهن تي سوداگر چيس ته: سائين! آڱر ڇو پيئا آهيو؟ بادشاهه چيس ته: هڪڙو قيمتي رومال محلات ۾ وساري آيو آهيان، اهو ڪٽڻ ٿو وڃان. بادشاهه جيستائين پنهنجي محلات ۾ پهچي، تنهن کان اڳي، ڇوڪري سرنگهه مان لنگهي، جتي بادشاهه اڳ ۾ ڪيس ستل ڇڏي ويو هو، آتي اچي سمهي رهي. بادشاهه اچي گهر ڏسي، ته سندس زال ته آتي ئي ستي پيئي آهي! هو وري سوداگر جي محلات ڏانهن اٿي هليو ته ڇوڪري وري به سرنگهه رستي، ساڳيءَ پوشاڪ سان وڃي پنهنجي پيءُ جي گهر ڪمرڪار ۾ لڳي. بادشاهه ڏسي پريشان ٿي ويو ته آخر ماجرا ڪهڙي آهي! هن کي وري به پڪ نه ٿي، سو گهڙي کن اتي ويهي، پوءِ سوداگر کي چوڻ لڳو ته: افسوس جو آءٌ وري به پنهنجي قيمتي منڊي گهر ڇڏي آيس — اها کٽي ٿو اچان. ائين چئي وري اٿي هو پنهنجي محلات ڏانهن هليو. ڇوڪري وري به سرنگهه رستي اچي ساڳئي پلنگ تي سمهي پيئي. بادشاهه اچي ڏسي ته مارا! هيءُ ته هاڻي به هتي ستي پيئي آهي! اتي هو صفا منجهي پيو نيٺ پنهنجي زال کي آڻاري کانئس پڇڻ لڳو ته: تنهنجي پيءُ جي محلات ۾ تو جهڙي ۽ ساڳيءَ پوشاڪ واري، بلڪ هوُ بهو

توجهڙي ٻي ڪا عورت ويئل آهي... سانُ تہ هن کي ڏسي پلجي ٿو پوان، چڱ تہ اها ٻنهہ تون آهين؟ سونکي پڌاءِ تہ اهو ڪهڙو اسرار آهي؟ ان تي چوڪريءَ چيو تہ: بادشاهہ سلامت! اوهانَ تہ مونکي هٽ سان هتي پلنگ تي سمهاري ويا هئا... ٻاهر پانهيون گوليون ڪرڪار پيون ڪن ۽ ننڍ سان ٻ سونکي اوهان پنهنجي هٿن سان اچي آٿاريو آهي! اها آءٌ ڪيئن هونديس؟ شايد اوهان پليا آهيو. ساٿهو ماٺهن جهڙا، هزارين پوشاڪون هڪجهڙيون، اجايو چو وينا ويچار ڪريو؟ بادشاهہ چيو تہ: هاٰ، هاٺي مونکي پڪ ٿي تہ اها ڪا تـوجهڙي ٻي عورت آهي، ائين چئي بادشاهہ، سوداگر جي محلات ۾ وري موٽي آيو. سوداگر، جـو ڏيءَ سان اڳي ئي صلاحـي هو، تنهن الهيءَ وچ ۾ پنهنجي نوڪرن کي حڪم ڏيئي ڇڏيو هـو تہ هڪڙو غوراب ائين تيار ڪري ٻيهاريو، جو رڳو پـڳهہ کٽڻ جي ديـر هجي. جڏهن ڪجهڙي پوري ڪري بادشاهہ اٿڻ لڳو، تڏهن سوداگر چيس: بادشاهہ سلامت! هاٺي سان پنهنجا ٻارچا وٺي سوداگريءَ لاءِ هڪڙيءَ ڏوراهينءَ ولايت ڏانهن ٿو وڃان، اڳوپوءِ ٿورو ترسي، اسان کان سوڪلائي، پوءِ وڃو. بادشاهہ اهو ٻڌي اتي ئي ترسي پيو.

هوڏانهن چوڪريءَ چا ڪيو جو بادشاهہ جو الهہ تاهہ ٻـهاري، هيرا جواهر ۽ ٻي ملڪيت کڻي، سرنگهہ رستي اچي پنهنجي پيءُ جي محلات ۾ پهتي. سوداگر پوءِ بادشاهہ جي اها ملڪيت ۽ پنهنجو سمورو مال متاع کڻائي وڃي غوراب ۾ رکايو. پوءِ سـپ ساٺهو بادشاهہ کان موڪلائي توڪلائي. اچي غوراب ۾ وينا، ۽ غوراب کي کٽي هاڪاريائون. غوراب اچـان هـلـڻ مس شروع ڪيو، تہ سوداگر جي ڌيءَ، اتان بادشاهہ کي جيڪو کانئن موڪلائڻ لاءِ اچان تائين ڪناري تـي بيٺو هو سڏ ڪري چيو تہ: بادشاهہ سلامت! هن مئل زال ٻ هيئن پنهنجي مڙس کـي سرمون پـاتـو هو، پر تڪڙ

ڪيائين، جنهنڪري مارجي ويئي.. ”سرمون ته پاتائين، پر پائي نه ڇاتائين“. پر آءٌ اوهان کي اجهو هيئن سرمون پايو بيٺي وڃان! - مون پنهنجو شرط پورو ڪيو - هاڻي خدا حافظ! اهو ٻڌي، بادشاهه کي مئل زال جي لاش وارو واقعو ياد پيو، ۽ جڏهن سموري ڳالهه سمجهيائين، تڏهن ڏاڍو پريشان ٿيو. آخر هو پنهنجي محلات ۾ موٽي آيو، ۽ ٻيڙ جو اچي جاچيائين ته هيڪاري ڏندين آڱريون اچي ويس. زال ته اڳ ۾ ئي وڃائي ويٺو هو، پر سڄيءَ ملڪيت تان به هٿ ڌوئڻا پيس! لاچار ويچارو ماٺڙي ڪري ويهي رهيو.

٩- ڀاڳ ۽ نڀاڳ*

هڪڙو هو بادشاهه، جنهن کي ست ڌيئرون هيون. انهن مان ڇهن جي ته شادي ڪرائي هئائين، باقي هڪڙي اڃان ڪنواري هئي. انهيءَ سان بادشاهه جي دل به تمام گهڻي هئي. شهزادي جڏهن لائق ٿي، تڏهن اُن جي اُٿارڻ جو خيال ڪري، پنهنجي وزير کي سؤ اَٽ ڪٽوريءَ جا پراڻي ڏنائين ۽ چيائينس ته: تون ڪنهن ٻيءَ بادشاهيءَ ۾ وڃي ڪو بادشاهي گهر جانچ ۽ بادشاهه کي هيءَ ڪٽوري ڏيئي، اُن جي عيوض ڪانئس ڪنهن به هڪ جنس جا اَٽ پراڻي اچ — پر اهو خيال رکج، متان ڪٽوري ڪنهن کي اڌ موڙيءَ ۾ ڏيئي اچين! جيڪو تو کي اُن جو پورو عيوضو ڪنهن هڪ جنس ۾ ڏيئي سگهي ۽ جنهن مان اَٽ به سڀ پرجي وڃن، پوءِ اُنهيءَ سان شهزاديءَ جي ڳالهه پڪي ڪري، شاديءَ جي تيٽ ٻڌي اچ.

وزير ڪٽوريءَ جا اَٽ پراڻي پنڌ پيو. ڪيترن بادشاهن سان مليو، پر ڪٽوريءَ جي قيمت هڪ جنس ۾ ڪير به ڏيئي ڪونه سگهيس. جي هڪ جنس مان سؤ اَٽ لڏجن، ته يا قيمت ڪٽيو پوي يا وڌيو وڃي، جي ڪٽي ته وزير نه قبولي ۽ جي وڌي ته ڪنهن کان اها ڏيڻ نه پڄي. آخر هڪڙيءَ ولايت جو ڏس مليس ته اُتان جي بادشاهه جي مرڻ کان پوءِ سندس چوڏهن ورهين جي عمر جو شهزادو تازو تخت نشين ٿيو آهي، آهو اهو ڪم ڪندو ۽ ان جي شادي به ڪيل ڪانه آهي. وزير اهو ٻڌي اوڏانهن رخ رکيو. هلندي هلندي ٿوري گهڻي ڏينهن وڃي اتي پهتو. ڇا ڏسي ته شهزادو پنهنجو

---

* هيءَ ڳالهه لاڙ (تعلقي ٽٽي) مان عبدالله گندري کان ملي.

محل پيو ٺهرائي. وزير شهزادي سان ملي ان کي سمورو احوال ڏنو. شهزادي چيس ته: آءٌ توکي سيئي آٺ هڪ ئي جنس سان برابر پري ڏيندس. ائين چئي حڪم ڪيائين ته: اها سموري ڪٿوري لاهي ڳاري ۾ گڏائي چڏيو ۽ ان سان محلات جي ليپ ڪريو! گهڙيءَ ۾ حڪم جي تعميل ٿي ويئي. وزير جڏهن اهو ڏٺو، تڏهن اچي ڳنڍيءَ ورتس ته هاڻي الاجي ڪٿوريءَ لاءِ پوري هڪ جنس ملندي به، يا نه؟ شهزادي سندس رخ مان سهي ڪري ورتو ته وزير جي دل ۾ اچي شڪ ويٺو آهي، سو هن کي وٺي وڃي خزاني جي ستن ڪوٺين تي بيهاريائين ۽ چيائينس ته: توکي جهڙي به هڪ جنس وٺي، تنهن مان بلاشڪ پنهنجا سؤ آٺ پرائي وڃ! وزير اهو ٻڌي ڏاڍو خوش ٿيو ۽ شاهي سوڪڙيون پاڪڙيون هن جي سامهون رکي، پنهنجي بادشاهه جو پيغام ڏنائينس. شهزادي اها ڳالهه ٻڌي يڪدم هائو ڪئي ۽ چيائينس ته: آءٌ شادي ڪرڻ لاءِ تيار آهيان، پر ڇهه ٻارنهن مهينا رکي پوءِ پاڻيهي اوهان جي بادشاهيءَ ۾ ايندس، ۽ اچي شهزاديءَ سان شادي ڪندس.

وزير سؤ آٺن جو موتين سان پرائي، پيون به ڪئين سوڪڙيون پاڪڙيون کڻي پنهنجي ملڪ روانو ٿيو. ٿوري گهڻي ڏينهن اچي پنهنجي بادشاهه کي خوشخبري ٻڌايائين ۽ سڄو مال به آڻي آڏو رکيائينس. بادشاهه ڏاڍو خوش ٿيو ۽ ويهي شهزادي جو انتظار ڪرڻ لڳو. پر انتظار ڪندي ڪندي جڏهن پورا ٻارهن مهينا گذريا، ۽ شهزادي منهن نه ڪين ڪيو، تڏهن بادشاهه پنهنجي وزير کي گهرائي چيو ته: وزير! تنهنجو اهو شهزادو ته پيدا ئي ڪونه ٿيو! وزير عرض ڪيو ته: بادشاهه سلامت! جا حقيقت هئي، اها مون عرض رکي، وڌيڪ منهنجي وس کان ڳالهه ٻاهر آهي. بادشاهه، وزير جو اهو جواب ٻڌي، پاڻ پنهنجي سر گهوڙي تي سوار ٿي، انهيءَ شهزادي ڏانهن روانو ٿيو.

بادشاهه هلندي هلندي نيٺ وڃي انهيءَ شهزادي جي بادشاهيءَ ۾ پهتو. پڇا ڪرڻ تي معلوم ٿيس ته شهزادي تخت تي ويهڻ سان پنهنجو سڀ مال اسباب، واريءَ وانگر هٿن جي وڃين مان وهائي ڇڏيو، ۽ بادشاهي وڃائي، هاڻي تغاري مٿي تي کڻي مزوري پيو ڪري، اهڙيءَ طرح 'ٽڪو ڪمائي، ٽڪو کائي' پيو پنهنجو پيٽ پالي. اهو ٻڌي بادشاهه حيرت ۾ پئجي ويو، ۽ پڇائي پڇائي وڃي شهزادي سان مليو. ڏٺائين ته شهزادو برابر گپ ۾ ليٿو، پيئو تغاري ڍوئي. بادشاهه ويهي ڪانئس حال احوال ورتو، پر شهزادو شرم کان ڪنڌ هيٺ ڪري ويهي رهيو. بادشاهه پڇيس: ڪيتري مزوري ملندي اٿئي؟ شهزادي جواب ڏنو ته: بس، انهيءَ ٽڪو ڪمايان ٽڪو کان'... مڙيئي وقت ٽپر جو پيو گذري. بادشاهه چيس: اهو ٽڪو آءٌ تو کي ڏيان، تون مون سان گڏجي هل. شهزادي وراڻيو ته: اوهين اڄ ڏيندا، سڀاڻي ڪير ڏيندو؟ بادشاهه چيس ته: تو کي مزوريءَ سان ڪم، سو آن وگهي تو کي آءٌ ڪونه ڇڏيندس. شهزادي اهو ٻڌي ڪٽي تغاري ڦٽي ڪئي، ۽ هن سان هلڻ لاءِ تيار ٿي ويهي رهيو. اتي بادشاهه ڪانئس پڇيو ته: تنهنجا هيترا سارا خزانا ڪيڏانهن ويا، جو هيڏا حال ڪيا اٿئي؟ هن وراڻيو ته: سائين! هيءَ دنيا سمنڊ جي وير جيان آهي، هن تي ڀروسو ئي ڪونهي. بادشاهه اهو ٻڌي ڏاڍو عجب ۾ پئجي ويو ۽ کيس چيائين ته: فڪر نه آهي. آءٌ تنهنجي خدمت ڪرڻ لاءِ حاضر آهيان، ۽ وعدي موجب تنهنجي شادي به ڪرائيندس. پوءِ اوهان ٻنهي زال مڙس لاءِ خاص محلات ٺهرائي، نوڪر چاڪر مقرر ڪري اوهان کي ڏيندس، جتي اوهين تمام سٺي زندگي گذاري سگهندا. شهزادي چيس ته: سائين! اوهان جون لک مهربانيون ۽ احسان، پر مون تي جو نڀاڳ چانئيل آهي، سو انهيءَ نه ٿئي جو ان جو اثر اوهان تي به پوي.

آخر گهڻيءَ رد بدل کان پوءِ بادشاهه ڪيس پنهنجي ملڪ وٺي ويو ۽ شهزاديءَ سان سندس شادي ڌام ڌوم سان ڪري، کين هڪڙي محلات ۾ ڪٽي رهايائين، جنهن ۾ لڳي باغ به شامل هو. کين ٽڏ پلين ميٺهن جو به ڏنائين، جن مان هڪڙي هڪڙي اڌ مڻ کير مهل تي ڏيندي هئي ۽ بيو مال متاع تنهن کان سواءِ کين ڏنائين. مطلب ته شهزادو ۽ شهزادي پوءِ ڏاڍو مزي ۾ زندگي گذارڻ لڳا.

قدرت قادر جي، جنو توري گهٽي ڏينهن، هڪ هڪ تي سپ مينهون وهڪي ويون، ۽ باغ کي به ڪا اهڙي بيماري لڳي، جو سڪي ڪاٺيون ٿي ويو. پلا جنهن شيءِ جي ٿهل نکوڙ ته ٿيندي، ان جو پيو ڪهڙو حال ٿيندو! امير امراءَ ۽ غريب فقير، شهزادي جي هيءَ حالت ڏسي، کيس نيٺ کو سڏڻ لڳا ۽ هن کي نهايت گهٽ وڌ ڳالهائڻ لڳا. نيٺ ملڪ ۾ اهي ڳالهيون نهاريون پڌي، شهزادو ڏاڍو ڏکي ٿيو. آخر هڪڙي ڏينهن زال کي چيائين ته: منهنجي لاءِ هاڻي پڌڻ پلو آهي، آءٌ وڏيڪ نتو سهي سگهان... تنهنڪري مونکي موڪل ڏي ته جيڏانهن وٺيم اوڏانهن هليو وڃان. زال چيس ته: انين وري ڪيئن ٿيندو! جيڪڏهن اها صلاح آهي ته آءٌ به توسان گڏ هلنديس— جتي تون، اتي آءٌ. هي اجان انهيءَ گفتگو ۾ هئا ته خبر مليُن ته بادشاهه، پنهنجن پين چهن نائين مان هر هڪ کي هڪ هڪ جهاز اناج جي جنس جو پرائي، ڪنهن ڏيساور تي روانو ڪرڻ وارو آهي. اهو پڌي شهزادو، بادشاهه وٽ ويو ۽ کيس چيائين ته: جيئندا قبلا! اوهان ڇهن ئي نائين کي هڪ هڪ جهاز جنس جو پرائي ڏنو، مگر آءٌ شايد ڏاريون آهيان، جو مونکي توهان وساري ڇڏيو! بادشاهه چيس ته: نه ابا! تون به مونکي انهن جهڙوئي پيارو آهين، تنهنجي رڳو چوڻ جي دير آهي. شهزادي چيو ته: ته پوءِ مونکي ست جهاز اناج جا پرائي ڏي ته وڃي قسمت

آزمايان. پوءِ ڪن ۾ ستئي جهاز اناج جا ڀرجي، شهزادي جي حوالي ٿيا. بادشاهه پين نائين کي حڪم ڪيو ته هن شهزادي کان اڳ ڪوئي پنهنجو جهاز نه هاڪاري.

قصو ڪوتاهه... شهزادو پنهنجا جهاز ڇوڙائي اُتي هليو، سندس پويان پين شهزادن به جهاز هاڪاريا. هلندي هلندي نيٺ اچي هڪ هنڌ لنگر ڪيائون. ڇا ڏسن ته نموني نموني جا بيشمار پکي آهن، جي درياءَ جي ڪناري وارن وڻن تي ويٺا آهن. انهن جي اچ وڃ جي ڪري هوا اهڙي وڻندڙ ۽ ٿڌي پيئي لڳي، جو بيٺي ننڊ وٺيو وڃي. شهزادي کي پکين جي اچ وڃ ۽ آبهوا ڏاڍي وڻي، سو پين شهزادن کي چيائين ته: جيڪڏهن وڃو ته اوهان کي موڪل آهي... آءُ ڪجهه ڏينهن هتي ترسي، پوءِ پنهنجا جهاز هاڪارائيندس. اهو ٻڌي هو خوش ٿيا ۽ دل ۾ چيائون ته خدا ڪئي هن نڀاڳي مان جند ڇڏائي! ائين چئي پنهنجا پنهنجا جهاز هاڪاري اُتي هليا ۽ ڏسندي ڏسندي اکين کان گم ٿي ويا.

ٻئي ڏينهن صبح جو، شهزادو جهاز تان ڪناري تي سير ڪرڻ ويو. اُتي ڪيس پکين جا بيشمار پيرا ڏسڻ ۾ آيا، جنهن مان سمجهيائين ته هي ويچارا پکي، چوڪي جي گولا ۾ ڏينهن جا ڏينهن هيڏانهن هوڏانهن پيا ڊوڙيا آهن. اهو ڏسي ڪيس ڏاڍي ڪهل آئي، سو نوڪرن کي حڪم ڪيائين ته: هڪ جهاز جو اناج هن ميدان ۾ هاري ڇڏيو ته پل پکي ڪائي ڏؤ ڪن. بس حڪم جي دير هئي— بيٺي بيٺي هڪ جهاز جو اناج هاري ڇڏيائون. ٻئي ڏينهن جان شهزادو اتي وڃي، ته ڇا ڏسي ته مارا! ميدان ۾ اَن جو هڪڙو داڻو به ڪونهي، پر سڄو ميدان موتين سان ڀريو پيو آهي. پکين درياءَ مان موتي چُڻي آڻي ڪناري تي ڇڏيا هئا. اهو ڏسي ڏاڍيءَ جا شڪرانا ڪيائين. پوءِ باقي ڇهه جهاز به اُتي هارائي ستئي جهاز موتين سان ڀرائي، موٽي اچي بادشاهه وٽ پهتو،

۽ بادشاهہ کي سموري حقيقت ٻڌايائين. بادشاهہ اهو ٻڌي ڏاڍو خوش ٿيو ۽ چيائين تہ: ٻچا! ڀاڳ نياڳ جي ڳالهہ آهي — مڙس ڀاڳ، جو گهوريو تہ ڀاڳ مليس. هت سان نياڳ کي سڏيندو تہ اهو ٻہ در ڪونہ ڇڏيندس. تنهنجو هاڻي ڀاڳ وريو آهي، ان کي رکہ ۽ لوڏڻ هاڻي تنهنجي وس آهي. پوءِ شهزادي سٺي جهاز موتين جا لهرائي پنهنجي محلات ۾ آڻي رکايا، ۽ شهزاديءَ سان ملي ڏاڍي موج ۾ گذارڻ لڳو. پوءِ سنلس باغ باغيچا ۽ مال وٽاڻ وري ساڳيءَ طرح آباد ٿي ويا. ٻہ چار سال اتيئن آتي رهي، شهزادو، بادشاهہ کان موڪلائي، شهزاديءَ سميت پنهنجي ملڪ موٽي ويو. ۽ ويل تخت هٿ ڪري، ڏاڍي شان مان سان حڪومت هلائڻ لڳو.

١٠- ربّ جي رضا*

هڪڙو هو بادشاھ، جيڪو نهايت رحمدل ۽ انصاف پسند هو. هڪ ڀيري اچي سخت بيمار ٿيو. اهڙو بيمار ٿيو جو کاڌو پيتو حرام ٿي ويس... نه هلي سگهي، نه اُٿي سگهي، مطلب ته اچي حياتيءَ مان ڪڪ ٿيو. گهڻائي وَيج طبيب اچي مڙيا، پر بادشاھ چاق نه ٿيڻو هو، سو نه ٿيو. هڪڙي ڏينهن ڪو طبيب انهيءَ بادشاهي ۾ آيو. تنهن جو ماڻهن جي وَاتان بادشاھ جي بيماريءَ جو ٻڌو، سو چيائين ته: مونکي بادشاھ وٽ وٺي هلو ته آءٌ ٿو سندس علاج ڪريان. طبيب کي هڪدم محلات ۾ پهچايو ويو، جتي هن بادشاھ کي ڏسي چيو ته: بادشاھ جو علاج ٿي سگهي ٿو، پر هڪ دوا جي گهرج آهي، جي اها ملي سگهي ته بادشاھ چاق ٿي ويندو. وزير چيو ته: ٻڌاءِ، اها ڪهڙي دوا آهي؟ اسين هينئر ئي ٿا ان جو بندوبست ڪريون. طبيب چيو ته: مونکي چوڏهن سالن جي ڪنهن ڇوڪري جو رت گهرجي. بادشاھ چيو ته: ڇوڪري جو رت اسان کي ڪٿان ملي سگهندو؟ ڪير هوندو جو پنهنجو ٻچو جيئرو ڪڍي ڏيندو ته وڃي ڪُسي! انهيءَ تي اميرن وزيرن بادشاھ کي چيو ته: جيئندا قبلا! ناڻي سان هرشيءِ ملي سگهي ٿي، توهين اجازت ڏيو ته اسين ڪو ڇوڪرو خريد ڪري اچون. بادشاھ چيو ته: وزيرا جي توهان کي ڪو ماڻهو خوشيءَ سان پنهنجو اولاد ڏئي ته پوءِ وٺي اچو، نه ته ڪنهن تي زور زبردستي نه ڪجو.

وزير اها ڳالھ ٻڌي، اچي ڳاڙهي سون خرزينون ڀري اٿي روانو ٿيو. ڪيترائي ڏينهن هن کي رلندي گذري ويا،

---

* هيءَ ڳالھ وچولي (تعلقي شهدادپور) مان «ظفر» بلوچ کان ملي.

جنهن کي چئي ته: ڇوڪرو ڏيو ته آن جي رت مان بادشاهه لاءِ دوا ٺهرايون؛ سو روئي چويس ته: پنهنجو اولاد ڪين ائي چا؟ ويچارو وزير اچي پريشان ٿيو، ڪري سو ڪري چا؟ جي هٿين خالي ٿو وڃي، ته بدنامي ٿي ٿيس؛ جي ڪري ٿو زور زبردستي ته بادشاهه ٿو مارائيس. انهيءَ ڳڻتيءَ ۾ شهرن پٺيان شهر لتاڙي ڇڏيائين پر وريس ڪي به ڪين.

هڪ ڏينهن هڪڙي شهر جي ٻاهران اچي نڪتو، جتي ڏسي ته هڪڙي جهوپڙي آهي، جنهن جي سامهون ميرن ڦاٽلن ڪپڙن سان ولر ڇوڪرن جو آهي، جي ڏاڍي مزي سان پيا راند ڪن. وزير ڪهي ويو ڇوڪرن وٽ، ۽ پڇيائين ته: آبا! اوهين ڪير آهيو ۽ ڪٿي ٿا رهو؟ ڇوڪرن جواب ڏنو ته اسين سڀ پاڻ ۾ ڀائر آهيون، سامهين جهوپڙيءَ ۾ پنهنجي ماءُ پيءُ سان گڏ رهندا آهيون. وزير اڳتي وڌي گهر جي ٻاهران بيهي سڏ ڪيو. ڇوڪرن جو پيءُ نڪري آيو. وزير ڪيس پنهنجي حال کان واقف ڪيو. ڇوڪرن جو پيءُ ٻڌي ۾ پئجي ويو. وزير چيو ته: تون غريب آهين، هي سمورو ناڻو توکي ڏيندس، پر تون سونکي رضا خوشيءَ سان پنهنجو پٽ ڏي! غريب خيال ڪيو ته سڄو ڏينهن ٿا ڪمايون، تڏهن به پاندي پوري ڪانهي؛ انگ ته چا، پر پيٽ به پورو ڪونه ٿو ٿئي — بک پيا مرون... جيڪڏهن هڪڙو ڇوڪرو ڪٽي ڪڙو ڪيوسين ته پيا ته سکيا رهندا. اهو پهه پچائي ويو زال وٽ؛ جنهن ڪيس چيو ته: ميان! تنهنجي مرضي... آءٌ ڪيئن پنهنجو ٻچو ڪهائڻ لاءِ ڏينديس! باقي جي تنهنجي مرضي آهي ته ڏئي آهين، جيئن وڻئي تيئن وڃي ڪر، پر جيڪو ڏين تنهن جو نالو مونکي نه ٻڌائج. غريب مڙس وزير کي چيو ته: وزيرا! هو پيا اٿئي، جيڪو انهن مان وڻيئي سو وٺي وڃ. وزير هن کي ناڻو ڏنو ۽ خوش ٿي سڀني کان وڏي ڇوڪري کي وٺي پنهنجي ملڪ ڏي راهي ٿيو.

وزير جڏهن پنهنجي ملڪ پهتو، تڏهن سڌو بادشاهه وٽ ويو، ڇوڪرو پيش ڪري چيائين ته: هي ڇوڪرو مائٽن خوشيءَ سان ڏنو آهي ته پلي بادشاهه تان قربان ٿئي. بادشاهه خود ڇوڪري کان پڇيو، جنهن چيو ته: هائو، بادشاهه سلامت! مونکي مائٽن رضا خوشيءَ سان هن وزير وٽ وڪيو آهي. تنهن تي بادشاهه چيو ته: پوءِ چڱو، هن ڇوڪري کي کڻي، سندس رت ڪڍي جي حڪيم کي ڏيو.

وزير ان ڇوڪري کي جلاد جي حوالي ڪيو. جنهن ڇوڪري کي ويهاري، اڃان ڪاٺ آلارينو مس ته ڇوڪري کان وڏو ٽهڪ نڪري ويو، جنهن تي جلاد هٿ جهلي، هن کان کلڻ جو سبب پڇيو. تڏهن ڇوڪري چيس ته: انهيءَ ڳالهه جو جواب آءٌ بادشاهه جي اڳيان هلي ڏيندس—

مونکي بادشاهه وٽ وٺي هلو. جلاد ڇوڪري کي بادشاهه وٽ وٺي ويو، ۽ سموري حقيقت ٻڌايائينس. بادشاهه پڇيس

ته: ”ڇوڪرا! تو موت جي منهن ۾ ڪيئن ٽهڪ ڏنو ۽ ٻڌاءِ
ڇا ڳالهه آهي؟“ ڇوڪري چيو ته: ”بادشاهه سلامت! ننڍڙو
ٻار هوندو آهي، ان کي ڪو تڪليف ڏيندو يا ڏڪوئيندو
آهي ته يڪدم ڊوڙي وڃي مائٽن کي دانهن ڏيندو آهي، ۽
اهي وري جي ٽارڻ واري سان پڄي نه سگهندا آهن ته پڇي
بادشاهه وٽ دانهن کڻي ويندا آهن. پر مون سان ته
ڳالهه ئي ابتڙ ٿي آهي. ماءُ پيءُ مونکي خوشيءَ سان وڪيو
۽ بادشاهه وٽ ڪسجان ٿو، تنهنڪري ڏاڍو ويچار ٿيم ته
بيگناهه ٿو ڪسجان، هاڻي ڪنهن کي دانهن ڏيان! انهيءَ
ويچار ۾ منهنجون اکيون وڃي آسمان ۾ کتيون، ان مهل
آسمان مان آواز ٻڌم ته: ڇوڪرا! آءٌ بادشاهن جو بادشاهه
آهيان— جنهن کي وٺيم ماريان، جنهن کي وٺيم جياريان— تو
مون مان ٻه اميد لاهي ڇڏي آهي! اها ڳالهه ٻڌي مونکي
برابر کل اچي ويئي.“ ڇوڪري جي هيءَ ڳالهه ٻڌي بادشاهه
رب پاڪ جي ڊپ کان ڏڪڻ لڳو ۽ چيائين ته: ”بيشڪ آهو
بادشاهن جو بادشاهه آهي، جنهن هن معصوم کي بچايو آهي،
اهوئي ڏاڍي تعاليٰ مونکي به هن مرض مان بچائيندو. ٻچا! وڃ،
تون وڃي مائٽن سان مل!“ پوءِ ڇوڪري کي ڏاڍا انعام اڪرام
ڏيئي موٽي وڃڻ جي موڪل ڏنائين. قدرت جي ڳالهه اهڙي
جو ٿورن ڏينهن کان پوءِ بادشاهه کي به ڏاڍيءَ سگهوري صحت
ڏني ۽ هو وڏي شان مان سان وري ويهي حڪومت ڪرڻ لڳو.

١١- يا نصيب*

هڪڙو بادشاھ هو، جنهن کي دين دنيا ۾ هڪڙو پٽ هو. شهزادو اڃ ننڍو سيان وڏو، آخر اچي لائق ٿيو. بادشاھ، شهزادي کي پڙهڻ لاءِ شهر جي هڪڙي مڪتب ۾ هوشيار اُستاد وٽ ويهاريو، جنهن کي هن جي تعليم ۽ تربيت جو گهڻو تاڪيد ڪيائين. اتان شهزادي چڱو علم حاصل ڪيو، ۽ هر فن ۾ قابل ٿي ويو. آخر هن جي دل پڙهڻ کان بيزار ٿي پيئي، سو هڪ ڏينهن پيءُ کي چيائين ته: بابا! هاڻي آءٌ گهڻوئي پڙهيو آهيان، تنهنڪري اُستاد کي اجازت ڏيو. پٽس چيس ته: آبا! يا نصيب. شهزادو پيءُ جو اهو جواب ٻڌي وري به پڙهڻ کي لڳي ويو، پر جڏهن به اهڙيءَ طرح بادشاھ سان پنهنجي علم جي ڳالهه ڪندو هو، ته بادشاھ اهوئي چوندو هوس ته: ابا! يا نصيب.

شهزادي دل ۾ خيال ڪيو ته آءٌ پڙهيو ته تمام گهڻو آهيان، مگر بابي کي الاجي دل ۾ ڪهڙو خيال آهي، جو نه منهنجي شاديءَ جو ذڪر، نه ٻي ڪا دنيا جي ڳالهه ٻولهه ٿو ڪري، هر وقت اهائي ڳالهه ته: ابا! يا نصيب. آخر شهزادو تنگ ٿي پيو. هڪڙي ڏينهن خيال ڪيائين ته، هتي هاڻي وڌيڪ رهڻ مناسب نه آهي، چڱو آهي ته وڃي ڪنهن ٻئي ملڪ جو سير ڪجي ۽ دنيا کي گهمي ڏسجي، باقي هتي ته هر ڳالهه لاءِ ”يا نصيب“ کان سواءِ پيو ڪجهه به ڪونهي.

---

* هيءَ ڳالهه وچولي (تعلقي شهداد پور) مان مير حسن ”سڪايل“ کان ملي.

تنهنڪري اتان نڪري وڃڻ جو پڪو ارادو ڪري پنهنجي پيءُ جي سئيس کي گهرائي چيائين ته: جيڪو سڀني گهوڙن ۾ پلو گهوڙو هجي، اهو سنجي تاهي سونکي آڻي ڏي ته چڙهي ڏسان. پوءِ تيار ٿي پاڻيءَ جي ڪلي پاڻ سان کڻي، سئيس کان گهوڙو وٺي، لانگ ورائي هڪڙي طرف کڻي رخ رکيائين. هلندي هلندي پنهنجي شهر کان تمام پري نڪري ويو، پر ڪابه وسنئُن ڏسڻ ۾ نه آيس، آس به تيز ٿيندي وئي، ڪري سو ڪري ڇا! آخر ڪجھ پنڌ کان پوءِ هڪڙو وڻ نظر آيس، گهوڙو ڪاهي اتي وڃي پهتو. ڏسي ته هڪڙو وڏو جهونو وڻ آهي، پر سندس ٿڙ لسوئي لسو. جيستائين هٿ پيو پڇيس، اوستائين ان ۾ ڪوبه انگهو يا کٽ ڪانه هئي، جنهن ۾ کڻي گهوڙو ٻڌي يا ڪلي ٽنگي سگهي. خيال ڪيائين ته خنجر وڻ ۾ هڻي، ان ۾ کڻي ڪلي ٽنگيان. سو جهڙو زور سان خنجر وڻ ۾ هنيائين... تهڙو هڪڙي وڏي طاقي وڻ سان نڪري وڃي هيٺ ڪري ۽ وڻ ۾ هڪڙو دروازو ٿي پيو. هن انهيءَ دروازي سان نظر ڪئي، ڏسي ته سار! هتي ته ڪو عجيب لقاءُ لڳو پيو آهي.

شهزادو پوءِ اُن دروازي مان اندر گهڙي ويو. ڇا ڏسي ته هڪڙو عاليشان محلات ٺهيل آهي، اُن ۾ هڪڙي خالي کٽ سينگاريل ٺهيل رکي آهي. هي به هٿو تمام گهڻو ٿڪل، سو لت کوڙي، انهيءَ کٽ تي سمهي پيو ۽ اگهور ننڊ ۾ پئجي ويو. گهڻي وقت کان پوءِ جڏهن سجاڳ ٿيو، تڏهن ڏسي ته هڪڙي تمام حسين شهزادي آهي، جا پريان ٻانهيءَ سان گڏ پئي اچي. شهزادي هن کي ڏسي حيران ٿي وئي. تنهن تي ٻانهيءَ چيس ته: شهزادي! تنهنجو مڙس اهوئي آهي، جيڪو تنهنجي سيج تي ستو پيو آهي؛ باقي هاڻي پڇڻ ڪرڻ نامناسب آهي. اتي شهزادي وڃي اچي کٽ تي ويٺي. شهزادي ۽ هن پاڻ ۾ دل جا حال احوال ڪيا ۽ شاديءَ

جو ۽ عهد ڪري ڏينهن مقرر ڪيائون. شهزاديءَ چيس ته: ستن ڏينهن کان پوءِ آءٌ تنهنجي حوالي آهيان، جيڏانهن ڪٿي تيڏانهن وٺي هلجانءِ. اهي ست ڏينهن صبر ڪر، جو انهن ستن ڏينهن ۾ آءٌ توکي نه ملي سگهنديس- پر رات جو وري به موتي اچي توکي ڏسيو وينديس. انهيءَ وچ ۾ تون هن باغ ۽ محلات جو سير پيو ڪج، پر هي سامهون جيڪي چار ڪوٺيون آهن، انهن کي کولي اندر نه وڃج- اها ڳالهه ياد رکج! شهزادي اها ڳالهه قبول ڪئي. پوءِ شهزادي پانهيءَ سميت اٿي هلي ۽ نظر کان غائب ٿي ويئي. باقي شهزادو اتي ئي محلات ۾ رهڻ لڳو.

شهزادي کي اتي رهندي ٽي ڏينهن گذري ويا. چوٿين ڏينهن دل ۾ خيال ڪيائين ته انهن ڪوٺين ۾ الاجي ڇا آهي، جو نه اهو ڏسجي. اهو خيال ڪري انهن چئني ڪوٺين مان هڪڙي کوليائين. ڇا ڏسي ته هڪڙو مهري آٿ بيٺو آهي، جنهن هن کي ڏسي چيو ته: جيڪڏهن مون تي چڙهين، ته ڏاڍو سير ڪرائينءِ. شهزادو به ٽپ ڏيئي اُن تي چڙهي ويٺو. آٿ هن کي گهمائي ڦيرائي اهڙي هنڌ اچي ڪڍيو، جتي اها ساڳي شهزادي پانهيءَ سميت مٿائي ورهائي رهي هئي. هن کي به مٿائي ڏيڻ لاءِ هو اڳتي وڌيو، پر شهزادي دل ۾ خيال ڪيو ته متان سڃاڻي وٺن، سو آتان کسڪي پوئتي وريو ۽ اچي محلات ۾ چپ ڪري ويهي رهيو. اهڙيءَ طرح پنجين ڏينهن وري ٻيءَ ڪوٺيءَ کي کولي ڏٺائين ته اتي هاٿي بيٺل ڏسڻ ۾ آيس، جنهن چيس ته: مون تي سوار ٿين ته ڏاڍو سير ڪرائينءِ! هيءُ ٽپ ڏيئي هاٿيءَ تي چڙهي ويٺو، ۽ هاٿي به هن کي ساڳيءَ ڪچهريءَ ۾ ڪٺي ويو. شهزادو سڀڪجهه ڏسي وري به واپس وريو، ۽ اچي محلات ۾ پهتو. ٽئين ڏينهن وري ٽئين ڪوٺيءَ جو خيال آيس. در کوليائين ته هڪڙو گهوڙو بيٺل ڏٺائين، جنهن به ساڳي ڳالهه

چيس. شهزادو ان تي به لانگ ورائي چڙهي ويٺو، جنهن به ڪٺي وچ ۾ ساڳي ڪچهري ڏيکاريس. ستين ڏينهن آخر شهزادو چوٿينءَ ڪوٺيءَ ۾ ويو، جتي ڏٺائين ته هڪڙو گڏهه بيٺو آهي، جنهن هن کي ڏسي چيو ته: جي مون تي چڙهين ته ڏاڍا مزا ڏيکاريئين! شهزادو جو اڳيئي هريل هو، سو ٽپ ڏيئي گڏهه تي چڙهي ويٺو. گڏهه به چا ڪيو جو شهزادي کي ڦيرائي ڦيرائي هڪڙي هنڌ اهڙو زور سان ڪٺي پٽ تي هنيو، جو شهزادي جي ٽيپهه وچ زمين سان لڳي ۽ بيهوش ٿي ويو. جڏهن هوش ۾ آيو، تڏهن ڏٺائين ته سندس گهوڙي جي زبان آچ ۽ بک کان ٻاهر پيئي لڙڪي، ۽ پاڻ انهيءَ ساڳئي وڻ جي پاڙ ۾ ڪريو پيو آهي. شهزادو اٿي بيهي وڻ کي خنجر هڻڻ لڳو، مگر طاقي وري ڪانه کلي. اتي هو ڏاڍو حيران ٿيو. ٻي ڪا واهه نه ڏسي اٿي سڌو پنهنجي شهر واپس آيو، ۽ اچي پيءُ سان مليو. پيءُ هن کي ڏسڻ ئي چيو ته: آبا! يا نصيب. اتي شهزادي پيءُ کي چيو ته: بابا! انهيءَ يا نصيب جو مطلب مونکي سمجهايو! تنهن تي بادشاهه چيس ته: ابا! تون جو اٺ تي، هاٿيءَ تي ۽ گهوڙي تي ساندهه ٽي ڏينهن چڙهي شهزاديءَ جي ڪچهريءَ ۾ وئين... ۽ سڻائي نه ورتئي، سو چو؟ تڏهن ته آءٌ چوندو آهيان ته "ابا! يا نصيب."

١٢- ننڍو وزير*

هڪڙو غريب ڪاٺير هو، جو روزانو جهنگ مان ڪاٺيون ڪري اچي پر واري شهر ۾ وڪڻندو هو، جنهن مان هن کي ننڍو ملندو هو، ۽ ويچارو انهيءَ ننڍي مان پيو پنهنجو ڏکيو سُکيو گذرسفر ڪندو هو. هڪ ڏينهن جيئن هو شهر مان ڪاٺيون وڪڻي گهر پئي آيو، تيئن هڪڙي چاڪيءَ سڏ ڪري چيس ته: اَيٰ شخص! تون ڏسڻ ۾ تمام مسڪين ٿو اچين. مونکي ماڻهوءَ جي ضرورت آهي، جي مون وٽ پگهار تي بيهين ته هوند ڏاڍو خوش رهين! ڪاٺير دل ۾ خيال ڪيو ته پنهنجو ڪم ننڍي روز سان، سو جهڙو چور وٽ تهڙو چاڪيءَ وٽ— پيا وهنداسين. سو چاڪيءَ کي چيائين ته: هائو ادا! - آءٌ بيهندس. چاڪيءَ پڇيس ته: پگهار ڇا وٺندين؟ ڪاٺير جواب ڏنس ته: ننڍو روز. چاڪيءَ ڏٺو ته هيءُ شخص ته بنهه ڪو ڀالو ڀولو ٿو ڏسجي، سو ننڍي روز تي ڪٺي پاڻ وٽ بيهاريائينس. ڪاٺير، جو اڳيئي محنت تي هيريل هو، سوڏينهن رات چاڪيءَ وٽ دل لائي محنت ڪرڻ لڳو. هونءَ جو چاڪيءَ جي گهاڻي ۾ ڪُتو جوٽ ۾ چار نَريون مس لهنديون هيون، سو ڪاٺير جي اچڻ ڪان پوءِ هن جون پيٽيون ليٽيون نريون لهڻ لڳيون— ۽ ڏينهن ڏينهن چاڪي شاهوڪار ٿي ويو. پر ڪاٺير جو اهو ئي ننڍو روز... ۽ ائين ڪيترائي ڏينهن گذري ويا.

---

* هيءَ ڳالهه وچولي مان برادي ڪيڙي (تعلقو هالا) ۽ قاضي نورمحمد (تعلقو حيدرآباد) کان ملي.

آن ملڪ جي بادشاهه جو دستور هوندو هو ته روزانو رات جو چمڙاپوش ڪري، رعيت جو ڏک سک ۽ ملڪ جو واءُ سٽاءُ لهڻ نڪرندو هو. پهريائين جڏهن بادشاهه انهيءَ چاڪيءَ جي گهر وٽان لنگهندو هو ته چاڪيءَ جو گهر ڪڪائون ڏسندو هو ۽ هن جو گهاڻو ڪڏهن وهندو پيو هو ته ڪڏهن بيٺو هوندو هو. ٿورن ڏينهن کان پوءِ بادشاهه، چاڪيءَ جي ڪکائين جهوپڙيءَ بدران آتي هڪ عاليشان پڪسيري جڳهه ڏٺي، ۽ گهاڻو وهندو ڏٺو. تيئن بادشاهه کان رهيو نه ٿيو، سو لنگهي اندر ڏٺائين ته چاڪي سُتو پيو آهي، ۽ هڪ شخص آهي جو گهاڻي کي لڳو پيو آهي. بادشاهه سلام ورائي آن کان پڇيو ته: اي شخص! تون هن گهاڻي جو مالڪ آهين؟ ڪاٺير جواب ڏنو ته: نه سائين! هن گهاڻي جو مالڪ سُتو پيو آهي، ۽ آءُ هن وٽ پگهار تي آهيان. بادشاهه پڇيس ته: هيءُ توکي ڪيترو پگهار ڏيندو آهي؟ ڪاٺير چيو ته: سائين! ٽڪو روز. بادشاهه اهو ٻڌي وائڙو ٿي ويو، چيائين ته: هيتري ساري محنت ۽ صرف ٽڪو روز! ڪاٺير جواب ڏنو ته: سائين مالڪ خوش ته آءُ خوش، آءُ هن ٽڪي ۾ ئي خوش آهيان. اهو ٻڌي بادشاهه دل ۾ چيو ته هيءُ ته ڪو نيڪ انسان ٿو ڏسجي: سو ڪاٺير کي چيائين ته: مون وٽ نوڪري ڪندين؟ ڪاٺير جواب ڏنو ته: سائين! مون لاءِ ته ڳالهه ساڳي آهي، پر مالڪ کان اجازت وٺو. بادشاهه اها ڳالهه خوشيءَ سان قبول ڪئي، ۽ چاڪيءَ کي اُٿاري ڪانئس ڪاٺير جي اجازت ورتائين. پلا چاڪي بادشاهه کان ڪٿي ٿو ڪنڌ ڪڍائي سگهي، سو هٿ ٻڌي بيهي رهيو ۽ ڪاٺير کي خوشيءَ سان اجازت ڏنائين. جڏهن بادشاهه، ڪاٺير کي وٺي آتي هليو، تڏهن هن کان پڇيائين ته: پگهار ڇا وٺندين؟ ڪاٺير جواب ڏنو ته: سائين! ٽڪو روز. تڏهن بادشاهه ڪيلي ڪاٺير کي چيو ته: چڱو ميان! اڄ کان تنهنجو نالو ٿي

مِيان ٽڪو آهي، ۽ تنهنجو ڪم صرف اهو آهي، جو رات جو محلات تي پهرو ڏيندين. ڪاتير اهاڳالهه قبول ڪئي. پوءِ هر روز ڏينهن جو آرام ڪندو هو ۽ رات جو محلات تي پهرو ڏيندو هو.

ائين ڪيترائي ڏينهن گذري ويا. هڪڙيءَ رات اهڙو اچي واقعو بڻيو، جو جيئن هي پهرو ڏيئي رهيو هو، تيئن پري ڪان رڙين جو آواز پڌائين. ڪاتير رڙين جي آواز تي ڪن ڦيرڙايا ۽ پنهنجو ڏنڊو سنڀاليو، جتان رڙين جو آواز پئي آيو، اوڏانهن روانو ٿيو. اڳيرو ٿي ڏسي ته رڙين جو آواز محلات جي پاسي واري ڦاسي گهاٽ مان پيو اچي. هيءُ به اندر ڦاسي گهاٽ ۾ لنگهي ويو. ڏسي ته هڪ وڻ آهي، جنهن تي هڪڙو ڇوڪرو پيو لڙڪي ۽ هيٺيان هڪڙي زال ويٺي رڙيون ڪري. هيءُ اچي زال وٽ پهتو ۽ پڇيائينس ته: مائي! ڇو ٿي رڙيون ڪرين؟ مائيءَ جواب ڏنو ته: هيءُ منهنجو پٽ آهي، جنهن کي بادشاهه اڄ ڦاسي ڏني آهي، هاڻي آءٌ منهن ڏسڻ آئي آهيانس، پر هي ته تمام مٿي آهي، آءٌ ته پهچي نٿي سگهان، هاڻي منهنجي ڪا مدد ڪر. مِيان ٽڪي چيس ته: چڱو مائي! تون منهنجي ڪلهن تي چڙهي ڇوڪري کي ڪٺي لاهي وٺ. پوءِ هن مائيءَ کي ڪلهن تي چاڙهيو ۽ سڌو ٿي اٿي بيٺو. مائيءَ ڇا ڪيو جو ڇوڪري کي قابو جهلي، آتي جو آتي آن جو هيانءُ ڪڍي ورتائين. جڏهن هيٺ مِيان ٽڪي تي ڇوڪري جي رت جا ڦڙا ڪريا، تڏهن ڪنڌ مٿي ڪئي. ڏسي ته مارا! هن ڏائڻ ته ڇوڪري جو هيانءُ ڪڍي ورتو! پر تيستائين ڏائڻ هن جي ڪلهن تان لهي وڃي پڳي. مِيان ٽڪي به يڪدم ڏنڊو ڪڍي ٺڪاءُ ڪرايو ڏائڻ کي، جو وڃي هن جي پانهن ۾ لڳو، ۽ سندس پانهن پڃي پيئي، ڏڪ لڳڻ سان ڏنڊو به گنديءَ ۾ وڃڙي پيو، جنهنڪري گندي ڏنڊي ۾ ويڙهجي اتي ڪري پيئي ۽ ڏائڻ وڃي

پڳي. ميان ٽڪي کي ڏاڍ جي پڇي وڃڻ جو ڏاڍو خيال ٿي پيئو، پر ڪري ڪجهه به نه سگهيو. لاچار ماٺ ڪري اها گندي ڪٽي واپس پنهنجي ساڳئي تي آيو. صبح جو هن گندي ڪٽي آڻي بادشاهه کي ڏني ۽ رات واري سڄي حقيقت به ٻڌايائينس. بادشاهه اها گندي ڪٽي پنهنجي محلات ۾ ويو. اُن بادشاهه کي ست راڻيون هيون، تن جڏهن ههڙي خوبصورت گندي ڏٺي، تڏهن هرڪا چوي ته: اها گندي آءٌ پايان. نيٺ بادشاهه به منجهي پيو ته آخر گندي هڪڙي سا ڪنهن کي ڏجي؟ لاچار راڻين کي چڙي، گندي ڪٽي سڏ و آيو ٽڪي وٽ ۽ چيائينس ته: ميان ٽڪا! ههڙيون ٻيون به ڇهه گنديون آڻي ڏي، ۽ آڻيون به ضرور آڻڻيون. اهو ٻڌي ويچارو ٽڪو حيران ٿي ويو ته هاڻي اهڙيون گنديون اچن سي اچن ڪٿان؟ لاچار اها گندي ڪٽي، سهي سنڀري بادشاهه کان موڪلائي، آڻي سفر تي روانو ٿيو.

ڪن ڏينهن جي سفر بعد هو هڪڙي اهڙي ملڪ ۾ اچي نڪتو، جنهن جي بادشاهه کي هڪ ڌيءَ ۽ هڪ پٽ کان سواءِ ٻيو ڪوبه اولاد ڪونه هو. قدرت وري اهڙي جو، سندس پٽ کي اهڙو ڪو مرض هو، جو ٽڪي ٽڪي جيئن ڪو ماڻهو صفا مري ويندو آهي، تيئن مري ويندو هو؛ پر جڏهن اُن جو لاش ڪٽي قبرستان ۾ دفن ڪرڻ* ويندا هئا، ته ڪانڌين مان ته ڪوبه واپس ڪونه ايندو هو؛ باقي شهزادي جو لاش جيئرو جاڳندو وري محلات ۾ ايندو هو ـــ ۽ رات ٿيندي هئي ته وري اِن جي ساڳي حالت ـــ ۽ جي قبرستان ڏي نيندا هئس ته اهو ئي لاش جو لاش ٻيهر گهر ۾ پيو هوندو هو. انهيءَ ڪري بادشاهه جو حڪم هو ته: جيڪي به پرديسي شهر ۾ اچن، هر رات انهن مان ٻن کي لاش سان ڪانڌي ڪيو وڃي. حڪم موجب جيڪو به ٻاهريون ماڻهو شهر ۾ پيو ايندو هو، اُن کي پڪڙي بادشاهه وٽ آڻي پيش ڪندا

هئا. جڏهن ميان لڪو ان شهر ۾ پهتو، تڏهن اُن ڪي به دستور موجب سپاهين پڪڙي اچي بادشاهه وٽ پيش ڪيو. بادشاهه حڪم ڏنو ته: جيستائين پيو ڪو ماڻهو هٿ اچي، تيستائين هن کي لاش واري ڪوٺيءَ ۾ چڏي اچو. پوءِ سپاهين هن کي وٺي وڃي شهزادي جي لاش واري ڪوٺيءَ ۾ چڏيو ۽ ٻاهران ڪلف ڏيئي چڏيائون. هيءُ ويچارو حيران ته هيءَ مون سان ڪهڙي ماجرا ٿي! پر آخر ڪري به ڇا ٿي سگهيو؟ ماٺ ڪري لاش جي پاسي ۾ هڪ اونداهيءَ ڪنڊ ۾، ڏنڊو پاسي ڪان رکي ويهي رهيو. ٿوريءَ دير کان پوءِ ڏسي ته جاءِ جي دريءَ مان هڪڙو ديو اندر گهڙي آيو ۽ ايندي شرط پٽ تي ويهي، بغل مان هڪ چوپڙ ڪڍي ڪٽي اڳيان رکيائين. پوءِ ان چوپڙ کي ڪٽي سنئون ڪيائين ته شهزادو جيئرو ٿي اُٿي ويهي رهيو. پوءِ گهڻيءَ دير تائين، ديو ويهي شهزادي سان چوپڙ راند ڪئي ۽ وڃڻ وقت وري به ڪٽي چوپڙ اونڌي ڪيائين ته شهزادو لاش جو لاش ٿي ڪري پيو. ديو جيئن پنهنجي چوپڙ ويڙهڻ لڳو، تيئن ميان لڪي ڪيس بيخيالو ڏسي، خدا کي ياد ڪري، پنهنجو ڏنڊو سنڀاري پر ڪري ڪٽي مٿي ۾ لڳاءِ ڪرايس. ديو هي اوچتي آفت ڏسي اهڙو ته دهلجي ويو، جو چوپڙ به اُتي ئي وسري ويس ۽ ائين وٺي ڀڳو جو پتو ئي ڪونه پيو. ميان لڪي اها ديو واري چوپڙ ڪٽي پاڻ وٽ قابو ڪئي. انهيءَ وچ ۾ بادشاهه جي سپاهين ڪي، ڪو پيو مسافر ملي ڪونه سگهيو، سو ميان لڪي کي شهزادي جي لاش واري ڪوٺيءَ ۾ ويئي ويئي ساري رات گذاري ويئي.

جڏهن صبح ٿيو تڏهن بادشاهه جو وزير سڱلي کي وٺي ميان لڪي جي ڪفن دفن لاءِ اچي ڪوٺيءَ جي ٻاهران بيٺو. جو ته انهن کي پڪ هئي ته رات وچ ۾ هو ختم ٿي ويو هوندو. هي ڪوٺي جو در لاهي جهڙو اندر ٿي گهڙيا، تهڙو

ميان ٽڪو ڏنڊو ڪٺي پنيان ڪاهي پين. سُلو ۽ وزير ڊپ ۾ آئي پگا ۽ سڌو اچي بادشاهه اڳيان بيٺا. بادشاهه جڏهن ڪانئن حقيقت پڇي، تڏهن ٻڌايائون ته: بادشاهه سلامت!، راتوڪو مسافر ته جيئرو جاڳندو اندر ويٺو آهي، اسين وياسين ته مرڳو ڏنڊو ڪٺي اسان جي پويان ڪاهي پيو. بادشاهه پاڻ اها ڳالهه ٻڌي عجب ۾ پئجي ويو، ۽ چيائين ته: چڱو، هلو ته آءٌ ٿو هلي ڏسان. پوءِ بادشاهه، وزير سان گڏجي سڌو اُن شهزادي واري ڪوٺيءَ تي آيو. ميان ٽڪي جو بادشاهه ڪي ايندو ڏٺو، تنهن يڪدم اچي ڪيس ادب سان سلام ڪيو، ۽ هٿ ٻڌي چيائين ته: بادشاهه سلامت! مون سڄي رات شهزادي جي علاج جو ويچار ڪيو آهي... هاڻي جيڪڏهن آءٌ شهزادي کي انهيءَ بيماريءَ کان صفا چڱائي ڇڏيان ته؟ بادشاهه چيس ته: اي مسافر! مون هڻ لاءِ اڳيئي اعلان ڪري ڇڏيو آهي ته 'جيڪو به ماڻهو شهزادي کي اُن مرض مان آجو ڪندو، اُن کي اڌ راڄ جو ڏيندس ۽ پنهنجي ڌيءَ به اُن کي پرڻائيندس'. ميان ٽڪي چيو ته: چڱو بادشاهه سلامت! هاڻي مون سان گڏجي اندر ڪوٺيءَ ۾ اچو. جڏهن هي سڀ اندر شهزادي جي لاش وٽ پهتا، تڏهن ميان ٽڪي چوپڙ ڪڍي زمين تي رکي، پوءِ جو ڪٺي سنئون ڪيائينس ته شهزادو جيئرو جاڳندو اٿي ڪڙو ٿيو، ۽ پنهنجي پيءُ کي سڃاتائين، يڪدم پاڪر پائي چنبڙي پيو. شهزادي کي چڱو ڀلو ڏسي، بادشاهه ڏاڍو خوش ٿيو ۽ هڪدم سڄي شهر ۾ جشن ڪرڻ جو حڪم ڏنائين. پوءِ ميان ٽڪي اها چوپڙ ساڙي ڇڏي. ٽن ڏينهن جي جشن بعد، بادشاهه ڏاڍي ڌامڌوم سان سندس شادي شهزاديءَ سان ڪرائي، ۽ پنهنجو اڌ راڄ به ڪين ڏاج ۾ ڏنائين.

ڪجهه ڏينهن جي عيش آرام ڪسان پوءِ ميان ٽڪي گنديءَ واري حقيقت بادشاهه ۽ شهزاديءَ سان ڪئي ۽ ڪانئن اجازت وٺي، آئي مسافريءَ تي نڪتو. ڪن ڏينهن جي

مسافريءَ بعد هڪڙي بريت ۾ اچي پهتو. آتي هن کي پري کان گنبذ جي نموني هڪڙي عاليشان جڳهه ڏسڻ ۾ آئي. هن خيال ڪيو ته ڪجهه دير انهيءَ جڳهه ۾ آرام ڪجي ۽ پوءِ اڳتي هلجي. سو وڏي اچي اُن جڳهه وٽ پهتو. چا ڏسي ته جڳهه جي پاسي کان هڪڙي ڪسي هيرن جواهرن جي پيئي وهي. اهڙي ڪسي ڏسي هو عجب ۾ پئجي ويو ۽ ڪيتري دير آتي ئي ويٺو رهيو. آخر ٿوريءَ دير کان پوءِ هو دروازي کولڻ لاءِ جڳهه کي چوڌاري ڦرڻ لڳو، پر هن کي ڪوبه دروازو هٿ نه آيو. نيٺ سانڍي ڪري هڪڙي پاسي اهو خيال ڪري لڪي ويهي رهيو، ته ڏسان ته هن جڳهه ۾ ڪهڙو اسرار آهي، جو نه اُتي در نه دروازو اچان ويرم ئي ڪانه گذري ته ڏسي ته اهو ساڳيو ديوُ، جنهن کي مٽي ۾ ڏنڊو هنيو هئائين، سو سٽيندو سينهن واچ ڪندو، انهيءَ جڳهه ڏي پيو اچي. جڏهن ديوُ ان جڳهه کي ويجهو آيو، تڏهن پٽ تي هڪڙي هنڌ هٿ هنيائين ته دروازو ظاهر ٿي پيو ۽ هو اندر هليو ويو. ميان ٽڪي اهو دروازي وارو هنڌ ڏسي ڇڏيو، پوءِ ماٺ ڪري سمهي پيو. جڏهن صبح ٿيو، تڏهن ڏٺائين ته ديوُ ساڳئي هنڌان ٻاهر نڪري جهنگل ڏي هليو ويو. هي يار به اُن دروازي مان لنگهي ٿيو اندر ۽ هلندو هلندو اچي هڪڙي ڪوٺيءَ وٽ پهتو. ڪوٺيءَ ۾ اندر وڃي ڏسي ته هڪ نازنين آهي جا پلنگ تي تمام گهريءَ ننڊ ۾ گنديءَ تاڻي سُتي پئي آهي. ٽڪي جو سندس منهن تان گندي لاٿي ته ان جي سيسي ڏٺ کان ڏار ٿيل ڏٺائين ۽ ان مان جيڪي رت جا ٽيپا ڪريا ٿي، سي وري ڪٽ هيٺان پاڻي ۾ وهنڊڙ ڪسي ۾ پئجي هيرا موتي ٿي پيا ٿي. هي عجب ۾ پئجي وائڙن وانگر هيڏانهن نهارڻ لڳو. اوچتو ان نازنين جي سيرانديءَ واريءَ پاسي، جاري تي هڪ اونڌي تختي رکيل ڏٺائين، جنهن تي هڪ نقش پڻ اُڪريل هو. هن اها تختي سنئين ڪري نازنين جي منهن تائين

آندي تہ هوءَ مجاڳ ٿي آٿي ويهي رهي، ۽ جڏهن ميان ٽڪي تي نظر پيس تہ آن ڪي ڏسڪائڻ لڳي ۽ پڇيائينس تہ: تون ڪير آهين ۽ هتي ڪيئن آيو آهين؟ هن جواب ڏنس تہ: اي نازنين! تون ڪاوڙ ج نہ، آءٌ هڪ مسافر آهيان ۽ رلندي رلندي اچي هتي نڪتو آهيان. تڏهن نازنين چيس تہ: اي نوجوان! تون چڱو ماڻهو ٿو ڏسجين، تنهنڪري بهتر ٿيندو تہ تون هينئر ئي هتان هليو وڃ، نہ تہ جيڪر سنهنجي پيءُ توکي هتي ڏسي ورتو تہ آفت ماري ڇڏيندءِ. اتي ميان ٽڪي وري چيس تہ: اي نازنين! اهڙو ظلم تہ نہ ڪر، هينئر آءٌ ڪيڏانهن وڃان؟ هتي تہ ٻي ڪا اهڙي وسنئن بہ ڪانهي، جتي وڃي پاڻ لڪايان. هن جي انهن ڳالهين تي نازنين کي مٿس رحم اچي ويو، سو چيائينس تہ: چڱو پلا، تون هن وڏي پيتيءَ ۾ لڪي ويهہ، پوءِ بابو ايندو تہ آءٌ پاڻهي ان سان سمجهنديس. اهو ٻڌي ميان ٽڪو ڪجهہ سرهو ٿيو ۽ ان نازنين کي چيائين تہ: چڱو، آءٌ هن پيتيءَ ۾ لڪي ٿو ويهان، پر جڏهن تنهنجو پيءُ اچي، تہ آن کان پڇج تہ هو ڪنهن کان ڊڄندو بہ آهي يا نہ؟ نازنين اها ڳالهہ قبول ڪئي، پوءِ هيءُ وڃي پيتيءَ ۾ لڪي ويهي رهيو. ڪا مهل ٿي تہ ديو بہ "آدم بوءِ، آدم بوءِ" ڪندو اچي نڪتو. ڌيءُ چيس تہ: بابا! آدمزاد جي ڪهڙي مجال جو هتي اچي سگهي! اهو ٻڌي ديو ڪٽي ساٺ ڪئي ۽ پنهنجي ڌيءُ سان ويهي رهاڻ ڪرڻ لڳو. رهاڻ ڪندي، ڪجهہ دير کان پوءِ ڌيءُ پڇيس تہ: بابا! تون ڪهڙي شيءِ کان ڊڄندو آهين؟ تڏهن ديو چيس تہ: ڌيءُ! آءٌ فقط ميان ٽڪي کان ڊڄندو آهيان، جنهن سونکي اهڙو ڏنڊو ڏنيو هو، جو اڃان مٿي ۾ ڦٽ پيئو آهي. اتي ميان ٽڪو بہ پيتيءَ مان ٻاهر نڪري، ڏنڊو ڪڍي اچي ديو جي سامهون بيهي رهيو، ۽ چيائينس تہ: اڃان ڳالهہ ڪٿي آهي؟ جهل مٿو، پيو ڏنڊو ٿو اچيئي! ديو جو

مياڻ ٽڪي کي ۽ اُن جي همٿ ۾ ڏندو ڏٺو، سو اچي ٽڙڪي
پيس ۽ يڪدم همٿ ڇڏي اتي ويهي رهيو ۽ مياڻ ٽڪي کي
چيائين ته: بيلي، شالو اتي الله جو، پيو ڏک نه هڻج، مونکي
جيئدان ڏي، آءٌ پنهنجي ڌيءَ جي شادي به توسان ٿو ڪرايان.
اتي بيان ٽڪو به ڪجهه ڊرو ٿيو، پوءِ ٻئي ڏينهن ديو پنهنجي
ڌيءَ جي شادي مياڻ ٽڪي سان ڏاڍي ڌام ڌوم سان ڪئي،
مياڻ ٽڪي اتي به ٻه ٽي ڏينهن عيش آرام سان گذاريا. پوءِ
گهڻن ڏينهن جي گهولا واري ڪم جي ڳالهه ٻڌائي، اتان موڪلايائين
۽ اڳتي پنڌ پيو.

ڪيترن ڏينهن جي مسافريءَ بعد هن کي پري کان
هڪڙو قلعو نظر آيو، جو سڄو سفيد پٿر جو ٺهيل هو، ۽
پري کان پيو چلڪيو. جڏهن قلعي جي ويجهو آيو، تڏهن
ڏٺائين ته اُن قلعي کي فقط هڪڙو دروازو هو. پوءِ هن گهڻئي
در کڙڪايو ۽ سڏ ڪيائين، پر ڪو بني بشر هن جي سڏ
تي ٻاهر ڪونه نڪتو. لاچار ٿي آهستي آهستي ڪري دروازو
کولي اندر قلعي ۾ گهڙي ويو. اندر هن کي هڪڙو تلاءُ
ڏسڻ ۾ آيو، جنهن جي چوڌاري پاسن کان هڪ هڪ سون جو
ٺهيل هاٿي بيٺل هو، جن سان پاڻيءَ جا ڦوهارا نڪري رهيا
هئا. تلاءَ جي ڪپ تي هڪ ڪوٺي ٺهيل هئي، جنهن جو
در ڀيڪوڙيل هو. هي آهستي آهستي دروازو کولي اندر گهڙي
ويو. ڪوٺيءَ ۾ گهڙڻ سان سندس نظر پلنگ تي ويٺل هڪ
خوبصورت ڇوڪريءَ تي وڃي پئي، ڇوڪريءَ جو هن کي ڏٺو
ته يڪدم اٿي بيٺي ۽ هن کي ٻانهن کان جهلي ادب سان
اچي کٽ تي ويهاريائين. مياڻ ٽڪي، ان کان پڇيو ته تون
ڪير آهين ۽ هتي ڪيئن اچي ڦاٿي آهين؟ تڏهن ڇوڪريءَ
ٻڌايس ته: آءٌ هتي پنهنجي ماءُ سان گڏ رهندي آهيان—
تو جهڙي شهزادي جوان کي ڏسي، مونکي ڏاڍي خوشي ٿي
آهي، پر ڇا ڪجي جو تون خود هن طلسمي چڪر ۾ اچي

ڦاٿو آهين. هاڻي هتان تنهنجو بچڻ مشڪل آهي. تڏهن
ميان ٽڪي پڇيس: سو وري ڪيئن؟ ڇوڪريءَ ٻڌايس ته:
منهنجي ماءُ ڏائڻ آهي، جا توکي ماري ڇڏيندي. اِتي هن
کي شڪ پيو ته متان آها ساڳي ڏائڻ نه هجي، جنهن ان
رات ڇوڪري جو هيانءُ ڪڍيو هو، جنهن جي گندي ٻه مون
وٽ آهي؛ سو ڇوڪريءَ کي چيائين ته: تون گهٻراءِ نه، آءٌ
لڪي ٿو وڃان؛ پر تون رڳو ايترو ڪج، جو جڏهن تنهنجي
ماءُ اچي، تڏهن تون ڳالهه ڪندي، ان کان صرف ايترو پڇج
ته: تون ڪنهن کان ڊڄين به ٿي يا نه؟ ڇوڪريءَ اها
ڳالهه قبول ڪئي. پوءِ هن کي دروازي جي اوٽ ۾ لڪائي
ويهاريائين. ڪا مهل ٿي ته ڏائڻ به اچي اتي نڪتي.
ميان ٽڪي ڏسڻ سان سڃاڻي ورتس ته هيءَ اها ساڳي ڏائڻ
آهي. ڏائڻ سڌو اچي پلنگ تي ويٺي ۽ ڌيءَ سان ڳالهيون
ٻولهيون ڪرڻ لڳي. ٿوريءَ دير کان پوءِ ڇوڪريءَ ماءُ کان
پڇيو ته: امڙ! تون ڪنهن کان ڊڄين به ٿي يا نه؟ تڏهن
ماڻس چيس ته: ڌيءَ! عمر ۾ رڳو ميان ٽڪي کان مس مس
جند ڇڏائي سگهي هيس، جنهن ڏندي سان هٿي منهنجي ٻانهن
ٽي پچي وڌي هئي؛ باقي ٻئي ڪنهن کان به ڪونه ٿي ڊڄان.
اهو ٻڌي ميان ٽڪو به ڏندو سنڀرائي، دروازي جي اوٽ مان
نڪري ظاهر ٿيو ۽ ڏائڻ کي هڪل ڪري چوڻ لڳو: هاڻي ٻهل
ٻي ٻانهن، اچئي ٿو ڏندو! اتي ڏائڻ جا حواس ئي خطا ٿي ويا
۽ دانهن ڪري چيائين: ميان ٽڪا! خدا جي واسطي مونکي
جيئدان ڏي — آءٌ پنهنجي ڌيءَ جو سڱ توکي ٿي ڏيان ۽ پيو
به جيئڻ چوندين تيئن ڪنديس. اهو ٻڌي ميان ٽڪو ڏاڍو
خوش ٿيو. ٻئي ڏينهن ڏائڻ جي ڌيءَ سان شادي ڪري، آتي
عيش آرام سان رهڻ لڳو.

ڪجهه ڏينهن گذرڻ بعد، هڪڙي ڏينهن ميان ٽڪي
گندي ڪڍي پنهنجيءَ سس ڏائڻ کي ڏيکاري، ۽ چيائينس

تہ : درحقيقت آءٌ انهن گندين جي گولا ۾ نڪتو آهيان. تڏهن ڏائڻ چيس تہ : اهڙين گندين جي تہ مون وٽ ڪمي ڪانهي، سو جڏهن تون وڃين تڏهن جيتريون گنديون گهرجنئي اوتريون کڻي وڃ. ٿورن ڏينهن بعد ميان ٽڪي ڏائڻ کان موڪلايو، جنهن کيس خوشيءَ سان اجازت ڏني، ڪڙي پري گندين جي ۽ هڪڙي آڏام کٽولي بہ ڏنائينس ۽ چيائينس تہ : هن آڏام کٽوليءَ کي جتي بہ چوندين آتي هلي توهان کي لاهيندي. پوءِ هيءُ پنهنجي زال ۽ گندين جي پريءَ سميت آڏام کٽوليءَ تي چڙهي ويٺو ۽ سڌو اچي ديو جي محلات تي لٿو. ديو جي ڌيءَ هن کي ڏسي ڏاڍي خوش ٿي. ميان ٽڪي بہ ٽي ڏينهن اتي رهي ديو کان واپس وطن ورڻ جي اجازت گهري. ديو کين خوشيءَ سان اجازت ڏني ۽ هلندي مهل هڪ جوڙي جادوئي ڏونڪا ڏيئي چيائينس تہ : جنهن وقت بہ ڪا اوکي پويئي تڏهن هنن ڏونڪن کي وڄائجئين تہ اسين سڀ اچي تو وٽ پهچنداسين. ميان ٽڪي اهي ڏونڪا وٺي پاڻ وٽ قابو ڪيا، پوءِ پنهي زالن سميت آڏام کٽوليءَ تي چڙهي وطن ڏانهن روانو ٿيو. واٽ تي آن بادشاهہ وٽان بہ ٿيندو آيو، جنهن جي پٽ کي جيئرو ڪيو هئائين، ۽ آتان پنهنجي ٽئين زال شهزاديءَ کي بہ پاڻ سان کنيائين. رستي ۾ ديو جي ڌيءَ چيس تہ : جنهن وقت پنهنجي وطن کان هڪ ميل ڪن اورتي پهچين، تڏهن مونکي ٻڌائج. جڏهن ميان ٽڪو پنهنجي ملڪ کان ميل ڪن اورتي هو، تڏهن ديو جي ڌيءَ کي ٻڌايائين تہ : هاڻي پنهنجي ملڪ جي حد ۾ داخل ٿيا آهيون. ديو جي ڌيءَ کيس هڪدم آتي لهڻ جي صلاح ڏني، جنهنڪري هو آتيئي لهي پيا. پوءِ ديو جي ڌيءَ پٽ کان مليل ڏونڪا وٺي زور سان وڄايا تہ کڻ پل ۾ ديو ديو جي ذات اچي آتي ميڙ ٿي. پوءِ هن انهن کي حڪم ڏنو تہ : هتي هڪ عاليشان محل تيار ڪريو. بس، حڪم جي دير هئي، يڪدم محل تيار ٿي ويو ۽ ميان ٽڪو

تنهي راڻين سميت ان ۾ رهڻ لڳو. ٻئي ڏينهن رهي بادشاهه کي ليکو موڪليو، جنهن ۾ گنڊين ڪٽڻ لاءِ پنهنجي وزير کي وٽس موڪليو، وزير گنڊين ڪٽڻ لاءِ ٽڪي جي محلات ۾ آيو ته اتي ٽنهي راڻين کي ڏسي حيران ٿي ويو. آخر هو گنڊيون کڻي بادشاهه وٽ حاضر ٿيو ۽ کيس آڻي ڏنائين. بادشاهه گنڊيون ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو ۽ پنهنجي وزير کان ويهي ميان ٽڪي جون خبرون چارون پڇڻ لڳو. وزير بادشاهه کي چيو ته سائين! ميان ٽڪو ته اهڙيون راڻيون پرڻجي آيو آهي، جو اوهان جون راڻيون انهن اڳيان ٻانهيون ٿيون ٿيون اهي. راڻيون ڪنهن ڪم جو هٿ ڪرڻ گهرجن، انهي لاءِ علاج سولو آهي ته اوهين سڀاڻي هن جي پاڻ وٽ دعوت ڪريو، پوءِ ماني کائڻ کان پوءِ کيس ڪي وٺي پنهنجو باغ گهمايو، جڏهن پنهنجي باغ واري کوهه تي پهچو، تڏهن ڪنهن اٽڪل سان چلو ان کوهه ۾ ڪيرائي ڇڏجو ۽ پوءِ ميان ٽڪي کي چئجو ته کوهه مان اهو چلو ڪڍي ڏي، نه ته قاهي تي چاڙهيو ويندين. پوءِ نڪو ميان ٽڪو چلو ڪڍي سگهي، نڪي بچي! بادشاهه وزير جي ڳالهه ٻڌي کڻي اڇو ڪيو.

ٻئي ڏينهن وزير بادشاهه طرفان ميان ٽڪي کي دعوت ڏيارڻ موڪلي. دعوت کائڻ کان پوءِ گهمندي گهمندي اچي باغ ۾ کوهه وٽ پهتا ته اتي وزير يڪدم دانهن ڪري چيو ته بادشاهه سلامت! اوهان جيڪو چلو مونکي جهلڻ لاءِ ڏنو، سو کوهه ۾ ڪري پيو، هاڻي ته ميان ٽڪو اهو چلو ڪڍي گهڻو، باقي ٻئي جي جاءِ نه آهي. تڏهن بادشاهه لاچار ميان ٽڪي کي چلو ڪڍڻ لاءِ چيو. ميان ٽڪو سمجهي ويو ته وزير اچي منهنجي پٺيان پيو آهي، پر دل جي ڳالهه دل ۾ رکيائين ۽ بادشاهه کي چيائين ته حاضر سائين، سڀاڻي صبح جو اهو چلو مون کان وٺجو. وزير ڏٺو ته ٽڪي ميان ٽڪو ته کوهه مان چلو ڪڍي سگهي ۽ نه وري بادشاهه وٽ پنهنجو قول

ٻاڙي سگهندو، سو خوشيءَ ۾ بغل ٿو ڪندو وڃي پنهنجي محل ۾ آرامي ٿيو.

شام جو ميان ٽڪي جادوئي ڏونڪا ڪٽي وٺي جو زور سان وڃايا ته ديو ديو جي ذات اچي حاضر ٿي. هن انهن مان ٻن زورن وارن ديون کي چونڊي، کين سڄي حقيقت ٻڌائي. ديو ته حڪم جا ٻانها هئا، سي انهيءَ مهل ئي وڃي ڪوهه کي لڳا. هڪڙي ديو بيٺي بيٺي پاڻي پي ڪوهه سڪائي ڇڏيو، ۽ ٻئي پيٽ ڏي چنڪ ڪي، جيئن جو تيئن ڪٽي ٻاهر اڇلايو ۽ چلو ڪري وڃي ميان ٽڪي کي ڏنائون. ٻئي ڏينهن ميان ٽڪي اهو چلو کڻي، پريءَ دربار ۾ آڻي بادشاهه کي ڏنو. وزير ته چلو ڏسي سڙي ويو پر ڪٿي في الحال چپ ڪيائين، ڇو جو ڪري به ڪجهه نٿي سگهيو. گهڙي کن ڪان پوءِ باغ جي مالهي، بادشاهه کي اچي فرياد ڏنو ته: سائين! رات وچ ۾ باغ واري ڪوهه جو پاڻي ته سڪي ويو، پر ڪنهن ان جو چڪ به ڪڍي ٻاهر اڇلائي ڇڏيو آهي. رات جو وري وزير، بادشاهه کي چيو ته: بادشاهه سلامت! ميان ٽڪي کي چئو ته جي تون اهڙو بهادر آهين، ته اسان جي پهلوانن سان مقابلو ڪر. پوءِ ڪنهن ڪيڏ سان کيس ختم ڪرائي ميدان صاف ڪري ڇڏبو ۽ ٽيئي رائيون پنهنجي قبضي ڪبيون. بادشاهه بنا سوچ ويچار جي، ٽڪي کي گهرائي مقابلي لاءِ چيو. اتي ٽڪي کي پڪ ٿي ته هيءَ حرڪت سڀ وزير جي آهي، سو بادشاهه سان مقابلي جو ڏينهن مقرر ڪري گهر آيو ۽ رائين سان ساري حقيقت ڪيائين.

مقابلي واري ڏينهن ميان ٽڪي، ديو جي ڏونڪن کي ڪٽي زور سان وڃايو ته ديو ديو جي ذات اچي حاضر ٿي ۽ ڪائنس گهرائڻ جو سبب پڇيائون. ٽڪي ساري حقيقت ٻڌائي کين چيو ته: تاڙي وڄائڻ تي، بادشاهه جي پهلوانن کي ختم ڪري، پڇاڙيءَ ۾ وزير جي سسي بادشاهه جي روبرو لاهي پوءِ

پلي هليا وڃجو. آخر مقرر وقت تي ميان ٽڪو سهي سنهري گهوڙي تي سوار ٿي ميدان ۾ آيو. هن طرف بادشاهه جا پهلوان به هٿيارن سان اچي ميدان ۾ بيٺا. ايتري ۾ بادشاهه جو حڪم ٿيو ۽ پهلوانن ميان ٽڪي تي جلهه ڪئي. هن فقط تاڙي وڄائي ته ديون جو ڪٽڪ اچي ميدان ۾ پيو، ۽ سڀني پهلوانن کي ختم ڪري ڇڏيائون، سڀ تماشائي وٺي ڀڳا. بادشاهه ۽ وزير-جي پٽ هاٿين تي سوار ٿي مقابلو ڏسي رهيا هئا- سي به ديون جي دهشت جهلي نه سگهيا ۽ هاٿين کي پوئتي موڙائي ڀڄڻ لڳا. ايتري ۾ هڪڙي ديو اچي وزير کي ڪنڌ کان جهليو ۽ بادشاهه جي اڳيان سندس سسي مروڙي هليو ويو.

هئي ڏينهن تي بادشاهه، ميان ٽڪي کي با عزت گهرائي پنهنجي وڏو ر ڌيءَ سان شادي ڪرائي، کيس پنهنجو وزير مقرر ڪيو. ان کان پوءِ ٽڪو وزير پنهنجي چئني راڻين سان، باقي حياتيءَ جا ڏينهن عيش ۽ آرام سان گذارڻ لڳو...

١٣- ڪاٺير بادشاهه *

هڪڙو غريب ڪاٺيرُ هو، جو ڪاٺيون ڪري پنهنجو ۽ ٻچن جو گذران ڪندو هو. هڪڙي ڏينهن جيئن ڪاٺيون شهر ۾ کپائڻ آيو، تيئن منهن ۾ بادشاهه جو خاص بورچي مليس. هن جون ڪاٺيون ٻه هيون مُوچاريون، سو بورچيءَ چيس تہ: اهي ڪاٺيون شاهي بورچيخاني تي هلي لاهه. ڪاٺير بورچيءَ سان گڏجي ويو ۽ وڃي ڪاٺيون بورچيخاني تي لاٿائين. بورچيءَ هن کي قيمت ٻہ سٺي ڏني ۽ چيائينس تہ: روزانو ڪاٺيون ڏيندو ڪر. بورچيءَ وٽ انهيءَ وقت شاهي لقمي مان ڪجهہ ٻچيل هو، اهو بہ هن کي ڏنائين. ڪاٺير ويچاري جو بادشاهي کاڌو چکيو، سو حيرت ۾ پئجي ويو، ۽ بورچيءَ کي چيائين تہ: هيءُ تہ واهہ جو طعام آهي، هن تي خرچ بہ تہ ڏاڍو ٿيندو هوندو؟ بورچيءَ چيس تہ: هي کاڌو خاص بادشاهہ کائيندو آهي. جيڪڏهين توکي اهڙو کاڌو ڏٺُ تي کائڻو آهي، تہ اوترا پئسا ڏي تہ طعام تيار ڪري ڏيانءِ. ڪاٺير چيو تہ: رکو آءٌ کانُ ۽ منهنجا ٻچڙا نہ کائين، اها ڳالهہ سٺي نہ آهي، تنهنڪري ليکو ڪري ٻڌاءِ تہ ڪيترا پيسا لڳندا، جو اسان سڀئي هڪ ڀيرو هيءُ طعام ڏؤ ڪري کائون، پيو تہ مون وٽ ڪي بہ ڪينهي، باقي روزانو ٻہ پريون ڪاٺين جون آڻيندس... هڪ پريءَ جو ملهہ تو وٽ تيسين امانت رکي، باقي هڪ پريءَ جو ملهہ وٺي، ٻچن جو پيٽ قوت ڪندو

---

* هن ڳالهہ جون ٻہ روايتون اتر (تعلقي ڪڪڙ) مان احمد خان «آصف» کان ۽ (تعلقي روهڙي) مان عبدالرزاق ميمڻ کان مليون.

رهندس. پوءِ جڏهن اهي پئسا پورا ٿين، تڏهن تون اسان کي اهو ڪاڏو تيار ڪري ڏج، ته هڪ ڀيرو مان ۽ منهنجا ٻچا اهو کائي ڍؤ ڪريون. بورچيءَ هن کي چيو ته: چڱو، تون پورا ٻارهن مهينا روزانو هڪڙي پري امانت رکندو وڃ، ٻارهن مهينن کان پوءِ تنهنجا ايترا پيسا مون وٽ ٿي ويندا، جو توکي هڪڙو ديڳڙو انهيءَ طعام جو تيار ڪري ڏيندس.

ڪاٺير اها ڳالهه ٻڌي سڌو پنهنجي گهر آيو ۽ گهر جي ڀاتين سان اچي ڳالهه ڪيائين ته: اڄ مون بادشاهي طعام جا ٻه-ٽي گراهه کاڌا آهن، پر انهن جي ڪهڙي خبر ڪريان! شاهي بورچيءَ سان صلاح ڪري آيو آهيان، ته هڪ دفعو اسين سڀئي اهو طعام ڍؤ ڪري کائون... پر ان لاءِ توهان سڀني کي ٻارهن مهينا مون سان گڏ ڪاٺيون ڪرڻيون پونديون.
ڪاٺير جي ڀاتين به اها ڳالهه قبول ڪئي. پوءِ ته روزانو گهر جا سڀئي ڀاتي ڏاڍي شوق سان ڪاٺيون ڪرڻ لڳا ۽ ڏينهن گذرڻ لڳا ته خير جا ٻارهن مهينا گذرن ته ڪو بادشاهي کاڌي جو مزو وٺون. چوندا آهن ته جنهن ۾ مان پيو، سا راهه رهندي ڪيترو؟ آخر هلندي هلندي ٻارهن مهينا به ائين اچي پورا ٿيا ۽ بورچيءَ به بادشاهي طعام جو ديڳڙو تيار ڪري ڪٺي ڪاٺير کي هٿ ۾ ڏنو. هو ديڳڙو کڻي گهر ڏانهن راهي ٿيو. هوڏانهن ڪاٺير جي گهر جا سڀئي ڀاتي به انتظار ۾ ويٺا هئا ته اچھو ته بادشاهي طعام اچي، ۽ کائي ته ڍؤ ڪريون!

ڪاٺير گهر ڏانهن ايندي اڃان ٿورڙوئي پنڌ مس ڪيو، ته وات تي هڪڙو فقير گڏيس، جنهن چيس ته: بک اٿم... خدا ڪارڻ ڍؤ ڪراءِ! ڪاٺير کي به الله ڏنو ايمان، سو ڏسيل ديڳڙوئي کڻي فقير جي اڳيان لاهي رکيائين. هڪڙو فقير هو بکايل، ٻيو طعام هو بادشاهي، سو نه پڇيو ديڳڙي ۾ ڪو ڪجهه ۽ ڪاٺير جي ڏسندي سڄو ديڳڙو خالي

ٿي ويو. ڪاٺير پوءِ خالي ديڳڙو کڻي ٿيو گهر راهي. سندس ڀاتي جن سڄا سارا ٻارهن مهينا ڪاٺيون ڏويون هيون، سي سندس واٽ واجهائي رهيا هئا ۽ هن کي پري کان ئي ديڳڙو مٿي تي ڏسي، ڳڌ ڳڌ ٿيڻ لڳا. ننڍڙا ٻار ته ڊوڙي اچي هن کي چنبڙيا. آخر ڪاٺير اچي گهر پهتو ۽ خالي ديڳڙو آڻي گهر وارن جي اڳيان لاهي رکيائين. سڀئي ڀاتي حيرت ۾ پئجي ويا ته هي وري ڇا ٿيو؟ ڪاٺير چين ته: غم نه ڪريو. هي ديڳڙو ستن ڏينهن جي هڪڙي بکئي فقير کي خيرات ڪري آيو آهيان. پاڻ وري ڪاٺيون ڪري ٻيو ديڳڙو تيار ڪرائي وٺنداسين.

ٿورا گهڻا ڏينهن گذريا ته ان ملڪ جو بادشاهه گذاري ويو. بادشاهه کي اولاد هوئي ڪونه، سو مرڻ مهل وصيت ڪري ويو ته صبح جو سوير سنهنجو جنازو کڻجو، ۽ جيڪو

پهريون ساٿهو ٿنهن چڙهيو، ٿنهن کي منهنجي جاءِ تي پنهنجو بادشاھ ڪجو. ڪانير به هميشه وانگر ڏکيءَ جو اڻي ويو هو ڪاڻيون ميڙڻ، سو جيئن صبح سنئون ڪاٺين جي ڀري متي تي رکي شهر جي دروازي وٽ پهتو، تيئن ماڻهن وٺي وڃي وهنجاري سهنجاري، شاهي ويس وڳا پهرائي، تخت تي ويهاريس. پوءِ سندس گهر جي ڀاتين کي به ماڻهو وٺي آيا، جي پهريائين ته ڏاڍا ڊنا، پر پوءِ ڳالهه ٻڌڻ تي خوش ٿي، اچي شاهي محل ۾ داخل ٿيا. بادشاهي بيپرواهي! غريبن جا لحظي ۾ ئي غم لهي ويا.

ڪانير بادشاھ ڏاڍي سهڻي نموني سان حڪومت هلائڻ لڳو، پر سندس راڻيءَ اچي انگل ڪرڻ شروع ڪيا ۽ وڃ ڏڍ ڀياءِ ۾ محلات ٺهرائي ويهي رهي. هڪ ڀيري درياءَ کي ڇجي چاڙهه، سو هن به محلات مان ويٺي درياءَ جو ديدار ڪيو. درياءَ ۾ هڪڙو جهاز-ڪتي ڪو ڏڪجي پيو هو، ان جو هڪڙو ماڻهو لڙهندو ترڳندو، لهرين جون لپيٽون جهليندو اچي راڻيءَ جي محلات وٽان چڙهيو. راڻيءَ هن شخص کي ائين لڙهندي غوطا کائيندي ۽ هٿ پير هڻندي ڏٺو، سو کيس اهو "تماشو" ٿي آيو ۽ بادشاھ کي چيائين ته: روز هڪڙو ماڻهو فلاڻي هنڌان درياءَ ۾ ڦٽو ڪيو وڃي، جو ائين ترندو ترڳندو هت اچي پهچي ته مان ويهي مزو ڏسان. ويچاري ڪانير بادشاھ انهيءَ ڪم ڪان ڏاڍو نٽايو ۽ هيٺاهيون مٿاهيون ورتائين ته اهو ظلم جو ڪم آهي، مگر راڻي انهيءَ ڳالهه تان لهي وڃي... پر راڻي پنهنجي هٺ تان نه لٿي. آخر بادشاھ اهو حڪم جاري ڪيو. پوءِ روزانو هڪڙو ماڻهو درياءَ ۾ اڇلايو ويندو هو... ڪي ته تري اچي راڻيءَ جي محلات ڪان چڙهندا هئا، پر گهڻا ويچارا ائين ئي وچ درياءَ ۾ ٻڏي ويندا هئا. ماڻهن جو هيءُ حال ڏٺو، سو منجهن اچي ناراضگي پيدا ٿي ۽ چوطرف بادشاھ لاءِ بددعائون شروع ٿي ويون.

هڪ دفعي سڄي ملڪ جا ماڻهو گڏجي بادشاهہ وٽ لنگهي ويا، ۽ عرض ڪيائونس تہ: وڏيڪ هيءَ ظلم ملڪ کان سَٺو ڪونہ ٿيندو، تنهن لاءِ ڪو تدارڪ ٿئي، نہ تہ ملڪ ۾ بغاوت ٿي پوندي! ٻئي ڏينهن ڪائير بادشاهہ ڍنڍورو گهمايو تہ اڄ اسان جو وڏو شهزادو، درياءَ ۾ گهڙندو، ٻئي ڏينهن ٻيو شهزادو، ٽئين ڏينهن ٽيون—۽ اهڙيءَ طرح جيستائين اسان جا شهزادا سلامت آهن تيستائين اهي ئي راڻيءَ کي اهو تماشو ڏيکاريندا! راڻيءَ کي جڏهن بادشاهہ جي هن حڪم جي خبر پيئي، تڏهن زار زار روئي اچي هن جي پيرن تي ڪري ۽ عرض ڪيائين تہ: هاڻي اهو حڪم رد ٿئي تہ اڳتي ڪوبہ ماڻهو درياءَ ۾ نہ اڇلايو وڃي، جيڪي ماڻهو درياءَ ۾ مئا آهن، انهن جو خون بها سنهنجن هيرن جواهرن ۽ زر زيورن کي کپائي ادا ڪيو وڃي—آئندي مرڻ گهڙيءَ تائين ڪوبہ

زر زيور نہ پائيندي! ڪاٿي بادشاهہ پوءِ راڻيءَ جو چيو
ونئي پنهنجو حڪم رد ڪيو ۽ رعيت ساڻ امن ۾
عدل انصاف ساڻ هليو، جو سڄي عمر سڀڪو کيس دعائون
ڪندو رهيو.

٤١ - صبر شهزادو *

هڪڙو هو باد شاھ — باد شاھن جو باد شاھ تہ پاڻ ڏڻي تعاليٰ آھي، پر ھي ڪوڙي دنيا جو بادشاھ ھو. ڏڻي جيو ڏنو سپو ڪجھ ھوس، ڪيس ست سدا ملوڪ شهزاديون ھيون، جي سونهن ۽ عقل ۾ پنهنجو مٽ پاڻ ھيون، پر ننڍي شهزادي سڀني کان سرس ھئي، جنهنڪري ڀيڻون شهزاديون ساڻس سڙنديون ھيون. بادشاھ جو دستور ھو تہ روزانو سج لٿي سهل شهزادين وٽ ايندو ھو، ۽ ستن ئي کي ويهاري واري واري سان ڪانئن پڇندو ھو تہ: "امان! آءٌ توهان کي ڪيترو مٺو آھيان؟" تنهن تي ڪا چوندي ھئي تہ "توں موتڪي پتاشي جهڙو مٺو ٿو لڳين"، ڪا وري چوندي ھئي تہ "توں موتڪي مصريءَ جهڙو مٺو ٿو لڳين"؛ مطلب تہ ڇهہ شهزاديون تہ ڪنهن نہ ڪنهن مٺي شيءِ جو تالو وٺي بادشاھ کي خوش پيون ڪنديون ھيون. باقي ستين ۽ سڀني کان ننڍي شهزادي ڪنڌ ھيٺ ڪري، متين ۽ دل سان چوندي ھئي تہ: "توں موتڪي ڪنڌ جهڙو مٺو ٿو لڳين". ڇو جو ننڍي شهزاديءَ کي پنهنجي پيءُ جي اها ڳالھ ڪانہ وڻندي ھئي.

ھڪڙي ڏينهن جڏھن دستور موجب بادشاھ شهزادين کان اھو پڇيو آيو تہ پيءُ تہ سڀني مٺائي ۽ مصريءَ جهڙو مٺو چيس، پر ننڍي شهزاديءَ جا ائين چئي چئي ڪڪ تي پيئي ھئي، تنهن چيس تہ: "بابا سائين! توں تہ موتڪي لوڻ جهڙو ٿو وڻين". اھو ٻڌي بادشاھ ڪاوڙ ۾ ٽپي باھ ٿي ويو، ۽ چيو: "ڪاٿين ٻين

---

* ھيءَ ڳالھ حيدرآباد شهر مان ممتاز مرزا کان ملي.

منهنجو، تڏهن ٻه سونکي لوڻ جهڙو ٿي پائنين! تنهن تي شهزاديءَ وراڻيس ته: بابا سائين! روز رازق تي آهي، بندي جي وس ناهي، آءٌ ته پنهنجو نصيب ٿي کان. انهيءَ تي بادشاهه کي وڏيڪ ڪاوڙ لڳي، سو چيائينس ته: جي تون پنهنجو نصيب ٿي کائين، ته آءٌ به ڏسان ته ڪيترا ڏينهن ٿي جئين. پوءِ يڪدم پنهنجي پانهن کي حڪم ڏنائين ته: هينئر جو هينئر شهزاديءَ کي انهيءَ حال ۾ ئي وڃي جهنگ ۾ ڇڏي اچو ته وڃي پنهنجو نصيب کائي. شهزاديءَ چيس ته: جي توهان جي اها مرضي آهي ته پوءِ يا بسم الله، پر هڪڙي ڏينهن توهان کي ضرور پشيمان ٿيڻو پوندو. ائين چئي شهزادي اٿي کڙي ٿي. پانها ويچارا حڪم جا ٻڌا، سي هن کي گهوڙي تي چاڙهي جهنگ ۾ ڇڏي آيا.

شهزادي ويچاري لاڏ ڪوڏ سان پليل، جنهن ڪڏهن محلات مان پير ٻاهر نه ڪڍيو هو، سا جهنگ ۾ اچي دنبي، ۽ ڏاڍي حيران ٿي. آخرڪار ڌڻيءَ کي ياد ڪري، اٿي هڪڙي پاسي هلي. سڌ پنڌ مس ڪيائين ته هڪڙي جهوپڙي نظر آيس. اتي مڙئي شهزاديءَ کي پيٽ ۾ ساهه پيو. اندر وڃي ڏسي ته جهوپڙي خالي پيئي آهي. شهزادي به الله تي ڀروسو رکي ويهي رهي. هن دل ۾ خيال ڪيو ته، هن جهوپڙيءَ جو مالڪ الاجي ڪير آهي، ۽ اِن جي اچڻ کان پوءِ الاجي مران يا بچان، تنهنڪري چو نه ايترو وقت ويهي ڌڻيءَ جي عبادت ڪريان! سو ڪنڊ ۾ رکيل پاڻيءَ جي دلي مان چلو ڀري، وضو ساري ويهي نماز پڙهڻ لڳي.

حقيقت ۾ اها جهوپڙي هڪڙي فقير جي هئي، جو روز صبح جو گدائي تي هليو ويندو هو ۽ شام جو موٽي ايندو هو. اهو جڏهن آيو، تڏهن پنهنجي جهوپڙيءَ ۾ ڇوڪري ويٺل ڏسي حيران ٿي ويو، وري جو ڏٺائين ته نماز پيئي پڙهي، تنهنڪري ماٺڙي ڪري هڪڙيءَ ڪنڊ ۾ ويهي رهيو.

شهزاديءَ جڏهن نماز پڙهي بس ڪئي، تڏهن فقير پڇيس ته: ڌيءَ! تون ڪير آهين ۽ هن جهنگ ۾ ڪيئن آئي آهين؟ تنهن تي شهزاديءَ سچي حقيقت ڪري ٻڌايس. ڳالهه ٻڌي فقير چيو ته: امان! بيشڪ روز رازق تي آهي، هرڪو پنهنجو نصيب ٿو ڪمائي. هاڻي تون منهنجي نياڻي آهين ۽ هيءَ جهوپڙي تنهنجي پنهنجي آهي... آءٌ روز گدائيءَ تي ويندس، جيڪي ملندم سو ونڊي کائينداسين. اهو ٻڌي شهزادي ڏاڍي خوش ٿي. پوءِ فقير جيڪا ماني پنيي آندي هئي، سا کائي ڌڻيءَ جا شڪرانا بجا آڻي سمهي رهي.

ٻئي ڏينهن صبح جو فقير گدائي تي هليو ويو ۽ شهزادي جهوپڙيءَ کي ٻهاري سُهاري ڏيئي پر واري ڪوهه تان پاڻي پري، بالم تي ويهي رهي. شام جو فقير گدائي ڪري آيو، ٻنهي ڄڻن ماني کائي ڌڻيءَ جا شڪرانا ڪيا. ائين ڪندي ڪيترا ڏينهن گذري ويا. هڪڙيءَ رات شهزادي خواب ڏٺو ته ڪو شخص آهي، جو کيس چيچ کان وٺي، جهوپڙيءَ کان ٻاهر پيو وٺي، ۽ هڪڙي هنڌ بيهاري چيائين ته: شهزادي! هن هنڌ ستن بادشاهن جو خزانو پوريل آهي. ائين چئي اهو شخص گم ٿي ويو. شهزاديءَ جي اک کلي ويئي. دل ۾ ويچاريائين ته خواب تي ڪهڙو ويساهه! پر تڏهن به اهو هنڌ ڪوٺي ڏسنديس ضرور. اها ڳالهه دل ۾ رکي، يڪدم فقير کي اٿاري کيس خواب ٻڌايائين. فقير چيس ته: ڌيءَ! تنهنجو ڀاڳ سٺو هوندو ته خواب ڪوڙو ڪونه ٿيندو. پوءِ انهيءَ مهل ٻئي ڄڻا اٿي انهيءَ هنڌ ويا، ۽ هٿن سان زمين کوٽڻ لڳا. اجان ٿورو کوٽيائون مس ته هڪڙي پيتي نڪري آئي. کولي ڪٿي ڏسن ته سچي هيرن جواهرن سان پري پيئي آهي. اتي هو ٻئي ڄڻا ڏاڍا خوش ٿيا. شهزاديءَ فقير کي چيو ته: بابا! هن مان ڪجهه هيرا کڻي وڃي بازار ۾ وڪڻ، ۽ ڪي ڪاسبي ۽ رازا وٺي اچ ته جاءِ ٺهرايون...

پوءِ آهستي آهستي باقي خزانو ڪڍندا سين. فقير کي به اها ڳالهه وڻي. تنهن ڪجهه هيرا ڪڍي باقي خزانو لڪائي ڇڏيو. اجهان صبح ٿيو ئي مس ته فقير روانو ٿيو. هيرا وڪڻي، راڄ ۽ ڪاسبي وٺي آيو. ٿورن ئي ڏينهن ۾ جهوپڙيءَ جي جاءِ تي هڪڙو محلات جڙي راس ٿيو. هاڻي فقير به گدائي تي ڪونه ويندو هو. محلات ٺهڻ بعد شهزاديءَ ۽ فقير گڏجي باقي خزانو ڪڍي محفوظ جاءِ تي ڪري رکيو. انهيءَ هنڌ ست پيٽيون پوريل هيون، جن مان ڇهه خزانيءَ سان ٽمٽار ڀريل هيون، پر ستين پيٽيءَ مان سوني ڪُن سان موتين جڙيل هڪڙي وڃڻي نڪتي، اها شهزاديءَ پاڻ کنئين.

هڪڙي ڏينهن شهزادي اها وڃڻي کڻي ڏسڻ لڳي. ڏسندي ڏسندي واءُ هڻڻ لاءِ وڃڻيءَ کي جهٽڪو ساڄي پاسي ڏنائين، ته هڪڙو سڏا ملوڪ چنڊ جهڙو شهزادو اچي اڳيان بيٺس. شهزادي ڀڄڻ ته ڏاڍي ڏني، پر پوءِ دل جهلي پڇيائينس ته: اي شخص! تون ڪير آهين ۽ هتي ڪيئن آيو آهين؟ ان شخص ورائيو ته: اي شهزادي! آءٌ صبر شهزادو آهيان، ۽ پرين جي ملڪ ۾ رهندو آهيان. تو پکو جهلي مونکي سڏيو آهي، تڏهن اچي حاضر ٿيو آهيان! اتي شهزاديءَ سمجهيو ته مٿئين هن پکي ۾ ڪا ڳالهه آهي. سو وري ڪانئس پڇيائين ته: تون پکي جي سڏ تي آيو آهين؟ صبر شهزادي ورائيو ته: ها، هن کي ساڄي پاسي جهليندينءَ ته ايندس، جي کٻي پاسي جهليندينءَ ته هليو ويندس. شهزادي پوءِ ته ڏاڍي خوش ٿي ۽ گڏجي ويهي رهاڻ ڪرڻ لڳا. اهڙيءَ طرح روزانو رات جو شهزادي پکو جهلي صبر شهزاديءَ کي گهرائي سائس ويهي رهاڻ ڪندي هئي، ۽ صبح ٿيڻ تي شهزادو هليو ويندو هو. هنن ٻنهي ڄڻن پاڻ ۾ شادي ڪئي، پر دستور موجب هو رات جو ايندو هو ۽ صبح جو هليو ويندو هو. ائين ڪافي وقت گذري ويو، ته شهزاديءَ هن ڪان پڇيو ته ڏينهن

جو ڪيڏانهن تو وڃين، ۽ نہ وري صبرشهزادي ني ڪيس انهيءَ بابت ٻڌايو.

هڪڙي ڏينهن شهزاديءَ فقير سان صلاح ڪئي تہ، هاڻي ڏٺيءَ جو ڏنو سيوڪجهہ اٿئون، منهنجي مرضي آهي تہ آءٌ پنهنجي پيءُ ۽ پيئرن جي مهماني ڪريان، ۽ بابي کي ٻڌايان تہ برابر روزرازق تي آهي يا نہ! تنهنڪري تون وڃي کين دعوت ڏيئي اچ. فقير سندس اها ڳالهہ قبول ڪئي. جڏهن اها حقيقت صبربادشاهہ سان ڪيائين، تنهن چيس تہ: تون پلي پنهنجي سائٽن جي دعوت ڪر، پر مون بابت ڪنهن سان هڪڙو گفتو بہ نہ ڪج، نہ تہ پس پيش توکي نقصان رسندو. شهزاديءَ سائس انهيءَ ڳالهہ جو انجام ڪيو. پٺي ڏينهن فقير ويو سو وڃي بادشاهہ کي اهل عيال سميت خدا ڪارڻ دعوت ڏيئي آيو. بادشاهہ بہ خيال ڪيو تہ ٻاهر جو واءُ سٺاءُ وٺجي، تنهنڪري هڪدم ڪٿي دعوت قبوليائين، ۽ فقير کي ڏينهن مقرر ڪري ڏنائين تہ فلاڻي ڏينهن اسين پنهنجي لاءلشڪر سميت تنهنجا مهمان آهيون. فقير سڄي ڳالهہ اچي شهزاديءَ کي ٻڌائي.

مقرر ڏينهن تي ڪيترائي راڌارا اچي سهڙيا، جن ڪٺي ديگين جون قطارون چاڙهيون. بادشاهہ بہ اچي پهتو، سائس ڇهہ شهزاديون بہ هيون. شهزاديءَ چا ڪيو جو مردانو ويس ڪٺي پاتو ۽ فقيرکي چيائين تہ: بادشاهہ جي ماني آءٌ پاڻ رڌينديس، باقي پين ماڻهن جو بندوبست تون وڃي ڪر. مانيءَ جي مهل شهزاديءَ چا ڪيو جو پنهنجي پيءُ ۽ ڇهن ڀينرن جي اڳيان رڳو مٽاڻ رکيو. پهرين تہ ڪجهہ ڪاڌائون، پر ٻن چئن گرهن کان پوءِ هرڪو پيو لوٺا هٿي تہ ڪٿان تو ڇهرو مال اچي! آخر جڏهن مٽاڻ سان مٺهن ڀڳن ۽ ڇهرو طعام بہ ڪونہ آيو، تڏهين بادشاهہ کان رهيو ڪونہ ٿيو، ۽ شهزادي، جيڪا انهي مهل مرداني ويس ۾ هئي، تنهن کي چيائين تہ: ميان! هتي

چهرو طعام کونہ رڌجي چا؟ تنهن تي شهزاديءَ چيس تہ: بادشاهہ سلامت! ٻڌو هئوسين تہ توهان کي مٺاڻ گهڻو وڻندو آهي، جو توهان لوڻ جي نالي تي پنهنجي ڌيءَ کي بہ گهران ڪڍي ڇڏيو هو. تنهنڪري لاچار رڳو مٺو رڌو اٿئون. اهو ٻڌي بادشاهہ ڪنڌ ڪٺي هيٺ ڪيو۽ شرمسار ٿي چوڻ لڳو تہ: ميان! انهيءَ ڳالهہ جو مونکي ايڏو افسوس آهي، جو شايد سڄي عمر کونہ لهندو. اڄ ويچاري منهنجي ڌيءَ الاجي ڪهڙين تڪليفن ۾ هوندي! ائين چئي اچي روئڻ ۾ چنڪيو. تنهن تي شهزاديءَ چيس تہ: جي اوهان کي پنهنجي ڌيءَ ملي تہ پوءِ توهين ان کي هينئر سڃاڻندئو؟ بادشاهہ چيو تہ: ڇو نہ سڃاڻندس. تنهن تي شهزاديءَ مردانو ويس لاهي ڪڍي زنانو ويس پاتو. بادشاهہ کيس ڏسڻ سان ئي سڃاتو. پوءِ تہ وچڙيل ملي ڏاڍا خوش ٿيا. پوءِ شهزاديءَ، بادشاهہ کي چيو تہ: بابا! هتي دعوت ڏيئي توهان کي گهرائڻ مان منهنجو اهو مطلب هو تہ توهان کي ٻن ڳالهين جا جواب ڏيان، جن تان ڪاوڙجي توهان مونکي شهر نيڪالي ڏني هئي. هڪڙي ڳالهہ اها تہ مون چيو هو تہ توهين مونکي لوڻ جيترو ٿا وڻو. هاڻي ڏسو تہ لوڻ وارو کاڌو اوهان کي نہ مليو تہ ڪيئن دانهن ڪيَوَ. کنهن بہ طعام ۾ لوڻ نہ پوندو تہ اهو نہ وڻندو، تڏهن چيم توهين مونکي لوڻ جيترو وڻو ٿا. ٻي ڳالهہ تہ توهان کي چيو هئم تہ روز رازق تي آهي. سو توهان تہ انهيءَ نيت سان مونکي ڪڍيو هو تہ بکن ۾ مري ويندس، پر خداتعاليٰ رزاق آهي، تنهن مونکي جهنگ ۾ بہ کونہ ڇڏيو. هتي بہ مونکي اهائي بادشاهي نصيب ڪيائين. آخرڪار بادشاهہ هن کي چيو تہ: ڌيءَ! تنهنجي ڳالهہ سچي نڪتي، مون هارايو تو کٽيو. هاڻي مناسب ائين آهي تہ تون هي جهنگ ڇڏي وري هلي مون وٽ رهہ. تنهن تي شهزاديءَ وراڻيو تہ: باباسائين! آءٌ پنهنجو نصيب هتي ئي ويٺي کاٽان، توهين شال پنهنجن

محلن ۾ خوش هجو. بادشاهه ۽ پيرن شهزاديءَ کي گهٽوئي چيو، پر شهزادي بنهه نابري واري ويئي. تنهن تي لاچار هو شهزاديءَ کان موڪلائي واپس وريا.

شهزاديءَ جي ڇهن ڀينرن کي پنهنجي ننڍيءَ ڀيڻ جو اهو نٽڻ ڪونه وڻيو، دل ئي دل ۾ ڏاڍيون ڀڄريون، پر ڪري ڪجهه به نٿي سگهيون. نيٺ ڇهن ئي ڀينرن گڏجي صلاح ڪئي ته ڪنهن حيلي سان اها خبر لهجي ته هن کي ايتري مايا ڪٿان ملي آهي. اهڙو ويچار ڪري ڇهئي شهزاديون پنهنجي ننڍيءَ ڀيڻ وٽ اچڻ وڃڻ لڳيون.

هڪڙي ڏينهن ڇهئي ڀيڻون پاڻ ۾ صلاح ڪري رات اتي ٽڪي پيون. جڏهن رات ٿي تڏهن لڪي وڃي پنهنجيءَ ڀيڻ جي جاءِ ۾ ويهي رهيون. ننڍي شهزاديءَ جڏهن ڏٺو ته هڪُو سڪُو ٿريو آهي، تڏهن وڃي ڪٽي سڄي پاسي جهلياڻين ته صبرشهزادو اچي سهڙيو. پوءِ ته ويهي رهاڻيون ڪيائون. سندس ڇهه ڀينرون اهو لقاءُ ڏسي سڙي ويون، پڪ ٿين ته شهزاديءَ هيءُ سان شادي ڪئي آهي، ۽ هيءَ دولت به ان جي ڏنل آهي. پوءِ ته جيئن تيئن ڪري رات گذاريائون. صبح جو جڏهن صبرشهزادو هليو ويو، تڏهن هي به ڇهه ئي ڇٽيون لڪي مانڙي ڪري اچي ويهي رهيون، ۽ صلاحون پچائڻ لڳيون ته ڪهڙيءَ طرح ننڍي شهزاديءَ کان صبرشهزادو ڇڏائجي. نيٺ هڪڙي ڇٽيءَ صلاح ڏني ته: پريزادن جو جسم تمام نازڪ هوندو آهي، هاڻي ڇا ڪريون جو بلور ڪُٽي سنهون پورو ڪري، صبرشهزادي جي کٽ تي هاري ڇڏيون، پوءِ پاڻهي خبر پوندي. اها صلاح سڀني کي وڻي سو يڪدم بلور ڪُٽي اڻو ڪري، لڪائي ننڍيءَ ڀيڻ وٽ آيون، چي: ادي! اسين هتي ويهي ڪڪ ٿي پيون آهيون، نڪو ڪم نڪو ڪار، تنهنڪري اڄ تنهنجي رهڻ واري جاءِ اسين صفا ڪنديونسين. ننڍيءَ ڀيڻ ڪين گهڻوئي روڪيو پر هنن سندس

ڳالهہ ئي ڪانہ مڃي. شهز .يـون جهٽ ڪري سندس جاءِ ۾ وجي چنڊ ڦوڪ ڪرڻ لڳيون. جڏهن ڏٺائون تہ ڪين ڪوبہ ڏسڻ وارو ڪونهي، تڏهن وڏي شهزاديءَ ڪُنيل شيشن جي پڙي ڪڍي صبرشهزادي جي هنڌ تي هاري ڇڏي.

قصوڪوتاهہ — رات جو ننڍي شهزاديءَ، صبرشهزادي کي گهرايو. هـو ويچارو شهزاديءَ سان رهاڻ ڪري پنهنجي هنڌ تي اچان ليٽيوئي مس تہ سنهان شيشا سندس نازڪ جسم ۾ پيهي ويا. هن ڪـان رڙ نڪري .ويئي ۽ يڪدم ڪاوڙ سان شهزاديءَ کي چيائين تہ: وڃي جهيل تہ آءٌ وڃان! شهزادي ڏاڍي حيران ٿي، پر صبرشهزادي جو چوڻ ڪونہ سوڻائي سگهي، يڪدم وڃي ڪبي پاسي جهيليائين تہ هو گم ٿي ويو. پر ويندي ويندي ايترو چئي ويو تہ: تو سون سان چڱائي ڪانہ ڪئي آهي، پر جي سون سان ملڻو اٿئي تہ هاڻي ڳولي لهج. شهزادي ويچاري ڏاڍي حيران ٿي. وري جو ڪـٿي ڏسي تہ صبرشهزادي جي هنڌ تي شيشا هاريا پيا آهن. اتي پڪ ٿيس تہ ڀينرن دوهہ ڪيو آهي. پوءِ شهزادي ويهي روئڻ ۽ پڇتائڻ لڳي تہ ناحق ڀينرن کي رهايم، هاڻي صبرشهزادو هٿان وڃايم. الاجي ڪهڙيءَ ولايت ۾ هـوندو، ۽ آءٌ زال ماڻهو ڪيس ڪٿي ڳولي لهنديس! ائين پنهنجي قسمت کي ڏوهہ ڏيندي، شهزادي کي ڳولي لهڻ جو پڪو ارادو ڪيائين. پوءِ انهيءَ مهل ئي بادشاهي ويس .وڳا لاهي، گيڙورنا ڪپڙا پهري جوڳڻ ٿـي، فقير ڪان موڪلائي توڪلائي هڪڙي پاسي اٿي هلي.

هلندي هلندي هڪڙي ٻيلي ۾ اچي رات پيس، رات گذارڻ لاءِ هڪڙي وڻ هيٺان ويهي رهي. اجان ڪا گهڙي مس گذري تہ انهيءَ وڻ تي ٻہ پکي اچي ويٺا، جي پاڻ ۾ ڳالهيون ڪرڻ لـڳا. هڪڙي پکي ٻئي کـي چيو تہ: يار! خدا جي قدرت آهي، جو ڪنهن نہ ڪنهن شيءِ ۾ ڪانہ ڪا

حڪمت مڙيئي رکيل آهي. ٻئي پکيءَ چيس ته: سو ڪهڙي ڪيئن؟ تنهن تي هن چيس ته: هن وڻ جي چوڏن ۾ اهڙي خاصيت آهي، جو جيڪڏهن اهي پاڻيءَ ۾ ٽهڪائيءَ ڪنهن بيمار کي ان سان وهنجارجي ته سڀ بيماريون ڇڏي وڃنس. وري ٻئي پکي چيو ته: ادا! برابر، تنهنجي ڳالهه سچي آهي... منهنجي وڻين ۾ به اهڙي خاصيت آهي جو ڪهڙي به نه ڇنندڙ ڦٽ تي هڻجن ته يڪدم ڇٽي وڃي. شهزاديءَ کي اهي ڳالهيون ٻڌندي ٻڌندي ننڊ اچي ويئي. صبح جو سويل اٿي ان وڻ جا ڪجهه چوڏا لاٿائين، ۽ ڪجهه وڻيون سيڙي ٻڪريءَ ۾ وجهي اٿي رواني ٿي.

شهزاديءَ کي پنڌ ڪندي، ڏاڪڙا ڏسندي ڇهه مهينا گذري ويا. انهيءَ وچ ۾ ڪئين اهڙيون تڪليفون آيس، جن مان بچڻ مشڪل هو. پر هيءَ ويچاري خدا تي توڪل رکيو هلندي رهي. آخرڪار هڪڙي ڏينهن هڪڙي کوهه تي اچي پهتي، جتي سؤ ڇوڪرين پاڻي ڀئي پريو. شهزاديءَ هڪڙيءَ کان پڇيو ته: ادي! توهين هيترو پاڻي ڇا جي لاءِ ڀيون پريو؟ هن ٻڌايس ته: اسان جو صبرشهزادو ڪنهن آدمزاديءَ سان وڃي پرڻيو هو، پر انهيءَ زال ڊوهه ڪري کيس ڦٽي وڌو آهي، ڇهه مهينا ٿيا آهن جو ڦٽ ڇٽن ئي ڪو نه ٿا. هاڻي سندس علاج پيو هلي، جنهن لاءِ پيون پاڻي پريون. اها ڳالهه ٻڌي شهزاديءَ ان ڇوڪريءَ کي چيو ته: آءٌ به حڪمت جو ڏنڌو ڄاڻان ٿي، جي مونکي صبرشهزادي وٽ وٺي هلو ته هوند آءٌ کيس ڇڳو ڀلو ڪريان. ڇوڪريءَ جواب ڏنس ته: هتي ڪيترائي حڪيم طبيب موٽي ويا، تون ڇا ڪري سگهندينءَ؟ پر شهزادي ضد ٻڌي بيهي رهي. تڏهن لاچار ڇوڪري کيس پاڻ سان وٺي ويئي. شهزاديءَ جو ويس مٽيل هو، جنهنڪري صبرشهزادو کيس سڃاڻي نه سگهيو. شهزاديءَ کيس ڏسي وائسي چيو ته: پاڻي ٽهڪايو. چوڻ جي دير هئي، يڪدم پاڻي گرم

ٿي ويو. شهزاديءَ ڇا ڪيو جو ان ۾ ڇوڏا وجهي حڪم ڪيو ته: صبرشهزادي کي هن پاڻيءَ سان وهنجاريو وڃي. خدا جي قدرت جو ٿوريءَ دير ۾ شهزادي جي طبيعت بدلجي وئي. مٿان وري شهزاديءَ پڳيءَ جون ورڻيون گهوٽي ان سان ملم ٿاهي صبرشهزادي جي ڦٽن تي رکيو، جنهنڪري هو جلد ئي تندرست ٿي پيو.

ٻن ڇئن ڏينهن کان پوءِ صبرشهزادي، شهزاديءَ کي پاڻ وٽ گهرائي چيو ته: گهڻ، جيڪي گهرڻو اٿئي. شهزاديءَ چيس ته: ڀهرين انجام ڏي. صبرشهزادي انجام ڏنس. اتي شهزاديءَ چيس ته: مون سان گڏجي هل. صبرشهزادو ڪاوڙ ۾ ٽپي ياهر ٿي ويو ۽ چيائينس ته: انهيءَ ڳالهه تان لهي وڃ، منهنجي اڳي ئي شادي ٿيل آهي، جنهنڪري آءُ توسان نه هلندس. انهيءَ تي شهزاديءَ چيس ته: شهزادا! آهيا آءُ ئي آهيان جنهن کي ڇٽي آيو هئين ته مونکي ڳولي لهج، هاڻي مون توکي ڳولي لڌو آهي. ائين چئي گيڙورتا ڪپڙا لاهي، پنهنجا ڪپڙا پهريائين، تڏهن صبرشهزادي سڃاتس. پوءِ شهزاديءَ کيس سڄي ڳالهه ڪري ٻڌائي ته ڪهڙيءَ طرح سندس پيرن ساڻس دولاب ڪيو هو. اتي صبرشهزادو به تمام خوش ٿيو. نيٺ سيئي ڳالهيون وساري خوش گذارڻ لڳا.

١٥- شهزادو، وزيرزادو، لوهر ۽ ڪٽي *

هڪڙو هو بادشاهه، جنهن کي هڪڙو سڪيلڌو شهزادو هوندو هو. شهزادي جي وري وزيرزادي، لوهر ۽ ڪٽي سان دوستي هوندي هئي. چئني دوستن جي پاڻ ۾ ايتريقدر پريت هوندي هئي، جو جيڪڏهن انهن مان ڪنهن به هڪ تي ڪا مصيبت ايندي هئي، ته هرهڪ دوست ڪوشش ڪندو هو ته اها مصيبت منهنجي بئي ڪنهن دوست تي نه اچي، مگر مون تي اچي. هڪڙي ڏينهن هڪڙو پيو ماڻهو به انهن جي سنگت ۾ شامل ٿيڻ لاءِ آيو. هنن جي مرضي ڪانه هئي ته ڪو ڌاريو ماڻهو هنن جي سنگت ۾ اچي، ڇاڪاڻ ته ڪيتريون ئي ڳجهيون ڳالهيون هو پاڻ ۾ ڪندا هئا، ۽ ڪنهن کي به پنهنجي دل جو انت نه ڏيندا هئا. پر لاچار هن پنجين ماڻهوءَ کي به شهزادي جي چوڻ تي ڪٽي پنهنجيءَ سنگت ۾ شامل ڪيائون.

هڪڙي ڏينهن وزيرزادي، شهزادي کي چيو ته: هن ڌارئي ماڻهوءَ کي سنگت مان ڪڍڻ گهرجي، ڇاڪاڻ ته اسان جون پاڻ ۾ ڪيتريون ئي ڳجهيون ڳالهيون آهن. متان ڪنهن دشمن هن کي اسان جي مٿان جاسوس ڪري مقرر ڪيو هجي، ۽ اسان جو راز ڪٿي ظاهر نه ڪري وجهي، تنهنڪري هن اوپري ماڻهوءَ کان پاڻ کي ڳوشو ڪرڻ کپي. تنهن تي شهزادي چيس ته: ادا! اها اسان جي وڏي ڀل ٿيندي جو هڪڙي غريب ۽ اشراف ماڻهوءَ کي پنهنجي مجلس مان ڪڍي ڇڏيون. هيءُ غريب ته اسان جو دوست

* هيءَ ڳالهه اتر (تعلقي قنبر) مان غلام نبي کان ملي.

ٿـي رهڻ گهري ٿـو ۽ تمام چڱو ماڻهو نظر ٿو اچي. مونکي اميد آهي ته هن ماڻهوءَ مان اسان کي ڪو ڏک ڪونه پهچندو، ۽ هو اسان سان وفادار ٿي رهندو، توکي اجايو شڪ پوڻ نه گهرجي. ان ڏينهن کان وٺي هي ڇهن جي بدران سچ پچ پنج دوست ٿـي پيا. پوءِ هنن پنجن ئي دوستن جـون پـاڻ ۾ راز جون ڳالهيون هلڻ لـڳيون، ۽ قرب محبت سان گذارڻ لـڳا. بادشاهه کي هنن پنجني ڄڻن جي سنگت جي خبر هئي، هن شهزادي کـي گهڻوئي سمجهايو ته اهي دولت جا بکيا دوست آهن، جي مصيبت جي مهل پڇي پاسو ڪندا، تنهنڪري انهن جي سنگت کي ڇڏ. پر شهزادي ڪنهن به طرح پنهنجن دوستن کي نه ڇڏيو. اهو حال ڏسي بادشاهه وجهه پيو ڳوليندو هو ته ڪنهن طرح انهن تي مصيبت اچي ته پوءِ دوستيءَ جي پاڻهي خبر پوندي.

هڪڙي ڏينهن رستي تان ايندي، ان پنجين سنگتيءَ جو ڪنهن ماڻهوءَ سان تڪرار ٿي پيو. هن ڪڍنديئي ترار ان شخص کي اتي ماري وڌو. سپاهي، غريب دوست کي پڪڙي بادشاهه وٽ وٺي آيا. بادشاهه کانئس پڇيو ته: خون تو ڪيو آهي؟ هن جواب ڏنو ته: هائو جيئندا قبلا! اهو ڏوهه مون کان ٿيو آهي. شهزادي جي دوستن مان هڪڙي کي قاتل ڏسي بادشاهه خوش ٿيو ۽ خيال ڪيائين ته هاڻي پين دوستن جي خبر پوندي... سو يڪدم حڪم ڏنائين ته: هن شخص کي سڀاڻي صبح جو ڦاسي چاڙهيو وڃي، اڄوڪيءَ رات قيد ۾ رکيو وڃي.

بادشاهه فيصلو ڪيو اڃان دربار ۾ ئي ويٺو هو ته شهزادي اچي سلام ڪيو، ۽ بادشاهه کي هٿ ٻڌي چيائين ته: بابا سائين! اهو خون مون کان ٿيو آهي، توهان بيگناهه هن ويچاري کي ڪٿي قيد ۾ رکيو آهي... بادشاهه اهو ٻڌي، پهرئين سنگتيءَ کي قيد مان ڪڍي شهزادي کي بند ڪرڻ

جو حڪم ڏنو. اڃان اتي ئي هئا تہ مٿان وزير زادي اچي لڪاءُ ڪيو، ۽ بادشاهہ کي جهڪي سلام ڪري عرض ڪيائين تہ: بادشاهہ سلامت! توهان شهزادي کي بيگناهہ قيد ۾ رکيو آهي... اهو ڏوهہ مون کان ٿيو آهي، نہ شهزادي کان؛ تنهنڪري هن کي آزاد ڪري سزا مونکي ڏني وڃي. اتي بادشاهہ ڪجهہ حيران ٿيو، پر هن کي تہ دوستن جي ڏوستي پرکڻي هئي، تنهنڪري حڪم ڏنائين تہ: شهزادي جي بدران وزيرزادي کي قيد ۾ وجهو. اڃان انهن ئي ڳالهين ۾ هئا تہ مٿان لوهر دوست بہ اچي درٻار ۾ پهتو، ۽ يڪدم بادشاهہ کي چيائين تہ: واهہ سائين واهہ! واهہ جو انصاف ٿا ڪريو! ڏوهہ ڪري هڪڙو، سزا ڀوڳي ٻيو. اصل ۾ خون مون ڪيو آهي، وزيرزادي کي تہ اصل ڳالهہ جي خبر بہ ڪانهي، تنهنڪري سزا مونکي ڏيو. هن لاچار ٿي وزيرزادي کي آزاد ڪرڻ جو حڪم ڏيئي، ڪٽي لوهر کي بندايو. اڃان گهڙي بہ ڪانہ گذري تہ پنجون سنگتي ڪٽي، ڪپڙو ڳچيءَ ۾ وجهي ڏڪندو ڏڪندو اچي درٻار ۾ ڪري پيو. بادشاهہ کانئس پڇا ڪئي، تڏهن هڪ بڏي چيائين تہ: جيئندا قبلا! اصل ڏوهاري آءٌ آهيان، پر هنن دوستن منهنجي جان بچائڻ لاءِ پاڻ تي ڏوهہ آندو آهي. انها شرم جهڙي ڳالهہ آهي جو آءٌ ڏوهہ ڪري لڪي وڃان، وچان پيو ڪو بيگناهہ دوست ڦاسيءَ چڙهي. تنهنڪري آءٌ اچي حاضر ٿيو آهيان. هاڻي هنن چئني دوستن کي ڇڏي مونکي سزا ڏيو.

بادشاهہ هنن جي دوستيءَ جو اهو مثال ڏسي حڪم ڏنو تہ: هي پنجئي ڄڻا ڏوهہ جا ڏوهاري آهن، تنهنڪري جيستائين اها خبر پوي تہ خون ڪنهن ڪيو آهي، تيستائين فيصلو نہ ٿي سگهندو. هاڻي سپاٽي انهيءَ بابت وڏيڪ جانچ ڪئي ويندي. اڄ هرڪو پنهنجي پنهنجي گهر وڃي ٿانيڪو ٿئي. رات ٿي تہ بادشاهہ خيال ڪيو تہ هي پنجئي دوست اڄ رات

ضرور پاڻ ۾ ملندا ۽ خون بابت خبرچار ڪندا، تنهنڪري چو نہ لڪي لڪي سندن ڳالهيون ٻڌجن، جيئن هڪڙي پاسي اها خبر پوي تہ هنن ۾ سچو ڏوهاري ڪير آهي، پيو تہ اها بہ خبر پوندي تہ اڳتي لاءِ ڪهڙي صلاح ٿا بيهارين.

بادشاهہ ڇمڙاپوش ڪري، اڌ رات جو اچي انهيءَ جاءِ ۾ لڪي ويٺو، جتي هي دوست اچي گڏبا هئا ۽ رهاڻ ڪندا هئا. چا ٿو ٻڌي تہ شهزادو پنهنجي دوستيءَ کي سچي ثابت ڪرڻ لاءِ دوستن کي پيو چئي، تہ: جڏهن بادشاهہ اسان مان ڪنهن کي بہ قاسيءَ جو حڪم ڏيندو تہ آءٌ کيس خنجر سان ماري وجهندس. ان ڪان پوءِ بادشاهي ضرور مونکي ملندي، پوءِ ڪنهن کي بہ طاقت نہ آهي جو منهنجي دوستن جي وار جو نالو وٺي! وزيرزادو چوڻ لڳو تہ: جيڪڏهن اسان مان ڪنهن بہ هڪڙي دوست کي مارائيندو تہ آءٌ وري ان ۾ زهر ملارائي ڇڏيندس. بادشاهہ ڪائڻ سان ختم ٿي ويندو. پوءِ شهزاد ! تون بادشاهہ تہ آءٌ وزير ۽ هنن دوستن مان هڪڙو سپہ سالار، هڪڙو خزانچي ۽ هڪڙو ڪوتوال بنائيندا سون. اتي لوهر بہ پنهنجي راءِ پيش ڪئي. چي: بادشاهہ جي ڪچهريءَ واري سڄي عمارت هڪڙي لوهي ڪل تي بيٺل آهي. آءٌ ان کي ڏڪ هڻي سڄي جاءِ ڪيرائي ميدان ڪري ڇڏيندس. پوءِ جيڪي بہ انهيءَ جاءِ ۾ هوندا، سي سڀ بادشاهہ سميت ختم ٿي ويندا. ان بعد ڪتي چوڻ لڳو تہ: بادشاهہ جڏهن دربار ۾ ويندو تڏهن ضرور ڪپڙا بدلائيندو. آءٌ انهن ڪپڙن کي اهڙي زهري دوا لائي ڇڏيندس، جو هو ڪپڙن پائڻ سان مري ويندو.

بادشاهہ هنن جي اها سموري گفتگو ٻڌي وڏي فڪر ۾ پئجي ويو. صبح ٿيو تہ دستور موجب ڪتي ڪپڙا کڻي آيو، پر بادشاهہ چيس تہ: اڄ ساڳين ڪپڙن سان دربار ۾ ويندس. وري ماني آئي تہ بادشاهہ پاڻ تہ اها نہ کاڌي، پر

پڻ ڪي ٻه ڪاڻ ڪان منع ڪيائين. بادشاهه نيرانو ڏرٻار ۾ آيو ته شهزادي ۽ فريادي ۽ ڪي درٻار ۾ حاضر ڏٺائين. اتي فريادي ۽ ڪي چيائين ته: توهان جيڪڏهن منهنجي سر ۽ بادشاهي ۽ جو خير گهرين ته پوءِ خون جو عيوض اسان ڪان وٺ. ان لاءِ توهان ڪيترو به ناڻو چوندين، ته اسين ڀري ڏينداسين. جيڪڏهن نه، ته آءٌ ۽ هي ۽ ساري حڪومت تباهه ٿي ويندي.

آخرڪار بادشاهه جي چوڻ تي فريادي خون جي قصاص وٺڻ ڪان هٽيو ۽ بادشاهه ڪي چيائين ته: جيئندا قبلا! اوهين ڪو فڪر نه ڪريو، هي ۽ ته هڪڙو سر هئو، پر هزار سر هجن، ته به اوهان جي مٿان قربان ڪجن. مون خون بخش ڪيو. اهو ٻڌي بادشاهه هن ڪي مالا مال ڪري ڇڏيو. بادشاهه پوءِ شهزادي ڪي ويجهو اچڻ جو اشارو ڪري، سپاهين ڪي حڪم ڏنو ته هن جي تلاشي وٺو. تلاشي وٺڻ تي هن وٽان هڪڙو خنجر نڪتو. وري درٻان ڪي حڪم ڪيائين ته: ڪچهري واري فلاڻي جاء تي ڪو ماڻهو بيٺل هجي، ته ان ڪي جهلي اچ. درٻان وڃي ڏسي ته اتي هڪڙو ماڻهو آهي جو وڏاڻ رکيو ويٺو آهي ۽ ڏري گهٽ ٿي ڪچهري ۽ جو خاتمو ڪيائين، پر درٻان اچي پڪڙي وڌس. وري ڪاڏو گهرائي ڏسن ته سچو سائو ٿيو پيو آهي. ڪتي ڪي گرم ڪٽي وڌائون ته ڇڙهي به ڪانه هنيائين. وري ڪپڙا گهرائي ڏٺائون ته زهر لڳڻ سبب خاڪ ٿيا پيا آهن. پوءِ بادشاهه چيو ته: رات مون هنن دوستن جي گفتگو ٻڌي هئي. جيڪڏهن آءٌ جوابدار ڪي قاهي ۽ جو حڪم ڏيان ها ته اسين سڀ مري وڃون ها. پٽ مونکي خنجر سان ماري ها، وزيرزادي ماني ۽ ۾ زهر ملايو هو ۽ ڪتي ڪپڙن جي رستي، ۽ لوهر اسان سڀني جي مٿان جاء ڪيرائي ناس ڪري ڇڏي ها.

بادشاهہ پوءِ شهزادي ۽ ان جي چئن يارن کي وڏا
وڏا انعام ڏيئي چيو تہ: دوستي بيشڪ توهان جي سچي چئبي،
توهين بيشڪ هڪبئي سان وفادار آهيو.

١٦- لعل ٻه ليي، پريت ٻه رهجي اچي*

ڪنهن ملڪ جي بادشاھ کي هڪڙو پٽ هو، جنهن جي اهڙي عادت اچي ٿي، جو جڏهن شهر جون زالون کوھ مان دلا ڀري کڻنديون هيون، تڏهن هو گليل سان پتر هڻي، دلا ڀڃي ڇڏيندو هون. ڪجهه وقت ته شهر جي ماڻهن اها ڳالهه صبر سان پئي سٺي، پر نيٺ اچي آتا ٿيا. هڪڙي ڏينهن لاچار بادشاھ کي وڃي دانهن ڏنائون ته: بادشاھ سلامت! شهزادي شهر ۾ هڪڙو دلو به سلامت ڪونه ڇڏيو آهي. جنهن به زال جي مٿي تي دلو ڏسي ٿو، تنهن کي گليل سان ڀڃيو ڇڏي. شهر جي ڪنڀرن جون آويون چٽ ٿي ويون آهن. هاڻي ته پاڻي ڀرڻ لاءِ به آزار ۾ اچي ويا آهيون. بادشاھ اها ڳالهه ٻڌي، کين چيو ته: فڪر نه ڪريو، اسين اوهان کي ٽامي جون گهاگهريون ٺهرائي ٿا ڏيون. اهو ٻڌي ماڻهو خوش ٿيندا موٽي ويا.

بادشاھ پنهنجي قول موجب انهن کي ٽامي جون گهاگهريون مفت ۾ ٺهرائي ڏنيون. شهر جون زالون هاڻي مٽيءَ جي دلن جي بدران ٽامي جي گهاگهرين ۾ پاڻي ڀرڻ لڳيون. شهزادي جڏهن اهي گهاگهريون ڏٺيون، تڏهن وري رڪ جا روڙا ٺهرائي گليل سان گهاگهرين کي ٽنگ ڪرڻ شروع ڪيائين. آخر اها ڳالهه به وڃي بادشاھ جي ڪن تائين پهتي. هن شهزادي کي گهڻوئي ڪي سمجهايو، پر شهزادي جي اهائي عادت. نيٺ بادشاھ بيزار ٿي خيال ڪيو ته بادشاهي

---

* هيءَ ڳالهه (تعلقي ٺٽي ٻاگي) مان مائي زيب‌النساء لوهار کان ملي.

۽ رعيت سان آھي... شهزادي جا هينئر ئي اهڙا پار آهن، سو سنهنجي مرڻ کان پوءِ رعيت سان ڪهڙي چڱائي ڪندو! اهو خيال ڪري پانهيءَ کي حڪم ڪيائين ته: جڏهن شهزادو ماني ڪائڻ اچي، تڏهن هن جي جُتيءَ جا پاد و اونڌا ڪري ڇڏجئين، ۽ کيس ڪائڻ لاءِ رکو رُکي ماني ڏجئين. شهزادو جڏهن ماني ڪائڻ آيو، تڏهن پانهيءَ حڪم موجب رُکي ماني آڻي ڏنيس ۽ سندس جُتيءَ جا ٻئي پادر اونڌا ڪري ڇڏيائين. شهزادو رُکي ماني ڏسي ڪجهه ويچار ۾ پئجي ويو، ۽ وري جو پادر ۾ اونڌا ڏٺائين، تڏهن پڪ ٿيس ته اهو سندس شهر نيڪاليءَ جو حڪم آهي.

شهزادو ماني آتي ئي ڇڏي، جُتي پائي، هتين خالي اٿي محلات مان روانو ٿيو. شهر جي دروازي تائين پهتو، تڏهن خيال آيس ته اڳو پوءِ پنهنجي دوست وزيرزادي کان موڪلايو وڃان. سو سڌو وزيرزادي وٽ آيو ۽ چيائينس: ادا! مونکي ته ملي آهي شهر نيڪالي، تنهنڪري توکان موڪلائڻ آيو آهيان.
وزيرزادو اها ڳالهه ٻڌندي ئي ٽپ ڏيئي اٿيو ۽ شهزادي کي چيائين ته: دوست! توکان سواءِ هتي رهي ڇا ڪبو! ترس ته آءٌ ۾ توسان گڏجي ٿو هلان، پر پهرين قاضيءَ جو پٽ آهي منهنجو دوست، سو هل ته ان کان موڪلائي پوءِ هليا هلون.
ٻئي گڏجي قاضيءَ جي پٽ کان موڪلائڻ آيا. سموري ڳالهه ٻڌي هن پڻ چيو ته: ادا! آءٌ اوهان کان سواءِ هتي ڪونه رهندس... باقي ڪوتوال جي پٽ سان ياراني اٿو، تنهنڪري جي هلو ته انهيءَ کان موڪلائي پوءِ هلون. ڪوتوال جي پٽ کي ۾ جڏهن اها خبر پئي، تڏهن هن ۾ هنن سان گڏجي هلڻ جو خيال ڏيکاريو. پوءِ ته چارئي ڄڻا شهر ڇڏي، ٻئي ملڪ ڏانهن روانا ٿيا.

هلندي هلندي هڪڙي رڻ پٽ ۾ اچي رات پين. صلاح ڪيائون ته هوڙيءَ سج ۾ سيني جو سمهي پوڻ چڱو نه آهي.

ٿهنڪري هرڪو واري سان پهرو بہ ڏئي ۽ ننڊ بہ ڪري. نيٺ صلاح ٿيڻي تہ پهرئين پهر شهزادو، ٻئي پهر وزيرزادو، ٽئين پهر قاضيءَ جو پٽ ۽ چوٿين پهر ڪوتوال جو پٽ پهرو ڏئي. انهيءَ رٿ موجب ٽيئي همراهہ سمهي رهيا، باقي شهزادو ويهي پهرو ڏيڻ لڳو. اجان ڪا ساعت مس گذري تہ شهزادي کي پري کان چمڪاٽ ڏسڻ ۾ آيو. خيال ٿيس تہ ضرور ڪا آفت آهي، سو اٿي وڃي ويو. ڇا ڏسي تہ هڪڙو واسينگ نانگ چمڪندڙ لعل سان پيو راند ڪري. شهزادي هڪدم ترار ڪڍي وار ڪيو، پر نانگ ڏڪ لڳڻ کان اڳ ۾ ئي لعل اتي ڇڏي، اک ڇنڀ ۾ غائب ٿي ويو. شهزادي جهٽ ڪري لعل کڻي پنهنجي پٽڪي جي ور ۾ لڪائي ڇڏي، ۽ موٽي اچي پهرو ڏيڻ لڳو. پهرئين پهر پوري ٿيڻ تي شهزادو، وزيرزادي کي پهري ڏيڻ لاءِ اٿاري پاڻ سمهي رهيو. وزيرزادي کي بہ پهرو ڏيندي اجان ڪجهہ وقت مس گذريو تہ هن کي بہ پري کان چمڪاٽ ڏسڻ ۾ آيو. ويجهو وڃي ڏسي تہ هڪڙو واسينگ نانگ لعل سان پيو کيڏي. وزير جي پٽ بہ ترار سان نانگ کي مارڻ چاهيو ٿي، پر نانگ ور ڏيئي لعل اتي ئي ڇڏي، زمين ۾ گهڙي ويو. وزيرزادي جهٽ ڪري لعل کڻي پنهنجي پٽڪي جي ور ۾ هڻي ڇڏي، ۽ موٽي اچي پهري تي ويٺو. ٽئين پهر ۾ جڏهن قاضيءَ جي پٽ پهرو ڏنو، تڏهن هن کي بہ اهڙيءَ طرح لعل هٿ آئي، جيڪا هن بہ پٽڪي جي ور ۾ لڪائي ڇڏي. چوٿين پهر ڪوتوال جي پٽ کي بہ ساڳيءَ طرح لعل ملي، پر هن خيال ڪيو تہ ڏسان تہ ٻين کي بہ اهڙيون لعلون هٿ آيون آهن يا رڳو مونکي ملي آهي! اهو ويچار ڪري هن يارن جا پٽڪا ڦولهيا تہ انهن مان لعلون لڀي پيون. پوءِ اهي چارئي لعلون ڪپڙي ۾ ويڙهي، پنهنجيءَ چيلهہ ۾ ٻڌي ڇڏيائين. صبح جو جڏهن سڀئي اٿيا، تڏهن هرڪو پنهنجي سنهن پٽڪو جاچڻ لڳو تہ لعل سوگهي آهي يا نہ؟ پر لعل هجي

ته ڪين هٿ اچي! سمجهي ويا ته لعلون آهن ڪنهن يار وٽ، پر هاڻي ڪنهن کي ڏوهه ڏجي. يارن مان جيڪو به چور ثابت ٿئي، ان سان ياري ڦٽائڻي پوندي. تنهنڪري دل جو سور دل ۾ سانڍي پنڌ پيا.

آخرڪار ڪنهن ٻئي ملڪ ۾ اچي نڪتا، ۽ اتي رهڻ لڳا. هڪڙي پيري ڳالهيون ڪندي اها ڳالهه اچي نڪتي... تنهي دوستن سان گڏ ڪوتوال جي پٽ به چيو ته: لعل ته سونکي به هٿ آئي هئي، پر صبح جو ٻڪي ۾ هئي ڪانه. نيٺ سڀئي صلاح ڪري اتي جي بادشاهه وٽ ويا، ۽ ڪيس سمورو احوال ٻڌائي عرض ڪيائون ته: اسان کي لعلون لهي ڏي، پر اهڙيءَ طرح جو چئني دوستن جي پريت رهجي اچي. بادشاهه اها ڳالهه ٻڌي ڏاڍو حيران ٿيو. آخر گهڻي سوچ ويچار کان پوءِ جواب ڏنائين ته: هڪ ڳالهه ٿيندي... يا لعلون لهنديون يا پريت رهندي. انهيءَ تي شهزادي چيو ته: جيڪڏهن اوهان کان ههڙو خسيس فيصلو به نٿي نٿو سگهي، ته پوءِ هيڏي ساري بادشاهي ڪيئن هلائيندا هوندئو؟ بادشاهه کي انهيءَ طعني ماري ڇڏيو. تنهنڪري چئني يارن کي پاڻ وٽ ترسائي ڇڏيائين، ۽ وزير کي گهرائي، سڄي ڳالهه ٻڌائي حڪم ڪيائين ته: يا لعلون لهي ڏي يا موت قبول ڪر!

وزير ويچاري کي اچي ساهه سان لڳي، سو بادشاهه کان مهلت وٺي گهر آيو، ۽ اچي منجي اونڌي ڪري غم ۾ ويهي رهيو. گهر جا سڀئي ياتي ڏاڍا حيران پريشان ٿيا. آخر هن کان خبرچار پڇيائون، پر هن ڪنهن کي به جواب ڪونه ڏنو. نيٺ وڏيءَ ڌيءَ زور رکيس، تڏهن لاچار ٿي سموري ڳالهه ڪري ٻڌايائين. ڌيئس اها ڳالهه ٻڌي چيس ته: بابا! ڳالهه به ايتري! هاڻي تون دل نه لاهه. انهن چئني يارن کي وٺي اچي اوطاق ۾ رهاءِ، پوءِ آءٌ پاڻهي لعلون هٿ ڪري ڏينديس. وزير اتي ڏاڍو خوش ٿيو ۽ چئني يارن کي آڻي پنهنجي اوطاق ۾ مهمان ڪري رهايائين.

جڏهن رات جو سڀئي ماني ٽڪي کائي وڃي آرامي ٿيا، تڏهن وزيرزاديءَ پهرين شهزادي کي پاڻ وٽ گهرايو. پر اهڙيءَ طرح جيئن ٻين ٽنهي دوستن کي خبر نه پئي. شهزادو ماڙيءَ تي آيو. ٻانهي هن کي پلنگ تي ويهاري پاڻ هلي وئي. انهيءَ وچ ۾ وزيرزادي به هارسينگار ڪري ڏاڍي نازنخري سان هلندي اچي پهتي. شهزادو هن کي ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو. ٻئي ڄڻا رهاڻ ڪرڻ ويٺا، پر اوچتو ڏيو وسامي ويو. وزيرزاديءَ ٻانهيءَ کي سڏي گهٽ وڌ ڳالهايو، ۽ چيائينس ته: ڏيو تيل کٽي اچ. ٻانهيءَ چيو ته: سائين! اڄ توشاخاني مان تيل آڻڻ وسري ويو، هينئر اڌ رات اچي ٿي آهي، سو ڪٿان تيل آڻيندس! تڏهن وزيرزاديءَ چيس ته: چڱو، ڪي لعلون کڻي اچ ته انهن جي روشنائيءَ ۾ ويهي ڪچهري ڪريون. ٻانهيءَ جواب ڏنو ته: سائين! اهي به رهيون توشاخاني ۾، هينئر بيگاهه وقت ڪنهن کي جاڳائڻ سٺو ڪونهي. وزيرزادي اهو ٻڌي چپ ٿي وئي. شهزادو به ماٺ ڪيو ويٺو هو. آخر ڪجهه دير کان پوءِ وزيرزاديءَ ڪَن سُن ۾ ٻانهيءَ کي چيو ته: هن کي سندس ڪوٺيءَ ۾ ڇڏي وزيرزادي کي وٺي اچ. گهڙيءَ ڪن کان پوءِ وزيرزادو آيو، ان سان به وزيرزادي ساڳيءَ طرح نازنخري سان ملي. وري به ڏيو اجهامي ويو. ان تي هنن ٻنهي ڄڻين ساڳي گفتگو ڪئي. آخر وزيرزادي ماٺ ڪري ويهي ڏسڻ لڳي ته من هو ڪجهه ڪُڇي، پر پيو ٿيو خير... اصل ڀِت بنيو ويٺو رهيو. اهو حال ڏسي وري به ٻانهيءَ کي چيائين ته: هن کي به ڌڪا ڏيئي هيٺ ڇڏي، قاضيءَ جي پٽ کي وٺي اچ! قاضيءَ جي پٽ سان به اهائي ڪار ٿي. پر اتان به ڪڙ تيل ڪونه نڪتو. پڇاڙيءَ ۾ ڪوتوال جو پٽ آيو. وزيرزادي ۽ ٻانهيءَ جي وچ ۾ ساڳي گفتگو ٿي، جڏهن ٻانهيءَ جواب ڏنو ته: سائين! لعلون رهيون توشاخاني ۾، تڏهن ڪوتوال جي پٽ کان رهيو ڪونه ٿيو، ۽ جهٽ



... ڪوتوال جي پٽ چيو ته: وزيرزادي! چار لعلون سون وٽ به آهن، اوهين چئو ته پوءِ ڪٿي حال انهن جو ئي سوجهرو ڪريون...

چئي ڏنائين تہ : وزيرزادي! چارلعلون مون وٽ ٻہ آهن، اوهين چئو تہ پوءِ ڪٿي حال انهن جوئي سوجهرو ڪريون؟ وزيرزادي اهو ٻڌي ڏاڍي خوش ٿي، ۽ چيائين تہ : ڀلي، لعلون ڪڍي ڪڍ ٻاهر تہ في الحال سوجهرو ٿئي. جيئن ئي ڪوتوال جي پٽ پنهنجي چيلهہ مان لعلون چوڙي ٻاهر رکيون، تيئن وزيرزاديءَ جهٽ هٽي لعلون ڪٽي سوگهيون ڪيون ۽ ٻانهيءَ کي حڪم ڪيائين تہ : هن کي ٻہ ڏڪا ڏيئي هيٺ چڙي اچ! پوءِ وزيرزاديءَ چارئي لعلون وڃي پنهنجي پيءَ کي ڏنيون.

صبح جو وزير چارئي لعلون آڻي بادشاهہ کي ڏنيون. جنهن وري انهن چئني يارن کي هڪ هڪ ڪري ورهائي ڏنيون. چئني دوستن مان ڪنهن کي بہ سُڌ ڪانہ پيئي تہ اهي لعلون کهڙي يار وٽ لڪل هيون. اهڙيءَ طرح هنن چئن يارن جون "لعلون ٻہ لڌيون ۽ پريت ٻہ رهجي آئي".

١٧- ٽالهي، گدرو ۽ ڪاٺي*

بادشاهه ته ڀاڻ ڏٺي آهي، پر هن ڪوڙي دُنيا جو ڪو بادشاهه هو. ڪچهريءَ هلندي اُن بادشاهه پنهنجي وزير کان پڇيو ته: وزيرا! هيٺان ٽالهي، تنهن تي گدرو، اُن تي ڪاٺي- ٻڌاءِ ته گدرو وڌبو يا نه وڌبو؟ وزير هن اوچتي سوال تي ٻُڌيءَ ۾ پئجي ويو، ۽ ڪنڌ هيٺ ڪري، ڪجهه وقت سهي، بادشاهه کي عرض ڪيائين ته: جهان پناهه! ڪجهه وقت مهلت ڏيو ته جواب آڻي ڏيانوَ. بادشاهه پڇيو ته: ڪيترو وقت مهلت گهرجئي؟ وزير عرض ڪيو ته: ٽي مهينا. بادشاهه چيس ته: وزيرا! توکي ٽي مهينا مهلت آهي، پر جيڪڏهن ميعاد اندر پورو جواب نه ڏيندين ته ڦاسيءَ تي چاڙهيو ويندين. ڪچهريءَ مان اُٿي وزير پنهنجي محلات ۾ آيو، ۽ فڪر ڪٽيءَ ۾ اچي پلنگ تي پئجي رهيو. نه ڪائي نه پيئي. سڄي محلات ۾ چڻ راڪاس گهمي ويو. وزير جي زال حال معلوم ڪرڻ لاءِ گهڻئي جتن ڪيا، پر وزير ائين چئي پٺي ماٺ ڪرايس ته: هي معاملو منهنجي سِرَ ساڻ آهي.

وزيرزادي تمام ڏاهي هئي، سا لنگهي پيءُ وٽ آئي، ۽ پيار سان پيءُ کي ڳراٽڙي پائي چيائين ته: بابا سائين! ڳالهه ڳالهه سان چٽندي ۽ فڪر، فڪر جي راهه صفا ڪندو. باقي اوهان جو کائڻ پيئڻ ۽ ڳالهائڻ ٻولهائڻ ڇڏي ڏنو آهي، سو ان رستي ڪا به ڳالهه حل نه ٿيندي. شهزادي منهنجي ساهيڙي آهي، جا مون کان به ڏاهي آهي. جي اوهان کي ڪا ڏکي ڳالهه هجي، ته مونکي ٻڌايو ته آءٌ ان کان وڃي پڇي اچان-

* هيءَ ڳالهه وچولي (تعلقي هالا) مان قاضي نورمحمد کان ملي.

اهڙيءَ طرح جو ڪنهن کي به خبر ڪانه پوندي. وزير کي پنهنجي نياڻيءَ جي صلاح وڻي، ۽ سندس ملول من کي ڪجهه آٿت آيو. پوءِ ڌيءَ کي سڄي حقيقت ڪري ٻڌايائين، ۽ هلندي مهل پارت ڪيائينس ته: شهزاديءَ کان جواب اهڙيءَ طرح هٿ ڪج، جو ڪنهن ڪل به نه پوي ته ڪو بادشاهه، وزير کان هيءُ سوال ڪيو آهي. وزيرزاديءَ پيءُ کي ڏڍ ڏنو ته: بابا! ڌيءَ ڪهڙيو آهي ته آءٌ اهڙيءَ طرح سان جواب هٿ ڪنديس، جو خود شهزاديءَ کي به خبر نه پوندي.

ڏينهن لڙي پيو ته وزيرزادي به سهي سنبهي، شهزاديءَ ڏانهن رواني ٿي. ٻئي سهيليون هڪٻئي سان ملي خوش ٿيون. اوپاريون لهواريون ڳالهيون ڪندي، انهن ٿي شهزاديءَ ڳالهه ڪئي ته: بابي سائينءَ جي حڪومت ۾ پنهنجي شهر کان اوڀر طرف هڪڙو ڳوٺ آهي، جتي ننڍا وڏا سڀ داناء ۽ ڏاها آهن. هنن جو ڳالهائڻ ٻولهائڻ، اٿڻ ويهڻ، ڏيڻ وٺڻ، سڀ ڏاهپ سان آهي. وزيرزاديءَ دل ۾ خيال ڪيو ته ڇو نه بابي کي به وڃي ڏس ڏيان ته هو انهن ڏاهن وٽ وڃي، ۽ اتان پرپٺرو جواب وٺي اچي. اها ڳالهه ڪئي وزيرزادي گهر آئي، ۽ پيءُ کي ڏاهن جو اچي ڏس ڏنائين. وزير ٻئي ڏينهن سهي سنبهي خرزين خزاني جي ڀري گهوڙي تي رکي، ڏاهن جي ڳوٺ ڏانهن روانو ٿيو. پڇائيندو پڇائيندو ٻن پهرن جو اچي اتي پهتو. ان مهل ڳوٺ جا مرد ماڻهو سڀ ڪمن ڪارين پنهنجي ويل هئا. اوچتو هڪڙو ڇوڪرو ڳوٺ کان ٻاهر نڪتو، جنهن کان وزير، وڏيري جي نالي ۽ سندس گهر جو ڏس پڇي، اچي وڏيري جي در تي هٿ هنيو. ان وقت وڏيرو گهر ۾ ڪونه هو. ٿوري وقت بعد اندران آواز آيو ته: ڪير آهين؟ جواب ڏنائين ته: آءٌ بادشاهه جو وزير آهيان. پوءِ پڇيائين ته: وڏيرو ڪيڏانهن ويو آهي؟ اندران جواب آيو ته: بابو ويو آهي مٽيءَ ۾ مٽي گڏڻ. وزير سمجهيو ته هيءُ ڳالهائڻ واري وڏيري جي

نياڻي آهي. وري پڇيائينس ته: ڀلا، تنهنجي ماءُ ڪيڏانهن ويئي آهي؟ اندران جواب مليس ته: اها ويئي آهي ميٽيءَ مان ميٽي جدا ڪرڻ. وزير انهن ٻي جوابن ۾ منجهيو بيٺو هو ته اندران آواز آيو: اسان جي اوطاق اتر طرف آهي، توهين آن ۾ هلي ويهو، ڪا پهر هوندي ته توهان وٽ ايندي. وڏيري جي نياڻيءَ پاڙي ۾ ولوڏنو ته هڪ پاڙيسري گڏيس. ان کي چيائين ته: اوطاق تي بادشاهه جو وزير ويٺو آهي، وڃي ان کان گهوڙو وٺ ۽ گهڙي پل وٽس ويهه جيستائين بابو اچي.

وزير اوطاق تي اچان پهتوئي مس ته ماڻهو به اچي نڪتو، جنهن هن کان گهوڙو وٺي ٻڌو ۽ کٽ تي وڇاڻو ڪري کيس ان تي ويهاريائين. وزير دل ۾ چيو ته: هاڻو ڀلي، جهڙا عقل وارا ٻڌم تهڙائي آهن. وڏيري جي نياڻي ته عقل واري ٿي ڏسجي، منهنجي سوال جو جواب به ان کان ئي ملندو. هاڻ وڏيرو اچي ته ماڳهين ڪٿي سگهي گهرانس. سچ لڳي ڀهل وڏيرو آيو، ڏيءَ ٻڌايس ته: اوطاق تي بادشاهه جو وزير ويٺو آهي. هن يڪدم اوطاق تي اچي وزير جو سلام ڪيو ۽ پاڻ ۾ حالي احوالي ٿيا. وزير خبرون ٻڌائيندي سگهي جي گهر ڪيس. وڏيري حيلا بهانا ڪري، وزير کي انهيءَ ڳالهه تان لاهڻ جي ڪئي، پر هو به سچند ٿي لڳو ۽ وڏيري سان هيتاهيون متاهيون ڳالهيون ڪرڻ ويهي رهيو. وڏيري ڪا ڳالهه ڪٿي، وزير کي چيو ته: آءٌ پنهنجي گهر ۽ راڄ سان صلاح ڪريان، پوءِ اوهان کي جواب ڏيندس. ائين چئي وزير کان اٿي پنهنجي گهر آيو، ۽ سيني راڄ وارن کي ڪوٺ ڏيئي آيو.

رات جو سيئي راڄ وارا ننڍا وڏا اچي گڏ ٿيا، اتي وڏيري سيني کي چيو ته: ڀائرو! جڏهن توهين سيئي مونکي عزت ڏيو ٿا، تڏهن پيا به مونکي عزت ٿا ڏين. ڀائيچاريءَ جي حساب ۾ جيڪي منهنجو آهي سو توهان جو آهي، ۽ جيڪي توهان جو آهي سو منهنجو آهي. ڳالهه هيءَ آهي جو بادشاهه جو

وزير مون وٽ سڱ لاءِ آيو آهي— هاڻي توهان جو ڪهڙو خيال آهي؟ منهنجي عزت سا توهان جي عزت، ۽ توهان جي عزت سا منهنجي عزت. منهنجي نياڻي توهان جي به نياڻي آهي. توهين ڀائر ان ڳالهه لاءِ جيڪو فيصلو ڪندا، سو مون کي قبول آهي. راڄ وارن مان ڪن ننڍن ٿي پهه جواب ڏنو ته: جو نه ڏٺو نه ٻڌو، جنهن سان اڳي نه سڱ نه سياپو، نه اچ نه وڃ، انهيءَ کي سڱ ڏيڻ— اسان کي اها ڳالهه نٿي وڻي... وزير کي جواب ڏيڻ گهرجي. جيڪڏهن بادشاهه ڪاوڙجي پوي ته پلي ڪاوڙجي، جي بادشاهه تنگ ڪيو ته پوءِ لڏي هلي ٻيءَ بادشاهي ۾ ويهنداسين. پر راڄ مان ڪن وڏڙن صلاح ڏني ته: سڱ سياپو لکئي جو انگ آهي. مڱيا نه پرڻجن پر لکيا پرڻجن. غيب جي چاڻ غيبدان کي. وزير جو هلي آيو آهي، ان کي عزت ڏيڻ گهرجي— هڪ ته بادشاهه تائين به رسائي ٿيندي، ٻيو ته ڳوٺ راڄ جي به عزت ٿيندي. ان بعد وڏيري وري پنهنجيءَ زال ڏي نهاريو، ۽ چيائينس ته: مرد بادشاهه ۽ زال ان جي وزير آهي— هاڻي تنهنجو ڪهڙو خيال آهي؟ زال جواب ڏنو ته: گهر سڀ آهي، ڏک سک لکئي جي اچار آهي، پر ظاهري ڏسجي ٿو ته ڇوڪري ڏکي ڪانه ٿيندي، تنهنڪري منهنجي صلاح آهي ته وزير کي سڱ ڏجي. جي سڱ نه ڏيو ته بادشاهه ڪاوڙجي پوندو، پوءِ ڏاڍي سان ڪهڙو زور لائبو؟ لاچار ملڪ ڇڏي ٻيءَ بادشاهي ۾ هلي ويهبو. بادشاهه بادشاهن جا ڀائر آهن— ڪهڙي خبر ته هيءَ بادشاهه ان ملڪ جي بادشاهه ڏانهن چٺي ڪري ته هتن ماڻهن کي اک ۾ رکجو، هي هڙا ڪي هڙا آهن، پوءِ پاڻ ڇا ڪري سگهنداسين! متي لڪائڻ لاءِ به آرام سان جاءِ ڪانه ملندي، تنهنڪري منهنجي صلاح آهي ته وزير کي مبارڪي ڏجي، نياڻيءَ جا ڪٽن ڀاڳ. وڏيريءَ جي ڳالهه کي سڀني پسند ڪيو. پوءِ چار وڏڙا گڏجي، وزير کي مبارڪي ڏيڻ لاءِ روانا ٿيا.

وزير کي مبارڪون مليون، مٺائي ورهائي ويئي. وزير چيو ته: مون خزاني جو گهوڙو آندو آهي— مونکي يڪدم شادي ڪري ڏيو. خزانو موجود هجي ته پوءِ ڇا نٿو ٿي سگهي! تياري ٿي ۽ وزير شادي ڪري پانهن وٺي گهر آيو.

پهرينءَ رات آزمودي وٺڻ لاءِ، وزير ترار وچ ۾ رکي سمهي رهيو. زال ڪجهه نه ڪڇيو، تان جو اچي صبح ٿيو. ڏينهن سڄو چرچن ڀوڳن ۾ گذري ويو. رات ٿي ته وزير وري به ترار رکي سمهي پيو. ائين ٻي رات به گذري ويئي. ٽيءَ رات وزير وري به ترار رکي. ستو ته چوڪريءَ ترار پري ڪندي پڇيو ته: جيڪڏهن توهان جي دل ۾ غير هو ته پوءِ شادي ڇو ٿي ڪيو؟ وزير پڇيس ته: تو پهرينءَ رات ترار ڇو نه ڪنئي؟ زال جواب ڏنس: مون سمجهيو ته شايد توهان جي رسم اها آهي. وزير پڇيس ته: مون جڏهن اچي تنهنجي دروازي تي هٿ هنيو هو، تڏهن تو چيو هو ته بابو ويو آهي مٽي مٽيءَ سان گڏڻ، ۽ امان ويئي آهي مٽيءَ سان مٽي جدا ڪرڻ— ان جي مراد ڇا هئي؟ زال جواب ڏنو ته: اسان جي ڳوٺ ۾ ان ڏينهن هڪ ماڻهو گذاري ويو هو، سو بابو ويو هو مقام تي— ماڻهو مٽيءَ جي پيدائش آهي، تڏهن چيم ته بابو ويو آهي مٽيءَ ۾ مٽي گڏڻ. وري ان ڏينهن ڳوٺ ۾ ڪا مائي سوريتو هئي، امان ويئي هئي ان کي پار ڇڏائڻ— اهو آهي مٽيءَ سان مٽي جدا ڪرڻ.

وزير کي شادي ڪئي به ٽي ڏينهن سي گذريا ته هڪڙي ڏينهن ٽينءَ زال کي چيائين ته: بادشاهه مون کان سوال پڇيو آهي ته هيٺان ٿالهي تنهن تي گدرو، ان تي ڪاتي— گدرو وڍبو يا نه وڍبو؟ مونکي ٽن مهينن جي مهلت مليل آهي، جيڪڏهن مون پورو جواب نه ڏنو ته بادشاهه ڦاسي چاڙهائي ڇڏيندم. هاڻي تون انهي سوال جو جواب ٻڌاءِ ته بادشاهه کان جند ڇڏايان. زال جواب ڏنس ته بادشاهه کي

جواب ڏنو، ته سائين! اڄ نه وڏيو ته سڀاڻ وڏبو. وزير پڇيس ته: سو ڀلا ڪيئن؟ زال چيس ته: ڪجهه تون به ويچار ڪر... وقت آيو ته آءٌ ٻڌائيندي سئين. وزير خيال ڪيو ته هوءَ ڏاهي زال لاءِ چوڻ ته جدا محلات ٺهرايان. سو رازن ۽ ڪمين ڪان رات ڏينهن ڪم وٺي محلات تيار ڪرائي نئين زال کي آڻي ان ۾ رهايائين. پڻ اميرن ۽ وزيرن جو ٻڌو ته وزير اوچتو شادي ڪري آيو آهي، سي اڃا پريشان ٿيا ته ٿئين مهيني ڏو وزير ڦاسي چڙهي، هاڻي جو شوق پئي هي شادي ڪري آيو آهي، سو ان ۾ راز الا ئي کهڙو آهي!

ڏينهن گذرندي ويرم ئي ڪانه ٿي. مهلت پوري ٿيڻ ۾ جڏهن ٽي ڏينهن اڃا بچيا، تڏهن وزير پنهنجيءَ زال ڪان پڇيو ته: هاڻي ٻڌاءِ ته ڪيئن ٿي چئين ته اڄ نه وڏيو ته سڀاڻ وڏبو؟ زال جواب ڏنس ته: ٿالهي آهي دنيا، گدرو آهي انسان، ۽ ڪاتي آهي موت— سو اڄ نه آيو ته سڀاڻ ضرور ايندو. ٽن ڏينهن بعد وزير به سڀني سنبهي اڃا ڪچهريءَ ۾ ويئو. بادشاهه وزير ڪان پڇيو ته: وزيرا هيٺان ٿالهي، تنهن تي گدرو، ان تي ڪاتي— ٻڌاءِ ته گدرو وڏبو يا نه وڏبو؟ وزير عرض ڪيو ته: جيئن سائين، اڄ نه وڏيو ته سڀاڻ وڏبو. تنهن تي بادشاهه پڇيس ته: ڪيئن ڀلا؟ وزير جواب ڏنو ته: سائين! ٿالهي آهي دنيا، گدرو آهي انسان، ۽ ڪاتي آهي موت— سو انسان تي اڄ نه آيو ته سڀاڻي ضرور ايندو! بادشاهه کي جواب ڏاڍو وڻيو، سو وزير کي انعامن اڪرامن سان ڏئي ڇڏيائين.

پيا امير ۽ وزير، جي هن وزير سان ٿهندائي ڪين هئا، سي بادشاهه جو هن وزير تي ايڏو راز ڏسي اندر ۾ سڙڻ لڳا؛ آخر پاڻ ۾ صلاح ڪيائون ته: هي عقل وزير جو ڪونهي، پر جيڪا نئين زال آندي اٿس ان جو عقل آهي. هاڻ ڪنهن طرح سان بادشاهه جا ڪن ڀري وزير ڪان اها زال ڦرايون. سو بادشاهه کي آڏيون آبتيون ڳالهيون ٻڌائڻ لڳا ته: وزير

جيڪا زال آندي آهي، سا جهڙي آهي سهڻي تهڙي آهي عقل واري. اها توهان جي محلات ۾ سونهي. نه وزير جي گهر ۾. بادشاهه، اميرن کي چيائين ته: وزير منهنجو ٻچو آهي، آئينديءَ لاءِ اهڙي ڳالهه ڪڏهن به منهنجي اڳيان نه ڪجو. بادشاهه جي چيپ، بدخواهن کي هيڪاري ڀڙڪائي ڇڏيو. سي انهيءَ سان بادشاهه کي روز روز نيون ڳالهيون ٻڌائي وزير جي خلاف برغلائڻ لڳا. پلا دانگيءَ هيڏان پيٺي باهه ٻرندي ته، تپندي نه ته پيوچا ڪندي! سو نيٺ هڪڙي ڏينهن بادشاهه به ريجهي پيو، ۽ پڇيائين ته: ڀلا، ڪهڙي طريقي سان پاڻهن هٿ ڪجي؟ اميرن کي ته گهربي. اها ڳالهه هئي، تن چيو ته: سائين! اهو ته سولو ڪم آهي. هاڻي هيئن ڪريو جو وزير کي حڪم ڏيو ته سياڻي اسين درياءَ جو سير ڪنداسون— ان ڪري اسان جي ملڪ ۾ جيڪي به ناڪئا آهن، انهن کي حڪم ڏي ته سياڻي سڄ اڀرڻي کان اڳ بندر تي حاضر رهن. پوءِ توهين جنهن ٻيڙيءَ ۾ سوار ٿيندا، ته وزير به ان ٻيڙيءَ ۾ چڙهندو. جڏهن ٻيڙي وچ سير ۾ اچي، تڏهن توهين پنهنجيءَ آڱرمان شاهي مهر واري منڊي ڪڍي ڪي ڪائي ڪٽي پاڻيءَ ۾ ڇڏجو، جيئن پيو ڪوبه نه ڏسي، پوءِ حڪم ڏجو ته ٻيڙين جو لنگر هڻو ۽ ٽوپا لهي منڊي ڳولين. سائينجن پوءِ ڳولا جو ڪم وزير جي حوالي ڪري ڪنديءَ تي مولي اچن، ۽ هُن کي حڪم ڏين ته منڊي ڳولائي ڪٽي اچ ... جي نه، ته ڦاسيءَ چڙهندين! منڊي درياءَ مان هونءَ ته ڪانه لڀندي، ۽ وزير ڦاسيءَ تي چڙهي ويندو. انهيءَ طريقي سان نانگ به مرندو ۽ لٺ به ڪانه ڀڄندي. پوءِ توهين هن جي زال سان ڪٽي شادي ڪجو! اها صلاح بادشاهه کي ڏاڍي پسند آئي.

ٿوريءَ دير کان پوءِ وزير به ڪچهريءَ ۾ آيو. بادشاهه حڪم ڪيس ته: اسان جي حڪومت ۾ ويجهڙائيءَ ۾ جيڪي به ٻيڙائتا آهن، انهن کي حڪم پهچاءِ ته هو سياڻي سڄ اڀرڻ

ڪان اڳي پنهنجي ٻيڙين سان بندر تي حاضر رهن، جو اسين پنهنجن ماڻهن سان گڏ درياءَ جو سير ڪنداسين. وزير اهو حڪم ٻڌي، ”حاضر سائين“ ڪري گهوڙي تي چڙهي بندر ڏي روانو ٿيو. سڀني ناکئن کي حڪم ڏنائين ته: سڀاڻي سج اڀرڻ کان اڳ پنهنجن ٻيڙين سان بندر تي حاضر رهجو، جو بادشاهه سلامت پنهنجي اڱالي سان درياءَ جو سير ڪندو. توهان مان جيڪي هتي نه آهن، انهن کي به جيئن رات جي پيٽ ۾ اهو حڪم پهچي. جيڪڏهن شاهي حڪم جي ڪنهن پوئواري نه ڪئي آهي ته ان کي ڏيهه نيڪالي ڏني ويندي. حاڪم جي حڪم کان ۽ ظالم جي ظلم کان سڀ ڪنبي ويا. ناکئن انهيءَ مهل ئي پنهنجن پاڻرن ڏانهن ماڻهو ڊوڙايا. ٻئي ڏينهن بندر تي ٻيڙين جون ٻهيرون لڳي ويون. بادشاهه به پنهنجي اڱالي سان اچي ٻيڙين ۾ سوار ٿيو. خاص درٻاري امير ۽ وزير بادشاهه سان گڏ چڙهيا. سير ڪندي بادشاهه پنهنجو هٿ پاڻيءَ ۾ ٻوڙيندو چنڊا هڻندو آيو. ٻيڙيون جڏهن وچ سير ۾ پهتيون، تڏهن اوچتو حڪم ڏنائين ته ٻيڙين کي اتي لنگر هڻي بيهاريو... منهنجي منڊي هن هنڌ ڪري پيئي آهي، يڪدم ٽوٻا لهي منڊي ڪولين.

حڪم ملڻ شرط ٽوٻا لهي پيا. گهڻئي ٽٻيون هنيائون، پر منڊي نه لڌي. بادشاهه به ٿوري مهل ترسي، ڪنڌيءَ ڏي واپس وريو ۽ وزير کي حڪم ڏنائين ته: تون اتي ترسي، منڊي ڪولائي ڪٺي اچ، جيڪو به خرچ ايندو سو شاهي خزاني مان ڏنو ويندو. جيڪڏهن منڊي ڪولائي نه آڻيندين ته ڦاسيءَ تي چاڙهيو ويندين! بادشاهه حڪم ڏيئي، پنهنجن ٻين اميرن وزيرن سان واپس وريو. رستي ۾ اميرن صلاح ڏنيس ته: وزير کي اڄ هونءَ ئي ڦاسي ايندي، ان ڪري توهين وزير جي محلات ۾ وڃو، ۽ هن جي زال کي ڏسي وائسي، سانس خبرچار ته ڪري اچو! بادشاهه وري به اميرن جي چٺي لڳي،

وزير جي محلات ڏي آيو. جڏهن دروازي تي پهتو، تڏهن پنهنجي اندر واري جٽ ڦٽ ڪيس تہ: بادشاهہ رعيت جو ابو ۽ رکوال آهي. پيا ماڻهو ائين سمجهندا تہ وزير کي تہ ڏوهہ ۾ ڦاسي ملي، پر توکي ۽ خدا کي معلوم آهي تہ وزير کي توئي هٿ سان ماريو. نيٺ بہ اڳتي هلڻو اٿئي—آتي ڪهڙو جواب ڏيندين؟ اهو خيال ايندي ئي، بادشاهہ يڪدم پنهنجو گهوڙو واپس ورايو. خيال ڪيائين تہ وزير منهنجو پڇو آهي، ۽ ان جي لڄ منهنجي نياڻي آهي. ڀورو آرام ڪري ڪوتوال کي موڪليان ٿو تہ وڃي وزير کي درياءَ تان سڏي اچي... اهڙي منڊي ڀي بہ نهي سگهندي. اهي خيال ڪندو اچي پنهنجي محلات ۾ پهتو ۽ سمهي رهيو. هوڏانهن درياءَ تي ٽوپا ويچارا ٽپيون ڏيئي ڏيئي ٿڪجي پيا هئا. ڀلا آتي منڊي هجي تہ لڀي! بادشاهہ منڊي الاجي ڪٿي ڪٿي اڇلائي هئي، تڏهن وزير کي عرض ڪيائون تہ: سائين! هاڻي اسان کي بلڪ بيحال ڪري ڇڏيو آهي، موڪل ڏيو تہ ماني کائون، پوءِ وري منڊيءَ جي ڳولا ڪريون. وزير ڪجهہ دڙڪو ڪجهہ انعام جي لالچ ڏنين ۽ ڪجهہ ٻيڙ منٿ ڪين. نيٺ ٽوبن کي مانيءَ جي اجازت ڏنائين. ٽوبن ماني تيار ڪئي، پرماني رڌي هئي، جنهنڪري درياءَ ۾ هڪ اڌ مڇي ڦاسائڻ لاءِ رڇ وڌائون. خدا جي قدرت، جو ٿورينءَ ست هڪ ٿلهو آنوچرڪو اچي رڇ ۾ پيو. چرڪي کي وڍيائون تہ ان جي پيٽ مان منڊي نڪري پيئي. يڪدم وزير کي مبارڪون ڏنائون. وزير منڊي ڏسي خوش ٿيو ۽ خداتعاليٰ جو شڪر بجا آندي، ان وقت جيڪي بہ حاضر هوس، سو ٽوبن کي ڏنائين. پوءِ انهيءَ مهل ئي لٽڪ کي هير ۽ ڪاڙهي کي جهٽ سمجهي گهوڙي کي اڙي هنيائين ۽ خوشيءَ مان سينهن واچ ڪندو سڌو اچي پنهنجي محلات جي دروازي تي پهتو.

وزير پنهنجي محلات جي دروازي تي بادشاهه جي گهوڙي جا پير ڏسي، ڏک ۽ غيرت ۾ ڇيله تي هٿ رکي بيهي رهيو. هن کي اهو خيال اچي ويو ته منهنجي زال بادشاهه سان ملي آهي، منهنجي مارائڻ جي هيءَ اٽڪل ۽ شايد منهنجيءَ زال ئي بادشاهه کي ڏني آهي — نه ته ٻئي ڪنهن کي هيترو عقل ئي ڪونهي. انهيءَ ڏک ۾ وزير محلات ۾ آيو. خوشيءَ جو پڪي دل مان آڏاسي چڪو هو، مانيءَ جا گرهه وِهه جا گُنڊا ٿي لڳس. جيئن تيئن ڪري ۾ چار گرهه هڻي، ٻڪ جي باهه اجهايائين. پوءِ منڊي کڻي بادشاهه ڏانهن روانو ٿيو، ۽ آها آڻي هن جي اڳيان رکيائين.

بادشاهه منڊي ڏسي تمام خوش ٿيو، ۽ وزير کي آفرين چئي وري به انعام سان ڏئي ڇڏيائينس. ان ڏينهن کان وٺي بادشاهه، وزير کي ڏاڍو پيارو لڳو، پر وزير کي جو اچي شڪ جاڳيو هو، سو سمجهيائين ته هاڻي بادشاهه مٿي تان هٿ گهمائي، ڪنهن نه ڪنهن ڏينهن ضرور مارائيندو، تنهنڪري سڄو وقت ملول رهڻ لڳو. گهر ۾ به نه پورو ڳالهائي نه اڳين محبت ڏيکاري. سندس زال عاقل هئي، سا سمجهي ويئي ته وزير ڪنهن شڪ جو شڪار ٿيو آهي؛ پر هوءَ ويچاري خود منجهيل هئي، جو ڪانئس ڪابه اهڙي غلطي ڪانه ٿي هئي، جيڪا وزير جي ڏمر جو سبب ٿئي. ساڻس ڪان سواءِ ڪو چارو ڪونه سجهيس، سو سڀڪجهه خدا تي رکي چپ ڪري ويهي رهي.

وزير کي شاديءَ ڪئي ڇهه مهينا اچي ٿيا، پر ان وچ ۾ ڇوڪريءَ جي مائٽن مان ڪابه پهر هن وٽ گهمڻ ڪانه آئي، ۽ نڪي ڇوڪري مائٽن وٽ ويئي. هڪڙي ڏينهن وڏيري کي سندس زال چيو ته: ڳالهه ٻڌي اٿئي — پاڻ نياڻي پرڻائي ڏني، پر ڏٺي يا مينهن ڪانه هئي، جو هميشه لاءِ وزير کي وڪڻي ڏنيسين، ۽ ان جي پڇا به ڪانه ڪبي.

نياڻيءَ ڪسي وئي خير سان ڇهه مهينا اچي ٿيا آهن، پر خبر ڪانه ورتي اٿئي ته سکي آهي يا ڏکي! وڏيري جواب ڏنو ته: ڳٽيءَ جو ڪو ضرور ڪونهي، پڪ آهي ته وزير جي گهر ۾ آهي، ما ضرور سکي هوندي. تنهن کان سواءِ هوءَ خود عقل واري آهي، ما ڏک کي به سک بنائيندي. باقي رهيو گهمڻ جو سوال، سو اولاد آهي، ضرور هن وٽ وڃبو، پر هينئر پنيءَ پاري جو ڪم آهي، جنهنڪري اِهو نڪريو نٿو سگهان، ڇوڪري کي موڪليون ٿا ته وڃي ڀيڻس وٽان گهمي اچي. اها صلاح پسند پئي. ڏينهن ڇوڪري کي سنيرائي، سوکڙيون پاکڙيون ڏيئي روانو ڪيائون.

ڇوڪرو پڇائيندو پڇائيندو اچي وزير جي محلات تي پهتو. دروازي تي هٿ هنيائين، ٻانهي نڪري آئي، ان کي چيائين ته: منهنجو نالو فلاڻو آهي، وزير سان ملندس. وزير ان وقت ڪچهريءَ ۾ ويل هو. ٻانهيءَ اندر وڃي اطلاع ڏنو. وزير جي زال چيو ته: اهي پيار ته جهڙا منهنجي پاءُ جا، هاڻي آءٌ دروازي جي اوٽ ۾ ٿي بيهان، تون ساڻس ڳالهاءِ ته آءٌ آواز سڃاڻنديس. ٻانهيءَ حڪم موجب ڳالهايو، ڇوڪريءَ آواز سڃاڻي اندر گهرايس. ڀاءُ ۽ ڀيڻ هڪٻئي سان ملي ڏاڍا خوش ٿيا. يڪدم وزير ڏانهن ماڻهو موڪليائون. وزير جي زال، ٻانهيءَ کي سمجهائي ڇڏيو ته: ڀائٽيءَ جي ماني تمام سٺي ٺاهج، پر ان ۾ لوڻ صفا نه هجي، ڇاڪاڻ ته اسان جي ملڪ ۾ لوڻ جو رواج ڪونهي. آءٌ به ڇڏهن هتي پرڻجي آيس، تڏهن مونکي ماني کاڌ وٽندي هئي، پر پوءِ نيٺ هري ويس. ٻانهيءَ حڪم موجب ماني تيار ڪئي. وزير به ڪچهريءَ مان آيو ۽ پنهنجي سالي سان ملي خوش ٿيو. گڏجي ماني کائڻ ويٺا، پر ڇوڪري کي جدا ماني ملي. مانيءَ ۾ جو لوڻ ڪونه هو، سو هن کي مانيءَ ڪَسُ ته ڏنو، پر گرهه ڪاڏي نه ڪاڏي جهڙا ڪئي هٿ ڪڍيائين، ۽ دل جو سور

دل ۾ رکي، سمجهيائين ته شايد هتي لوڻ جو رواج ڪونهي.
ٻئي ڏينهن ترسيو پر بيزار ٿي پيو. تنهنڪري سکهوڻي پڻ
کان موڪلائي، سوکڙيون پاکڙيون وٺي ڳوٺ ڏي
روانو ٿيو.

ڳوٺ پهچي ماڻهن پيءُ کي سوکڙيون ڏنائين، ۽ چيائين
ته: ادي ڏاڍي سکي هئي. ٻانهيون ۽ ٻانها حڪم ۾ هئس،
جيڪو به سک چئجي سو سڀ اديءَ کي هئو. پر ڳالهه
ٻڌي آئيو... ٻئي دفعي آءٌ جڏهن ويجان، تڏهن مونکي لوڻ
ٻڌي ڏجو ته کنيو وڃان، ڇو جو اتي کاڌي ۾ لوڻ وجهن ئي
ڪونه! زال وڏيري کي چيو ته: ڏٺئي! اهو منهنجي ڌيءَ
ٿيا پيو موڪليو آهي ته، سک ته گهٽوٺي اٿم—کاڌا پيتا به
سڀ اٿس، پر لوڻ بنان... هرويرو ڪو وڏن ۽ شاهوڪارن جي
گهرن ۾ سک ڪونهي! هاڻي تون وڃي خبر لهي اچ. وڏيري
چيو ته: جي هيئنر ئي ويندس ته وزير کي شڪ پوندو ته
شايد ٻاٽس کي چوري موڪليائين، جنهن وڃي پيءُ کي
موڪليو آهي. اڃين هيڪاري وزير رنج ٿيندو، تنهنڪري ٻئي
ڏينهن سهي پوءِ ويندس.

خير سان ٻئي ڏينهن به گذريا— وڏيرو سهي سنيڙي
اچي وزير جي محلات ۾ پهتو. هن پنهنجي صهري جو چڱو آدرڀاءُ
ڪيو ۽ پاڻ سان گڏ ماني کارايائينس. جڏهن پيءُ ۽ ڌيءَ
خلاصا ٿيا، تڏهن هن ڌيءَ کان پڇيو ته: وزير توسان راس
آهي يا نه؟ ڌيءَ جواب ڏنو ته: خبر ناهي ته ڪهڙيءَ ڳالهه
تان ڦريو آهي، جو اڳين محبت نه، باقي رسمي طرح پيو هلي.
آءٌ خود سمجهان ٿي ته دل ۾ ڪا ڳالهه اٿس، پر نڪي آءٌ
ٿي پڇان، نکي پاڻ ئي ٿو چئلهي. پيءُ چيس ته: آءٌ فيصلي
ڪرڻ لاءِ آيو آهيان، ڏسج پٽان ڪجهي ٿي پوين! ڌيءَ
جواب ڏنو ته: بابا! مونکي پڪ آهي ته مون کان ڪابه ڪچي
ڪانه ٿي آهي. وڏيري تسلائيي وٺي ڳالهه دل ۾ رکي. ٻئي

ڏينهن وزير، صهري کي نيرن پاڻي ڪرائي، ڪچهريءَ ڏي روانو ٿيو. ان ڏينهن البت وزير کي دير ٿي ويئي، سو بادشاه پڇيس ته: دير ڇو ڪيئي؟ وزير جواب ڏنو ته: سائين! منهنجو صهرو آيل هو، ان جي خدمت چاڪريءَ ۾ دير ٿي ويم. بادشاه چيس ته: پوءِ وٺي نه آئينس؟ هاڻي وڃ، ۽ وٺي اچينس. وزير 'حاضر سائين' چئي ٻاهر نڪتو، پر هيڪاري شڪ جاڳيس ته صهرو، زال ۽ بادشاه ٽيئي هڪ ڏوريءَ ۾ آهن — اڄ تنهنجي قسمت جو فيصلو ٿيندو. وزير ڪَس ڀرڻي لاءِ پيچ گهڙ ڪندو اچي گهر پهتو، ۽ صهري کي چيائين ته: بادشاه سلامت توهان کي گهرايو آهي. وڏيرو اڳيئي تيار هو، سو هن سان گڏ اٿي روانو ٿيو. وزير کي هٿا ڪٽين جا گهرَ، سو وڏيري منهن مان ٿي سهي ڪري ورتس. قصو ڪوتاه، هلندا اچي ڪچهريءَ ۾ پهتا... بادشاه وڏيري جي تمام گهڻي خاطري ڪئي، پر چوندا آهن ته "گمان بي ايمان آهي" سو وزير کي سڄي دنيا دشمن پئي ڏسجڻ ۾ آئي.

وڏيرو اڳيئي عقل وارو هو، وري جو ڪچهريءَ ۾ توري تڪڙي گفتگو ڪيائين، سو بادشاه کي وڻي ويو. تان جو ڪچهريءَ جو وقت پورو ٿيو. ٻيا سڀ امير وزير موڪلائي ويا، باقي بادشاه، وڏيرو ۽ وزير اچي رهيا. وڏيري، بادشاه کي ٻڌايو ته: جيئندا قبلا! آءٌ پنهنجي راڄ جو چڱو مڙس آهيان، ڌڻيءَ جو شڪر آهي جو پنهنجي مڃيءَ ماڻيءَ وارو آهيان. مون پنهنجي زمين جي ٽڪري ۾ هڪ باغ رکيو. ان ۾ ڀانت ڀانت جا گل رکيم، جن جو هڳاءُ ڪنهن بادشاهي باغ ۾ ڳوليو ملندو. وزير کي به انهن جو واس آيو. ايترو چئي وزير ڏي نهاريائين. بادشاه به ڳالهه کي سمجهي پڪ ڪرڻ لاءِ وزير ڏانهن نهاريو. وزير ڪنڌ هيٺ ڪري جواب ڏنو: هائو سائين. تڏهن وڏيري وري ڳالهه شروع ڪئي ته جيئندا قبلا! پوءِ وزير مون کان قلم گهريو، جو ڪيس ڏنم.

ايترو چئي وزير ڏانهن ڏٺائين، جنهن چيو: هائو سائين. تڏهن وڏيري اُٿي چيو ته: بادشاهه سلامت! وزير اهو قلم گهر ۾ هنيو. جڏهن ان قلم جي ڦٽڻ جو وقت ٿيو، تڏهن وزير ان جو پاڻي بند ڪري ڇڏيو. هاڻي منهنجو داد ٿئي. بادشاهه وزير ڏانهن نهاريو. وزير وري به ڪنڌ هيٺ ڪري ڪاوڙ سان جواب ڏنو ته: سائين! هي شخص جيڪي چئي ٿو، سو سچ آهي. سون جڏهن ان وڻ هيٺان شينهن جو پير ڏٺو، تڏهن اچي خوف ٿيم، پوءِ برابر ان وڻ جو پاڻي بند ڪري ڇڏيم، انلاءِ ته پلي اهو وڻ سڪي وڃي.

بادشاهه، وزير جو اشارو سمجهي ويو. هاڻي هو ڪهڙيءَ طرح وزير جي دل تان شڪ لاهي. آخر ٿوري دير ترسي وڏيري کي چيائين ته: اڄ تنهنجي ماني اسان وٽ آهي، پرڀيستائين ماني تيار ٿئي تيستائين اچو ته چوپڙ راند ڪريون. وڏيري عرض ڪيو ته: سائين! چوپڙ راند ۾ چار ڄڻا کپن. پاڻ فقط ٽي آهيون. ان ڪري منهنجي صلاح آهي ته راند هلي وزير جي محلات ۾ ڪريون. بادشاهه هن جي صلاح تي آمنا چئي اٿي کڙو ٿيو. وڏيري، وزير کي اشارو ڪيو ته "تون اڳ ۾ هلي تياري ڪر". وزير اڳواٽ اچي سمورو بندوبست ڪيو ۽ پنهنجيءَ زال کي به ٻڌايائين ته بادشاهه هتي چوپڙ راند ڪرڻ لاءِ اچي ٿو. وزير جي زال يڪدم هارسينگار ڪري تيار ٿي ويٺي. وزير کي زال جي هارسينگار هيڪاري شڪ ۾ وجهي ڇڏيو، سو غيرت وچان زال کي مارڻ تي هو ته بادشاهه ۽ وڏيرو اچي محلات ۾ گهڙيا. وزير پنهنجن ئي خيالن ۾ ٻڏي ويو ته اڄ هي ٽي ڄڻا، آءٌ هڪڙو، موت ضرور مٿي تي آهي.

وڏيري ڏيءَ کي چيو ته: اما! چوپڙ کڻي اچ ته راند ڪريون. ڇوڪريءَ چوپڙ کڻي آڻي وچ تي رکي. وڏيرو ۽ سندس ڏيءَ سامهون ويٺا، بادشاهه ۽ وزير هڪٻئي کي سامهون

ويٺا. ڇوڪريءَ چوپڙ پڪيڙي، ته وڏيري يڪدم ڏارا هٿ ۾ ڪڍي چيو ته:

مون ڏني هٿي وٿ، پر تنهن مان ڪڍيئون ڪچ،
ڊرڙي ڏارا! ڏي ڪا حال حقيقت.

ڏارو سولو پيو، ساري آزاد ٿي ۽ وڏيرو چال هليو. ان ڪان پوءِ

وزير ڏارو کٿي چيو ته :

ٻه شينهن پيلو هڪڙو، ايءُ پڻ غير گڏر،
ڏر ڙي ڏارا! ڏي ڪا حال حقيقت.

ڏارو نه اٿليو ۽ ساري آزاد نه ٿي... وزير ڏنه ڪرڻ لڳو. هن کان پوءِ سندس زال ڏارو کنيو، ۽ چيائين ته :

پاڻيءَ هوندي ماڙيءَ ۾-سنڌ نه مٿو ڌوءِ،
ڏر ڙي ڏارا! ڏي ڪا حال حقيقت.

ڏارو سولو پيو، ساري آزاد ٿي، ۽ چاڻ هلي. ڇوڪريءَ کان پوءِ بادشاهه ڏارو کٿي چيو ته :

ڀائرن ۽ ڀاڃاين جو، سچو آهي سيرُ،
ڏر ڙي ڏارا! ڏي ڪا حال حقيقت.

بادشاهه جو ڏارو به سولو پيو ۽ ساري آزاد ٿي.

وزير دل ۾ چيو ته : بادشاهه ڪوڙ ڳالهائي ويو. وڏيرو، وزير جي منهن جو رنگ لهندو چڙهندو ڏسي، سمجهي ويو ته هن جي دل اڃان صفا نه ٿي آهي، تنهن وري به ڏارو کٿي چيو ته :

سون ڏني هٿي وَٽ، پر تنهن سان ڪڍيئون ڪچ،
ڪي سالڪ سمجهن ڳالهه کي ته ڪوڙ آهي يا سچ!
ڏر ڙي ڏارا! ڏي ڪا حال حقيقت.

وڏيري جو ڏارو سولو پيو ۽ ساري اڳتي هلي. وري وزير ڏارو کنيو ۽ چيائين ته :

ٻه شينهن پيلو هڪڙو، ايءُ پڻ غير گڏر،
اَت ڇيڙو چنبو ڇا جهلي، جيت ڪيهر کٿي ڪرُ!
ڏر ڙي ڏارا! ڏي ڪا حال حقيقت.

وزير جو ڏارو وري به سولو نه پيو، ماٺ ڪري ويهي رهيو. دل ۾ سمجهائين ته ڳالهه ۾ ڪو رولو آهي. هن کان پوءِ سندس زال ڏارو کنيو ۽ چيائين ته :

ہاٿيءَ هوندي ماڙيءَ ۾ منڊ نہ مٿو ڏوءِ،
ھيءَ ڳالھہ ڳجهارت جهڙي، ہر سمجهن وارو ھوءِ!
ڍر ڙي ڍارا! ڏي ڪا حال حقيقت.

وزير جي زال جو ڍارو سولو پيو، ۽ ساري اُڪتي هلي. ان ڪان پوءِ بادشاهہ ڍارو ڪنيو. هو وزير جي ڳالھہ سمجهي ويو هو تہ هاٿي سڀ بار منهنجي مٿان آهي، پر وزير جو شڪ حق تي آهي... سچو ماڻدانءُ منهنجي گهوڙي جي پير وڏو آهي، تنهن ڍارو اُچليندي چيو تہ:

پائرن ۽ پاڇاين جو سچو آهي سيرُ،
هجيس تيڄ تُٽن ۾ تہ ڪلي پيانس ڪيرُ!
ڍر ڙي ڍارا! ڏي ڪا حال حقيقت.

بادشاهہ جو ڍارو بہ سولو پيو ۽ پنهنجي ساري هليو. اتي وڏيري چوپڙ راند ورائي ڪٽي ويڙهي. وزير جي مُنهن ۾ نهاري پڇيائين تہ: هاٿي ڪيئن؟ تڏهن وزير، منڍيءَ ڪان وٺي محلات جي دروازي تي گهوڙي جي پير واري سموري ڳالھہ ڪري ٻڌائي. باقي ڳالھہ بادشاهہ سربستي ڪري ٻڌائي. هاٿي ڳالھہ اچي ٿي، وزير جو شڪ لٿو، ۽ ٻئي زال مڙس اڪٺين وانگر ڪير ڪنڌ ٿي ويا. پوءِ سيني ڳڏجي ماني کاڌي. بادشاهہ بہ مبارڪون ڏيئي ويندو رهيو. پوءِ وڏيرو ٻئي ڏينهن ترسي، خوشيءَ سان موڪلائي ڳوٺ ڏي روانو ٿيو.

١٨- عقلمند ڇوڪري*

هڪڙو بادشاهه چانڊوڪيءَ رات ۾، محلات جي اڱڻ ۾ ستو پيو هو. خواب لڌائين ته هڪڙيءَ ٽالهيءَ ۾ باغ بنيل آهي، ان باغ ۾ ڪيترائي گل ۽ ميوا آهن، هڪڙو آرائين آهي جو انهيءَ باغ مان گل ۽ ميوا، ڪچا توڙي پڪا پيو پٽي، ڪيس روڪڻ وارو آهيئي ڪونه. بادشاهه ڇرڪ ڀري ننڊ مان سجاڳ ٿيو. وڏي ويچار ۾ پئجي ويو، ۽ لڏل خواب ڪي دل ۾ هنڊائڻ لڳو. پهه ڦٽائيندي ڦٽائيندي متان اچي صبح ٿيو. بادشاهه ڏندڻ پاڻي ڪري، جڏهن دربار ۾ آيو تڏهن پنهنجن وزيرن سان خواب جي ڳالهه ڇوريائين ۽ کين حڪم ڪيائين ته: جلدي خواب جو تعبير ٻڌايو. وزير ويچارا شش پنج ۾ پئجي ويا ته خواب جو تعبير ڪهڙي نموني ڪريون! ٿوري ساعت رکي بادشاهه هنن کان پڇا ڳاڇا ڪئي، پر ڪنهن به وزير خواب جو تعبير ڪونه ٻڌايس، جنهن تي بادشاهه کي ڏاڍي

---

* هيءَ ڳالهه اتر (تعلقي ڪڪو) مان احمد خان "آصف" کان مليي.

ڪاوڙ لڳي. وڏي وزير کي حڪم ڏنائين ته: جي مهيني اندر خواب جو تعبير نه ٻڌائيندين ته ڦاسيءَ تي لٽڪايو ويندين!

وزير ويچارو منجهي پيو. سو بادشاهه کان موڪلائي گهر آيو، ۽ گهوڙي تي سنج رکي، ناٽي سان خرزين پري، ولي جهنگ منهن ڪيائين. واٽ تي جيڪو ٿي واٽهڙو مليس، تنهن کي خواب ٻڌائي، ان جو تعبير تي پڇيائين؛ پر ڪنهن ماڻهوءَ به تعبير ڪونه سليس. آخر هلندي هلندي هڪڙي ساڙيءَ ۾ وڃي پهتو. پري کان ٻڪرين جي هڪ واڙ نظر آيس. ڪيس اڃ به ڏاڍي لڳي هئي، تنهنڪري سڌو اتي وڃي پهتو. ڇا ڏسي ته هڪ نينگري ويٺي آهي، جا ٻڪرين جي ڌڻن کي پيئي پاڻي پياري. وزير به هو اچايل سو نينگريءَ کان پاڻي گهريائين، جنهن ڪيس ڪنولي تي ويهاري، پاڻيءَ جو وٽو پري، ان ۾ ٿورا ڪک وجهي آڻي کيس ڏنو. وزير کي ڳالهه خراب لڳي، پر اڃ سبب ڪجهه ئي ڪين. ڪکن کي آهستي آهستي پري ڪندو، ڍُڪ ڍُڪ ڪري پاڻي پيڻ لڳو. جڏهن پي ڍؤ ڪيائين، تڏهن ڇوڪريءَ کان پڇيائين ته: پاڻيءَ ۾ ڪک ڇو وجهي ڏنئي؟ نينگريءَ چيو ته: توهان کي اڃ هئي گهڻي، تنهنڪري ٿڪڙ ۾ پاڻي گهڻو پي وڃو ها، پر ڪکن وجهڻ سان توهان ڍڪ ڍڪ ڪري پيتو، جي ائين نه ڪريان ها ته شايد توهان پاڻي گهرج کان وڌيڪ پي وڃو ها ۽ تڪليف ٿيو ها.

وزير کي هن ڇوڪريءَ جو اهو جواب ڏاڍو وڻيو. دل ۾ چيائين ته ڇوڪري جهڙي صورت ۾ سهڻي آهي، اهڙي وري ڪا سيرت ۾ گهڻ هجي، سو ته ڪوڙوئي نتو لڳي؛ سو گهوڙي تان لهي ساٽس ڪچهري ڪرڻ ويٺو. پوءِ ڇوڪريءَ کان پڇيائين ته: يلا تنهنجو پيو به ڪو مٽ مائٽ آهي يا هتي جهنگ ۾ اڪيلي ٿي رهين! ڇوڪريءَ جواب ڏنو ته: آءٌ هتي پنهنجي پيءُ ماءُ سان گڏ رهان ٿي، پر هيئنر بابو ويو آهي ڏوڙ ڏوڙ سان سلائڻ، امان ويئي آهي ڪوڙ مان سچ ڪرڻ، ۽ ادو ويو آهي مٽيءَ مان مائٽ پيدا ڪرڻ.

وزير ڇوڪريءَ جون ڳالهيون ٻڌي، وڏيڪ حيرت ۾ پئجي ويو، ۽ دل ۾ چيائين ته: جيڪڏهن خواب جو تعبير ڪندي ته اها ڇوڪري ڪندي، نه ته خير ئي خير. هاڻي خواب جو تعبير پوءِ پڇان، پهريائين سندس سائڻن بابت ته پڇان ته اهي ڪيڏانهن ويا آهن! سو چيائينس ته: نياڻي! تو مونکي ڏيئي ڳالهيون مام ۾ ٻڌايون آهن، هاڻي انهن جا جواب به تون ئي ڏس، مونکي ته خبر ڪانه ٿي پوي ته تو ڇا چيو؟ ڇوڪريءَ ورندي ڏنيس ته: جي اوهان مونکي نياڻي ڪري ٿا سڏيو، ته آءٌ به اوهان کي پنهنجي پيءُ برابر ٿي ڄاڻان، چڱو هاڻي ٻڌو... مون چيو ته بابو ويو آهي ڏوڙ ڏوڙ سان ملائڻ، جنهن جو مطلب هيءُ آهي ته اڄ ڳوٺ ۾ هڪڙو ماڻهو فوت ٿيو آهي، جنهن سان بابو ڪانڌي ٿي دفنائڻ ويو آهي، يعني ڏوڙ ڏوڙ سان ملائڻ ويو آهي. پيو ته اسان وٽ ٻڪرين جو ڌڻ آهي، جنهن جو ڪير ڏڌ هي، ڏڌ ڇمائي ولوڙيندا آهيون، جيڪو مکڻ ٿئي سو کائون، باقي ڏڌ وڃي آهي امان ڪپائڻ. ڪير سچ آهي ۽ ان جي پيٽ ۾ ڏڌ ڪوڙ آهي، تڏهن چيم ته امان وڃي آهي ڪوڙ مان سچ ڪرڻ. وري چيم ته ادو ويو آهي مٽيءَ مان ماڻڪ پيدا ڪرڻ. سو هيئن جو زمين کي هر ڏيڻ ۽ ٻج ڇٽڻ مان آخر فصل ٿيندو، ۽ ان مان اسان کي انّ داڻا ملندا، جي ماڻڪن کان به زياده قيمتي آهن. ڇوڪريءَ جا جواب وزير کي واهه جا وڻيا. پوءِ کيس پنهنجي بادشاهه جو لڏل خواب ٻڌائي ان جو تعبير پڇيائين.

ڇوڪريءَ وزير کي چيو ته: توهين فڪر نه ڪريو، گهڙي ساعت آرام ڪريو ته توهان کي اها پرولي به سلي ٿي مٽايان. مگر وزير زور ڀريس ته: مونکي تيسين آرام ڪرڻو ناهي جيسين خواب جو تعبير نه ٻڌائيندينءَ. ڇوڪريءَ وزير کي تسلي ڏني ۽ چيائينس ته: چڱو ٻڌ. ٿالهي آهي هيءَ دنيا، باغ آهي مخلوقات الاهي، گل ۽ ميوا آهن جاندار شيون ۽ آرائين آهي ملڪالموت، جو روزانو وتي خدا جي حڪم سان

ننڍن ۽ وڏن جا روح قبض ڪندو. وزير ڪي نينگريءَ جو نصيحت ڀريو جواب ڏاڍو وڻيو. تنهن وچ ۾ ڇوڪريءَ جا مائٽ به اچي ويا هئا، جن به وزير جي دل جان سان خدمت چاڪري ڪئي. ڏينهن به هاڻي موٽ ڪاڙي هئي، ۽ شام ٿين واري هئي. نيٺ وزير هنن کان موڪلائي، اچي بادشاهه وٽ پهتو ۽ سمورو بيان ڪري ٻڌايائينس. وزير جي سربستي ڳالهه ٻڌي، بادشاهه ڏاڍو خوش ٿيو ۽ حڪم ڏنائينس ته: اها ٻڪرار جي ڌيءَ مونکي ڏيکار، جنهن تو جهڙي عقلوند کي گس لاتو آهي.

ٻئي ڏينهن بادشاهه ۽ وزير گهوڙن تي چڙهي، شهر کان ٻاهر اُن ڳوٺ ڏانهن روانا ٿيا، جتي ٻڪرار رهندو هو. پهر اڌ ۾ وڃي ٻڪرار جي جهوپڙيءَ وٽ پهتا. ٻڪرار، بادشاهه ۽ وزير جي گهڻي خدمت چاڪري ڪئي. بادشاهه نينگري ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو ۽ ٻڪرار کان اُن ڇوڪريءَ جو سڱ پنهنجي وڏي شهزادي لاءِ گهريائين. ٻڪرار هو غريب، تنهن دل ۾ چيو ته 'سوني ٿالهيءَ ڪيرائي ٻيکيا وجهندو!' اسين زال مڙس آهيون غريب، سو جي بادشاهه سان سڱ ڳنڍينداسين ته نياڻي وڃي سکي ٿيندي. اها ڳالهه ڳڻيندي هن بادشاهه سان انڪار ڪونه ڪيو. پوءِ ٿوري گهڻي ڏينهن ان عقلمند ڇوڪريءَ جي شادي وڏي ڌام ڌوم سان وڏي شهزادي سان ٿي. بادشاهه، ٻڪرار کي ڏاڍا انعام ڏيئي ڏني ڇڏيو.

١٩- ٽڪي ۽ عشق*

هڪڙي شهر ۾ ڪو غريب ڇوڪرو رهندو هو، جنهن جو پيءُ ننڍي هوندي مري ويو هو، تنهن هڪڙي ڏينهن پنهنجي ماءُ کي چيو تہ: امان! مونکي ٽڪو ڏي تہ وڃي عشق ڪمايان. ماءُ چيس تہ: ابا! پاڻ غريب، هن وقت ٽڪو ڪٿان آيو؟ وڃي بادشاهہ کان ٽڪو وٺ. ڇوڪرو سڌو بادشاهہ وٽ آيو، هن کي چيائين تہ: بادشاهہ سلامت! مونکي هڪڙو ٽڪو ڏيو! بادشاهہ حيران ٿي پڇيس: ڇوڪرا! ٽڪي کي ڇا ڪندين؟ جواب ڏنائين تہ: سائين! عشق ڪمائيندس. بادشاهہ مُرڪي چيس تہ: ٽڪي ۾ عشق ڪمائيندين! چيائين تہ: ها سائين ٽڪي ۾! بادشاهہ ڇوڪري جي چالاڪيءَ تي حيران ٿي ويو، خيال ڪيائين تہ ٽڪي ۾ هيءُ عشق ڪيئن ڪمائيندو؟ سو کيس ٽڪو ڏنئي، هن جي پويان پنهنجو ماڻهو چڏيائين، تہ اهو اچي ٻڌائي تہ ڇوڪري ٽڪي ۾ عشق ڪيئن ڪمايو.

ڇوڪري ٽڪي مان پائيءَ جي ڪار، پائيءَ جي ڳُلي، ٻن پاين جو صابڻ ورتو، ۽ باقي ڄ پايون ڪيسي ۾ وجهي، وڃي ڪپڙا ڌوئڻ لڳو. شام جي وقت اهي ڌوتل ڪپڙا پائي ٽاٽ ٿي، شهر جي چڪر تي نڪتو. رات جي مانيءَ کائڻ بعد گهمندو ڦرندو وڃي هڪڙي سوداگر جي ماڙيءَ هيٺ ويٺو. ٿوري دير بعد ڏٺائين تہ هوڏانهن ڏسي پڪ ڪري تہ ڪو ماڻهو تہ ڪونہ ٿو ڏسي، پوءِ پٽ ۾ ڪلا هڻندو ماڙيءَ تي چڙهي ويو. بادشاهہ کي سندس ماڻهوءَ وڃي خبر ٻڌائي، سو انهيءَ وقت ئي ماڙيءَ

---

* هيءَ ڳالهہ وچولي (تعلقي حيدرآباد) مان محمد بچل کان ملي.

جي هيٺان اچي ويهي رهيو ۽ ڇوڪري جي سمهڻ جو انتظار ڪرڻ لڳو.

ماڙيءَ ۾ ڪنهن سوداگر جي زال پنهنجي ٻانهيءَ سميت رهندي هئي. سوداگر، سوداگريءَ تي ويل هو. ٻانهيءَ جي جڏهن ڇوڪري تي نظر پيئي، تنهن پنهنجيءَ سائڻ کي ٻڌايو. هن ٻانهيءَ کي چيو ته: مهمان جي وڃي خدمت ڪر. ٻانهي ڇوڪري وٽ آئي ۽ چيائينس ته: هن پلنگ ۾ هٿ وجهاءِ ته هيٺ پرو ڪريونس. ڇوڪري چيس ته: پنهنجيءَ سائڻ کي سڏ ڪر، اهو ڪم ان جو آهي. ٻانهي موٽي وڃي سائڻ کي چيو ته: سائڻ! هي ڇوڪرو ته ڏاڍو سياڻو ٿو ڏسجي. پلنگ ۾ ته هٿ نه وڌائين، پر ڏاڍي بيپرواهي سان چيائين ته: پنهنجيءَ سائڻ کي سڏ ڪر! اها ڳالهه ٻڌي هن ٻانهيءَ کي چيو ته: چڱو، گرم سرد پاڻي وڃي ڏينس ته هٿ منهن ڌوئي. ٻانهيءَ حڪم جي تعميل ڪئي. اچي ڏسي ته ڇوڪرو پلنگ تي بالم ٿيو ويٺو آهي. پاڻ پاڻي ڇڏي ويندي رهي. ڪجهه وقت کان پوءِ اچي ڏسي ته پاڻي جهڙو آهي تهڙو پيو آهي. پڇيائينس ته: تو اڃان تائين هٿ منهن به نه ڌوتو آهي! ڇوڪري چيس ته: پاڻي تون ملائي ڏي ته هٿ منهن اچي ڌوئان! ٻانهيءَ اهي لفظ ٻڌي، يڪدم سرد گرم پاڻي ملايو. تڏهن هن اٿي هٿ منهن ڌوتو. سائڻ وري ٻانهيءَ کي چيو ته: هيءَ عطر جي شيشي کڻي وڃي ڏينس، ۽ ڏس ته ڇا ٿو ڪري! ٻانهيءَ ڇوڪري کي عطر جي شيشي آڻي ڏني. هن ڇا ڪيو جو اها وٺي پلنگ جي چئني پاون هيٺان هاري پلنگ تي چڙهي ويهي رهيو. ڪجهه دير بعد ٻانهي هڪڙو گدرو ۽ ڇُري ڇوڪري کي ڏيئي موٽي ويئي. هن ڇا ڪيو جو گدري تان کل لاهي، ڳترا ڳترا ڪري ٿالهيءَ ۾ رکي ڇڏيائين، ۽ ٻانهيءَ جي اچڻ تي اها ٿالهي ڳترن سوڌي واپس ڪيائين. ٻانهي اها ٿالهي کڻي سائڻ وٽ آئي. جنهن وري هڪڙو ليمون ۽ سئي ڇوڪري ڏانهن ڏياري

موڪلي. ٻانهيءَ کان اهي شيون وٺي، هن ڇا ڪيو جو سٽي ليمي ۾ ٽنبي، ور ائي سٽي پلنگ جي سيرانديءَ واري پائي ۾ ٽنبي ڇڏيائين. اها حالت ڏسي، ٻانهيءَ پنهنجي سائڻ کي چيو ته: هيءُ ڏسڻ ۾ سو ڇوڪرو آهي، مگر عقل جو وير آهي. سوداگر جي زال سڀني ڳالهين ۾ ان کي پرکي، پوءِ هارسينگار ڪري هن وٽ آئي، ۽ سڄي رات رهاڻ ڪندي گذاريائون.

پوئين رات جو ڇوڪرو ماڙيءَ تان لٿو. بادشاهه ته هيٺ هن جي انتظار ۾ لڪو ويٺو هو، تنهن هن کي ڏسي ورتو. ڇوڪرو ته پنهنجي گهر هليو ويو، مگر بادشاهه کي ڏاڍي حيراني هئي ته ڳالهه سمجهه ۾ نه ٿي آيس ته ڇوڪرو ماڙيءَ ۾ سڄي رات ڪيئن رهيو. بادشاهه پنهنجي محلات ۾ موٽي آيو. آخر ڏينهن ٿيو. سارو ڏينهن بادشاهه مونجهاري ۾ گذاريو، نه ته درٻار جو خيال نه ٻادشاهيءَ جو سوال. تان جو مٿان اچي رات پيئي؛ جڏهن منهن اونداهي ٿي، ۽ لوڪ لقاءَ وڃي آرامي ٿيو، تڏهن بادشاهه ڇمڙا پوش ڪري سوداگر جي ماڙيءَ ڏانهن روانو ٿيو. چوڪري جا هنيل ڪلا ماڙيءَ جي پٽ ۾ لڳا پيا هئا. بادشاهه انهن تان چڙهي، ماڙيءَ تي ويو. پيرن جي آواز تي ٻانهي هوشيار ٿي. بادشاهه کي ڏسي پنهنجيءَ سائڻ کي اطلاع ڪيائين. هن چيس ته: مهمان جي خدمت چاڪري ڪر. ٻانهي بادشاهه وٽ آئي ۽ چيائينس ته: هن پلنگ ۾ هٿ وجهه ته هن پاسي ڪري رکجي. بادشاهه هڪدم پلنگ ۾ هٿ وڌا ۽ اتان ڪٿي ٻئي هنڌ رکيائون. ٻانهيءَ وڃي سوداگرياڻيءَ کي ٻڌايو، جنهن وري پاڻي ڏيڻ لاءِ چيس. ٻانهي گرم سرد پاڻي جدا جدا کڻي، آڻي بادشاهه جي اڳيان رکيو. بادشاهه يڪدم اٿيو، ٽڏو ڪوسو پاڻي ملائي، هٿ منهن ڌوئي پلنگ تي چڙهي ويهي رهيو. ايتري ۾ ٻانهي عطر جي شيشي کڻي آئي. بادشاهه ان مان ٿورو پري ڪن ۾ وڌو، ڪجهه ڪپڙن تي ۽ ڪجهه هنڌ تي ڇڻڪاريائين. ٻانهيءَ ساري حالت وڃي

سوداگرياڻيءَ کي ڏِٺائين جنهن وري گڏرو ۽ ڇري ڏياري موڪليس. بادشاهه گڏري کي وڏي اڌ پاڻ کاڌو ۽ اڌ بچائي سوداگرياڻيءَ لاءِ رکيائين. پاڻهي وري ليمون ۽ سڱي کڻي آئي. بادشاهه دل ۾ خيال ڪيو ته هي ڪهڙا نه بيوقوف آهن— هاڻي ليمي ۽ سڱيءَ جو ڪهڙو ضرور هو؟ رسو ڇا ڪيائين جو سڱيءَ سان ليمي کي تنگ ڪري، اڻ جو رس چوسڻ لڳو. پاڻهيءَ پنهنجيءَ سائڻ کي وڃي چيو ته: هڙو آناڙي سون نه ڏٺو. هاڻي جيڪا تنهنجي مرضي. اتي سوداگرياڻي ۽ پاڻهي گڏجي بادشاهه وٽ آيون. بادشاهه هنن کي ڏسي مرڪڻ لڳو ته هاڻي سوداگرياڻي اچي ڦِٽَر ۾ ويهندي، پر هنن ايندي شرط اچي موچڙن جي مار وڌيس. پوءِ ته زناني مار، خبر نڪا چار. بادشاهه ويچارو موچڙا کائي، جتان آيو هو اوڏانهن روانو ٿيو ۽ ساري رات اکين تي ويهي گذاريائين.

بس صبح ٿيندو ويو ۽ بادشاهه يڪدم ماڻهو موڪلي ڇوڪري کي گهرايو. سپاهين گهوڙيءَ ۾ ڇوڪرو پڪڙي آڻي بادشاهه جي روبرو ڪيو. بادشاهه خلاصيءَ جاءِ تي وٺي وڃي ويهاري پڇڻ لڳس ته: اڙي ڇوڪرا! تو عشق ڪمائڻ لاءِ مون کان ٽڪو ورتو هو، سو ڪمايئي؟ ڇوڪري ورندي ڏني ته: هائو سائين. بادشاهه پڇيس ته: مونکي ڏِٺاءِ ته ڪيئن؟ ڇوڪري ورائيو ته: سائين! ڏِٺائيندس ڪڏهن به ڪونه. بادشاهه چيس ته: ڇوڪرا! مون کان ڪا به ڳالهه ڳجهي ڪانهي، جي نه ڏِٺائيندين ته ڦاسيءَ چاڙهائي ڇڏيندوسئين. ڇوڪري چيس ته: سائين! اها توهان جي مرضي، ڦاسي چاڙهيو ته ڀلي، باقي ڏِٺائيندس آءٌ ڪڏهن به ڪونه. بادشاهه چيس: مونکي ايتري خبر پئي آهي ته تون رات فلاڻي سوداگر جي ماڙيءَ تي ويو هئين، ۽ ساري رات اتي گذاري هيئي. پوءِ به تون مون سان ڪوڙ پيو ڳالهائين! ڏاهو ٿي سچي ڪر ته ڳالهه ڪيئن آهي، ۽ تو ڪهڙيءَ طرح عشق ڪمايو؟ ڇوڪري ورندي ڏني

ته: بادشاهه سلامت! توهين الاجي ڇا ٿا چئو؟ ڇا لڳان آءٌ، ڇا لڳي سوداگر جي ماڙي! توهان ماڻهن جي ڳالهين تي نه لڳو. مونکي انهيءَ قصي جي ڪابه خبر ناهي. بادشاهه ٻڌي ٻاهه ٿي ويو. پلا رات وارا موچڙا ياد پيئا هئس، سو پڪي اندر ۾ سڙيو ته ڪنهن به نموني اهو راز ظاهر ٿئي ته هيءَ ڇورو— جنهن جي گهر ۾ رکيي به ٻنگهي ڪانهي — سو ساري رات سوداگرياڻيءَ سان گذاري آيو، ۽ آءٌ هن شهر جو بادشاهه، سو انهيءَ ساڳئي هنڌان موچڙا کائي آيو آهيان! آخر آهي ڇا؟ سو ڇوڪري کي وري به سيٺ محبت سان سمجهائڻ لڳو ته من ڪنهن طرح سان اَن ڳالهه جو سبب ظاهر ٿئي. پر ڇوڪري جيئن 'نه' ڪئي، تيئن 'ها' جي ٻولي نه ٻوليائين. اتي بادشاهه پنهنجي ماڻهن کي حڪم ڏنو ته: هن کي هڪڙي هفتي لاءِ جيل ۾ بند رکو. ان بعد جي هن سچي حقيقت ٻڌائي ته واهه، نه ته ڦاسيءَ تي لٽڪايو ويندو! سپاهين پوءِ هن ڇوڪري کي وٺي جيل ۾ بند ڪيو.

هوڏانهن سوداگرياڻيءَ کي ڇوڪري جي جيل ۾ پوڻ واري ساري حقيقت معلوم ٿي. آخر هفتو پورو ٿيو، پر ڇوڪري سچي ڪانه ڪئي. تنهن تي بادشاهه حڪم ڏنو ته: هن ڇوڪري کي ڦاسيءَ تي چاڙهيو. اها خبر پوڻ سان سوداگرياڻيءَ کي ڏاڍو ويچار ٿيو. نه ماني وڻيس نه ٽڪي. پنهنجي ٻانهيءَ کي خبرچار وٺڻ لاءِ موڪليائين ته: شهر ۾ وڃي ساري حقيقت وٺي اچ ته هو ڦاسيءَ تي ڪيڏيءَ مهل چاڙهندو. ٻانهي سموري خبرچار وٺي آئي ته ڇوڪري کي هيئنرئي ڦاسيءَ تي ٿا چاڙهين. بادشاهه هاندي مهل به ڇوڪري کي گهڻوئي سمجهايو ته: ~~ڇو ٿو~~ پنهنجي جواني وڃائين! ڪئي سچي ڪر. پر ڇوڪري جو اهوئي جواب ته: بادشاهه سلامت! ڪهڙي سچي ڪريان؟ مونکي جي خبر هجي ها ته ٻهريائين ٻڌايان ها. هائي ديڙ نه ڪريو، هاڻي ڦاسيءَ تي چاڙهيوم. اتي بادشاهه پنهنجن ماڻهن کي حڪم ڏنو ته: هن کي وڃي ڦاسيءَ تي چاڙهيو، پر

جي اتي مهلت گهري ته ڦاسي نه ڏجوس، سوڻائي مون وٽ وٺي اچجوس.

چوڪري کي ڦاسيءَ واري جاءِ ڏانهن وٺيو پئي ويا، ٣
ته هوڏانهن اها خبر سوداگر جي زال کي پيئي، تنهن چا ڪيو، جو ڪير جو وٽو ۽ مگن جي لپ پانهيءَ کي ڏئي چيو ته: چوڪرو بيگناهه ٿو ڦاسي چڙهي، تنهنڪري هاڻي ڪيس بچائجي، تون هيئن ڪر جو مگن جي لپ سندس اڳيان اڇلي ۽ ڪير جو وٽو هاري تون هلي اچ، پوءِ جي حياتي هوندس ته بچي پوندو. پانهي ميهن واءِ ڪندي آئي، ڏسي ڪٿي ته ويچاري چوڪري کي ڦاسيءَ جي تختي تي بيهاري، هاڻي ڦاسي ڏين جو سعيو پيا ڪن. تيستائين هيءَ به ڊوڙي اچي رسي. ايندي شرط مگن جي لپ هن جي پيرن ۾ اڇلي، ڪير جو وٽو هاري، پوئين پيرين روانی ٿي. چوڪري پانهي سڃاتي، جلادن کي چيو ته: مونکي بادشاهه وٽ وٺي هلو ته ڳالهه ٻڌايانس. جلادن هن کي وٺي آئي بادشاهه جي اڳيان حاضر ڪيو.

بادشاهه چوڪري کي ڏسي چيو ته: اڙي چوڪرا! نيٺ مرڻ کان ڊڄي ويئين نه! ... چڱو هاڻي ٻڌاءِ اصل حقيقت. چوڪري چيو ته: سائين! جي اجازت نه ملي ها ته هرگز ڪونه ٻڌايان ها، جڏهن ڊر ڏيڻ کان اجازت ملي اٿم، تڏهن ٿو ٻڌايان... هاڻي ٻڌو— توهان تڪو ڏنو، مون انسان صابڻ، ڪار، ڳُلي وٺي، ڪپڙن کي ڌوئي صاف ڪيو، ۽ رات جو هڪڙي سوداگر جي ماڙيءَ تي ڪلاڪوڙي چڙهي ويس. ماڙيءَ ۾ وڃڻ بعد مون وٽ هڪڙي پانهي آئي، جنهن مونکي اتي پيل پلنگ هڪڙي هنڌان ڪٽائي پٽي هنڌ رکائڻ لاءِ چيو، مون انڪار ڪري چيومانس ته: پنهنجيءَ سائڻ کي سڏ ڪر. بادشاهه پڇيس ته: ڇو تو هن کي نه وتايو؟ چوڪري جواب ڏنو ته: سوداگر جي زال انهيءَ طرح منهنجو امتحان ٿي

ورتو ته آءٌ ڪنهن خانداني گهراڻي جو آهيان، يا خسيس ماٺهو آهيان. اهوئي سبب هو جو مون پلنگ وٺڻ کان انڪار ڪيو. پوءِ پانهي گرم ۽ سرد پاڻي ڪٺي آئي، ۽ اچي چيائين ته، هٿ منهن ڌوئي آرام ڪر. مگر مون ان پاڻيءَ کي به انهيءَ لاءِ هٿ نه لاتو، جو انهيءَ طريقي سوداگرجي زال اهو ٿي پڇيو ته: جيڪڏهن گرمي سردي سر تي اچي وڃئي ته اها سهي سگهندين يا نه؟ مون ان مام کي سمجهي اهو پاڻي ملائڻ جو ڪم به پانهيءَ جي هٿان ڪرايو. پوءِ هٿ منهن ڌوئي بالم تي ويهي رهيس. يعني قبول ڪيم ته ڪهڙي به تڪليف هوندي ته سر تي ڪٽندس. اڃان ٿورو وقت گذريوئي ڪين ته وري پانهي عطر جي شيشي کڻي آئي. مون ان شيشيءَ کي کولي پلنگ جي چئني پاون هيٺ ورچي ڇڏيو. بادشاهه پڇيس ته: ڀلا عطر تو پاون هيٺان ڇو پوريو؟ هن جواب ڏنو ته: سوداگرجي زال پڇيو هوته سرديون گرميون ته برابر سهي ويندين، پر هيءَ اهڙي ڳالهه آهي، جا عطر جي خوشبوءِ وانگر چوڌاري پکڙجي ويندي. مون ان جو جواب ڏنو ته: اها خبر منهنجي دل ۾ ائين قابو رهندي، جو ٻاهر پاڇ به نه نڪرندي. بادشاهه پڇيس ته: پوءِ ڀلا ڇا ٿيو؟ چوڪري چيو ته: ٿوريءَ دير بعد پانهي وري هڪڙي ٿالهه ۾ گدرو ۽ ڪاتي کڻي آئي منهنجي هٿ ۾ ڏنا. سوداگر جي زال اها به پڇي پڪ ٿي ڪئي ته تون لڪائيندين، پر ڪاتي ڪنڌ تي اچي وڃيئي ته تون ڇا ڪري سگهندين؟ مون ان جو جواب اهو ڏنو، جو گدري جي کل لاهي، باقي ڳڀ جا ٽڪر ٽڪر ڪري، ٿالهه ۾ وجهي ڏياري موڪلياڻس... يعني ته بدن جي کل لهي ويندي، ڳترا ڳترا ٿي ويندس، پر ڪڇندس اصل ڪونه. ان کان پوءِ وري مون ڏانهن هڪڙو ليمون ۽ سئي ڏياري موڪليائين. ان ۾ اهو سوال پڇيائين ته: جي سوريءَ تي توکي چاڙهيو وڃي ته پوءِ؟ مون جواب ۾ ليمون، سئيءَ ۾ ٽنبي ڪٽ جي پائي ۾ هٽي

چڙ يو ۽ جنهن جو مطلب اهو هو ته سوريءَ تي پڙ ندينءَ.
بادشاهه سلامت! انهيءَ پڪ پڪائيءَ کان پوءِ سوداگر جي
زال هارسينگار ڪري آئي، ۽ اسان ٻنهي چٽن ساري رات
رهاڻ ۾ گذاري. بادشاهه پڇيس ته: پوءِ اها ڳالهه تو سون
سان چو ڪئي؟ ڇوڪري ورندي ڏني ته: هائو سائين! جنهن
وقت توهان جا ساٿهو سونکي ڦاسي ڏيڻ تي هئا، ته اوچتو اها
ساڳي ٻانهي ڊوڙندي آئي ۽ مگن جي لٽپ سنهنجي پيرن ۾ اڇلائي،
ڪير جو وڏو اڳيان هاري هلي ويئي، جنهن جو مطلب هيءَ
هو ته سوداگر جي زال چوائي موڪليو ته: وات ۾ مگ
چو پيا اٿئي؟ اچي ڪير جهڙي ڳالهه ڪري ڏي! سو بادشاهه سلامت!
جي پاڻ اها اجازت نه ڏني هان، ته آءٌ ڪڏهن به اها ڳالهه توهان
کي نه ٻڌايان ها... ڦاسيءَ چڙهي وڃان ها پر ڳالهه سنهنجي پيٽ
۾ هجي ها.

بادشاهه مگن ۽ ڪير وارو قصو پنهنجي سپاهين کان
پڇيو، جن به شاهدي ڏني. پوءِ بادشاهه، ڇوڪري کي
چيو ته: اڙي ڇوڪرا! برابر تو تڪي ۾ عشق ڪمايو ۽ تون
واقعي عقل وارو آهين، اڄ ڏينهن کان پوءِ تون سنهنجي خاص
ساٿهن ۾ شامل آهين. ائين چئي هن کي گهڻوئي انعام ڏيئي
روانو ڪيائين.

٢٠- وزيرزادو ۽ سوداگرياڻي*

هڪڙو بادشاهه هو، سو هڪڙي ڏينهن اچي پنهنجي وزير سان هوڏيو. بادشاهه چئي ته، علم وڏو، وزير چئي ته، عقل وڏو. وزير بادشاهه کي ڪيترائي مثال ٻڌايا، پر بادشاهه پنهنجيءَ تان لهي ئي نه. چئي: جنهن وٽ علم آهي، تنهن کي عقل جي ڪهڙي گهرج؟ وزير چيو ته: جيئندا قبلا! برابر علم ٻه سٺو آهي، پر جي انهيءَ علم واري شخص وٽ عقل نه هوندو، ته اُن جو علم ئي اجايو آهي. تنهن تي بادشاهه چيو ته: چڱو انهيءَ ڳالهه جو آزمودو ڪنداسين... جي تنهنجي ڳالهه ڪوڙي نڪتي ته وزيريءَ تان هٽايو ويندين. وزير اها ڳالهه مڃي. بادشاهه چيو ته: • تون پاڻ کي عقلمند ٿو سمجهين ته تنهنجو اولاد به ضرور عقل وارو ٿيندو. هاڻي تنهنجي گهر اميدواري آهي. جي تو کي پٽ ڄائو ته پوءِ اُن کي اهڙي هنڌ نپائيو، جتي نه پڙهي سگهندو، ۽ نه وري پڙهيل ماڻهن سان ڪچهري ڪري سگهندو. پوءِ ڏسنداسين ته ڪيئن ٿو عقلمند ٿئي! وزير اها ڳالهه قبول ڪئي.

خدا جي قدرت سان، ٿوري گهٽي ڏينهن وزير کي هڪڙو شدا ملوڪ پٽ ڄائو. بادشاهه حڪم ڪيو ته: وزيرزادي کي محلات ۾ اڻ پڙهيل داين جي حوالي ڪيو وڃي! حڪم جي تعميل ڪئي ويئي. ڏينهن پٺيان ڏينهن گذرندا ويا. وزيرزادو اڄ ننڍو سيان وڏو، نيٺ اچي سمجهه ڀريو ٿيو. ڪيس نه پڙهايو ويو، ۽ نه وري پڙهيلن جي صحبت ۾ رکيو

* هيءَ ڳالهه وچولي (تعلقي شهدادپور) مان ظفر بلوچ کان ملي.

ويو. قصو ڪوتاهه— جڏهن جوان ٿيو، تڏهن دل ۾ خيال پيدا ٿيس ته آخر مون ڪهڙو ڏوهه ڪيو آهي، جو هن بند ۾ سزا پيو ڀوڳيان؟ اهو ويچار ڪندي پڇڻ جون انڪلون ڳولڻ لڳو. نيٺ هڪڙيءَ رات وجهه ڏسي آتان ڪسڪي هليو ويو.

انهيءَ شهر ۾ هڪڙو وڏو سوداگر رهندو هو، جو واپار سانگي پيو ولايتون وڙهيندو هو. هن پنهنجيءَ زال کي چئي ڇڏيو هو ته: حياتيءَ تي ڀروسو ڪونهي، قضا پڇي ڪانه ايندي آهي، آءٌ جي ٻن سالن اندر نه اچي سگهان ته پوءِ تو تي فرض آهي ته منهنجي حق ۾ سال ويهي پوءِ ٻئي پيو حق ڪجانءِ. اها ڳالهه چئي جيئن سوداگر ويو، تيئن ٻه سال گذري ويا هئا. سندس زال به ائين ڪيو جيئن هن چيو هوس— سال عدت ۾ ويٺي، ۽ جنهن رات وزيرزادو جند ڇڏائي ڀڳو هو، تنهن رات سندس عدت جو مدو پورو ٿيو هو. سو پنهنجي هڪ ٻانهيءَ کي چيائين ته: بهاني سان ڪنهن ماڻهوءَ کي هتي وٺي اچ. مجال ڪو بادشاهه به ڪو چمڙاپوش ڪيو پريان پئي آيو. ٻانهيءَ يڪدم هن کي سڏي چيو ته: ادا! آءٌ رن زال آهيان، منهنجي ڏکي سنڌوڙي نيئي آهي، ڀلائي ڪري هلي ڏهي ڏي! بادشاهه کي ان تي قياس اچي ويو، سو هن سان گڏجي گهر ويو. ٻانهيءَ هن کي وٺي وڃي گهر ۾ ويهاريو ۽ سوداگرياڻيءَ کي چاڻ ڪيائين. ان وڙي سندس عقل پرکڻ لاءِ ٻه چار ڪڇهارتون ڳاهي رکيون هيون، سو پهريائين ٻانهيءَ هٿان هڪ ٿالهه ۾ ٻه گدرا— هڪ ڪچو هڪ پڪو— وجهي بادشاهه ڏانهن موڪليائين. بادشاهه يڪدم ڳاڙهو پڪل گدرو کڻي کائي ڇڏيو، ۽ ڪچو گدرو ڇڏي ڏنو. ٻانهيءَ وڃي سوداگرياڻيءَ کي ڳالهه ٻڌائي، جنهن چيو ته: ڀلو ڪم ٿيو. هاڻي ٿڌو ۽ ڪوسو پاڻي جدا جدا ٿانون ۾ وجهي، وڃي اڳيان رکينس. ٻانهيءَ حڪم جي تعميل ڪئي. بادشاهه ٿڌو پاڻي پيتو ۽ ڪوسي پاڻي سان هٿ منهن ڌوئي

ٿانو خالي ڪري واپس ڪيا. ٻانهيءَ وري به وڃي سوداگرياڻيءَ کي حقيقت ٻڌائي. تنهن وري ٿوري مشڪ ڏنيس ته بادشاهه کي ڏيئي اچي. ٻانهيءَ مشڪ کڻي وڃي بادشاهه کي ڏني، جو ڪپڙن ۽ بدن کي مکي بالم تي ويهي رهيو. ٻانهيءَ اها خبر به سوداگرياڻيءَ کي وڃي ٻڌائي. تڏهن ٻانهيءَ کي چيائين ته: هن ڍوڪ کي ٻاهر اماڻي، ڪو پيو ماڻهو وٺي اچ. ٻانهيءَ در کولي، بادشاهه کي ڌڪا ڏيئي ٻاهر ڪري ڇڏيو.

ٻانهي وري به اچي ٻاهر بيٺي. ايتري ۾ پرياڻ وزيرزادو سهڪندو سهڪندو پٺي آيو. ٻانهيءَ ان کي سڏي ساڳيءَ طرح چيو ته: ابا! آءٌ رن زال آهيان، ڏکي سنڌوڙي بيٺي آهيان، سا هلي ڏهي ڏي. وزيرزادي بيهي، خيال ڪري جواب ڏنس ته: امڙ! ڏکي ڏهڻ سونڪي به ڪانه اچي، پر هل... ڪوشش ڪنداسين. ٻانهي هن کي وٺي اندر ويئي. بادشاهه به اچان اتي ئي پر پاسي ۾ ويٺو هو. تنهن خيال ڪيو ته: هي ڇا آهي؟ ڏکي ڏهڻ جو بهانو ڪري سيٺي کي اندر پيئي وٺي وڃي! سو ڇا ڪيائين جو لڪي لڪي، اندر گهر ۾ گهڙي ويو ۽ ڪنڊ پاسو وٺي ويهي رهيو.

ٻانهيءَ وزيرزادي کي به ساڳيءَ طرح ۾ گدرا آڻي ڏنا. وزيرزادي ڇا ڪيو جو ڪچي ۽ ڳاڙهي گدري جون ڏڪريون ناهي، ڳاڙهي جي ڏڪري ڪچي ۾، ڪچي جي ڳاڙهي ۾ هڻي، ٿالهه واپس ڪئي. ٻانهيءَ کي ڏنو، جو هن وڃي سوداگرياڻيءَ کي ڏنو. وري ڪوسو ٿڌو پاڻي آيو. وزيرزادي ڇا ڪيو جو ٻئي پاڻي گڏي، واپس ڏياري موڪليائين. وري مشڪ آئي. وزيرزادي وري به ڇا ڪيو جو سموري مشڪ، ڪن جي پاڻي هيٺان کڏ کوٽي پوري ڇڏي. ٻانهيءَ موٽي وڃي سوداگرياڻيءَ سان ڳالهه ڪئي. جنهن تي هن چيس ته: چڱو ٿيو. هاڻي هن کي وڃي چئو ته: تون هيٺڙ وڃ، اسين پاڻهي توکي ڪولي لهنداسين! وزيرزادو يڪدم ٻاهر نڪري هليو ويو.

بادشاهه بيٺي اهو لقاءُ ڏٺو، تنهن کي، اچي چورا ڪورا ٿي ته انهي ۾ مڙئي ڪو راز لڪل آهي، سو ڪا اٽڪل ڪري معلوم ڪرڻ گهرجي. نيٺ وڪ ڪٽي وڃي وزيرزادي کي جهليائين ۽ پڇيائينس ته: ڇوڪرا! ڪير آهين، ۽ هن بيگاهه وقت ۾ ڇو پيو رلين؟ وزيرزادي دل جهلي چيس ته: آءٌ غريب مسڪين آهيان، ڪنهن ڪم ڪار سانگي نڪري پيو آهيان. بادشاهه کي ته ڪنهن به صورت ۾ هن کي جهلڻو هو، سو هڪدم ڪٽي هٿڪڙيون هنيائينس— چئي: تون چور آهين. پوءِ سِڌو وڃي قيد هنيائينس ۽ چوڪيدارن کي حڪم ڪيائين ته ٿي سپاڻي صبح جو دربار ۾ حاضر ڪجوس. صبح جو وزيرزادو دربار ۾ پيش ٿيو. وزير پنهنجو پٽ ڏسي ڪابي ويو، پر ڪري ڪجهه به نٿي سگهيو. ايتري ۾ بادشاهه هڪل ڪيس ته: ڇوڪرا! ڪرخبر، رات ڏٺي ڪيئن ڏٺي! وزيرزادي ڏٺو، پر جواب ڏنس ته: جيئن توهان ڏٺي! بادشاهه چيو ته: سو وري ڪيئن؟ سچ ٻڌاءِ نه ته ڦاسيءَ تي چاڙهبئي. وزيرزادي چيو ته: بادشاهه سلامت! ڦاسيءَ چاڙهين ته ڀلي چاڙهه، پر ڏٺي جيئن تو ڏٺي تيئن مون به ڏٺي! بادشاهه حڪم ڪيو ته: يڪدم ڦاهيءَ تي ٽنگيوس! سپاهي هن کي ڦاسي واري هنڌ تي وٺي ويا. بادشاهه دل ۾ خيال ڪيو ته پاڻهي موت جي ڀؤ کان سچي ڪندو، پر هو اهڙو ڪچي جهڙي پٽ.

هوڏانهن وري سوداگرياڻيءَ کي پانهيءَ وڃي ٻڌايو ته: ڇوڪرو ٿو ڦاهي چڙهي، ويل هيءَ اٿيئي، نه ته مڙس ٿو وڃي! تڏهن هن پنهنجي نوڪرن کي هڪڙو ٿالهه سونين مهرن جو ڏيئي، ڦاسيءَ واري جاءِ ڏي موڪليو، ۽ چيائين ته: وڃي چئو ته انهيءَ ڇوڪري کان اسين مهرون پرڪائينداسين، ته سچيون آهن يا ڪوڙيون! نوڪر ڊوڙندا ڊوڙندا ڦاسيءَ گهاٽ تي پهتا، ۽ آزيون نيزاريون ڪري ڦاسي روڪايائون. وزيرزادي کي جڏهن مهرون ڏيکاريون ويون، تڏهن هن چيو ته: ميان!

هي مهرون آهن ته سچيون - پر هن بادشاهيءَ ۾ نه هلنديون!
نوڪرن اهو جواب اچي سوداگرياڻيءَ کي ٻڌايو، جنهن وري
مگن جي لپ ۽ ڪير جو وٽو نوڪرن کي ڏيئي چيو ته:
چوڪري جي هڪڙي پاسي مگ ۽ ٻئي پاسي ڪير وجهي هاريو.
هنن وجهي ائين ڪيو، تنهن تي وزيرزادي چيو ته: آءٌ سچي
ڏو ڪريان، مونکي بادشاهه وٽ وٺي هلو.

چوڪيدار هن کي وٺي بادشاهه وٽ آيا. بادشاهه به
هن کي ڏسي خوش ٿيو ۽ چيائين ته: چوڪرا! خسيس ڳالهه
لاءِ هرو ڀرو ٿي پنهنجي جواني وڃائيءَ. هاڻي سچي ڪر ته
ڏکي ڪيئن ڏٺي؟ وزيرزادي چيو ته: بادشاهه سلامت! جڏهن
ڪچو پڪو گدرو مليم، تڏهن ان جون ڏگريون ڪري، ڪچي
کي پڪي سان، ۽ پڪي کي ڪچي سان گڏي موڪليم،
انهيءَ جو مطلب اهو ٿيو ته ڪچي پڪي گڏ کائينداسون.
هن وري ڪوسو ۽ ٿڌو پاڻي موڪليو، اهو به مون ملائي
موٽائي ڏنو- انهيءَ جي معنيٰ اها ته ڪوسيءَ ٿڌيءَ ۾ به
گڏ گذارينداسين. وري مشڪ ڏياري موڪليائون، جا مون گڏ
ڪوٺي ٻوري چڙهي. انهيءَ جو مطلب ٿيو ته اها ڳالهه ڳجهه
۾ رهندي ۽ ڪنهن کي به سڌ نه پوندي. پوءِ هنن چيو ته تون
وڃ، توکي پاڻهي ڳولي لهنداسين. پاهر نڪتس ته توهين منهن
۾ مليا. صبح جو مون کان سوال ڪيو، جنهن مان پڪ ٿي
ته اها ڳجهارت توهان کي به مليل آهي. توهان جڏهن
مون کان سوال ڪيو، تڏهن سوداگرياڻي سان ڪيل وعدي
موجب نه ٻڌايم، ۽ ڦاسيءَ چڙهڻ لاءِ راضي ٿيس. وري جڏهن
اوهان ڦاسيءَ جو حڪم ڏنو، تڏهن واٽ تي هن جي ٻانهيءَ
مونکي ڏٺو، جنهن وڃي سموري ڳالهه کيس ٻڌائي.
تنهن تي مهرن جو ٿالهه پنهنجن نوڪرن هٿان ڏياري موڪليائين
ته هي ٻرڪي ڏي. مون جواب ڏياري موڪليو ته، هي مهرون
آهن ته سچيون، پر هن ڏيهه ۾ نه هلنديون. انهيءَ ڳالهه جو

مطلب هيءُ ٿيو ته هن چيو ته سپاهين کي سهرون ڏيئي جند ڇڏاءِ. مون جواب ڏياري سوڪليو مانس ته، هي سهرن سان راضي نه ٿيندا، چاڪاڻ ته بادشاهه کان ڍچن ٿا. تنهن تي هن مڳ ۽ ڪير موڪليو، جو سندس نوڪرن آڻي پنهي پاسن کان هاريو. ان جو مطلب اهو ٿيو ته: هن چوائي موڪليو ته واتءِ مڳ چو پيا اٿيئي، ڪير وانگر اڇي ڳالهه ڪري ڏي! پوءِ مون سپاهين کي چيو ته، بادشاهه وٽ وٺي هلو. چو جو ڳالهه ڪولي پڌائڻ جي اجازت ملي ويئي اٿم. سو بادشاهه سلامت! انهيءَ نموني مڃ ڏکي ڏٺي.

ايتري ۾ وزيرزادي جي پانهي به سهڪندي سهڪندي اچي دربار ۾ پهتي، ۽ بادشاهه کي چيائين ته: بادشاهه سلامت! وزيرزادو رات الاجي ڪيڏانهن گم ٿي ويو آهي. تنهن تي وزير ڪڏم چيس ته: انڌي! ڏسين نٿي هو وزيرزادو بيٺو آهي! پانهيءَ رڙ ڪري چيو ته: هائو هائو، هيءُ ئي وزيرزادو آهي! اتي بادشاهه جا ڇپ ٽري ويا. تنهن تي وزير ياد ڏياريس ته: بادشاهه سلامت! ڪيئن ٿا ڀانيو، علم وڏيڪ يا عقل؟ بادشاهه پنهنجي هار مڃي، وزير کي ڪٽي پاڪر پاتو. پوءِ وزيرزادي جي شادي، سوداگرياڻيءَ سان نهايت ڌام ڌوم سان ڪرائي، کين دولت سان ڍئي ڇڏيائين.

١٢- دوستي زال جي يا مرد جي؟ *

هڪڙي بادشاهه جي ڪنهن عورت سان ڏاڍي دل هوندي هئي. هوءَ پنهنجي مڪر ۽ فريب سان بادشاهه کي سچي دوستيءَ جو اعتبار ڏيندي هئي، ۽ چوندي هيس ته: منهنجو ساهه به توتان قربان آهي. هڪڙي ڏينهن بادشاهه پنهنجي وزير کي چيو ته: وزير! دوستيءَ ۾ زال ذات ڏاڍي پڪي ٿيندي آهي. وزير عرض ڪيو: سائين! دوستي مرد جي... عورت کي دوستيءَ جي ڪهڙي خبر ته دوستي ڇا ٿيندي آهي! بادشاهه هٺ تي، وزير ٻيءَ تي؛ آخر پنهي پاڻ ۾ شرط ٻڌي، انجام ڪيو ته پنهي مان جيڪو شرط هارائيندو، سو پورا ڇهه مهينا پلنگ تي نه سمهندو.

پهريائين بادشاهه چيو ته: زال جي دوستي آزمائجي. سو وزير کي ساڻ ڪري آيو عورت جي مڪان تي، ۽ چوٽ ۾ اچي چيائينس: پلو ٿيئي! سچي بادشاهي سون مان ناراض ٿي پيئي آهي، ۽ ارادو ڪيو اٿن ته راتو رات مونکي مارين، وزير کي ڪٺي تخت تي ويهارين؛ سو هاڻي بادشاهي ته وڃي ڪذ ۾ پوي، پر سِر ٿو وڃي... هاڻي پلائي ڪر. رات مونکي پنهنجي گهر ۾ لڪ ڏي، صبح جو پنهنجو بلو پاڻيهي ڪندس. عورت جا حواس ئي گم ٿي ويا- چئي: بادشاهه سلامت! واهه تنهنجي دوستي! پاڻ ته مرين ٿو، پر مونکي به ٿو مارائين؟ سچي جهان کي خبر آهي ته تنهنجي سون سان دوستي آهي، تنهنڪري هو

---

* هيءَ ڳالهه اتر (تعلقي آباوڙي) مان فاضل قائمي کان ملي.

مارڻ وارا توکي هٿي ٻه ضرور ڳولڻ ايندا۽ سو سائين منهنجا! هتان ڪِسڪ.

وزير ٻاهر لڪو ويٺو هو، تنهن هنن جي سڄي گفتگو ويٺي ٻڌي. جڏهن بادشاهه نااُميد ٿي موٽي آيو، تڏهن وزير چيس ته: بادشاهه سلامت! ياري هميشه مرد جي هوندي آهي، زال جي ڪهڙي ياري؟ هاڻي مون سان گڏجي هلي ڏسو ته مَرد ڪيئن ٿا ياري نباهين! منهنجا ٽي دوست آهن: هڪ حجم، ٻيو چور ۽ ٽيون فقير. هلي ٿا اُنهن کي آزمايون. بادشاهه اها ڳالهه قبول ڪري هن سان گڏ روانو ٿيو.

بادشاهه ۽ وزير جڏهن حجم جي گهر وٽ پهتا، تڏهن بادشاهه ٻاهران لڪي ويٺو، ۽ وزير حجم کي سڏ ڪيو. حجم نڪري آيو ۽ وزير کي ڀاڪر پائي اچي مليو. پوءِ خبرون پڇيائينس ته: ادا! هن وقت ڪيئن اچڻ ٿيو آهي؟ وزير ٻڌايس ته: بادشاهه سلامت ڪنهن ڳالهه تان مون تي ناراض ٿيو آهي، سو سڀاڻي مونکي ڦاسيءَ تي چاڙهيندو. دل ۾ خيال ڪيم ته سڀاڻي متان موقعو نه ملي — تنهنڪري راتوڏو يارن کان موڪلائي اچان. حجم اها ڳالهه ٻڌي وزير کي چيو ته: سائين! پرواهه نه ڪر، مان روزانو صبح جو بادشاهه جي حجامت بنائڻ ويندو آهيان. سانجهيءَ پاڪي اهڙي ته لائي رکان، جو سڀاڻي رکو بادشاهه جي گردن تي رکڻ جي دير ٿيندي، نه بادشاهه هوندو، نه توکي ڦاسي ڏيندو. هاڻي تون ڀلي وڃي مزي سان ننڊ ڪر! بادشاهه اها ڳالهه ٻڌي عبرت ۾ پئجي ويو. جڏهن وزير گهڙي کن ڪچهري ڪري، حجم کان موڪلائي بادشاهه وٽ آيو، تڏهن چيائينس ته: سائين! سڀاڻي هوشيار رهجو، متان حجامت ڪرائڻ وقت گردن ئي نه ڇني. پوءِ ته وڙي ڳالهيون ڪندا، چور جي گهر ڏانهن روانا ٿيا.

چور جي در تي پهچي، بادشاه وري به هڪڙيءَ ڪنڊ ۾ لڪي بيهي رهيو، ۽ وزير اچي چور ڪي سڏ ڪيو. سڏ تي هن اندران ئي سڏ جو جواب ڏنو، پر ٻاهر ڪونه نڪتو. ڪجهه وقت کان پوءِ وزير وري سڏ ڪيو. مگر چور وري به اندران جواب ڏنو، باقي ٻاهر ڪونه نڪتو. آخر جڏهن ٽيون سڏ ڪيائين، تڏهن هو ٻاهر نڪتو. وزير پڇيس: يارا اڳي ته هڪدم ٻاهر نڪري ايندو هئين، اڄ ڇو ايتري دير ڪيئي؟ تڏهن چور ٻڌايس ته: يار! اڄ تون اويلو آيو آهين، خيال ڪيم ته ستبان پٺيان ڪو دشمن نه هجيس، ته پوءِ هٿين خالي ڇا ڪندس. تنهنڪري تراڙ ڪلهوڙي مان ڪڍيم، وري آن تان ويڙهيل اڳڙيون ٽڪرڙيون لاٿم، تيسين دير ٿي ويم. هاڻي حڪم تنهنجو! سر به حاضر آهي ۽ هٿيار به هٿ ۾ آهي. وزير چيس ته: ادا! اڄ خير ڪونهي، بادشاه سلامت مون تي ڏاڍو ناراض ٿي پيو آهي، سو سپاڻي مونکي ڦاهيءَ چاڙهيندو، ان ڪري چيم ته رات ئي، رات ۾ يارن دوستارن کان ته موڪلائي وٺان! تنهن تي چور چيس ته: ادا! ڳالهه به اها؟ مونکي رکو ايترو ٻڌاءِ ته رات جو بادشاه ڪٿي سمهندو آهي؟ رات ئي رات ۾ ٿو سر لاهي اچانس— پوءِ سپاڻي نڪو هوندو، نڪي توکي مارائيندو. هاڻي وڃي بي ڪنڪو ٿي سمهي رهه! وزير، چور کان موڪلائي جڏهن بادشاه سان مليو، تڏهن چيائينس ته: بادشاه سلامت! رات جو خيال ڪري سمهجو! چور آهي منهنجو دوست، مڙندو ڪونه.

اتان ٿي ٻئي ڄڻا باقي ٽئين دوست کي آزمائڻ لاءِ روانا ٿيا. جڏهن فقير جي اوتاري وٽ پهتا، تڏهن بادشاه وري به هڪڙي ڪنڊ جهلي لڪي بيهي رهيو. وزير وڃي فقير کي سڏ ڪيو. هو سڏ تي قلندري ڏنڊو ڪڇ ۾ ڪري ٻاهر نڪري آيو. وزير کي در تي ڏسي پڇيائينس ته: وزير! خير ته آهي، هن وقت اڄ ڪيئن نڪري پيو آهين؟ فقير کي ادب

ٻڌائين چيائين ته: فقير سائين! بادشاهه سلامت جي ڪاوڙ ڪري مون تي هڙو پورو اچي ناراض ٿيو آهي، ۽ حڪم ڪيو اٿس ته سڀاڻي مونکي ڦاسيءَ تي چاڙهيو وڃي. تڏهن خيال آيم ته ڇو نه يارن کان موڪلائي اچان. فقير چيو ته: بس بابا! ڳالهه ٻه ايتري؟ جي بادشاهه توکي ڦاسيءَ چاڙهڻ جي ڪوشش ڪئي ته سندس تخت تاج ٻه ورّي اونڌو ڏسندين. تون ماٺ ڪري وڃي سکيو ٿي سمهه، صبح جو مان پاڻهي اچي ڦاسيءَ واري جاءِ تي حاضر ٿيندس... جي بادشاهه نه مڙيو ته شهر ئي اونڌو هوندس. فقير کان موڪلائي وزير اچي بادشاهه سان مليو ۽ چيائينس ته: سائين! يار آهن ٿيئي سچار— خيال ڪجو، متان جهڳڙي نه سيج ٿي وڃي.

بادشاهه دل ۾ خيال ڪيو ته سڀاڻي جا ڳالهه سڀاڻي سان، رات جو ڪو بندوبست ڪجي! سو ڇا ڪيائين جو گهوڙن جي سئيس کي آڻاري پنهنجي جاءِ تي سمهاريائين ۽ اُن کي تاڪيد ڪيائين ته: ننڊ هرگز نه ڪج — نه ته سر سلامت نه رهندئي؟ سئيس گهٽئي ڪَن ـ ٽاڙ ڪئي ته: سائين! مان اوهان جي هنڌ تي ڪيئن سمهان؟ پر بادشاهه چيس ته توکي حڪم مڃڻو آهي. پوءِ ته هڪ سؤ سپاهي پنهنجي هنڌ تي پهريدار بيهاري، پاڻ وڃي سئيس جي هنڌ تي سمهي رهيو.

چور ٻه هٿو مٿو ٽاري، اچي بادشاهه جي محلات ۾ پهتو، پر سخت پهرو ڏسي منجهي پيو. سڄي رات انهيءَ تاڙ ۾ رهيو ته ڪنهن طرح پهري وارا ڪجهه غافل ٿين، ته پوءِ بادشاهه جو سير لاهيان. آخر جڏهن آسر ٿيو، تڏهن پهري وارن کي ننڊ جا گهيرٽ اچڻ لڳا. هيءُ مڙس ٻه وجهه وٺي، پهري وارن سان رلجي ويو، ۽ آخر وڃي بادشاهه جي پلنگ تي پهتو، ۽ يڪدم ڪڍندي ترار ڪاٺ جو ڪٽي ڪري، ته سئيس جو سر ڌڙ کان جدا ٿي وڃي پلنگ کان هيٺ ڪريو. پوءِ لڪي لڪي محلات کان ٻاهر هليو ويو.

صبح جو بادشاهه اچي ڏسي ته سئيس جو سر ڌڙ کان ڌار آهي. ڏٺيءَ جو شڪر ڪيائين جو پاڻ بچي ويو هو. دل ۾ خيال ڪيائين ته، وزير جو هڪ دوست ته سچو نڪتو، باقي پيا ڏسجن. اهان انهيءَ خيال ۾ ويٺو هو ته حجم به سامان سميت اچي حاضر ٿيو. بادشاهه کي رات واري ڳالهه ياد پيئي هئي، سو حجم کي چيائين ته: مان اڄ حجامت ڪونه ڪرائيندس، تون سپاڻي اچج. حجم عرض ڪرڻ لڳو ته: جيئندا قبلا! هي عاليشان پاڪي، مان ڏاڍيءَ محنت سان تيار ڪري آيو آهيان، اوهان حجامت ڪرائي ته ڏسو! پر بادشاهه صاف انڪار ڪيو. تڏهن وري حجام چيس ته: سائين! سپاڻي مان ٻاهر ويندس، تنهنڪري توهين اڄ ضرور حجامت ڪرايو. بادشاهه کي اچي پنهنجي خوف ورتو، هوڏانهن حجم کي اهو خيال ته 'متان قولئون نه ڪوڙو ٿيان'... سو پاڪي ٻاهر ڪڍي حجامت ٺهرائڻ لاءِ بادشاهه کي مجبور ڪرڻ لڳو. بادشاهه کي پڪ ٿي ته هاڻي خير ڪونهي — تنهن ڀري وارن سپاهين کي حڪم ڏنو ته: هن حجم کي يڪدم هتان لوڌي ٻاهر ڪڍي ڇڏيو.

نيٺ اهو وقت آيو جو بادشاهه، وزير کي گهرائي ڦاسيءَ جو ڌڪو ڏيڻ لڳو. فقير به هڪڙي ڪنڊ جهلي اچي ويٺو هو، تنهن بادشاهه کي عرض ڪيو ته: جيڪڏهن وزير کي ڦاسيءَ تي لٽڪائيندين ته تخت بخت سڀ اونڌو ٿي ويندءِ! ايتري چوڻ سان يڪدم تخت کي هڪ معمولي لوڏو آيو، ۽ بادشاهه، تخت سميت ٿاپڙجي وڃي پري ڪريو. تڏهن بادشاهه کي يقين آيو ته واقعي هي فقير به ڪو پهتل شخص آهي، سو يڪدم وڃي فقير جي پيرن تي ڪريو ۽ آن کان معافي ورتائين. پوءِ وزير کي گهرائي چيائين ته: بيشڪ تنهنجا دوست سچا آهن، ۽ دوستي به واقعي مرد جي... زال جي ياري بياعتبار آهي.

پوءِ وزير جي دوستن کي گهرائي، ڏاڍا انعام اڪرام ڏيئي خوش ڪيائين، ۽ پاڻ بہ انهن سان دوستي گنڍيائين. تنهن کان پوءِ اُن عورت کي گهرائي، تمام بيعزتو ڪري شهر نيڪالي ڏيئي ڪڍي ڇڏيائين. اهڙيءَ طرح وزير شرط کٽي، جنهنڪري انجام موجب بادشاهہ پورا ڇهہ مهينا پلنگ تي نہ سُتو.

۲۲- سچ چوڪرو*

هڪڙو هو چوڪرو- ان جو نالو ته الاجي ڪهڙو هو، پر هو هميشه سچ ڳالهائيندو هو. تنهنڪري هن کي سڏيندائي "سچ چوڪرو" هئا. ان چوڪريءَ جا ماءُ پيءُ مري ويا هئا، فقط پوڙهي ناني هيس، جا به اک کان ڪاڻي هئي. چوڪرو روزانو ڪاٺيون ڪري آڻي نانيءَ کي ڏيندو هو، جا آهي ڪاٺيون وڪڻي ان مان پنهنجو ۽ ڏهٽي جو گذران ڪندي هئي. ٿورا ڏينهن خدا جا گذريا، ته هڪڙي ڏينهن پيڙيءَ ڇا ڪيو، جو هار سينگار ڪري، ڪپڙا لٽا پهري ويهي رهي. ان وقت سچ چوڪرو به ڪاٺيون ڪري گهر آيو. نانيءَ جو هار سينگار ڏسي، کانئس ان جو سبب پڇيائين. نانيءَ چيس ته ١٠ اکيون پڌاءِ ته مونکي سرمون ڏئي ٿو يا نه؟ سچ چوڪري چيس ته: سچيءَ اک ۾ سرمون لهڻي ٿو، پر ڪاڻيءَ اک ۾ ڪو ڪي لهڻي! بس، پوڙهي ڪاوڙ مان ٻاهر ڪڍي ويئي. يڪدم هن کي چيائين ته: نڪر مار ڪٽ مار گهر مٿان! چوڪري به ڇا ڪيو، جو بوچڻ ڪلهي تي رکي ٿيو راهي، ۽ وڃي هڪڙيءَ بادشاهيءَ ۾ نڪتو. ويچاري گهڻئي حيلا ڪيا ته ڪو روزگار ملي، پر پرديسي هجڻ سبب ڪنهن به ماڻهوءَ هن تي اعتبار نه ڪيو. سچو ڏينهن رُلي رُلي ٿڪجي پيو هو، سو شهر کان ٻاهر اچي، هڪڙي هنڌ ويهي رهيو ۽ آتي ڪنڌڙي ڪولي لڳو. اوچتو آتان بادشاهه جو وزير اچي لنگهيو. جنهن چوڪري کان پڇيو ته: ڇا ٿو ڪرين؟ چوڪري وراڻيو ته: جيڪو ڪڏ ڪٽي، سو پاڻ پوي. وزير کي هن جو گفتو

* هيءَ ڳالهه اتر (تعلقي وارهه) مان غلام رسول جتوئي کان ملي.

وٺيو، ۽ پڇيائينس ته: توکي ڇا کپي؟ ڇوڪري چيو ته: آءٌ بکيو آهيان، مونکي ماني کاراءِ. وزير کيس گهر وٺي وڃي ماني کارائي. آخر جڏهن ڇوڪري سمورو احوال ڪري ٻڌايس، تڏهن هن کي پٽيلو ڪري پاڻ وٽ ويهاري ڇڏيائين.

هيءُ روزانو وزير جي پٽ سان گڏ مڪتب ويندو هو. هڪڙي ڏينهن جيئن هي ٻئي ڄڻا مڪتب مان پڙهي گهر موٽيا، ته ڏٺائون، ته وزير اونڌي منجي ڪري سمهيو پيو آهي. وزيرزادو پيءُ کي هن حال ۾ ڏسي، ٻنان ٻچڻ جي هلئو ويو، پر سچ ڇوڪرو اچي مٿان بيٺس، ۽ پڇيائينس ته: هيءُ حال ڇو ڪيو اٿوَ؟ وزير کيس ٻڌايو ته: بادشاهه جي گهوڙيءَ کي اٺين ڏينهن پيٽ ۾ سور پوندو آهي. هو علاج ڪري ڪري ڪک ٿي پيو آهي. اڄ مونکي گهرائي چيائين ته، جيڪڏهن گهوڙيءَ جي پيٽ جو سور لاهي نه ڏيندين، ته جيئري گڏهه جي پيٽ ۾ سبائي ڇڏيندس. انهيءَ مونجهاري ۾ هي حال ڪيو اٿم. ڇوڪري کيس دلجاءِ ڏني، ۽ چيائينس ته: توهين بادشاهه کي وڃي ٻڌايو ته اٺين ڏينهن انهيءَ جو جواب ڏيندس. وزير وڃي بادشاهه سان اها ڳالهه ڪئي، جنهن هن کي اٺن ڏينهن جي مهلت ڏني.

اٺين ڏينهن گهوڙيءَ کي پيٽ ۾ سور پيو هو. ان ڏينهن وزير، سچ ڇوڪري کي گهوڙي تي چاڙهي بادشاهه وٽ وٺي ويو. اجان ويٺا ئي هئا ته گهوڙيءَ کي پيٽ ۾ اهڙو سور پيو، جو زمين تي اچي ڦهڪو ڪيائين، ۽ اتي ئي ڦٿڪڻ لڳي. تنهن تي بادشاهه چيو ته: هُون هُون! وزير چيو ته: جيئين قبلا توهان! هيءُ ڇوڪرو جواب ڏيندو. سچ ڇوڪرو اٿي بيهي بادشاهه کي چوڻ لڳو ته: بادشاهه سلامت! گهوڙيءَ جي پيٽ ۾ ٻه ڦر آهن... هڪ سانوڻي ۽ ٻيو سيڻڌو. اهي ٻئي پاڻ ۾ وڙهن ٿا، جنهن ڪري گهوڙيءَ کي پيٽ ۾ سور پوي ٿو. جيڪڏهن منهنجيءَ ڳالهه تي ويساهه نه ڪريو، ته

هن جو پيٽ چيرائي ڏسو. تنهن تي بادشاهه سڀني اميرن وزيرن جي اڳيان گهوڙيءَ جو پيٽ چيرايو ته برابر هن جي پيٽ مان هڪڙو ساموندي ۽ پيو سينڌو ڦر نڪتا. بادشاهه چوڪري جي عقل تي ڏاڍو خوش ٿيو، ۽ هن کي ڏاڍو انعام ڏنائين.

قصو ڪوتاهه — چوڪرو، وزير سان گڏجي روزانو بادشاهه جي دربار ۾ ايندو هو. بادشاهه به هن جون عقل واريون ڳالهيون ٻڌي، هن تي ڏينهون ڏينهن راضي ٿيندو ويو. آخر وزير کي اچي ڊپ لڳو ته متان بادشاهه مون کان وزيري کسي هن چوڪري کي ڏئي، تنهنڪري هن کي مارائڻ جا گهاٽ گهڙڻ لڳو. آخر هڪڙي ڏينهن پنهنجي رازدار ڪاسائي کي چيائين ته: سڀاڻي چوڪرو گوشت وٺڻ ايندو، ان کي لڪائي ڪٺي هلائي ڇڏجانءِ. ٻئي ڏينهن وزير، سچ چوڪري کي گوشت وٺڻ لاءِ روانو ڪيو. هو اڃان ٻاهر نڪتو، ڏسي ته پريان وزير جو پٽ روئندو پيو اچي. سچ چوڪري پڇيس ته: ڇو ٿو روئين؟ هن چيو ته: ٻارن سنهنجون ڪوڏيون کسيون آهن. تنهن تي سچ چوڪري چيس ته: ڇڱو، تون گوشت وٺي اچ، ته مان ٿو تنهنجون ڪوڏيون ٻارن کان وٺي اچان. هو جڏهن ٻارن کان ڪوڏيون وٺي گهر جي دروازي وٽ آيو، تڏهن وزير مليس. جنهن هن کي جيئرو جاڳندو ڏسي، حيرت مان پڇيو ته: گوشت آندءِ؟ سچ چوڪري چيس ته: ادي کي موڪليو اٿم. اتي وزير پٽي هٿ ڪٽي مٿرن تي هنيا. چوڪرو سمجهي ويو، تنهن کٽي اڳتي پنڌ ڇڪيو، ۽ وڃي ڪنهن ٻيءَ بادشاهيءَ ۾ نڪتو.

ان ڏينهن شهزادو سير ڪرڻ لاءِ ويو. جڏهن درياءَ تي پهتو، تڏهن اتي ڀيٽل غوراب ۾ هڪڙي عورت ڏسڻ ۾ آيس، جنهن شهزادي کي ڏسي ڪٽي ڏندن تي هٿ رکيا، پوءِ اکين تي، ان کان پوءِ ٻانهن تي ۽ دل تي هٿ رکي غائب ٿي

ويٺي. شهزادو هن جي حسن جو تاب نہ سهي، اتي ئي ڏندڻجي ڪري پيو. اتفاق سان بادشاهہ جا سپاهي اتان اچي لنگهيا، جن شهزادي کي کڻي گهر آندو. ڪيترائي ڏس پند ۽ علاج ڪيائون، پر شهزادو انهيءَ حالت ۾ رهيو. اتي بادشاهہ، وزير کي چيو تہ: اڳ بہ گهوڙيءَ جو سور تو لڌو هو، هاڻي شهزادي جو علاج بہ تون ئي ڪر.

وزير، بادشاهہ کان گهوڙو ناٺي جو وٺي راهي ٿيو. هڪليندو هڪليندو وڃي انهيءَ بادشاهيءَ ۾ نڪتو، جنهن ۾ سچ چوڪرو رهيل هو. وزير شهر ۾ پئي گهميو تہ چوڪري جي مٿس نگاهہ وڃي پيئي. دل ۾ چيائين تہ وزير مون سان ڪهڙي چڱائي ڪئي هئي جو وڃانس؟ پر پوءِ خيال ڪيائين تہ هن جو ڪجهہ وقت نمڪ کاڌو اٿم، تنهنڪري هلي وڃي هن کان حال احوال ورتائين. وزير ڪيس ٻڌايو تہ: شهزادو بيمار ٿي پيو آهي. ڪجهہ پڇي، ڪونہ ٿو. رکو اکين تي هٿ تو رکي، پوءِ ڏندن تي، وري ٻانهن ۽ دل تي ٿو هٿ رکي. اها ڳالهہ ڪنهن کي بہ سمجهہ ۾ نٿي اچي. بادشاهہ جي حڪم سان انهيءَ بيماريءَ سمجهڻ لاءِ تڪڙي پيو آهيان، جي ڪٿان بہ شهزادي جو علاج نہ ٿيو تہ مرڻ وينداس. سچ چوڪري خيال ڪيو تہ ڳالهہ سولي آهي، وزير مون سان چڱائي تہ ڪانہ ڪئي آهي، پر آءٌ سائس ڀلائي ڪريان، پوءِ وزير سان گڏجي موٽ ڪاڏائين. سڌو شهزادي وٽ آيا، جو پلنگ تي پيو هو. چوڪري اشاري سان خبر چار پڇيس. شهزادي ڦريائين ڏندن تي هٿ رکيا، پوءِ اکين تي هٿ رکيا، وري ٻانهن تي هٿ رکيائين ۽ پوءِ دل تي. تنهن تي سچ چوڪري بادشاهہ کي عرض ڪيو تہ: جيئندا قبلا! شهزادي کي ڪنهن عورت ڏيکائي ڏني آهي ۽ شهزادي کي پنهنجا پار پتا ڏيئي وئي آهي. جڏهن هن عورت ڏندن تي هٿ رکيا تڏهن سام ڏنائين تہ آءٌ ڏاندار شهر جي رهاڪو آهيان، وري جڏهن اکين تي هٿ رکيائين، تڏهن چيائين تہ

منهنجو نالو نيٽان ٻائي آهي. وري جڏهن ٻانهن تي هٿ رکيائين تڏهن چيائين ته مان چوڙيگر جي ڌيءَ آهيان؛ پوءِ وري جڏهن ڏن تي هٿ رکيائين، تڏهن چيائين ته آءٌ وچ شهر ۾ ويٺي آهيان؛ سچ چوڪري اهان ڳالهه ٻوري ئي ڪانه ڪئي ته بادشاهه جو پٽ اٿي ڪڙو ٿيو، ۽ پيءُ کي چيائين ته: بابا! آءٌ شادي ڪندس ته انهيءَ سان. بادشاهه پڙهو گهمايو ته جيڪو ماڻهو اها عورت منهنجي پٽ کي ملائيندو، ان کي اڌ راڄ ۽ اڌ ٻاڳ جو ۽ وڏهر ڌيءَ جو سڱ ڏيندس. ٻئي ڪنهن ۾ اها همام نه هئي، تنهن تي سچ چوڪرو شهزادي کي تيار ڪري، خرزين ناٿي جي پرائي گهوڙي تي چڙهي ڏاندار شهر ڏانهن روانا ٿيا.

ٿورن گهڻن ڏينهن کان پوءِ اچي ڏانبدار شهر ۾ نڪتا، ۽ هڪ آرائڻ وٽ وڃي نڪيا. آرائڻ کي هڪ مٺ مهرن جي ڏنائون، جنهن هنن کي رات نڪايو. صبح جو آرائڻ گل کڻي نڪتي. تنهن تي سچ چوڪري پڇيس ته: مائي! ڪيڏانهن ٿي وڃين؟ آرائڻ چيو ته: وڃان ٿي چوڙيگر جي ڌيءَ کي گل ڏيڻ. تنهن تي سچ چوڪري چيس ته: اسان جو نياپڙو ٻه ڏيندينءَ؟ آرائڻ "هائو" ڪئي. هن چيس ته: جڏهن گل ڏيئي موٽين، تڏهن چوڙيگر جي ڌيءَ کي رکو ايترو چئجئين ته: جهڙي سارينءَ، سيڻي آئيي. جڏهن آرائڻ گل ڏيئي موٽي، تڏهن نيٽان ٻائي کي چيائين ته: مائي! جيڻي ساريئي سيڻي آئيي. نيٽان ٻائيءَ کي جا آئي ڪاوڙ، تنهن هن کي ٻانهين کان جهلائي، هن جي منهن، هٿن ۽ پيرن کي چيٽو مَلي ڇڏي ڏنو. آرائڻ اچي سان ئي سچ چوڪري ۽ شهزادي کي آئي سگهن تي ڪنيو. آخر جڏهن ڪاوڙ ڍري ٿيس، تڏهن هنن کي سربستي ڳالهه ڪري ٻڌايائين. سچ چوڪري سونين مهرن جو ٿالهه آرائڻ کي ڏنو، جا خوش ٿي ويهي رهي. جڏهن شهزادي، سچ چوڪري کان پڇيو ته: ادا، ڇا چيائين؟ تڏهن هن چيو ته: ادا، چيو اٿس ته ترسو، مسافريءَ جو ٿڪ پچوم

ٻئي صبح تي وري به آرائڻ گل کڻي هلي، ته سچ چوڪري ساڳيو نياپو ڏياري موڪليس. جڏهن آرائڻ گل ڏيئي موٽي، تڏهن نيٽان ٻائي کي چيائين ته ’ٻمائي! جيئي ساريئي، سيئي آيئي.‘ هن وري به آرائڻ کي پڪڙي، ٿو گهمائي مُنهن ڪارو ڪري روانو ڪيس. آرائڻ به گهر ۾ گهڙڻ سان ئي اچي مهمانن کي گارين جا دسن چاڙهيا. سچ چوڪري هن کي وهنجاري سهنجاري، وري به ٿالهه مهرن جو ڀري ڏنو، جنهنڪري هوءَ خوش ٿي. ويهي رهي. شهزادي سچ چوڪري کان پڇيو ته: ادا! ڪهڙو حال آهي؟ هن جواب ڏنس ته: جواب مليو آهي ته في الحال ماني لکي کائي تازا توانا ٿيو ته پوءِ ملنداسين. ٽئين ڏينهن وري به آرائڻ گل کڻي هلي. سچ چوڪري ڪيس وري به ساڳيو نياپو ڏنو. آرائڻ مهرن جي لالچ تي ڪانه ڪجهي. جڏهن گل ڏيئي موٽي تڏهن ساڳيو نياپو ڏنائين. نيٽان ٻائيءَ وري به هن کي پڪڙي ڏاڍي مار ڪئي. پوءِ ٿالهه ۾ اٽي جا ٽي چاٽا رکي، انهن مان هڪڙي جي چوٽي ڏاهي، ٿالهه کڻي آرائڻ کي ڏنو. آرائڻ اهو ٿالهه آڻي سچ چوڪري کي ڏنو. شهزادي پڇيو ته: اڄ ڇا چيائين؟ هن جواب ڏنو ته: چيو اٿس ته مقام ۾ ٽي قبا آهن، انهن مان جيڪو ٻيٽو قبو آهي، اڄ رات ان ۾ ملنداسين. ٻيهريءَ جو سچ چوڪرو، شهزادي کي فقيراڻو ويس ڪرائي، وٺي ٻيٽي قبي ۾ سمهاري آيو. ان ڏينهن ڏاندار شهر جي ٻانيڻ، ٻوٽي ٻڌي ڏٺو ته اڄ رات جو چوڙيگر جي ڌيءَ جو لکيو، هڪڙي مسلمان سان ٻيٽي قبي ۾ ٿيندو. ان وقت ئي چوڙيگر ڏي ماڻهو آيو، جنهن کي ٻانيڻ واري سڄي ڳالهه ڪري ٻڌايائين. ٻانيڻ وري پنج ماڻهو چوڪيءَ تي ويهاريا، چار ٻيٽي قبي جي چئني طرفن کان، ۽ هڪڙو قبي واري واٽ تي.

جڏهن رات ٿي، تڏهن نيٽان ٻائي شراب سان چوريءَ جو ٿالهه تيار ڪيو. پوءِ پڙو ٻائي پيرن ۾ ڇيريون ٻڌي، قبي ڏانهن هلي. جڏهن قبي وٽ آئي، تڏهن چوڪيدارن ڪيس هڪل

ڪٺي ته: ڪير آهين؟ چي: ابا! مان سوناري جي ماءُ آهيان. منهنجو پٽ جهلجي ويو هو، سو هاڻي ڇٽي آيو آهي، هن جي سک باسي هيم ته جڏهن ڇٽي ايندو، تڏهن رات جو پيٽهي قبي تي سکا ڏينديس. هاڻي هيءُ ٿالهه چوريءَ جو آندو اٿم. توهين ڪٺي ڪاٺو ته آءٌ هلي وڃان. چوڪيدارن اهو ٿالهه وٺي ڪاٺڻ شروع ڪيو. ڪاٽيندا ويا ۽ نشي ۾ چُور ٿي ڍهندا ويا. تڏهن نيٽان بائي قبي ۾ وڃي شهزادي سان ملي، ۽ اڌيءَ رات جو واپس هلي آئي.

جڏهن صبح ٿيو، تڏهن پاڻهي پوٽي پٽي ڏٺي ته رات، شهزادي جو نيٽان بائيءَ سان لکيو پڙجي ويو. اها خبر وڃي بادشاهه سان ڪيائين، جنهن حڪم ڪيو ته: نيٽان بائيءَ کي يڪدم ڏاگهه تي چاڙهيو وڃي. اها حالت ڏسي شهزاديءَ، سچ چوڪري کان پڇيو: هاڻي ڇا ڪجي؟ سچ چوڪري چيس ته: لنگ ڪڍي، ميٽيءَ ۾ پيوت ٿي، ماڻهن جي انبوهه ۾ وڃي ڏاگهه وٽ بيهه. جڏهن نيٽان بائي ڏاگهه وٽ اچي، تڏهن کيس چئو ته: نيٽان بائي! چري ٿي آهين ڇا جو ڏاگهه تي ٿي چڙهين؟ ائين ٽي دفعا چئج. پوءِ هوءَ ڏاگهه تان پاڻهي لهي پوندي. جڏهن نيٽان بائي ڏاگهه وٽ پهتي، تڏهن شهزادي پيوت ٿي اچي پاڻهن کان ورتس، ۽ چيائينس ته: نيٽان بائي! چري ٿي آهين ڇا جو ڏاگهه تي ٿي چڙهين؟ اتي پاڻهن چيو ته: هيءَ هاڻي جُوني ٿي آهي. ڏارئي مذهب واري هٿ لاتو اٿس، تنهنڪري هاڻي اها آن کي ڏيئي ڇڏيو ته وٺي وڃيس. شهزادو، نيٽان بائيءَ کي وٺي هان لڳو. پٺيان سچ چوڪرو ٻه گهوڙا ڪاهي اچي پهتن... پوءِ ٽيئي ڄڻا گهوڙن تي چڙهي اچي پنهنجي بادشاهيءَ ۾ نڪتا. پير تي ڏونڪو لڳي ويو. واهواهه ٿي ويئي. شهر ۾ پڙهوگهڻي ويو ته: بادشاهه سياڻي اڌ راج اڌ پاڳ جو، ۽ وڌهر ڌيءَ جو سگ سچ چوڪري کي ڏيندو. پٺي ڏينهن بادشاهه پنهنجي پٽ ۽ سچ چوڪري جي وهانءَ جو جوڙجڪ ڪيو. پر وهانءَ ٻه ڪهڙو! ڏسو

۽ ڪچريون پيون ڪُٽسن، ٻڪريون پيون نچن. ڏاڳ ڏِڱڙيءَ جو ٽڪاءُ پيو ٿيوِ، ٻوڙ پلاءَ جا ڪڙيا پيا وهن، رڪ ٻِچِپ ٿي ۽ چَپ پيٽ ڀرِ. ڪاڄ خير سان پورو ٿيو. ڪالهه ڏٺاسين ۽ ڏاڏا خوش ويٺا هئا.

٢٣- سوداگر ۽ وزير زادي*

ڪنهن ملڪ جو هڪڙو بادشاهه هو، جو سخاوت ۽ انصاف ۾ پنهنجو مَٽ پاڻ هو. رعيت جو ايترو ته خيال هوندو هوس، جو روز رات جو چمڙاپوش ڊڪي، ملڪ جو واءُ سڌاءُ لهندو هو. هڪڙيءَ رات هميشه وانگر هو چمڙاپوش ڪري، جيئن محلات ڪان ٿورو اڳتي هليو، ته ڏسي ته ڪو نوجوان شخص، وزير جي محلات هيٺان بيٺو آهي. بادشاهه به لڪي بيهي ڏسڻ لڳو ته هي ڇا ٿو ڪري.

حقيقت ۾ اهو نوجوان هڪڙو سوداگر هو، جو وزير جي ڌيءَ تي عاشق هو، ۽ روزانو رات جو هن سان ملڻ لاءِ وزير جي محلات ۾ ايندو هو. اڄ به هميشه وانگر پهرين هن محلات تي ڪمند اڇلايو، پوءِ پٽ تي چڙهڻ لڳو. پر انهيءَ ڪان اڳ - جو هو پٽ ٽپي محلات ۾ داخل ٿئي - بادشاهه هن کي هڪل ڪئي ته: ڪتان مٿي چڙهيو آهين! هڪل ٻڌڻ سان سوداگر يڪدم هيٺ لهي، ماٺ ڪري بيهي رهيو. بادشاهه هن کي اچي ٻانهن ڪان جهليو ۽ پڇيائينس ته: ٻڌاءِ ته تون ڪير آهين، ڪٿان آيو آهين، ۽ هن بيگاهه وقت جو وزير جي محلات تي چوٿي چڙهئين؟ تڏهن سوداگر چيس ته: پهرين تون ٻڌاءِ ته ڪير آهين، ۽ مونکي ڇو جهليو اٿئي! بادشاهه چيس ته: مان هن شهر جو ڪوتوال آهيان. منهنجو ڪم ئي آهي چورن ۽ بدمعاشن کي جهلي، بادشاهه اڳيان

---

* هن ڳالهه جون ٽي روايتون: لاڙ (تعلقي ٺٽي) مان عبدالله گندري، وچولي (تعلقي شهداد پور) مان ظفر بلوچ ۽ اتر (تعلقي لاڙڪاڻي) مان عبدالحق ڪان مليون.

حاضر ڪرڻ. تون به ڪو چور ٿو ڏسجين، ان ڪري صبح جو توکي به بادشاهه وٽ حاضر ڪندس. ائين چئي بادشاهه هن کي وٺي اڳتي هلڻ لڳو.

ٿورو اڳتي هلي نوجوان سوداگر، بادشاهه کي عرض ڪيو ته: ڪوتوال صاحب! خدا جي واسطي هن وقت مونکي ڇڏ، آءٌ صبح جو پاڻيهي اچي تو وٽ حاضر ٿيندس. جڏهن بادشاهه اها ڳالهه نه مڃي، تڏهن وري چيائينس ته: مان فلاڻي سوداگر جو پٽ آهيان. جيڪڏهن توکي مون تي اعتبار نه ٿو اچي، ته مون سان گڏجي هل— مان توکي پنهنجو پيءُ ٿو ضامن ڏيان. پهرين ته اها ڳالهه به بادشاهه نه ٿي مڃي، پر پوءِ جڏهن سوداگر تمام گهڻيون منٿون ڪيس، تڏهن ان سان گڏجي هن جي پيءُ وٽ آيو. سوداگر جو پيرسن پيءُ نيڪ انسان هو. تنهن کي جڏهن بادشاهه ٻڌايو ته: تنهنجي پٽ کي رات جي وقت وزير جي محلات ۾ ٽپندي گرفتار ڪيو اٿم، تڏهن هن ضامن پوڻ کان انڪار ڪيو ۽ بادشاهه کي چيائين ته: مون هن کي رات جو گهمڻ تان ڪيترا دفعا منع ڪئي، پر هن نه مڃيو— تنهنڪري هاڻي هن نافرمان کي تون پڪي وٺي وڃي بادشاهه وٽ حاضر ڪر، ته ڪا سيکت اچيس. اهو ٻڌي سوداگر ويچاري جو منهن ئي لهي ويو. بادشاهه به هن کي وري گهلي وٺي وڃڻ لڳو.

ڪجهه اڳتي هلڻ بعد وري به سوداگر، باد شاهه کي منٿون ڪري چوڻ لڳو ته: سائين! باقي منهنجو هڪڙو دوست آهي، ان تائين مهرباني ڪري مون سان هلو، پوءِ جي ان به ضامن پوڻ کان انڪار ڪيو ته مان هيٺر ئي توسان گڏ هليو هلندس. بادشاهه کلي چيس ته: بيوقوف! جڏهن تنهنجي پيءُ ضامن پوڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو، تڏهن دوست وري ڪي مائٽن کان به وڌيڪ آهن ڇا، جو ضامن پوندا؟ سوداگر چيس ته: تنهنجو چوڻ ٺيڪ آهي، پر ڪڏهن ڪڏهن دوست

مائٽن کان به وڌيڪ مهربان هوندا آهن. منهنجو دوست به ملڪزادو آهي، اميد اٿم ته هو دوستي جو لحاظ ڪري ضرور منهنجي ضمانت ڏيندو.

خير ٻئي ڄڻا گڏجي ملڪزادي جي در تي آيا. هو پهرئين سڌ تي هٿ ۾ خنجر کڻي ٻاهر نڪتو. ٻاهر اچڻ سان جڏهن پنهنجي دوست کي گرفتار ڏٺائين، تڏهن عجب ۾ پئجي ويو. اتي سندس دوست سوداگر چيس ته: هيءُ شهر جو ڪوتوال آهي، جنهن مونکي ڪنهن ڏوهه ۾ جهليو آهي. هاڻي فقط اڄوڪيءَ رات لاءِ ضامن پئي منهنجي جند ڇڏاءِ. ملڪزادي بادشاهه کي چيو ته: مان پنهنجي يار جي وار وار جو ضامن آهيان، تون هن کي آزاد ڪر... صبح جو پاڻيهي کيس تو وٽ حاضر ڪندس. تنهن تي بادشاهه، ملڪزادي جي ضمانت تي سوداگر کي ڇڏي هليو ويو.

بادشاهه جي وڃڻ کان پوءِ ملڪزادو، سوداگر کان خبرون پڇڻ لڳو. بادشاهه ڪنهن اٽڪل سان هنن جي ويجهو لڪي سندن گفتگو ٻڌڻ لڳو. ملڪزادي هن کان پڪڙجڻ جو سبب پڇيو. سوداگر جواب ڏنس ته: ادا! ڇا ٻڌايانءِ... وزير جي ڌيءَ تي موهجي پيو آهيان، ۽ ان لاءِ من مشتاق اٿم. اسان ٻنهي جي هڪٻئي سان بلڪل سچي محبت آهي. تنهنڪري هاڻي خدا جي واسطي مونکي صبح تائين اجازت ڏي، ڇو ته وزيرزادي منهنجو انتظار ڪندي هوندي. تنهن کان سواءِ صبح جو خبر نه آهي ته بادشاهه ڪهڙي سزا ڏئيم. متان ڪٿي ڦاسيءَ جو حڪم ڪري ته گهٽ ۾ گهٽ آخري دفعو پنهنجي محبوب جو وجهي ديدار ڪريان، ۽ هميشه لاءِ کانئس موڪلائي اچان. تڏهن ملڪزادي چيس ته: يارا جيڪڏهن وزيرزاديءَ سان تنهنجي ايتريقدر محبت آهي، ته پوءِ توکي دل سان اجازت آهي، ڀلي وڃي محبوب سان مل.

سوداگر دوست کان موڪلائي، وري به وزيرجي محلات وٽ آيو ۽ هميشه وانگر ڪمند اڇلائي، هيڏانهن هوڏانهن نهاري، ٽپي محلات ۾ هليو ويو. اندر وڃي ڏسي، ته وزيرزادي ننڊ ۾ ستي پيئي آهي. هن دل ۾ خيال ڪيو ته منهنجي حياتي شايد اڄوڪي رات آهي، سو ڪيئن به محبوب کي جاڳائي، کيس سربستو احوال ٻڌايان. اهو خيال ايندي ئي سڏڪا ڀرڻ لڳو. سندس ڳوڙها جڏهن وزيرزاديءَ جي ڳل تي ڪريا، تڏهن هو يڪدم ٽپ ڏيئي اٿي ويهي رهي ۽ کيس روئندي ڏسي پڇڻ لڳيس ته: اي محبوب! اڄ تنهنجي دشمنن جي اکين ۾ ڇو ڳوڙها ڀرجي آيا آهن؟ مان ته تنهنجو انتظار ڪندي هينئر اڃا ليٽي آهيان. اڄ ايتري دير ڇو ڪيئي؟ سوداگر چيس ته: دلبر دوست! مون سان به اهائي حالت آهي. جڏهن توکي مون کان سواءِ هڪ پل به آرام نٿو اچي، ته مان وري توکان سواءِ ڪيئن سک سمهندو هوندس؟ ايترو چئي سوداگر وري سڏڪا ڀرڻ لڳو. تڏهن وزيرزاديءَ ڏک ۾ ڀرجي پڇيس ته: مٺا! اڄ ايتري پريشاني ڇو آهي؟ تڏهن سوداگر پنهنجي پڪڙجڻ جي سچي حقيقت ٻڌائي چيس ته: منهنجي حياتي باقي اڄوڪي رات آهي، صبح جو شايد مونکي ڦاسيءَ جي سزا ملي. اها ڳالهه ٻڌي وزيرزاديءَ کي ڏاڍو ڏک ٿيو. هوءَ به روئڻ لڳي. آخر سوداگر کي چيائين ته: محبوب! توکان سواءِ منهنجو جيئڻ به محال آهي، جيڪڏهن سڀاڻي توکي ڦاسي اچي ويئي، ته پوءِ آءٌ به هن ڪوڙيءَ دنيا ۾ توکان سواءِ هڪ پل به نه جيئان! ڪجهه وقت ته ٻئي ڄڻا ڳراٽڙي پائي روئندا رهيا. جڏهن روئي دل جو بار هلڪو ڪيائون، تڏهن وزيرزاديءَ اٿي وضو ساري ڪلام پاڪ جي تلاوت ڪئي ۽ ڌڻيءَ تعاليٰ کان دعا پنڻ لڳي ته: اي پالڻهار! تون دلين جو مالڪ آهين، توکي سڀ خبر آهي ته اسان جي پاڻ ۾ سچي محبت آهي، هاڻي منهنجو محبوب پرتو اٿئي.

جڏهن صفا پنهنجو ٽيڻ لڳو تڏهن سوداگر، وزيرزاديءَ کي چيو ته: مونکي هڪڙي وفادار دوست ضامن پئي توسان ملڻ لاءِ مهلت ڏياري آهي، متان هو خيال ڪندو هجي ته الاجي ڪيڏانهن هليو ويو، تنهنڪري هاڻي مونکي خوشيءَ سان اجازت ڏي ته وڃي ان سان سنمک ٿيان. باقي جيڪڏهن ٿي سگهي ته سپاڻي مرڻ کان اڳ ڪنهن نموني منهن ڏيکارجئين. وزيرزاديءَ روئي چيس ته: دلبر دوست! مونکي قسم آهي خدا جو ته هن وقت تون جيڪو حڪم ڪندين، تنهن کي آءٌ ڪئين به پورو ڪنديس. مان سڀاڻي ڪارا ڪپڙا ڪري، گهوڙي تي سوار ٿي اچي ڦاسيءَ واريءَ جاءِ جي ويجهو بيهنديس. پوءِ هنن پنهي هڪٻئي کان موڪلايو. سوداگر پٽ ٿي اچي پنهنجي دوست ملڪزادي وٽ پهتو ۽ کيس سورن جو سمورو احوال ٻڌايائين.

هوڏانهن ڪوتوال جي ويس ۾ بادشاهه، وزير جي گهر ۾ ٻنهي عاشق معشوق جي وچ ۾ جيڪا گفتگو ٿي، سا سڀ لڪي ويٺي ٻڌي، سو هنن جي محبت کان ايترو ته ڏڪارو ٿيو، جو هنن جي موڪلائيءَ وقت هن کي به اکين ۾ ڳوڙها ڀرجي آيا. آخر دل ۾ پڪو ارادو ڪيائين ته: ڇا به ٿئي، پر هنن جي محبت ۾ ڪڏهن به وڇوڙو اچڻ نه ڏيندس. صبح جو بادشاهه ڪوتوال کي حڪم ڏنو ته: ڦاسيءَ جو انتظام فلاڻي ڪليل ميدان تي ڪيو وڃي، ۽ چور کي به جلد حاضر ڪيو وڃي. تنهن کان سواءِ بادشاهه پڙهو ڏياريو ته ”اڄ عام خاص سڀني ماڻهن کي هن ڦاسيءَ جي ڏسڻ جي اجازت آهي. پر ڪوٽ جي ٻاهران سخت پهرو بيهاري ڇڏيو، جيئن ڪوبه ڪارن ڪپڙن وارو شخص اندر نه اچي.“ حقيقت ۾ بادشاهه کي هنن جي محبت جو امتحان وٺڻو هو ته، هي جيڪي چون ٿا سو ڪري ڏيکاريندا يا نه؟ جيڪڏهن وزيرزاديءَ جو عشق سچو هوندو ته هوءَ سيرَ تان آسرو لاهي به انجام موجب ڦاسيءَ واري وقت اچي

پنھنجي عاشق کي منھن ڏيکاريندي. تنھن کان سواءِ وزيرزادي،
جنھن سڄي عمر محلات کان پير به ٻاھر نه ڪڍيو، سا ڪيئن
گھوڙي تي سوار ٿي ھن انبوھ ۾ اچي، ٻيءَ جي اڳيان پنھنجي
محبوب کي منھن ڏيکاريندي؟

ٿوريءَ دير کان پوءِ ڪوتوال، سوداگر کي آڻي دربار
۾ حاضر ڪيو. بادشاھ حڪم ڏنو ته: ھن کي ڦاسيءَ واريءَ
جاءِ تي وٺي ھلو، پر جيسين مان اچان، تيسين ڪيس ڦاسيءَ
تي نه چاڙھجو. ڦاسيءَ واري ھنڌ تي پھچڻ شرط، ھن وزيرزاديءَ
جي گولا ۾ ھيڏانھن ھوڏانھن نھاريو. سڄو ميدان ماڻھن سان
ڀريو پيو ھو. زالون مڙس، ننڍا وڏا ايترا ته اچي گڏ ٿيا ھئا،
جو تِرَ ڇڻڻ جي به جاءِ ڪانه ھئي.

وزيرزادي به وعدي موجب ڪارا ڪپڙا ڪري، مشڪي
گھوڙي تي سوار ٿي، جڏھن ڪوٽ وٽ پھتي، تڏھن پھريدارن
کئي روڪيس. وزيرزاديءَ ڪوڙ ڪري گھٽئي چين ته فلاڻي
ملڪ جو قاصد آھيان، ھينئر بادشاھ سان ضرور ملڻو اٿم، پر
پھريدارن کي جو حڪم ھئو، تن ھڪڙي به نه ٻڌيس، ڏڪي
وڃي پري چڙھيئونس. سوداگر کي ڦاسي ڏيڻ جو وقت به اچي
ويجھو ٿيو ھو. اھو حال ڏسي وزيرزاديءَ ڇا ڪيو جو، ڪجھ
پرپرو ھئي، تلوار ڪڍي ھٿ ۾ ڪيائين ۽ گھوڙي کي اھڙي اڙي
ھنيائين، جو ھو پھريدارن تان ٽپي، ڪوٽ جي اندر ھليو ويو.
پھريدار ھن کي روڪڻ لاءِ ڊوڙيا، پر وزيرزادي ڪين تلوار
سان ھٽائي؛ گھوڙو ھڪلي وڃي وچ پڙ ۾ بيٺي، جتي سوداگر
کي ڦاسي اچڻي ھئي. وزيرزاديءَ ڏٺو ته سوداگر کي ڦاسي ھڻنھين
اچي وينديءَ، تنھنڪري چونه بادشاھ کي به پورو ڪري ڇڏجي. سو
نه ڪيائين ھم نه تم— گھوڙو ڊوڙائي وڃي بادشاھ جي سِرَ
تي ڪڙڪي، ۽ تلوار الاري اچان وار ڪرڻ تي ھئي ته،
پھريدارن کئي پڪڙيس. وزيرزاديءَ جي منھن تي نقاب پيل
ھو، تنھنڪري ڪنھن به ڪونه سڃاتس. باقي بادشاھ کي ھن

جي خبر هئي. بادشاهه هن جي بهادريءَ تي ڏاڍو خوش ٿيو. اتي بادشاهه، وزير کي چيو ته: ڪارڻ ڪپڙن واري هن بهادر جي منهن تان نقاب لاهي ڏس. وزير جان نقاب ڪڍي ڏسي ته سندس نياڻي! حيرانيءَ ۾ پئجي ويو.

بادشاهه وزير کي فڪرمند ڏسي چيو ته: وزير! فڪر نه ڪر، مان توکي جيئن چوان تيئن ڪر. چو ته مون کي سڄيءَ حقيقت جي خبر آهي. اهو قاسيءَ تي چڙهندڙ نوجوان ۽ تنهنجي ڌيءَ ٻئي سچا عاشق آهن، مون سندن آرزودي لهڻ لاءِ هيءَ اٽڪل ڪئي هئي. هاڻي اهو سوداگر جو ته منهنجو پٽ آهي. تنهنڪري تون هتي ئي قاضيءَ کي گهرائي، هنن جو نڪاح پڙهائي، سندن شادي اتي جو اتي وڏي ڌام ڌوم سان ڪئي وڃي.

وزير کي به بادشاهه جي صلاح ڏاڍي وڻي، سو يڪدم قاضيءَ کي گهرائي، اتي ئي ميدان ۾ ٻنهي ڄڻن جو نڪاح پڙهائي، ڏاڍي ڌام ڌوم سان سندن شادي ڪرايائين. جيڪي ماڻهو قاسيءَ جو نظارو ڏسڻ آيا هئا، سي سڀ اهو حال ڏسي، ڳائڻ وڄائڻ ۽ ناچ ڳائي ۾ لڳي ويا. اهڙيءَ طرح ڌڻي پاڪ هنن ٻن سچن عاشقن جو ميلو ڪيو. ڪالهه ڏتاسين ته محلات ۾ خوش ويٺا هئا.

٢٤- سڪ کي پنڌ آهي ٿي ڪونہ *

هڪڙي سوداگر کي هڪڙو سڪيلڌو پٽ هو. ان کان سواءِ کيس ٻيو ڪوبہ اولاد ڪونہ هو. هو پنهنجي انهيءَ پٽ سان بيحد پيار ڪندو هو، ۽ هر وقت هن جو خيال رکندو هو. پٽ جي تربيت شهزادن وانگر ٿي، جنهنڪري هو علم ۽ عقل ۾ تمام اڪابر ٿيو. سوداگر واپار جي سانگي هر سال ٻاهر ويندو هو. هڪ دفعي هو جيئن واپار تي ويو، تہ جتي سندس قافلو لٿل هو، اتي رات جو ڪي ڌاڙيل ڪاهي آيا ۽ قافلي کي ڦري ڪيترائي ماڻهو ماري وڌائون. خدا جي قدرت، جو سوداگر بہ انهيءَ ڦر ۾ مارجي ويو، ۽ سندس مال ملڪيت سڀ ڌاڙيل کڻي ويا. قافلي مان جيڪو ايڪڙ ٻيڪڙ نوڪر بچيو، تنهن اچي سموري احوال سوداگر جي زال ۽ پٽ کي ڏنو. بس پوءِ تہ هنن لاءِ ڪاري قيامت ٿي ويئي. آخر روئي پٽي ماٺ ڪري ويهي رهيا. هنن وٽ جيڪا مال ملڪيت هئي، سا بہ آهستي آهستي کائيندي کپائيندي خلاص ڪري ڇڏيائون. ٻيلا اپت هئي ڪانہ، رڳي کپت... کاڌي کوهہ بہ کٽيو وڃن، سو تمام غريب ٿي ويا. آخر اهڙي حالت اچي ٿين، جو هنن کي ويلا پوڻ لڳا. رات هجي تہ ڏينهن نہ ليي، جي ڏينهن ڪائين تہ رات لنگهڻ ڪين. آخر جايون جڳهيون بہ وڪڻي کائي، لڏي وڃي شهر کان ٻري هڪڙي ڪُونڙي ۾ جهوپڙي اڏي ويٺا.

انهيءَ حالت ۾ هڪڙي ڏينهن ماءُ، پٽ کي چيو تہ: ابا! آخر اٿين پنهنجو ڪيترو وقت گذرندو؟ اڄ توتي ڪڪ

* هيءَ ڳالهہ وچولي (تعلقي شهدادپور) مان مير حسن "سڪايل" کان ملي.

بہ ڪونہ ٿي سهي سگهان، پر بک بڇڙو ٿول آهي، جا دانهہ ديوانا ڪريو ڇڏي ـ تنهنڪري تون ڪجهہ نہ ڪجهہ ڏنڊو ڏاڙي ڪر تہ ڪا پيٽ پَرندي ڪريون، نہ تہ ويٺي ويٺي بُکن ۾ پاهہ ٿي مَري وينداسين۔ تڏهن ڇوڪري چيس تہ: امان! آءٌ سڀڪجهہ ڪرڻ لاءِ تيار آهيان، پر سوداگريءَ کان سواءِ ٻيو ڪهڙو ڪم ڪار ڪري سگهندس؟ تنهن هوندي بہ وڃي ٿو ڪوشش ڪريان۔ ائين چئي هيءُ سهي سنڀري گهران نڪتو۔

هلندي هلندي هو اچي شهر ۾ پهتو ۽ مزوريءَ جي ڳولا ڪرڻ لڳو۔ گهمندي گهمندي هڪڙي هنڌ ڏٺائين تہ هڪڙو امير ماڻهو، دڪان تان ڪي شيون ٻيو وٺي۔ هو اتي بيهي رهيو۔ امير جڏهن پنهنجو سڀ سامان سڙو وٺي چڪو، تڏهن هيڏانهن هوڏانهن نهارڻ لڳو، اتي سوداگرزادو بہ وڃي ويجهو بيٺس۔ ڇوڪري کي ڏسي ان شخص مزور سمجهي چيس تہ: ڇوڪرا! مونکي هيءُ سامان کڻائي هل تہ مزوري ڏيئين۔ ڇوڪرو هئو مزوري جي ڳولا ۾، سو رکندي پري مٿي تي، ان ماڻهوءَ جي پويان هلڻ لڳو۔ هلندي هلندي اهو شخص هڪڙي عاليشان محلات ۾ اچي گهڙيو، ۽ ڇوڪري کي کي سامان اندرکڻي اچڻ جو اشارو ڪيائين۔ ڇوڪرو ٻهريائين تہ ڪجهہ ڊنو، پر پوءِ ماٺڙي ڪري سامان کڻي اندر هليو۔ جڏهن اندر پهتو، تڏهن ڏٺائين هڪڙي ملوڪزادي ويٺي آهي، جنهن ان ماڻهوءَ کي سلام ڪيو۔ هن وري ڇوڪريءَ کي چيو تہ: هيءُ سامان وڃي اندر رکاءِ، ۽ ڇوڪري کي ٽڪو خرچي ڏي تہ هليو وڃي۔ هوءَ ڇوڪري کي اندر وٺي ويئي، ۽ هڪڙي ڪوٺيءَ ۾ هن کان سامان وٺي هيٺ ڪري رکي، هن کي ٽڪو ڏيئي روانو ڪيائين۔ پر هنن جو هڪٻئي کي ڏٺو، سي هڪٻئي تي عاشق ٿي پيا۔ ڇوڪرو دل جي ڳالهہ دل ۾ رکي، پنهنجي ڳوٺ

ڏانهن روانو ٿيو ۽ مزوريءَ وارو ٽڪو اچي ماءُ کي ڏنائين.

ٻئي ڏينهن ڇوڪرو وري به اچي شهر ۾ پهتو، پر ڪيس ملوڪزادي ڏسڻ کان سواءِ آرام نه پيو اچي. سو نيٺ ڦري گهري انهيءَ محلات وٽان اچي لانگهائو ٿيو. قدرت سان ان وقت، هن ملوڪزاديءَ به محلات جي دريءَ مان بيٺي بازار جو نظارو ڪيو، سو ٻنهي هڪٻئي کي ڏسي ورتو. ملوڪزاديءَ ڇا ڪيو جو مٿان هن ڇوڪري ڏانهن هڪڙي پائلي اڇلايائين، پر هن اها نه کڻي ۽ ماٺڙي ڪري هليو ويو. پوءِ شهر مان مزوري ڪري ٽڪو ڪمائي، رات جو اچي پنهنجي گهر پهتو. ٻئي ڏينهن به هيءَ ساڳي طرح انهيءَ محلات وٽان اچي لنگهيو. ملوڪزاديءَ وري هن ڏانهن رپيو اڇلايو، پر هن اهو به نه کنيو ۽ اهوئي ٽڪو ڪمائي آڻي ماءُ کي ڏنائين. ٽئين ڏينهن ملوڪزاديءَ هن ڏانهن سوني مهر اڇلائي ۽ چوٿين ڏينهن هن ڏانهن هڪڙو موتي اڇلايائين، ۽ اهڙيءَ طرح روز هن ڏانهن موتي اڇلائڻ لڳي... پر ڇوڪري ڪڏهن به ملوڪزاديءَ جي انهن رپين، مهرن ۽ موتين کي هٿ نه لاتو، رڳو پري کان سندس ديدار ڪري، پنهنجي مزوريءَ جو ٽڪو ڪمائي آڻي ماءُ کي ڏيندو هو، جنهن مان هو پنهنجو غريباڻو گذر پيا ڪندا هئا.

ڇوڪرو روزانو رات جو پهر اڌ گهر ۾ رهي، ٻئي ڏينهن ڏيکيءَ جو اٺي پنڌ پوندو هو، ۽ دير دير سان اچي شهر ۾ ساڳيءَ جاءِ تي پهچندو هو... ۽ ملوڪزاديءَ سان سندس ملاقات به پري کان پيئي ٿيندي هئي. جڏهن ڪجهه عرصو ائين گذري ويو، تڏهن ملوڪزاديءَ کي خيال ٿيو ته ڪنهن طرح هن ڇوڪري سان ڳالهايان! اها ڳالهه پنهنجي خاص ٻانهيءَ سان ڪيائين ۽ کيس چيائين ته: تون انهيءَ ڇوڪري جي جاچ

ڪر تہ هن جو گهر گهاٽ ڪٿي آهي. پانهيءَ کولا گهڻئي ڪئي، پر جيئن تہ ڇوڪري جو ڪوٽ ان شهر کان پري هو، سو پانهيءَ کي هن جي گهر ٻار جو ڪو پتو پار پئجي نہ سگهيو. ٻئي ڏينهن جڏهن اهو ڇوڪرو آيو، تڏهن هوءَ اٽڪل ڪري دريءَ تي ڪانہ آئي. ڇوڪرو ويچارو سڄو ڏينهن اتي ويٺو رهيو. نيٺ شام جو جڏهن ملوڪزادي دريءَ تي آئي، تڏهن ڇوڪري کي سامهون ويٺل ڏٺائين. هوءَ جيترو وقت دريءَ تي هئي، اوترو وقت هو کيس ڏسندو رهيو. جڏهن هن پٺ ڏيئي دري ورائي ڇڏي، تڏهن هو بہ تڏا ساهہ پريندو ڪوٽ ڏي روانو ٿيو. ان ڏينهن جڏهن هو اڌ رات جو گهر پهتو، تڏهن ماڻس ايتري دير ڪرڻ جو سبب پڇيس، پر ماءَ کي ڪجهہ بہ ڪونہ ٻڌايائين. جيئن تہ اهو سڄو ڏينهن ملوڪزاديءَ جي انتظار ۾ ويٺي گذريس، تنهنڪري پيزوريءَ سان بہ ڪجهہ ڪونہ ڪمايو هئائين، سو ارمان ۾ سنهن ويڙهي سمهي رهيو. ٻئي ڏينهن دستور موجب جڏهن ڇوڪرو اتي پهتو تہ ملوڪزادي اڳئين ڏينهن کان بہ وڌيڪ دير ڪئي، تنهنڪري هن ويچاري کي سج اتي ئي لهي ويو، پر تنهن هوندي بہ اتي ئي ويٺو رهيو... تان جو رات گذري ويئي. جڏهن اسر جو ڪڪڙن دَس ڏنا، تڏهن آسرو لاهي گهر ڏانهن روانو ٿيو.

ملوڪزاديءَ ڏٺو تہ هن جي گهر گهاٽ جو تہ پتو ڪونہ پيو، رڳو اها خبر پيس تہ هو روز ٽڪو ڪمائي ويندو آهي، ۽ هاڻي تہ اهو ٽڪو بہ ڪونہ ٿو ڪمائي سگهي. سو سوچيندي رهي تہ هن سان ڪهڙيءَ طرح ملي، هن جو حال احوال پڇجي. آخر هڪڙي ڏينهن جيئن هو آيو، تہ هيءَ گهڻي گهڻي دير کان پوءِ دريءَ تي آئي. ان وقت رات پئجي چڪي هئي، سو پانهيءَ کي چيائين تہ: هيٺ وڃ، ۽ ڇوڪري کي مٿي وٺي اچ! پانهي ڇوڪري کي مٿي وٺي ويئي. پوءِ هي محبت پريا ماڻهو پاڻ ۾ مليا، هڪٻئي سان دل جو حال احوال اورڻ لڳا.

آخرڪار ڇوڪري ملوڪزاديءَ کي چيو ته: هاڻي مونکي موڪل ڏي، جو آءٌ پنهنجي گهر وڃان. تڏهن ملوڪزاديءَ هن کان گهر گهاٽ جو پتو پڇيو. ڇوڪري ٻڌايس ته: فلاڻي هنڌ منهنجو گهرگهاٽ آهي. اتي ملوڪزاديءَ کي ڏاڍو عجب لڳو ۽ چوڻ لڳي: مار، تون روزانو ايترو پنڌ ڪري ايندو آهين؟ تڏهن ڇوڪري چيس ته: سچو سائين! سڪ کي پنڌ آهي نه ڪونه. پوءِ وري ملوڪزاديءَ پڇيس ته: ڀلا، مون روز توڏانهن موتي پئي اُڇلايا، سي آتي ڇڏي تو روز وڃي ٿي لڪو ڪمايو، سو ڇو؟ ڇوڪري چيس ته: اهو ان ڪري، جو محبت جو ملهه ٿي ڪونهي!

اهڙيءَ طرح هنن کي روزانو گڏجندي ڪي سال گذري ويا، پر جڏهن به ملوڪزادي هن کي چوندي هئي ته: هي موتي وٺ! ته هو اهوئي چوندو هو ته: محبت جو ملهه ٿي ڪونهي! وري چوندي هيس ته: ڀلا، اچوڪا چار پهر ترسي پؤ! ته هو چوندو هئس ته: سڪ کي پنڌ آهي ٿي ڪونه... سياڻي وري ايندس.

٢٥- سوداگرزادو ۽ ڇنيهہ لڪڻي ڇوڪري*

هڪڙو هو سوداگر، جنهن وٽ مال متاع جي ته ڪمي ڪانه هئي، پر خدا جي قدرت جو ڪيس اولاد ٻچڙو ئي ڪونه هو. سوداگر ويچارو انهيءَ پريشانيءَ ۾ ويندو هو ڳرندو. هڪڙي ڏينهن ڪنهن درويش دعا ڪري چيس ته: توکي پٽ ڄمندو، پر اُن جي شادي ننڍي هوندي ئي ڪنهن ڇنيهہ لڪڻي ڇوڪريءَ سان ڪري ڇڏيندين، ته پوءِ اولاد ٻچي ٿيندئي.

ٿوري ڳهڻي ڏينهن، سوداگر کي هڪڙو سدا سُهڻو پٽڙو ڄائو. هن فقير جي چوڻ موجب، پٽ جي شاديءَ لاءِ هڪڙي ڇنيهہ لڪڻي ڇوڪريءَ جي ڳولا شروع ڪئي. ڳولا ڪندي ڪندي هڪڙي ڏينهن، سوداگر اچي ڪنهن شهر ۾ پهتو. شهر جي ٻاهران ڪيترن ئي ٻارن راند پئي ڪئي، جن ۾ هڪڙي ننڍڙي سهڻي ڇوڪري به هئي، جا هن کي ڏاڍي وڻي. سوداگر پوءِ شهر ۾ هڪڙي جوتشيءَ وٽ ويو، ۽ اُن کي چيائين ته: انهيءَ ڇوڪريءَ جو ڀاڳ ٻڌاءِ. جوتشيءَ ڏارو هڻي، حساب ڪري سوداگر کي ٻڌايو ته: برابر اها ڇوڪري بخت واري آهي. اهو ٻڌي سوداگر ڏاڍو خوش ٿيو ۽ هڪدم ڇوڪريءَ جي مائٽن کان پنهنجي پٽ لاءِ سڱ گهربائين. ڇوڪريءَ جا مائٽ ويچارا غريب هئا، تن خوشيءَ سان کيس سڱ ڏيڻ قبول ڪيو. آخر سوداگر هنن ٻنهي معصومن جو نڪاح پڙهائي ڇڏيو.

---

* هن ڳالهہ جون ٻہ روايتون، وچولي مان ظفر بلوچ (تعلقو شهدادپور) ۽ علي اڪبر لغاري (تعلقو سنجهورو) کان مليون.

سوداگرزادو اڄ ننڍو سڀاڻ وڏو، تان جو اچي جوان ٿيو. هڪڙي ڏينهن هن ماءُ کي چيو ته: امان! هاڻي آءٌ وڏو ٿيو آهيان، منهنجي شادي ڪراءِ! ماڻس اها ڳالهه سوداگر ساڻ ڪئي، جنهن چيس ته: ڇوڪرو ڀلي ته اڃان وڏو ٿئي ته پوءِ شادي ڪرايانس. پر سوداگرزادي کي سُک ئي ڪونه ٿي آيو، سو هر روز پيو ماءُ پيءُ کي چوندو هو. نيٺ هڪڙي ڏينهن پڻس کيس ٿي چيس ته: ابا! تنهنجي شادي ته ننڍي هوندي ئي ڪرائي ڇڏي اٿم؛ تون ڪو به فڪر نه ڪر- جڏهن وقت ايندو، تڏهن تنهنجيءَ ڪنوار کي گهر وٺي ايندا سون. ڇوڪري جو اها ڳالهه ٻڌي، سو پيءُ کان پڇيائين ته: جيڪڏهن منهنجي شادي ٿيل آهي، ته پوءِ منهنجي زال ڪٿي آهي؟ سوداگر چيس ته: تنهنجي زال فلاڻي شهر ۾ فلاڻي شخص جي ڌياڻي آهي. تڏهن سوداگرزادي چيس ته: جيڪڏهن ائين آهي ته پوءِ اوهين هلو يا نه، پر آءٌ وڃان ٿو پنهنجيءَ زال وٽ. پوءِ هو اوڏانهن وڃڻ جي تياري ڪرڻ لڳو. ماڻس پڻس گهڻوئي سمجهايس ته: ابا! اجائي تڪڙ نه ڪر! پر هن هڪ به نه ٻڌي ۽ اٿي اُن شهر ڏانهن روانو ٿيو. اُن شهر ۾ پهچي، هو پنهنجي ساهراڻي گهر ويو ۽ پنهنجي زال کي ڏٺائين. ڪجهه ڏينهن ته اُتي آرام ڪيائين، پر پوءِ ساهرن کان موڪلائي، پنهنجيءَ زال کي وٺي وطن ڏانهن روانو ٿيو.

هلندي هلندي هنن کي هڪڙي جهنگ ۾ رات پئجي ويئي. هي زال مڙس ٻه ڏاڍا ٿڪل هئا، سو هڪڙي وڻ جي هيٺان وڃي ويهي رهيا. مڙس، زال کي چيو ته: آءٌ ٿورو وقت ننڊ ڪري ٿو ڪريان- تون ويهي جاڳ، ته پوءِ وري آءٌ اُٿي پهرو ڏيندس ۽ تون آرام ڪجانءِ. سوداگرزادو ائين چئي زال جي گوڏي تي ڪنڌ رکي سمهي رهيو. جنهن وڻ جي هيٺان هي زال مڙس ويٺل هئا، اُن تي ڪي پکي ٻه ويٺا هئا. جن پنهنجيءَ ٻوليءَ ۾ سوداگر جي زال کي چيو ته: اي مائي!

ھتان ڪجھ پرڀرو ھڪ درياءَ اٿي، اُن ۾ ھڪ لاش لڙھندو پيو اچي. تون اُن لاش جي چيچ مان منڊي لاھي، اچي ھن وڻ جي پاڙ کي ھڻ ته ھن ۾ ھڪڙي دري ٿي پوندي، جنھن جي اندر ستن بادشاھن جو خزانو پوريل آھي. زال پکين جي ڳالھ ٻڌي، مڙس جو ڪنڌ آھستي آھستي ڪري گوڏي تان لاھي، اٿي درياءَ ڏانھن رواني ٿي. پنيان اتفاق سان سوداگرزادو به جاڳي پيو، تنھن جو زال کي ويندو ڏٺو، سو يڪدم اٿي ھن جي پٺ ورتائين.

سوداگرزادي جي زال جڏھن درياءَ جي ڪنڌيءَ تي پھتي، تڏھن ڏسي ته برابر ھڪڙو لاش لڙھندو اچي. جڏھن اھو لاش ويجھو آيو، تڏھن پاڻيءَ ۾ گھڙي اُن کي ٻاھر ڪڍيائين، پوءِ اُن جي چيچ مان منڊي لاھڻ لڳي. پر منڊي

چيچ ۾ سوگھي ڦاٿل ھئي، تنھنڪري اھان چڪ وجھي ٽي لاٿائين ته ايتري ۾ سوداگرزادو به اچي ويجھو پھتس. سوداگرزادي

جو ڏنو ته هيءَ لاش ڪي پيٽي چَڪ وجهي، سو پڪ ٿيس ته هيءَ ڪا ڏائڻ آهي، تڏهن سڀئي پيڙي وٺي پوئين پيرين پڳو، ۽ سڌو وڃي گهر ساهه پٽيائين.

سوداگرزادي جي زال جڏهن منڍي لاهي واپس آئي، تڏهن ڏسي ته مڙسس آهيئي ڪونه! آتي هن ويچاريءَ کي ڏاڍي ڳڻتي ٿي پيئي، پر پوءِ خيال آيس ته شايد مونکي هتي نه ڏسي، منهنجي پٺيان ويو هوندو، سو اڄهو ڏوسوٽي اچي. پوءِ هن اها منڍي ڪٽي وڻ جي ٿڙ کي لاتي، ته آتي هڪ دري ٿي پيئي، جنهن مان اندر جهاتي پائي ڏسي ته واقعي سٽن بادشاهن جو خزانو اندر پيو هو. هيءَ هيترو مال متاع ڏسي ڏاڍي خوش ٿي ۽ دل ۾ چيائين ته مڙس اچي ته پوءِ گڏجي هي خزانو ڪڍون، پر صبح تائين سڙسس جو پتوئي ڪونه پيو. سائيءَ مڙس جو گهر ۾ ڪونه ڏٺو هو، سا لاچار سوٽي اچي پنهنجي مائٽن ۾ رهڻ لڳي.

هوڏانهن سوداگرزادي کان جڏهن مائٽس پٽس خبرچار پڇي، تڏهن ٻڌايائين ته: منهنجي زال ڏائڻ آهي ۽ هوءَ مونکي به کائي کپائي ڇڏيندي، آن ڪري آءٌ ڪڏهن به پنهنجي گهر ڪونه آئيندوسانس. مائٽن کانئس انڪار جو سبب پڇيو، پر هن کوبه جواب ڪونه ڏنو ۽ چيائين ته: مونکي سامان جا غوراب ڀرائي ڏيو ته آءٌ واپار به ڪري اچان ۽ ٻيءَ ولايت مان شادي به ڪري اچان. سوداگر گهڻوئي سمجهايس، پر سوداگرزادو پنهنجي ضد تان نه لٿو، آخرڪار سامان جا غوراب ڀرائي، نوڪر چاڪر ساڻ ڪري، سفر تي روانو ٿيو.

ڪجهه ڏينهن کان پوءِ سوداگر خيال ڪيو ته چونه روبرو وڃي پنهنجي نُنهن جي خبرچار وٺي اچي! اهو خيال ڪري هي سڌو آيو پنهنجي نُنهن وٽ، جنهن کيس سچي ڳالهه ٻڌائي. پوءِ سوداگر نُنهن کي دلاسو ڏيئي، وٺي پنهنجي گهر ڏانهن روانو ٿيو. جڏهن آن وڻ وٽ پهتا، تڏهن سوداگرزادي

جي زال، وڻ جي دري کولي، صهري کي خزانو ڏيکاريو. سوداگر جا ايتري ساري دولت ڏٺي، سو خوشيءَ ۾ ٿي نہ پيو ماپي! نيٺ ڪجھ قيمتي هيرا جواهر کڻي، دري بند ڪري، ورِي آئي پنڌ پيا ۽ اچي پنهنجي گهر پهتا.

سوداگرزادي جي زال جڏهن گهر ۾ پنهنجي مڙس کي نہ ڏٺو، تڏهن سس کان پڇيائين، جنهن چيس تہ: امڙ! مڙسهين ٻاهر ويو آهي، ۽ ٿورن ڏينهن ۾ واپس اچي ويندو. پر جڏهن گهڻو وقت گذري ويو ۽ سوداگرزادو بہ واپس نہ وريو، تڏهن سندس زال کي هيڪاري ڳڻتي ٿي پيئي. آخر هن کي ڪنڙڪ پئجي ويئي تہ هو ٻيءَ زال پرڻجڻ لاءِ ٻيءَ ولايت ويو آهي. اهو ٻڌي هن ويچاريءَ کي ڏاڍو ڏک ٿيو، سو سوداگر کي چيائين تہ: مونکي بہ سامان جو غوراب ڀري ڏيو تہ آءٌ بہ واپار ڪري اچان. هن ٿنهن کي بہ گهڻوئي سمجهايو، پر جڏهن هوءَ بہ هوڏ تان نہ لٿي، تڏهن لاچار هن کي بہ سامان سان غوراب ڀرائي ڏنائين. هوءَ مردانو ويس ڪري آئي سفر تي رواني ٿي.

سوداگرزادي جي زال منزلون هٽندي، واپار ڪندي هڪڙي ڏينهن ڪنهن بندر تي اچي لنگر هنيو. جڏهن غوراب سان لهي هيٺ ڪناري تي آئي، تڏهن ان شهر جي راڻيءَ جا ماڻهو چوڌاري ڦري ويس، ۽ چيائونس تہ: راڻيءَ جو حڪم آهي تہ جيڪو بہ ماڻهو هن شهر ۾ اچي، ڀروڌو مون وٽ وٺي اچوس تہ ڀريائين مون سان چوپڙ راند ڪري؛ پوءِ جي هو مون کان کٽي ويو تہ آءٌ آن سان شادي ڪنديس، ۽ جي هارايائين تہ آن جو سمورو مال ملڪيت منهنجي حوالي ٿيندو— تنهنڪري اي سوداگر! ڀريائين هلي راڻيءَ سان راند ڪر! اهو ٻڌي هوءَ پهرين تہ ڏاڍي حيران ٿي، پر پوءِ ٿورو ويچار ڪري، انهن کي چيائين تہ: حاضر، آءٌ اوهان جي راڻيءَ سان راند ڪندس، پر اڄ ڏاڍو ٿڪل آهيان، تنهنڪري اڄ مونکي معافي ملي، باقي سڀاڻي اول خير ضرور هلندس.

خير، راڻيءَ جا ماڻهو اهو جواب ٻڌي هليا ويا، پر هن ويچاريءَ کي اچي هورا کورا ٿي ته آخر اصل ڳالهه ڇا آهي؟ ۽ ڪهڙو سبب آهي جو راڻيءَ اهي شرط رکيا آهن. تنهنڪري هن ڇا ڪيو جو ٿورا سونا هڻي وڃي راڻيءَ جي هڪ خاص ٻانهيءَ کي هٿ ڪيائين، ۽ اُن کي ڏاڍا انعام اڪرام ڏيئي اهو راز معلوم ڪيائين. ٻانهيءَ ٻڌايس ته: دراصل راڻي راند ۾ ڪا ايتري چالاڪ ڪانهي، پر جڏهن هوءَ پنهنجي راند ويندي هارائيندي آهي، تڏهن يڪدم پنهنجيءَ مٿان ڪپڙو هڻائي ڇڏيندي آهي، جنهنڪري راند ڪندڙ جو سڄو خيال اُن طرف هليو ويندو آهي، انهيءَ وچ ۾ راڻي پنهنجون بگڙيل سارين سڌيون ڪري ڇڏيندي آهي، اهڙيءَ طرح راڻي راند کٽي ويندي آهي. سوداگرزادي جي زال اهو راز دل ۾ رکيو پئي ڏينهن جڏهن راڻيءَ جا ماڻهو آيا، تڏهن هيءَ مردانو لباس ڪري، ڏاڍو سهڻو جوان بڻجي، اچي راڻيءَ وٽ حاضر ٿي.

راڻيءَ جو هيڙي سهڻي جوان کي ڏٺو، سا مٿس اڪن ڇڪن ٿي پيئي ۽ دل ٿي ته پيئي چويس ته ڪو هيڙي سلوڪ مرد سان لڳي ڪري. پر جيئن ته هوءَ به پنهنجي قول کان مجبور هئي، تنهنڪري ويهي راند ڪرڻ لڳي. سوداگرزادي جي زال انهيءَ راند ۾ ڏورو هوشيار هئي، تنهنڪري هن سارين مان اک ئي نه ڪڍي جو راڻيءَ کي سارين بدلائڻ جو موقعو ملي، انهيءَ ڪري ٿوريءَ دير ۾ هوءَ راڻيءَ کان راند کٽي ويئي. انهيءَ تي راڻي ڏاڍي پشيمان ٿي ۽ پنهنجي ڪيل قول مطابق يڪدم هن جي اڳيان آئي، هٿ ٻڌي بيهي رهي ۽ چوڻ لڳي: اي سوداگر! هاڻي هي سڄي بادشاهي به تنهنجي ۽ آءٌ به تنهنجي آهيان ... جيئن ڪهي تيئن ڪر. سوداگرزادي جي زال چيس ته: اهي ڳالهيون پوءِ ٿينديون، پهريائين مونکي اهو ٻڌاءِ ته جيڪي پيا سوداگر ۽ شهزادا تو قيد ڪري فقير ڪيا آهن، سي ڪٿي آهي؟ تڏهن راڻيءَ چيس ته: آهي سڀ هن

شهر ۾ آهن ۽ محنت مزوري ڪري پيا پيٽ گذر ڪن. اهو ٻڌي هوءَ راڻيءَ سان ٻئي ڏينهن ملڻ جو انجام ڪري هلي ويئي.

سوداگرزادي جي زال کي پڪ ٿي ته سندس مڙس به هن راڻيءَ وٽ ڦرجي فقير ٿيو هوندو، ۽ هن ئي شهر ۾ ڪٿي هوندو. تنهنڪري هوءَ مڙس کي ڳولڻ لاءِ شهر جي گهٽي گهٽي ڪري گهمڻ لڳي. آخر پڇائيندي پڇائيندي هڪڙي ٿاٿارڪي دڪان وٽان اچي لانگهائو ٿي. اندر دڪان ۾ ڪٿي جو نهاڙي ته سندس مڙس سوداگرزادو، ميرن ۽ ڦاٽلن ڪپڙن ۾ بيٺو لوه ڪُٽي. مڙس جي اها حالت ڏسي، هن کي ڏاڍو ڏک ٿيو. پوءِ ماٺ ميٺ ۾ هن کي ٿاٿاري کان خريد ڪري، پاڻ سان گڏ محلات ۾ وٺي آئي. کيس يڪدم عطر عنبير سان تڙ ڪرائي، نوان ويس وڳا پهرائي، اڇي جهڙو آڇو آجرو بنايائين. سوداگرزادو جڏهن تيار ٿي اچي ويٺو، تڏهن کانئس خبرون چارون پڇڻ لڳي، جنهن هن کي سموري ڳالهه ڪري ٻڌائي. اها ڳالهه ٻڌي هن پنهنجي مڙس کي— جنهن اجان کيس ڪونه سڃاتو هو— چيو ته: تون ڪوبه فڪر نه ڪر، آءٌ تنهنجي شادي هتي جي راڻيءَ سان ٿو ڪرايان. پوءِ راڻيءَ کي گهرائي حڪم ڪيائين ته: تون هن سوداگرزادي سان شادي ڪر. راڻي ڪوبه انڪار نه ڪري سگهي، ۽ ٻئي ڏينهن سوداگرزادي ۽ راڻيءَ جي شادي ٿي.

شاديءَ ٿيڻ کان ڪجهه ڏينهن پوءِ سوداگرزادي جي زال، سوداگرزادي کي پنهنجو اڳوڻو سڀ مال متاع واپس ڏياريو ۽ پنهنجي طرفان به گهڻو مال خزانو ڏيئي، راڻيءَ سميت کيس غوراب ۾ چاڙهي، پنهنجي وطن ڏانهن روانو ڪيو، ۽ پاڻ راڄ هلائڻ جي بهاني سان، اتي ئي رهي پيئي. پوءِ جڏهن هن کي پڪ ٿي ته سوداگرزادو وڃي پنهنجي وطن پهتو هوندو، تڏهن هيءَ به بادشاهيءَ جون واڳون وزيرن جي حوالي ڪري، وطن ڏانهن رواني ٿي.

هوڏانهن جڏهن سوداگرزادو اچي ماءُ پيءُ وٽ پهتو، تڏهن پيءُ کي ڏاڍي آڪڙ مان چيائين: بابا! تو ته مونکي زال پرڻائي هئي، پر منهنجي هيءَ زال ته ڏس، راڻي آهي راڻي! ائين چئي پوءِ هن پيون ته ڪيتريون ئي ٻناڪون سناڪون هٿي، پنهنجي واڪاڻ پاڻ ڪئي. سوداگر، پٽ جون آهي ڳالهيون ٻڌي ۽ مال ملڪيت ڏسي، هن جي ڪارنامن تي ڏاڍو خوش ٿيو ۽ وڏي ڌام ڌوم سان هڪ وڏي محفل ڪيائين. انهي محفل ۾ شهر جا وڏا وڏا ماڻهو آيا، جي سوداگرزادي جون ڳالهيون ٻڌي سندس واکاڻ ڪرڻ لڳا.

ڪجهه ڏينهن کان پوءِ سوداگرزادي جي پهرين زال به اچي انهي شهر ۾ پهتي، ۽ ڪيتريون ئي سوکڙيون پاکڙيون کڻي آئي صهري کي ڏنائين. سوداگر جو پنهنجيءَ نُنهن کي ڏٺو، سو ويتر خوش ٿيو ۽ چيائينس ته: امان! تنهنجو مڙس به اچي ويو آهي، پر ٻي زال پرڻجي آيو آهي. انهيءَ تي هن چيس ته: جيڪڏهن هو ٻي زال پرڻجي آيو آهي ته چڱو ٿيو، پر اوهين مهرباني ڪري هن کي سون ڏانهن موڪليو، ڇو ته آخر آءٌ به سندس زال آهيان! سوداگر وڃي پٽ کي چيو، هُن ٻنهه انڪار ڪري ڇڏيو، ۽ چيائين ته: ڇا به ٿي پوي، پر آءٌ انهيءَ ڏائڻ وٽ ڪونه هلندس. آهو ٻڌي هن ويچاري، نُنهن کي سچي ڳالهه ٻڌائي. اتي سوداگرزادي جي زال کان ڪُل نڪري ويئي، چيائين ته: جيڪڏهن ائين نٿو اچي ته آءٌ مردانو ويس ڍڪي ٿي ويهان ۽ توهين وڃي چئوس ته تنهنجو فلاڻو ڪي فلاڻو دوست ملڻ آيو آهي. سوداگرزادي کي جڏهن آهو نياپو پهتو، تڏهن ڏاڍو خوش ٿيو ۽ انهيءَ مهل ئي هن وٽ آيو. پوءِ زال کي دوست سمجهي، هن سان ويهي ڪچهري ڪرڻ لڳو. ڳالهين مٿان ڳالهيون پئي نڪتيون، سوداگرزادو انهيءَ وچ ۾ الاجي ڪهڙا ڪُوڙ ٻَڏُوڙ ۽ ٻناڪون سناڪون هڻي وڃي پار پيو. ايتريقدر جو ائين به چيائين ته: ڪيترن ئي بادشاهن

منهنجي ساراھہ پڌي، مونکي سگ ڏيڻ لاءِ منٿون ڪيون، پر مون ڪنهن کي بہ مُنهن ڪونہ ڏنو، آخر پنهنجي منهن وچي هڪڙي وڏي بادشاھہ جي ڌيءَ سان شادي ڪري آيو آھيان! آتي زال ڪان بہ رهيو نہ ٿيو، سو سوداگرزادي کي سچي ڳالھہ ڪري ٻڌايائين، ۽ آهي ڪپڙا جيڪي ٿاٿارڪي دڪان تي ڀريل هئس، سي بہ ڪڍي ڏيکاريائينس. اها حقيقت ٻڌي ۽ پنهنجا ڪپڙا ڏسي، سوداگرزادي شرم کان ڪنڌ ڪٽي هيٺ ڪيو. سوداگر جي پيءُ جڏهن هيءَ قصو ٻڌو، تڏهن عجب ۾ پئجي ويو، ۽ پٽ کي چيائين تہ: پُٽ! هيءَ اٿئي منهنجي اڳوٺي نُنهن، جنهن توکي هيترين مصيبتن مان بچايو ۽ خير سلامتيءَ سان هتي پهچايو، نہ تہ سرڳو سير وڃي ها. آتي سوداگرزادو ويتر شرمسار ٿيو ۽ زال ڪان آٿي معافي وٺڻ لڳو.

ڪي ڏينهن تہ هنن جا اٿين خوشيءَ سان گذري ويا. پوءِ هڪڙي ڏينهن سوداگرزادي جي زال، سڙس ۽ سهري کي ساڻ ڪري، وڻ جي ٿڙ ۾ پيل خزانو ڪڍائي ڪٽي آئي، ۽ پوءِ حياتيءَ جا باقي ڏينهن ڏاڍن مزن ۾ گذارڻ لڳا.

٢٦- جاڳڻ ڪم جوان جو*

ڪنهن ملڪ ۾ هڪڙو سوداگر رهندو هو، جنهن جو پري پري تائين واپار هلندو هو. ان سوداگر وٽ اولاد سان گڏ دولت جي به ڪمي ڪانه هئي. سندس وڏا پٽ ڪانئس جدا، پنهنجي سر پيا واپار ڪندا هئا- رڳو هڪڙو ننڍو پٽ هو، جيڪو هن سان گڏ رهندو هو. جڏهن اهو ڇوڪرو جوان ٿيو، تڏهن سوداگر خيال ڪيو ته هن کي به سوداگريءَ جي پورهئي تي هيرايان. اهو خيال ڪري هن ڪيترو ئي سامان ڪٺو ڪري پٽ کي ڏنو، ته وڃي ٻين شهرن ۾ واپار ڪري اچي. ڇوڪرو سوداگريءَ جو سامان کڻي، نوڪر چاڪر ساڻ ڪري، سفر تي روانو ٿيو.

ڪن منزلن کان پوءِ، هڪڙيءَ منزل تي سوداگرزادي وٽ هڪڙو فقير آيو، ۽ هن کي هڪڙي سونهري تختي ڏيکاريائين. سوداگرزادي کي اها تختي ڏاڍي وڻي وئي، سو فقير کي چيائين ته: اي درويش! اها تختي سونکي ڏي، آن جي بدران جيڪا به قيمت گهرندين، سا توکي ملندي. فقير چيس ته: اي سوداگرزادا! تون هن تختيءَ جي قيمت ڏيئي ڪونه سگهندين، تنهنڪري انهيءَ ڳالهه تان لهي وڃ. سوداگرزادي کي تختي بنهه وڻي ويئي هئي، سو چيائينس ته: آءٌ هرڪا قيمت ڏيڻ لاءِ تيار آهيان. آخر جڏهن هي هٽ تان نه لٿو، تڏهن فقير چيس ته: تون پنهنجي سوداگريءَ وارو اهو سڀ سامان سونکي ڏي ته پوءِ تختي ڏيانءِ. سوداگرزادو زبان ڪري ويٺو

*هن ڳالهه جون ٻه روايتون، وچولي (تعلقي شهداد پور) مان مير محمد "سڪايل" ۽ لاڙ (تعلقي ٽنڊي) مان عبدالله گندري کان مليون.

هو، تنهنڪري اهو شرط قبول ڪيائين، ۽ فقير ڪان تختي ورتي، ان جي بدران پنهنجو سڀ سامان ڏئي ڇڏيائينس. ان ڪان پوءِ هي نوڪرن چاڪرن سميت پنهنجي وطن سوڌي آيو.

پٽس، جو ڇوڪري کي جلدئي واپس ايندي ڏٺو، سو ڏاڍو خوش ٿيو، ۽ خيال ڪيائين ته: منهنجو پٽ ڪو ڏاڍو سياڻو ٿو ڏسجي، جو هيترو سارو سامان ٺورن ئي ڏينهن ۾ وٺي آيو آهي. پر جڏهن هن سڄي ڳالهه ڪري ٻڌايس ۽ فقير واري تختي به ڏيکاريائينس، تڏهن ڪاوڙ ۾ ٽپي باهه ٿي ويو، ۽ چيائينس ته: تو ته منهنجي ڪئي ڪمائي ڪٺ ڪري ڇڏي، هاڻي يڪدم منهنجي گهر مان نڪري وڃ، ۽ خبردار جو وري سونکي پنهنجو منهن ڏيکاريو ائين! پٽس جا اهي گفتا ٻڌي، ڇوڪري کي ڏاڍو ارمان ٿيو، سو ماٺڙي ڪري، فقير واري تختي کڻي روانو ٿي ويو.

گهر مان ٻاهر نڪتو، پر خيال ڪيائين ته ڪيڏانهن وڃان! سو ڀهرين ته شهر جو چڪر چاڙي هنيائين، پر ڪوبه يار دوست ڏسڻ ۾ ڪونه آيس. آخر ٿڪجي ٽٽي پنهنجي ڀائرن ڏانهن ويو، جن هن کي ڏکاري حال ۾ ڏسي، حال احوال معلوم ڪري هن کي بهانو ڪري چيائون ته: ادا! تون اسان جي نه اکين تي، پر بابي کي خبر پوندي ته هو اسان تي به ڪاوڙبو. اهو ٻڌي ڇوڪرو يڪدم اٿي پنڌ پيو ۽ هلندي هلندي اچي ڀيڻ جي گهر وٽان لنگهيو. اتي دل ۾ خيال ڪيائين ته 'اديءَ وٽ وڃان، من اها ڪا مدد ڪري!' سو لنگهي ويو ڀيڻ جي گهر. پوءِ هي ڪيترائي ڏينهن ڀيڻس وٽ رهيو پيو هو، پر آخرڪار ڀيڻس به بيزار ٿي پئي، سو هڪڙي ڏينهن هن به بهانو ٺاهيو ته: ادا! منهنجو مڙس الاجي ڇو پيو ڪاوڙجي... شايد تنهنجي ڪري ٿو ائين ڪري! ڇوڪري جو اها ڳالهه ٻڌي، سو سهي نه سگهيو ۽ ڀيڻ تي ارمان ڪندو، اتان به روانو ٿيو.

پنهنجن جا اهي حال ڏسي، ڇوڪري کي هڪڙو گهاٽو دوست ياد آيو، جيڪو ٻئي شهر ۾ رهندو هو. تنهنڪري هي ٻيا سڀ خيال لاهي، اُن طرف روانو ٿيو ۽ هلندي هلندي اچي آتي پهتو. دوست جي در تي پهچي ٻاهران سڏ ڪيائين. دوست هن جو سڏ ٻڌي، يڪدم ٻاهر نڪري آيو ۽ هن سان ڏاڍيءَ حُب مان ڀاڪر پائي اچي مليو. پوءِ ڏاڍيءَ عزت سان وٺي وڃي گهر ۾ ويهاريائينس. هو ڪيترائي ڏينهن آتي پنهنجي دوست وٽ رهيو پيو هو، ۽ دوست به انهيءَ عرصي ۾ پنهنجي هوند آهر هن جي ڏاڍي خدمت ٻئي ڪئي. آخر ڪجهه ڏينهن کان پوءِ ڇوڪري خيال ڪيو ته هاڻي دوست کي وڌيڪ تڪليف ڏيڻ مناسب نه آهي، تنهنڪري دوست کان موڪلائي، ڪنهن ٻيءَ ولايت وڃڻ جو ارادو ڪيائين. وڃڻ وقت سندس دوست کيس ڪيترائي پئسا ۽ پيون ضروري شيون ڏنيون، پر هن انهن کي هٿ به نه لاتو، ۽ دوست جي مهربانين جا شڪرانا مڃيندو روانو ٿي ويو.

هلندي هلندي هو ڪنهن ٻيءَ ولايت ۾ وڃي نڪتو. شهر ۾ گهڙيو ته ڪو به ماڻهو ڏسڻ ۾ ڪونه آيس، آخر هڪڙي ڪچي گهر وٽ اچي بيٺو. اتي رات به ٿي ويئي هئي، سو اُن گهر جو دروازو کڙڪائڻ لڳو. ٿوريءَ دير کان پوءِ هڪڙو پير مرد اُن جڳهه مان نڪري آيو، جنهن کي چيائين ته: اي بزرگ! آءٌ پرديسي آهيان، مونکي مهرباني ڪري رات جا چار پهر پنهنجي آجهي ۾ پناهه ڏي! پوڙهي کي هن ڇوڪري تي قياس اچي ويو، سو هن کي گهر ۾ وٺي آيو. ڇوڪرو اندر اچي ڏسي ته هڪڙو نوجوان ڪنهن ڏک سبيان ڪنڌ هيٺ ڪيو ويٺو آهي؛ ۽ اُن جي پرسان سندس پوڙهي ماءُ ويٺي روئي. ڇوڪري اهو حال ڏسي، هنن کان اُن جو سبب پڇيو. تڏهن پوڙهي ٻڌايس ته: ابا! هن شهر ۾ هرمهيني هڪڙو راڪاس ايندو آهي. جنهن کي هڪڙي گاڏي اَنُّ

جي ۽ هڪڙو ماڻهو بتڪ طور ڏيندا آهن. اج اهو راڪاس اڃا آهي. بدقسمتيءَ سان هن پيري منهنجي پُٽ جو وارو آهي. اها ڳالهه ٻڌي ڇوڪري پوڙهي کي عجب دلداري ڏني ۽ چيائينس ته: بابا! تون ڳڻتي نه ڪر، اڄ تنهنجي پُٽ جي پاران آءٌ ويندس. پوڙهي گهڻوئي جهليس ته: تون پرديسي آهين ۽ منهنجو فرض آهي ته آءٌ تنهنجي حفاظت ڪريان. پر ڇوڪري هن جي هڪ به نه ٻڌي، ۽ ڏس پتو وٺي، تلوار کڻي آتي آيو، جتي آنءُ جي ڳاڏي اڪ ۾ ئي بيٺي هئي. آتي دستور اهو هوندو هو ته انءُ جي ڳاڏيءَ مٿان ماڻهوءَ کي ويهاري، ان تي پوتي وجهي ڇڏيندا هئا. اڌ رات جو راڪاس اچي انهيءَ ماڻهوءَ سوڌو آنءُ کائي ويندو هو. ڇوڪري ڇا ڪيو جو هڪڙو وڏو ٻَنڊ هٿ ڪري، اهو آنءُ جي مٿان رکي ڇڏيائين، ۽ پاڻ ڳاڏيءَ جي اوٽ ۾ اگهاڙي تلوار هٿ ۾ جهلي، ليڪي ويهي رهيو.

ڇوڪري ويچاري سڄو ڏينهن مسافري ڪئي هئي، ۽ هن وقت تائين اک پُوڻ جو ئي موقعو نه مليو هئس... پيو وري ان وقت ڏاڍي ٿڌڙي هوا پئي لڳي، سو هن کي جهوٽو اچي ويو، ۽ جهُوٽي ۾ مٿو وڃي ڳاڏيءَ سان لڳس. اتي وري هوشيار ٿيو، ۽ خيال ڪيائين ته اهڙي ڪا ڳالهه ڪجي جو ننڊ نه اچي. نيٺ خيال آيس ته، ڇو نه اها تختي ڪڍي ويهي پڙهان؟ ڏسان ته سهي ته آن تي ڇا لکيل آهي! خير، تختي ڪڍي پڙهيائين ته ان تي لکيل هو: 'پيءُ لَڀي جو، ماءُ بي لَڀي، ڀاءُ لبهي جو، ڀيڻ لبهي جي؛ يار سهل جو، جاڳڻ ڪم جوان جو.' اهو پڙهي، ڇوڪري دل ۾ چيو ته ڀيلي، ڳالهه واقعي سچ ٿي ڏسجي...بابو برابر لَڀي جو هو، جو بنا لبهي جي گهر سان ئي ڪڍي ڇڏيائين، ماءُ بيشڪ بي لَڀي هئي، جا مون تان ساهه صدقو ڪندي هئي. باقي ۽ ڀيڻ به لَڀي جا ثابت ٿيا ۽ دوست به واقعي وقت تي ڪم آيو. پر

هاڻي ڏسجي ته جاڳڻ ڪم جوان چو ڪيئن آهي! اهي ٻئي ڳالهيون سوچيندو خبرداريءَ سان سجاڳ ٿيو ويٺو رهيو. اوچتو پريان ڳجگوڙ جو آواز ٻڌڻ ۾ آيس، ڏسندي ئي ڏسندي، راڪاس واچوڙي وانگر اچي ان جي گاڏيءَ مٿان ڪريو. چوڪري ڇا ڪيو، جو هڪدم پاڻ سنڀالي. ڦڙتيءَ سان راڪاس جي ڪنڌ تي زور سان ترار وهائي ڪڍيائين. ڌڪ لڳڻ سان راڪاس جي سسي ٻُل ڏيئي وڃي پري ڪري. اهو ڏسي چوڪرو ڏاڍو خوش ٿيو. پوءِ ته راڪاس جي سسيءَ جي پڇ وڍي، پاڻ سان کڻي سڌو پوڙهي جي گهر آيو. ۽ لت کوڙي سمهي پيو.

صبح جو پوڙهو آئي ڏسي ته چوڪرو ته مزي سان آگهور ننڊ ۾ سُتو پيو آهي. هن کي ڏاڍو عجب لڳو ۽ ساڳئي وقت خوشي به ٿيس، سو چوڪري کي ننڊ مان جاڳائي خبرچار وٺڻ لڳو. چوڪري کيس سڄي ڳالهه ڪري ٻڌائي ۽ راڪاس جي سسي ۽ پُڇ به ڪڍي ڏيکاريائينس. صبح سان اها ڳالهه سڄي شهر ۾ پکڙجي ويئي. تان جو وڃي بادشاهه جي ڪنن تائين پهتي. ان ڳالهه تي بادشاهه به ڏاڍو خوش ٿيو ۽ هڪدم ماڻهو موڪلي چوڪري کي پاڻ وٽ گهرايائين، ۽ چيائينس ته : اي چوڪرا! مون اهو قول ڪيو هو ته جيڪو ماڻهو ان راڪاس کي ماريندو، ان کي پنهنجي ڌيءَ جو سڱ ڏيندس. ان کان پوءِ بادشاهه ڏاڍي ڌام ڌوم سان پنهنجي ڌيءَ جي شادي ان چوڪري سان ڪرائي.

ڪجهه ڏينهن آتي آرام ڪرڻ کان پوءِ، چوڪري بادشاهه کان وطن ورڻ جي موڪل ورتي. هن کين خوشيءَ سان اجازت ڏني، ۽ وڃڻ وقت کين پنهنجي اڌ ملڪيت به ڏنائين. پوءِ ڪيترا نوڪر چاڪر ساڻ گڏي، هنن کي وطن روانو ڪيائين. چوڪرو ڏاڍي شان مان سان منزلون ڪندو، پنهنجي دوست سان ملندو، جڏهن پنهنجي شهر کي ويجهو پهتو، تڏهن شهر جي

ٻاهران ئي منزل ڪيائين، ۽ پنهنجي پيءُ ڏانهن نياپو ڏياري موڪليائين. پٽس، جو منزل جي اهڙي ٿاهه ٿوهه، ڏلي ۽ ايترا نوڪرچاڪر ڏٺا، سو پهرين ته اعتبارئي نه پيو اچيس ته ڪو واقعي اهو قافلو سندس پٽ جو ٿي سگهي ٿو؛ پر پوءِ جڏهن پٽ ڪي اکين سان ڏٺائين، تڏهن خوشيءَ ۾ وڏي اچي ٻاڪر پاتائينس ۽ ڏاڍيون دعائون ڪيائينس. ٻائرن جو هن جو هيڏو بخت ڏٺو، سي به مڙي اچي ٻرسان ٿيس. اهڙيءَ طرح ڇوڪري تيّ پيءُ به راضي ٿيو ۽ ٻائر به وري هن جا ٿي پيا ... پوءِ هو وري سڀئي گڏجي گذارڻ لڳا ۽ حياتيءَ جا باقي ڏينهن ڏاڍا سکيا آسودا گذاريائون.

٢٧- اسلهہ مانڪ سوداگر*

هڪڙو هو سوداگر، جنهن کي ڏن دولت جي ته ڪمي ڪانه هئي، پر اولاد جي نعمت کان محروم هو. ان ڪري ڏڻيءَ جي درگاهه ۾ پاڏائيندو رهندو هو. نيٺ هن کي هڪڙو پٽ ڄائو، جنهن جو نالو رکيائين "اسلهہ مانڪ" ۽ ڪيس ڏاڍي لاڏ ڪوڏ سان پالڻ لڳو. هڪڙي پيري سوداگر دستور موجب مال متاع جا پيڙا ڀرائي، ڏيساور روانو ٿي ويو ته واٽ تي غورابن ۽ پيڙن کي اچي طوفان وڪوڙيو. هنن گهڻئي حيلا هلايا، پر ڪجهه به نه وريو، ۽ سوداگر پنهنجي سموري مال‌اسباب سميت ٻڏي ويو.

هن واقعي جي خبر جڏهن سندس زال کي پهتي، تڏهن هوءَ ويچاري هيڪر ته بيحال ٿي پيئي، پر ڪير ٿو قدرت جي آڏو اچي! نيٺ خدا جي رضا تي راضي رهي، هوءَ پنهنجي پٽ جي پرورش کي لڳي رهي. ڇوڪري کي علم سان گڏ واپار جو فن به سيکاري ڀڙ ڪيائين، ۽ جڏهن هو جوان ٿيو، تڏهن سندس شادي ڌام ڌوم سان ڪرائي، اها آس به پوري ڪيائين. جيتوڻيڪ سوداگر به گهڻوئي مال دولت ڇڏي ويو هو، ته به ڪاڏي کوهه کٽيو وڃن. اسلهہ‌مانڪ سوچيو ته پنهنجي پيءُ جي پونجي به باقي اچي بچي آهي، ويهي ڪيترو کائبو! ڪجهه لوچڻ گهرجي ۽ پنهنجي اباڻي ڌنڌي کي شروع ڪرڻ گهرجي.

آخر ماءُ کان موڪلائي، پنج سؤ مهرون ساڻ کڻي اٿي ڏيساور تي هليو. هلندي هلندي هن کي اهڙيءَ جڳهه تي

---

* هيءَ ڳالهه وچولي (تعلقي ٽنڊي الهيار) مان الله بچايي جروار کان ملي.

اچي آڌي رات پيئي، جتي ڪاٻ وسنئن ڪانہ هئي. ويچارو حيران ۽ پريشان، وڃي سو وڃي ڪيڏانهن! نيٺ ٻي ڪا واهہ نہ ڏسي منهن سامهون وري اٿي پنڌ پيو. ٿورو گهڻو پنڌ ڪيائين تہ چا ٿو ڏسي تہ سامهون هڪڙي سائي وڻ جي هيٺان ڪو درويش پلٿي ماريو مراقبي ۾ ويٺو آهي. اهو ڏسندي ئي هن ڪي ٿورو گهڻو ڌَڊِ ٿيو، ۽ درويش جي ويجهو وڃي ڪجهہ پچر گهريائين. ڏاڍا حيلا هلايائين پر درويش ڪجهہ ئي نہ! آخر گهڻين منٿن ڪان پوءِ، درويش چيو تہ: بابا! منهنجي هر گفتي جي قيمت سؤ مهرون آهي، جي ڏين تہ توکي هڪ گفتو ٻڌايان. اسلهماڻڪ خيال ڪيو تہ، سياڻي جي صلاح سؤ مهرن ۾ بہ سستي، سو هڪدم ڇهؤ مهرون همياڻيءَ مان ڪڍي ڪٺي درويش جي آڏو رکيائين. درويش چيس تہ: ساٿي جوئي هجي، سو ڀلو! اسلهماڻڪ دل ۾ چيو تہ ڀلي! درويش تہ واهہ جو گفتو ٻڌايو آهي... چو نہ اهڙي الله لوڪ کان ٻيا بہ ٻہ گفتا ٻڌجن! سو باقي رهيل چارئي سؤ مهرون بہ ڪڍي اڳيان رکيائينس. جنهن تي درويش چيو تہ: پرائي گهر وڃين، تہ چڱو آهي جاڳين؛ پرائي پلنگ تي ويهڻ کان اڳ، ڀلو آهي پڪ ڪہ سنڀالين؛ ٻيو ڀلو آهي تہ پرائي چوڻ ۽ حرصائڻ تي نہ لڳين؛ سڀ کان ڀلو آهي پنهنجي ڪاوڙ کائڻ.

اسلهماڻڪ اهي گفتا ٻڌي، پلاند ڇنڊي درويش کان موڪلائي اٿي هليو. درويش جا گفتا دل ۾ ياد ڪندو جيئن جيئن هلندو پئي ويو، تيئن هن جو پهريون گفتو اچي دل ۾ ويٺس تہ "ساٿي جوئي هجي، سو ڀلو". خيال ڪيائين تہ هن بيابان ۽ اونداهيءَ رات ۾ ڪنهن طرح پنهنجو ساٿي ڳولي هٿ ڪريان. تان جو سندس نظر اوچتو وڃي هڪ چاهي تي پيئي. دل ۾ چيائين تہ، بس اڄ منهنجو اهوئي ساٿي آهي. سو چا ڪيائين جو پڪي جو پلاند ڦاڙي، چاهي جي چنگهہ ۾ ٻڌي، هڪ وڻ جي ٽڙ سان اٽڪائي، پاڻ وڃي اُن وڻ تي

چڙهي ويٺو. هڪ رات اونداهي، پيو رڳو جهنگ، سو جهنگلي جانورن جي رڙين سندس ساهه ئي سڪائي ڇڏيو. ساري رات جاڳندي ۽ ڏڪندي گذاريائين. جڏهن ڏينهن ٿيو، تڏهن مس مس وڃي ساهه پيٽ ۾ پيس. لهي جو ڏسي ته ڪيترا نانگ وڻ جي پاڙ وٽ مئا پيا آهن، جي سڀ انهيءَ ڇاهي ماريا هئا. پوءِ ته درويش جي سيني گفتن لاءِ هن کي هيڪاري قدر ٿيو، ۽ انهن تي عمل ڪرڻ جو پڪو ارادو ڪري، ڇاهي کي وڻ مان ڇوڙي اڳتي راهي ٿيو.

هلندي هلندي جڏهن منجهند ٿي، تڏهن هڪڙو ته گرميءَ هلاڪ ڪيس، پيو اُڃ ۽ بک، بيزار ڪيس، سو ساڻو ٿي هڪڙي هنڌ ويهي رهيو. اتي جانِ ڪٿي ڏسي ته واهواهه! سامهون هڪ عاليشان بادشاهي شهر بيٺو آهي. سو هو لنگهي ويو ان شهر ۾. ڇا ڏسي ته ماڻهو تمام آسودا، شهر نهايت سهڻو، رستا ۽ بازاريون عاليشان، جتي هر قسم جو واپار عام جام پيو هلي. پر هي ويچارو اهوئي هٿين خالي، ويڳاڻن جيان اتي گهمندو رهيو، ڏانهس ڪنهن نهاريو به ڪونه. سڄي شهر جون بازاريون ۽ گهٽيون گهميو، پر ڪيس ڪنهن ٽُڪر جي به صلاح ڪانه ڪئي. آخر هڪ اهڙيءَ گهٽيءَ ۾ پهتو، جتي دهلن دمامن جو ڌمچر متو پيو هو، هرقسم جا طعام پئي تيار ٿيا، ۽ ورهايا. ڪيئي دعوتي ڪاج ڪايو، خوشيون ڪندا پئي ويا، ۽ ڪيئي پئي آيا. پر هن ڪنهن جي اکيان ڪڏهن هٿ ڪونه ٽنگيو هو، سو پَتليي بُک، پَرم جي، شَل نه وڃي شانُ ڇني، ڪٿي ڇُپ ڪيائين. هلندي هلندي جڏهن گهوٽ جي گهر جي دروازي تي پهتو، تڏهن سامهون گهر جي مالڪياڻي ڏٺائين، جا ستر سالن جي پوڙهي هئي، هوءَ ساڳئي وقت ڪِلي به پئي ۽ رُني به پئي. اهو نظارو ڏسي هن کان رهيو نه ٿيو، ۽ ويجهو وڃي مائيءَ کان انهيءَ جو سبب پڇيائين. مائيءَ گهڻوئي ٽاريو، پر هن جي ايلازن منٿن تي چيائين ته: ”ابا!

تون کي ٻاهر جو پرديسي ٿو ڏسجين. اماڻ ماڻڪ چيس ته:
امڙ! برابر ائين آهي. هاڻي مهرباني ڪري سونکي سڄي ماجرا
ٻڌاءِ. مائيءَ چيس ته: ابا! اسين طبيب آهيون... هن شهر ۾
اسان جا ستر گهر آهن. هتي جي بادشاهه جي هڪ سڪيلڌي
ڌيءَ آهي، جا ڪيترن ڏينهن کان بيمار آهي، ۽ ان جو
واري تي اسان جا مڙس ماڻهو علاج ڪندا آهن. پر جيڪو
به هن جي مرض جي سڃاڻپ نه ڪري، سگهندو آهي، تنهن
کي بادشاهه هڪ گهڙي به موت کان مهلت نه ڏيندو آهي.
تان جو اسان جا ڪيترائي وارث قاسيءَ تي چڙهي چُڪا
آهن، ۽ اڄ ڏينهن تائين شهزاديءَ جو ڪوبه ماڻهو
مرض سڃاڻي نه سگهيو آهي. سڀاڻي سنهنجي پوٽي جي
علاج ڪرڻ جو وارو آهي، سو ستان علاج ڪري نه سگهي
۽ بادشاهه کيس قاسيءَ چاڙهائي ڇڏي، تنهنڪري اڄ هن جي
شادي ڪرايان ٿي، جيئن اڪيو ٻوءِ سندس مراد اکين سان
ڏسي ڇڏيان! هاڻي جڏهن هي شادمانو ڏسان ٿي ته کيلان
ٿي، پر جڏهن سندس قاسيءَ وارو موت اکين آڏو ٿو اچيس،
ته اکين مان لڙڪ وهيو ٿا اچن! ائين چئي مائي اچي اوڇنگارن
۾ پيئي، ۽ روئڻ کان بس ئي نه ڪري، تڏهن اماڻ ماڻڪ
کي ڪهل اچي ويئي، ۽ مائيءَ کي چيائين ته: امان! تون
ڪو اونو نه ڪر، تنهنجي پوٽي جي بدلي آءٌ انهيءَ قاسي
تي چڙهندس! مائي اهو ٻڌي ڏاڍي خوش ٿي ۽ کيس وٺي
وڃي اندر گهر ۾ ويهاريائين، ۽ هن جي هرطرح سان خاطري
ڪرڻ لڳي. سڀ ماڻهو سندس احسان ۽ ٿورو مڃڻ، ۽ هن
کي اکين ۾ جاءِ ڏيڻ لڳا. تان جو اهو ڏينهن آيو، جنهن
ڏينهن پوڙهيءَ جي پوٽي کي شهزاديءَ جي علاج لاءِ
وڃڻو هو.

صبح جو سوير بادشاهي فرمان جاري ٿيو ته، حڪيم
اچي درٻار ۾ حاضر ٿئي! تڏهن اماڻ ماڻڪ، پوڙهيءَ جي پوٽي

بدران وچي دربار ۾ حاضر ٿيو. بادشاهه جو اهو به عهد هو ته جيڪو حڪيم شهزاديءَ کي هن مرض مان ڇڏائيندو، تنهن کي شهزاديءَ جي پانهن ۽ اڌ راڄ اڌ پاڳ عنايت ڪندس. املهه ماڻڪ دربار ۾ پهتو، ته بادشاهه هنن کي ساڻ ڪري محلات ۾ وٺي ويو. شهزاديءَ کي ڏسڻ سان املهه ماڻڪ جا ته حوصلا ئي خطا ٿي ويا ... سندس وار وار ڪنبڻ لڳو، چاڪاڻ ته شهزاديءَ کي بيماريءَ جي شدت سبب ڪابه سرت ڪانه هئي، ۽ هوءَ سڄي سڄي ڍهل ٿي پيئي هئي. هن ويچاري مسافر کي ڪهڙي خبر ته حڪمت ڪهڙيءَ بلا جو نالو آهي. کيس فقط هڪ رات جي مهلت ڏني ويئي، ته جيئن هو مرض کي چڱيءَ طرح سڃاڻي سگهي ۽ پوءِ سوچي سمجهي ان جو علاج ڪري، ٻيءَ صورت ۾ هن لاءِ ڦاسي ته اڳيئي تيار هئي. کيس انهيءَ ساڳئي ڪمري ۾ رهايو ويو، جنهن ۾ شهزادي هئي. هن جي اکين ئي ننڊ ڦِٽي ويئي هئي، هيڪاري جو درويش جو گفتو ياد آيس ته، ”پرائي گهر وڃين، ته چڱو آهي جاڳين“— سو هوشيار ٿي ويهي رهيو. جڏهن اڌ رات گذري، تڏهن ڇا ٿو ڏسي ته هڪ ڪئو پرن مان نڪري، تاڙي وڄائي چوڻ لڳو ته: پيلي! اهڙو ڪو آهي ئي ڪونه، جو پيٽ جي بلائن کي ماري! ائين چئي ڪئو پنهنجي پرن ۾ هليو ويو، اتي وري شهزاديءَ جي وات مان هڪ بلا نڪري چوڻ لڳي ته: هي مئو ڪئو اسان کي مارڻ جون پيو صلاحون ڏئي، ۽ پاڻ جو هيرن جواهرن جي ڍير تي قبضو ڪيو ويٺو آهي، ڪو اهڙو ماڻهو ڪونهي جو گرم تيل ڪٽي آڻ جي ٻر ۾ وجهي ته ماريو مري ڪپي وڃي! بلا ايترو چئي گم ٿي ويئي. املهه ماڻڪ اهو ٻڌي ڏاڍو خوش ٿيو ۽ چوڻ لڳو ته: پيلي واهه! منهنجو جاڳڻ ته صاب پيو، پرهاڻي پيٽ جي بلائن مارڻ جو نسخو ڪٿان اچي! ٻئي ڏينهن بادشاهه کي، هُن مرض جي سڃاڻپ

پڌائيي، ۽ چيائين ته: رکو الله تي، شام تائين اهڙو ٽو نسخو تيار ڪري وٺان، جو صبح ٿيندي ئي شهزادي چڱي ڀلي... پر مونکي رکو گهر تائين وڃڻ ڏيو! بادشاهہ کان موڪلائي، پوءِ هو سڌو ان پوڙهيءَ وٽ آيو، ۽ پڇيائينس ته: امڙ! ڪو پيٽ جي بلائن مارڻ جو نسخو وڏن کان پڌل سڻل اٿئي؟ پوڙهيءَ چيو ته: ابا! پيٽ جي بلائن مارڻ جا نسخا هونئن ته گهڻا، پر هيءُ هڪڙو سپني ۾ يڪ ٺيڪ نسخو آهي. رسئول، چوڙ، ڪارا مرچ، نيم جا پن ۽ هيگ گهوٽي ڪٽي ڪارائجن، ته بلا بلا جي ذات ٽڪرا ٽڪرا ٿي اچي ٻاهر سٽبي. اسلهہ مائڪ اها دوا تيار ڪرائي سڌو اچي بادشاهہ وٽ حاضر ٿيو ۽ وڃي شهزاديءَ کي ڪارائڻ شروع ڪيائين. قدرت خدا جي، جو ٻهرئين ئي وزن سان شهزاديءَ جي پيٽ مان بلائون ٽڪر ٽڪر ٿي نڪرڻ شروع ٿيون، ۽ ٿيندي ٿيندي شام تائين هوءَ چڱي ڀلي ٿي پيئي. بادشاهہ ڏانهن هڪدم ماڻهو ويو. جو ڌيءَ کي ڏسڻ لاءِ ڊوڙندو آيو، ۽ شهزاديءَ کي چاق چڱو ڀلو ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو. پوءِ اسلهہ مائڪ کي ساڻ ڪري، دربار ۾ آيو، جتي کيس انعام اڪرام ڏيئي، خلعتون ٻهرائي انجام موجب هن سان شهزاديءَ جي شادي جو اعلان ڪيائين. ڪن ڏينهن پڄاڻان، ڏاڍي ڌام ڌوم سان بادشاهہ هن جي شادي ڪرائي، هن کي پاڻ سان گڏ تخت تي ڪٺي ويهاريو. پوءِ شهزادي ۽ اسلهہ مائڪ پاڻ ۾ خوش گذارڻ لڳا. هڪڙي ڏينهن ڪٺي وارو خزانو بہ ڪڍي پنهنجي هٿ ڪيائون.

اسلهہ مائڪ جو ايڏو شان مان ڏسي، اڳين وزيرن ۽ اميرن جي دل ۾ اچي حسد جاڳيو، سي ڳجهہ ڳوهہ ۾ کيس ختم ڪرڻ جون سٽون سٽڻ لڳا. نيٺ هنن چا ڪيو، جو شهر کان ٻري هڪڙو عاليشان محلات تيار ڪرايائون، جنهن ۾ هڪڙي هنڌ اونهون کوهہ کٽائي، ان جي تري ۾ پالا

ڪوڙي، ڪوهه جي سنهن تي اهڙو پلنگ رکائي ڇڏيائون، جيئن ويهڻ سان ماڻهو وڃي ڪوهه ۾ ڪري ۽ مري وڃي. اهو بندوبست ڪري هڪڙي ڏينهن امله مانڪ کي انهيءَ محلات ۾ دعوت ڏنائون. سندس پلنگ انهيءَ ڪوهه تي ڪٽي رکيائون. هو آن ڏينهن تي انهيءَ محلات ۾ آيو ۽ اميرن وزيرن طرفان بندوبست ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو. هنن ڪيس گهمائي ڦيرائي آڻي ڪوهه واري پلنگ تي ويهاريو ٿي ته ڪيس درويش جو ٻڌايل گفتو ياد آيو ته 'پرائي پلنگ تي ويهڻ کان اڳ، پلو آهي پڪ سنڀالڻ'. پوءِ پنهنجي پير سان پلنگ کي اچان ڌوڏو زور ڏنائين ته پلنگ وڃي ڪوهه ۾ ڪڙڪو ڪيو! اهو حال ڏسي هڪدم واپس اچي بادشاهه سان سربستو احوال ڪيائين. بادشاهه اهو ٻڌي سخت ناراض ٿيو ۽ جيڪي به امير وزير انهيءَ سازش ۾ شريڪ هئا، تن کي شهر نيڪالي ڏيئي ڪڍي ڇڏيائين. امله مانڪ پوءِ اتي سک سلامتيءَ ۽ خير خوبيءَ سان گذاريندو رهيو.

هڪڙي ڏينهن هن بادشاهه کي عرض ڪيو ته: جيئندا قبلا! مونکي اجازت ڏيو ته آءٌ پنهنجي ملڪ وڃي پنهنجا ٻار ٻچا وٺي اچان. بادشاهه کيس خوشيءَ سان موڪل ڏيئي، هن جي سفر جي بندوبست ڪرڻ لاءِ حڪم ڏنو. امله مانڪ عرض ڪيو ته: جيئندا قبلا! آءٌ اڪيلوئي وينديس مونکي فقط هڪڙو گهوڙو ملي. الله ۾ اميد آهي ته جلدي اچي حاضر ٿيندس. پوءِ پائين ڇٽي موڪلائي توڪلائي، گهوڙي تي سوار ٿي پنهنجي ملڪ روانو ٿيو.

هلندي هلندي هڪڙي ڏينهن، رستي ۾ هڪڙي نوجوان ۽ تمام سهڻي عورت اچي سندس اڳ جهليو ۽ چيائينس ته: آءٌ تنهنجي زال، تون منهنجو مڙس، ڀلائي ڪري مونکي پاڻ سان وٺيو هل! هيءُ هَڪو ٻَڪو ٿي

ڪجهہ سوچڻ لڳو تہ ايتري ۾ درويش جو گفتو ياد آيس 'تہ پيلو آهي ڏاڙهين جي چٽي تي نہ لڳڻ'. سو جيئن تيئن ڪري هن ڪان ڪسڪي روانو ٿيو. ٿورو اڳتي هلي، پٺتي جو نظر ڪري تہ اها عورت هڪ ٻئي مسافر کي ورايو بيٺي آهي، ۽ هن بہ اڳيا پوءِ جاچڻ ڪان سواءِ وٺي ڪٽي پاڻ سان ٻيلهہ چاڙهيس. ايتري ۾ پٺيان ڊنبلو گهوڙي سوارن جو اچي سٽن ڪڙڪيو، جن نہ ڪئي هم نہ تم، تلوار سان مسافر کي تنبي چڏيائون، ۽ ان عورت کي گرفتار ڪري، جتان آيا هئا، اوڏانهن ويندا رهيا. پڇا ڳاڇا تي معلوم ٿيس تہ: اها عورت هڪ اميرزادي هئي، جنهن جي زوريءَ ٻئي شادي ڪرايائون، سو ٻچڻ لاءِ حويليءَ مان پڄي نڪتي هئي، اهو حال ڏسي هن ڏٽيءَ جا شڪرانا ڪيا تہ چڱو جو وات ويندي، اٿواقف ۽ ڏاڙهين جي چٽي تي نہ لڳس، نہ تہ سنهنجو حال بہ هن مسافر جهڙو ٿئي ها!

اهڙيءَ طرح هلندي هلندي جڏهن ڳوٺ پهتو، تڏهن اڌي رات ٿي وئي هئي، ۽ پنهنجي دروازي تي گهوڙو ٻڌي، اچان اندر گهڙيو تہ گهر جي اڱڻ ۾ ڏٺائين تہ سندس ماءُ هڪڙيءَ کٽ تي ڏار بستي پيئي آهي، پر زال هڪڙي ڳڀرو جوان سان گڏ ستي پيئي آهي. اهو حال ڏسي حيرت ۾ پئجي ويو ۽ دل ۾ چيائين تہ هي ڪمينو ڪير، جو ايتري جرئت ڪري سنهنجي گهر ۾ اچي ستو آهي؟ ڪيس پنهنجيءَ زال جي چال تي شڪ جاڳيو، ۽ ترار ڪڍي ارادو ڪيائين تہ: ڏڪ هڻي ٻنهي کي پورو ڪريان، پر پوءِ درويش جو پنجون گفتو ياد پيس تہ: 'پيلو آهي پنهنجي ڪاوڙ کائڻ'. يڪدم ترار مياڻ ۾ وجهي، ماءُ کي اٿاريائين، ۽ ڪانئس پڇيائين تہ: هيءُ ڪير آهي؟ ماڻس چيس تہ: ابا! هيءُ تنهنجو پٽ آهي، جو تنهنجي وڃڻ کان پوءِ ڄائو ــ ماءُ پٽ ٻئي گڏ ستا پيا آهن. اهو ٻڌي اسلهہ ماڻڪ ڏاڍو خوش ٿيو. ايتري ۾

سمورا ڀاتي سڄاڳ ٿيا، ۽ هڪٻئي سان ملي ڏاڍي خوشي ڪيائون.

ٿوري گهڙي ڏينهن، هو سڀني ڀاتين کي وٺي، وري وڃي بادشاهيءَ پيڙو ٿيو، ۽ ڇهري جي گذاري وڃڻ تي، سڄي تخت بخت جو مالڪ ٿي، ڏاڍي انصاف سان حڪومت هلائڻ لڳو.

———

٢٨- پڳ، ڪنهن جي؟*

هڪڙو هو بادشاهه، جنهن کي اولاد ٿيندو ئي ڪونه هو. اولاد جي ڪري، هن هڪبئي پٺيان چار شاديون ڪيون، پر ڪنهن مان به اولاد ڪونه ٿيس. هڪڙي ڏينهن بادشاهه کي خبر پيئي ته ڪو ڪامل درويش آيو آهي، جو خدا کان گهري، هر ڪنهن جي دل جون مرادون پيو پوريون ڪري. سو پٺي ڏينهن هيءُ به اڪيلوئي اڪيلو، پيرين اگهاڙي اچي اُن درويش وٽ حاضر ٿيو. درويش هن جو ايترو عقيدو ڏسي دعا ڪيس. اتي بادشاهه جي دل کي ڪجهه ڏَڍُ آيو، هو فقير کان موڪلائي، واپس پنهنجي محلات ڏي روانو ٿيو.

قدرت خدا جي، جو سال کن کان پوءِ بادشاهه کي چئني رائين مان، ساڳئي وقت چار سهڻا شهزادا ڄاوا. ڏاڍو خوش ٿيو ۽ انهيءَ خوشيءَ ۾ سڄي ملڪ ۾ ڏاڍايون خير خيراتون ڪيائين ۽ خوب جشن ملهايائين. خير خيراتون ۽ خوشيون پورا چاليهه ڏينهن پئي هليون. خير، شهزادا به اڄ ننڍا سڀاڻ وڏا، نيٺ اچي جوان ٿيا. چارئي شهزادا پنهنجيءَ پڙهڻ ۾ لائق ۽ قابل ٿيا، ۽ هر فن ۾ ڪامل ٿيا. آخر هڪڙي ڏينهن بادشاهه جي عمر جا ڏينهن به اچي پورا ٿيا ۽ هن فاني دنيا مان چالاڻو ڪيائين. جڏهن بادشاهه کي دفن ڪري واپس آيا، تڏهن چئني شهزادن پاڻ ۾ گڏجي صلاح ڪئي ته: هاڻي پاڻ مان تخت تي ڪنهن کي ويهارجي— جو ته پاڻ چارئي

---

* هيءُ ڳالهه وچولي (تعلقي شهداد پور) مان ميرحسن ٻ ڪاپل کان ملي.

پائر هڪجيڏا آهيون ۽ ڪنهن کي به اها خبر ڪانهي ته پاڻ مان ڪير وڏو آهي! آخرڪار صلاح ٻڌار ڀائرن ته فلاڻي ملڪ ۾ بابي جو هڪڙو گهاٽو دوست قاضي آهي، جو نه هلي ان کان صلاح وٺجي! اهو ارادو ڪري، هي چارئي شهزادا سهي سنڀري اٿي آن ملڪ ڏانهن روانا ٿيا. منزلن تي منزلون ڪندا، پڇائيندا اچي قاضيءَ جي گهر پهتا. هو کين ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو. ڪائن حال احوال ورتائين. جڏهن شهزادن کيس سربستو احوال ٻڌايو، تڏهن هن کين چيائين ته: پٽ! اوهين دلجاءِ ڪريو— آءٌ سڀاڻي اوهان کي فيصلو ٻڌائيندس، پهرين اڄ آرام ڪريو ۽ مسافريءَ جو ٿڪ پچو.

قاضي، شهزادن کي اوطاق تي وٺي ويو، ۽ پنهنجن نوڪرن چاڪرن کي هنن جي خدمت چاڪريءَ جون هدايتون ڪري، پنهنجي گهر موٽي ويو. جڏهن سانجهيءَ جي مهل ٿي، تڏهن وري شهزادن وٽ آيو، ۽ هر هڪ شهزادي کان پڇڻ لڳو ته: ڪاڏي پيتي يا ڪنهن ٻيءَ شيءِ جي ڪا خاص ضرورت هجي ته بي حجاب ٻڌايو ته اها پوري ڪئي وڃي! تڏهن هڪڙي شهزادي چيو ته: منهنجي رات جي ڪاڏي لاءِ جيڪڏهن سڳداسي چانور هجن ته بهتر. ٻئي شهزادي چيو ته: منهنجي لاءِ سينهن جي نج ڪير جو جيڪڏهن بندوبست ٿي سگهي، ته ڏاڍو سٺو. وري ٽئين شهزادي کان پڇيائين، جنهن چيو ته: سونڪي رات جو شراب جو ڍڪ ملي وڃي ته چڱو. چوٿين شهزادي چيو ته: رات جو منهنجي اڳيان ڪا خوبصورت عورت صرف ويٺل هجي، ۽ آءٌ رڳو پري کان ويٺو ان جو ديدار ڪريان!

رات جو قاضي صاحب هرهڪ جي پسند موافق سڳداسي چانور، سينهن جو نج ڪير ۽ شراب حاضر ڪري ڏنو، پر چوٿين شهزادي جي خواهش تي سنجهي پيو ته اهڙي حسين عورت ڪٿان اچي! نيٺ خيال ڪيائين ته منهنجي ڌيءَ ويٺل آهي، جو نه اها وٺي وڃي. وٽس ويهاريان ... نياڻيءَ

جي لڄ پت الله رکندو، ۽ هو به ته اشراف شهزادا آهن. تنهن کان سواءِ هن جي رڳو سامهون ويٺو آهي. پوءِ رات جو پنهنجي ڌيءَ کي وٺي اچي شهزادي جي سامهون ويهاري ويو. اهڙيءَ طرح هر ڪنهن شهزادي کي پنهنجيءَ پسند جي چيز ملي ويئي، ۽ هو وڃي آرامي ٿيا.

جڏهن خير سان صبح ٿيو، تڏهن قاضي، شهزادن کان حال احوال وٺڻ آيو. پهريائين، پهرئين شهزادي کان حال احوال پڇيائين، جنهن چيو ته: سائين منهنجا! منهنجي رات ڏاڍي تڪليف سان گذري— ڇو جو سگداسي چانور ته ڪونه هئا، رڳو بصرن جي ڪڙهي هئي! اهو ٻڌي قاضيءَ کي ڏاڍو عجب لڳو. خيال ڪيائين ته مون سگداسي چانور تيار ڪرايا هئا، سا وري بصرن جي ڪڙهي ڪيئن ٿي پئي! خير، هي اهو سوچيندو وري ٻئي شهزادي وٽ آيو. ٻئي شهزادي چيس ته: سائين، حال وري کهڙو ٿا پڇو! مينهن جو کير مليو ئي ڪونه، باقي گڏهه جي کير جي ڏٻ سا گهٽئي هيس! اها ڳالهه ٻڌي، قاضي هيڪاري حيرت ۾ پئجي ويو. وري جو ٽئين شهزادي وٽ آيو ۽ حال احوال پڇيائين ته آن وري ڳالهه ئي نئين ٻڌايس— چي: شراب ته ڪونه مليو، باقي سسائن جي مٽيءَ ۾ مليل شراب برابر هوا! قاضيءَ جو اهو ٻڌو، سو ماٺ ميٺ ۾ وري چوٿين شهزادي وٽ آيو، ۽ اچي پڇيائينس ته: بابا! ڏي خبر— رات ته خير سان گذري يا نه؟ تڏهن آن ته وري اهڙي ڳالهه ٻڌايس جو پيرن هيٺان زمين ئي نڪري ويس. هن چيس ته: سائين! رات کهڙي حبشڻ موڙ ڏي موڪلي هيَوَ؟ ننڊ ته ننڊ جي ماڳ، مرڳو ئي سڄي رات طبيعت بيقرار رهي.

قاضي اهي ڳالهيون ٻڌي سڌو پنهنجي گهر آيو ۽ پهريائين چانورن واري سوديءَ کي گهرايائين ۽ اُن کي چانورن واري حقيقت ڪري ٻڌايائين. سودي وري جنهن زميندار کان چانور ورتا هئا، ان کي وٺي آيو. جڏهن قاضيءَ ان زميندار کي اها چانورن

واري حقيقت ٻڌائي، تڏھن ھن چيو ته: سائين! چانورن ۾ پيو ته ڪوبه کوٽ ڪونه ھو، باقي ائين سو آھي ته مون پنھنجي سُھڙ واري زمين ۾— جيڪا اڌ جي منھن ۾ آھي— بصر پوکيو ھو، ۽ اُن جي پاسي واري زمين ۾ چانور... پاڻي جڏھن ٻنيءَ کي ايندو ھو ته ڦيريائين بصر مان ٿي پوءِ سارين ۾ ايندو ھو. بس، حقيقت اھا آٿو! قاضيءَ زميندار جي آھا ڳالھ ٻڌي، ھُن کي اجازت ڏني ۽ موديءَ کي به رخصت ڪيائين.

قاضيءَ پوءِ وري ميھار کي گھرايو ۽ چيائينس ته: ميان! مون توکي مينھن جي نبار کير لاءِ چيو ھو، پر تو ته ھٿي منھنجي پٽ ئي ڏوئي ڇڏي! تڏھن ميھار عرض ڪيو ته: سائين! کير ته بلڪل نبار، ٿڻن ڏ‌ُڌو ھو. قاضيءَ چيس ته: مينھن جو کير جي نبار ھو ته پوءِ منجھانئس گڏھ جي کير جي ڏپ وري ڪيئن ٿي آئي؟ تنھن تي ميھار ورندي ڏني ته: سائين! پيو ته ڪو سبب ڪونه ٿو سُجھيم، باقي ايترو سو ياد اٿم ته اھا مينھن، جنھن جو کير رات مون اوھان کي ڏنو ھو، سا جڏھن اجان وڇ ھئي، تڏھن جنھن وٿاڻ ۾ ٻڌل ھوندي ھئي، اُتي ھڪڙي گڏھ به ٻڌل ھوندي ھئي— سا ڪنھن وقت مائس جي ٿڻن ۾، ته ڪنھن وقت وري گڏھ جي ٿڻن ۾ مُنھن وجھندي ھئي! باقي توھين مون کان قسم وٺو، جي ڪو پيو کوٽ کير ۾ ھجي! پوءِ قاضيءَ، ميھار جي اھا ڳالھ ٻڌي ھن کي به اجازت ڏني.

قاضيءَ پوءِ وري شراب واري موديءَ کي گھرايو، ۽ چيائينس ته: آبدار! رات وري تو ڪھڙو شراب موڪليو ھو، جو پيئڻ سان منجھانئس مساڻ جي مٽيءَ جي ڏپ پئي آئي؟ اول ته مودي اھا ڳالھ ٻڌي ھڪو ٻڪو ٿي ويو، پر پوءِ دل جھلي چيائين: سائين! پيو ته ڪوبه دغا دولاب ڪونه ھو، باقي سچي حقيقت ته ھيءَ آھي ته جڏھن شراب جي ٻنيءَ ھيٺان باھ پئي ٻري ۽ شراب پئي چڪيو، تڏھن اوچتو ڏٺم ته ٻنيءَ

جونِ ڪانيون ختم ٿي ويون هيون. اهو حال ڏسي آءٌ ڪانئن لاءِ هيڏانهن هوڏانهن سڻون ڏيڻ لڳس ته جيئن ٻئي ٺري نه وڃي. اوچتو خيال آيم ته ڀر واري مساڻ ۾ ڪانيون پيل آهن، سو چونه في‌الحال آتان مهل ڪري وٺان! سٽ ڏيئي مساڻ مان ڪانيون ڪٺي آيس، ۽ اچي پنهنجو ڪم پورو ڪيم. حقيقت ته اها آئو، وڏيڪ جيڪا اوهان جي مرضي! پوءِ قاضيءَ انهيءَ ڪبي به واپس وڃڻ جي اجازت ڏني. هاڻي قاضيءَ ڪبي باقي پنهنجي ڌيءَ جي ڳالهه جي آڇائي ڪرڻي هئي، ڇو ته شهزادي هن لاءِ چيو هو ته 'کهڙي حبشڻ وٺي آئي ويهاري هيو' سو سڏو آيو گهر ۽ زال کي چيائين ته: خبر پئي، اڄ مونکي هيءَ حقيقت ملي آهي، سو هاڻي تون سچي ڪر، نه ته پوءِ هيءَ نرار ڏني اٿئي، ڏڪ ئي هڪڙو هندوستانءِ. اهو ٻڌي زال يڪدم قاضيءَ جي پيرن تي ڪري پئي ۽ روئي چيائينس ته: سائين منهنجا! سڄي عمر گذري ويئي، پر توهان ڪجهه به نه ڏٺو... باقي اڄ ايتريءَ تي شڪ ڪيو اٿو- انهيءَ ڪان ته اڳو پوءِ ساري چڏيوم ها ته ستو هوا هاڻي ٻڌو، منهنجي پٽڙ ناني، سا برابر نج حبشڻ هئي- سو آن جي ڪا ليچ هن ندوريءَ ۾ اچي ويئي هجي ته الله کي خبر! آها ڳالهه ٻڌي قاضيءَ کي ڏندين آگريون اچي ويون.

قاضيءَ دل ۾ خيال ڪيو ته شهزادا آهن برابر چارئي عقلمند، پر انهن مان جيڪو وڏيڪ عقل وارو هجي، تخت جو لائق اهو آهي- سو ويهي اِها ڳالهه سوچڻ لڳو. نيٺ اِها ڳالهه عقل ۾ آيس ته پهرين ٽن شهزادن مان هرهڪ شيءِ جو ذائقو وٺي، پوءِ آن جي اوڻائي ظاهر ڪئي، پر سچ پچ ڪمال ته آن چوٿين شهزادي جو آهي، جو رکو پري کان ڏسڻ مان ايڏي حقيقت پروڙي ويو! سو واقعي هن ۾ ڪا وڏي مٽيا آهي، ۽ پڳ جو حقدار به اهو ئي آهي. دل ۾ اهو فيصلو ڪري، ٻئي ڏينهن چئني شهزادن کي اچي ٻڌايائين. اها ڳالهه پين ٽن ڀائرن به قبول ڪئي.

پوءِ چارئي شهزادا، قاضي کان موڪلائي پنهنجي ملڪ موٽي آيا، ۽ پڳ وارو شهزادو تخت تي ويٺو. باقي ٽن ڀائرن مان هڪڙو هن جو وڏو وزير، ٻيو خزاني جو ڪنجيدار، ۽ ٽيون لشڪر جو سپه سالار ٿي ويٺو— اهڙيءَ طرح چارئي ڀائر پنهنجو راڄ ڀاڳ سنڀالي ويهي رهيا. ڪالهه ڏٺاسون ته چارئي ڀائر گڏيا، گهوڙن تي چڙهيو شڪار ڪرڻ پئي ويا.

٢٩- سؤ گهوڙن وارو سوداگر*

هڪڙو هو بادشاهه، جنهن کي اچي شوق ٿيو ته هڪ رنگا گهوڙا گڏ ڪجن. سو پنهنجي وزير کي حڪم ڪيائين ته: هڪ رنگ جا هڪ سؤ گهوڙا وٺي اچ، ۽ جيڪو به خرچ ٿئي، تنهن جي توکي اجازت آهي. وزير، گهوڙن جي ڳولا ۾ گهمندي گهمندي اچي هڪڙي سوداگر سان ملاقاتي ٿيو، جنهن وٽ هڪ سؤ سرخا گهوڙا بيٺل هئا. وزير هن کي ٻڌايو ته: بادشاهه سلامت کي ساڳئي رنگ روپ جا گهوڙا گهرجن... تو وٽ اهڙا گهوڙا بيٺل آهن، آهي ڏي ته ڪاهي وڃان— انهن جي عيوض جيڪا به قيمت وٺندين، سا ڏيڻ لاءِ تيار آهيان. سوداگر چيو ته: اي وزير! هي گهوڙا اٿين ٿي بيڪار بيٺا منهنجو خرچ کائين. تنهنڪري آهي سڀ بادشاهه کي سوکڙيءَ طور ڏيڻ ٿو چاهيان— انهن جي قيمت اصل نه وٺندس. وزير آهي سڀ گهوڙا ڪاهي، اچي بادشاهه جي خدمت ۾ پيش ڪيا، جن کي ڏسي هو ڏاڍو خوش ٿيو.

ڪجهه ڏينهن گذرڻ کان پوءِ تقدير الاهي سان اهو سوداگر ڪنگال ٿي پيو. اهڙو ڪنگال ٿي ويو جو کائڻ لاءِ به نه رهيس. آن وقت اها ڳالهه ياد آيس ته، فلاڻي بادشاهه کي سؤ گهوڙا بنا پئسن جي سوکڙيءَ طور ڏنا هئم— ان وٽ وڃان، من ڪا مدد ڪري! اهو خيال ڪري اچي وزير سان مليو ۽ کيس سمورو احوال ٻڌايائين. وزير کيس مدد ڪرڻ جو واعدو

---

* هيءَ ڳالهه اتر (تعلقي روهڙي) مان عبدالرزاق ميمڻ کان ملي.

ڪيو ۽ وجهه ولي هن ڪي بادشاهه مان ملايو. وزير بادشاهه کي ٻڌايو ته: هيءُ آهو سوداگر آهي، جنهن سائينجن لاءِ سؤ هڪ رنگا گهوڙا تحفي طور ڏنا هئا... هن وقت سندس حالت تمام تنگ آهي، ۽ مدد جي اميد رکي آيو آهي! بادشاهه پهرين ته سوداگر ڏانهن ڪوبه توجهه نه ڏنو، پر پوءِ حڪم ڪيائين ته: سوداگر کي سرڪاري خزاني مان روز هڪ رپيو ڏنو وڃي، جنهن مان سڄ وٺي، اُن مان واٽ وٽي روز شام جو بازار ۾ نيڪال ڪري اچي. اُن مان جيڪا به پيدائش ٿئي سا سرڪاري خزاني ۾ آڻي جمع ڪرائي. ان بعد شاهي مهمانخاني ۾ سندس رهڻ جو بندوبست ڪيو وڃي.

سوداگر، بادشاهه جي انهي حڪم تي دل ۾ ڏاڍو رنج ٿيو. چيائين ته بادشاهه سنهنجو چڱو قدر سڃاتو آهي! پر مجبوري تمام بڇڙي شيءِ آهي، جنهن هن کان واٽ وٽڻ جهڙو خسيس ڪم ڪرايو. ٻئي ڏينهن حڪم موجب هو خزانچيءَ کان رپيو وٺي بازار مان سڄ خريد ڪري، ان مان واٽ وٽڻ لڳو. هن اڳ ڪڏهن به واٽ نه وٽيو هو. سو سمورو زيان ڪري وڃي رهيو، ۽ جيڪو واٽ وٽائين، تنهن جي بازار مان پنج ٽڪا قيمت مس مليس، جا هن سرڪاري خزاني ۾ آڻي جمع ڪرائي. ٻئي ڏينهن سوداگر جو ساڳيو حال رهيو، پر پوءِ انهيءَ ڪم تي ڏيان ڏيڻ شروع ڪيائين. آهستي آهستي آزمودو ٿيندو ويس... تان جو سندس روزاني پيدائش پنجن ٽڪن مان وڌي اچي پنجاهه ٽڪن تائين پهتي.

ڪجهه وقت کان پوءِ سوداگر واٽ وٽڻ جو سٺو ڪاريگر ٿي ويو، سندس واٽ سهڻو ۽ سٺو ٿيڻ لڳو. تنهنڪري پيدائش به وڌندي وڌندي ٻن رپين تائين وڃي پهتي. بادشاهه خزانچي جي معرفت هن جي سموري حساب ڪتاب جي خبر لهندو هو. سوداگر، ماني بادشاهه سان گڏ کائيندو هو، رهڻ لاءِ جدا محلات، پر پورهيو واٽ وٽڻ جو ڪرڻو پوندو هئس،

هو دل ئي دل ۾ پيو وٽ ڪائيندو هو تہ: بادشاهہ واهہ جي دوستي نباهي آهي. سونکي ڪٿي ڪهڙيءَ ڪنيو جو هن وٽ مدد لاءِ آيس. بادشاهہ کي خزاني جي ڪهڙي بک؟ جيڪڏهن لک سوا مٿهرن جو کٽي ڏئيم ها ڇا ٿي پويس ها؟ ويچارو سوداگر اهي پور پچائيندو، روزانو واڻ وٺي بازار ۾ وڪڻندو رهيو. تان جو اچي ڇهہ مهينا گذريا. آخر هڪڙي ڏينهن جڏهن بادشاهہ کي اطلاع مليو تہ سوداگر جي ڪمائي هاڻي پٽي ٿي آهي. تڏهن هن کي گهرائي چيائين تہ: دوست سوداگر! هاڻي گهر جيڪي گهرڻو اٿئي! هينئر آءٌ هرطرح تنهنجي مدد ڪرڻ لاءِ تيار آهيان. اتي سوداگر کي هيڪاري حيراني وٺي ويئي، ۽ ڏاڍي ڏک مان بادشاهہ کي چيائين تہ: بادشاهہ سلامت! سون تنهنجي پرپٽ ياري مڃي هئي. دوستي انهيءَ لاءِ رکبي آهي تہ ڪا نہ مهل ڪنهن جهڙي– هڪ سچ ۽ پاچا، وانگر جيڪڏهن ڪو دوست ڪري پوي تہ ان جي مدد ڪري سگهجيءَ سو آءٌ بہ تو ۾ اميد ڇاٽي مدد لاءِ آيو هئس. پر ارمان آهي جو تو مدد تہ مدد جي ماڳ، آٽلو سونکي اهڙي خسيس ڪم تي ڪٿي ڇڏيو، جنهن کان بڌي مرڻ بهتر هو. پر هڪڙو پرديس، پيو پاڻ ڏاڍي سان دوستي، ٿيون مسڪيني حالت، تنهنڪري سٺور پئي، توهان جي حڪم جي تعميل ڪندو رهيس. توهين چاهيو ها تہ ٿونکي آن وقت ئي مدد ڪري سگهو ها، پر ڇهہ مهينا بيڪار ويهاري پوءِ مدد ڏيڻ، آن جو سبب خبر ناهي تہ ڪهڙو؟ تڏهن بادشاهہ، کلي جواب ڏنس تہ: دوست! سون بہ تنهنجي پرپٽ ياري مڃي هئي. جڏهن تون ڏتڙيل حالت ۾ سون وٽ پهتين، تڏهن سمجهيم تہ پاڳ، تو وڏان سوڪلائي ويو آهي. انهيءَ وقت آءٌ توکي کٽي مڃي بادشاهي ڏيان ها تہ بہ تنهنجا اهي ئي ساڳيا حال وڃي ٿين ها. تنهنڪري خيال ڪيم تہ جيستائين تنهنجو پاڳ، وري، تيستائين توکي هٿ ۾ خزانو نہ ڏيان تہ چڱو. هاڻي تنهنجي بخت جي خبر ڪيڻ پويم تہ ڪڏهن ٿو

وارو وريئي— تنهنڪري اها الڪل ڪئي تہ تون سڄ وٺي، واڻ ٿاهي وڪٽين. جيستائين توتي نياڳ جو اثر هو، تيستائين پٺي نقصان پيو، جڏهن ڏٺم تہ هاڻي تنهنجو ڀاڳ سٺائو ٿيو آهي، ۽ جنهن ڪم ۾ هٿ وجهندين تنهن مان فائدو ئي فائدو ٿيندو، تڏهن توکي چوان ٿو تہ جيڪي گهرڻو اٿئي سو گهرُ! اها سموري حقيقت ٻڌي سوداگر، بادشاهہ جو تمام شڪرگذار ٿيو ۽ چيائين تہ: بادشاهہ سلامت! جيڪڏهن هاڻي منهنجو ڀاڳ وريو آهي، تہ الله تعاليٰ اڪيتي پنهنجي مان ئي گنج ڪري ڏيندو. آءٌ اوهان جي هاڻي مدد وٺڻ نٿو گهران. ايتري ۾ سوداگر ڏانهن قاصد آيو تہ: اوهان جو سامان سميت جيڪو جهاز توائي ٿي ويو هو، سو لڌو آهي. ٿوريءَ دير بعد وري ٻيو قاصد آيس تہ: فلاڻي حساب ۾ ليکي جي چڪ هئي، جا لڌي آهي، آن مان تنهنجا هيترا پيسا وريا آهن. مطلب تہ سوداگر لاءِ رنگ لڳي ويا. پوءِ بادشاهہ ۽ وزير کان موڪلائي، پنهنجي ملڪ ڏانهن موٽيو، ۽ وري پنهنجي ڪاروبار کي لڳي ويو.

---

٣٠. سامُونڊ سوداگر*

ساموني نالي هڪڙو سوداگر ڪنهن ولايت ۾ رهندو هو، جنهن کي ٻه جوان پٽ هئا. ٻنهي جي شادي ڪيل هئي، پر ننڍي جي زال تمام سهڻي هئي، جنهن جي هاڪ ٻين ملڪ پکڙيل هئي. هي ٻئي زال مڙس ٻه هڪٻئي تي آڪن چڪس هوندا هئا، ۽ وسئون هڪٻئي کان جدا نه ٿيندا هئا. هڪڙي ڏينهن سامون سوداگر، پنهنجي ٻنهي پٽن کي سڏائي چيو ته: بابا! الله جي فضل ڪرم سان پنهنجي گهر ۾ مال ملڪيت سڀڪجهه آهي، ايتري قدر جو اوهان جي سڄي ڄمار لاءِ ڪافي آهي؛ پر تڏهن به ڪاڏي ڪوهه ڪٽيو وڃن، تنهنڪري منهنجي صلاح آهي ته ڪا اهڙي ڪرت شروع ڪريو، جنهن سان ڪجهه آپراسو به ٿئي. اها ڳالهه ٻڌي ننڍي پٽ دل ۾ خيال ڪيو ته بابو سچ ٿو چوي، سو هڪدم ٻارهن غوراب ڪٺوريءَ سان ڀرائي، ڏورانهن ملڪن ڏانهن واپار لاءِ روانو ٿي ويو.

ڪجهه ڏينهن جي سفر ڪاٽ پوءِ، هن جي غورابن وڃي ڪنهن ملڪ جي ڪناري سان لنگر هنيو. انهيءَ ملڪ جي بادشاهه کي جو خبر پيئي ته ڪي جهاز ڪٺوريءَ سان ڀرجي آيا آهن، سو پنهنجي وزير کي موڪليائين ته سودو ڪري اچي. جڏهن ٻئي ڏريون واپار ۾ لهي آيون، تڏهن سوداگرزادو آهي سڀ جهاز ڪٺوريءَ جا بادشاهه کي وڪرو ڪري، پنهنجي

---

* هيءَ ڳالهه لاڙ (تعلقي ٽٽي) مان عبدالله گندري کان ملي.

ملڪ موٽيو. جيئن ته هن واپار مان تمام گهڻو نفعو ٽيو هوس
تنهنڪري ڏاڍو خوش هو.

هوڏانهن هڪڙو ديو هو، جنهن نَنڍي سوداگرزادي
جي زال ڪنهن طرح ڏسي ورتي هئي ۽ ان تي اڪن چڪن
ٿي پيو هو. تنهن جو ڏنو ته هينئر سوداگرزادو ڪونهي، سو
هڪڙي ڏينهن وجهه وٺي، فقيرن جو ويس ڪري، سڌو اچي
سامون سوداگر جي در تي صدا هنيائين. ننڍي سوداگرزادي
جي زال فقير جي صدا ٻڌي، جيئن خيرات ڏيڻ لاءِ ٻاهر نڪتي،
تيئن ديو وجهه وٺي هن کي کڻي اڏامي ويو. جڏهن سوداگرزادو
ڏيساور کان پنهنجي گهر موٽي آيو، تڏهن خبر پيس ته سندس
زال ته ڪو ديو کڻي ويو آهي. اها ڳالهه ٻولهه ٻڌي ڏاڍي
وسواس ۾ پئجي ويو. نيٺ نوڪرن چاڪرن کان پڇا ڳاڇا
ڪيائين ته: ڪنهن ديو کي ڏٺو ته هو ڪهڙي پاسي
ويو؟ پوءِ هن جوان به گهوڙي تي چڙهي وٺي کڻي اوڏانهن
رخ ڪيو.

ڪجهه ڏينهن جي پنڌ کان پوءِ هي هڪڙي باغ ۾
اچي پهتو. ڏسي ته باغ سڄو سڪو پيو آهي، ۽ هڪڙو
سامي فقير آهي، جو آلُوٽ ننڊ ۾ ستو پيو آهي. هن چاڪيو جو
گهوڙي تان لهي ٽڪ ٽِڪائين، ۽ پوءِ انهيءَ باغ ۾ رهي پيو.
مڃاڻ فقير ڪو ڇهه مهينا سمهندو هو ۽ ڇهه مهينا جاڳندو
هو. سوداگرزادي به ڏٺو ته خدا جي پيارن جيڪڏهن سولي هوندي
ته هن فقير جي هٿان مڙيئي ڪا مدد ٿيندي. سو ويهي هن
جي جاڳڻ جو انتظار ڪرڻ لڳو. هو ڏينهن جو باغ ۾ محنت
ڪندو هو، ۽ رات جو اتي ئي آرام ڪندو هو. ٿوري گهڻي
ڏينهن باغ سڄو سائو ٿي ويو، پر سامي فقير اڃان ننڊ مان
نه جاڳيو. جڏهن پورا پنج مهينا گذريا، تڏهن هڪڙي ڏينهن
سامي فقير ننڊ مان سجاڳ ٿيو. ڏسي ته مارا سڄو باغ سائو
ٿيو پيو آهي ۽ ڏاڍا گل ڦل ميوا وغيره بيٺا آهن. ايتري ۾

سوداگرزادو بہ اچي پيرن تي ڪريس. سامي فقير دعا ڪري چيس تہ: ٻچا! تون ڪوڏاڍو سعادتمند ٿو ڏسجين، هاڻي ٻڌاءِ تہ تون هتي ڪهڙي ڪم سان آيو آهين؟ اتي سوداگرزادي سڄو حال ڪري ٻڌايس. سامي فقير سڄو احوال ٻڌي چيس تہ: ٻچا! دلجاءِ ڪر. خدا گهريو آهي تہ سڀ سٺائي ٿيندي. هاڻي اڳتي منهنجو وڏو ڀاءُ ويٺو آهي، توکي ان ڏانهن نشاني ڏيان ٿو، اهو تنهنجي مدد ڪندو. سوداگرزادو اها نشاني وٺي پنڌ پيو.

سوداگرزادو ٿوري گهڙي ڏينهن هڪليندو اچي هڪڙي باغ ۾ پهتو. ڏسي تہ اهو باغ بہ سڄو سڪو پيو آهي. هڪڙي جهوپڙي آهي، جنهن ۾ سامي فقير ستو پيو آهي. هن کي پڪ ٿي تہ اهوئي هن سامي فقير جو ڀاءُ آهي، سو ساڳيءَ طرح وري بہ ٻيهي باغ کي پاڻي ڏيڻ لڳو. ٿوري گهڙي ڏينهن اهو باغ بہ سائو ٿي ويو، ۽ سامي فقير جي سجاڳ ٿيڻ جو انتظار ڪرڻ لڳو. آخر هڪڙي ڏينهن اهو فقير سجاڳ ٿيو، ۽ باغ کي سائو ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو. اتي سوداگرزادو بہ وڃي سامي فقير کي ڏاڍي ادب سان گڏيو. فقير چيس تہ: ٻچا! آءٌ تنهنجي محنت ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو آهيان. هاڻي ٻڌاءِ تہ تون ڪهڙي ڪم سان آيو آهين؟ سوداگرزادي هن کي سامي فقير واري نشاني ڏيئي سموري احوال کان واقف ڪيو. سامي فقير اهو احوال ٻڌي چيس تہ: سونکي برابر انهيءَ ديو جي خبر آهي — پر اهو تمام خراب ديو آهي، ۽ ان سان هٿ اٽڪائڻ سٺو نہ آهي. پر تون منهنجي ڀاءُ جي چٺي کڻي آيو آهين، تنهن کان سواءِ منهنجي بہ خدمت ڪئي اٿئي، تنهنڪري هاڻي هيئن ڪر، جو سون وٽ ٻارهن مهينا رهي پئو، جو توکي ڪجهہ سيکارڻو اٿم. تنهن کان پوءِ توکي اوڏانهن روانو ڪندس! سوداگرزادو اهو ٻڌي اتي ويهي رهيو.

ساميءَ فقير هن کي روز ڪجهه نه ڪجهه سيکاريندو رهيو. جڏهن ٻارهن مهينا پورا ٿيا، تڏهن هڪڙي ڏينهن ساميءَ فقير هن کي گهرائي چيو ته: پٽ! هيئن ڪر، جو تون هي سڌو رستو وٺيو هليو وڃ—اڳتي ويندين ته اتر طرف هڪڙي گهٽي نظر ايندئي. اتي هڪڙو لوهار ويٺو آهي، جو توکي ٽي ڪِلا ٺاهي ڏيندو. پوءِ آهي ڪلا وٺي، تون اڀرندي طرف هليو وڃج... ڪجهه پنڌ کان پوءِ اڳيان هڪڙو سونو محلات نظر ايندئي. اتي پهچي ٻه ڪلا هيٺ هٿ ۾ ٽيون ڪلو دروازي تي هڻج ته دروازو کلي پوندو. اندر ويندين ته اتي توکي هڪڙي زال ستل نظر ايندي، پوءِ جيڪا حقيقت ڪرڻي هجئي سا ان سان ڪج! هو اهي ڏس پتا ياد ڪري، ساميءَ فقير کان موڪلائي اوڏانهن روانو ٿيو. ٿوري گهڻي ڏينهين هيءُ لوهار وٽ اچي پهتو، جنهن کان ٽي ڪلا ٺهرائي، اچي ان محلات وٽ پهتو. جڏهن هيءُ محلات وٽ پهتو، تڏهن ديو کي خبر پئجي ويئي، تنهن يڪدم ڪو منتر پڙهي ڪٽي مٺس شوڪاريو، ته هو ويچارو اتي جو اتي پنڊ پهڻ ٿي پيو.

هوڏانهن جڏهن وڏي ڀاءُ ڏٺو ته ننڍو ڀاءُ اجان ڪونه وريو، تڏهن سهي سنهري ڀاءُ جي ڳولا ۾ روانو ٿيو. هو به اهڙيءَ طرح ساميءَ فقير واري باغ وٽان ٿيندو، لوهار کان ڪِلا گهڙائي اچي محلات وٽ پهتو. پر ديو کي وري به خبر پئجي ويئي، تنهن هن کي به ڀاڻس وانگر پنڊ پهڻ ڪري ڇڏيو. هوڏانهن ٿوري گهڻي ڏينهن وڏي سوداگرزادي کي پٽ ڄائو، جنهن جو نالو بانڪو بهادر رکيائون. بانڪو بهادر اڄ ننڍو سپاٽي وڏو، نيٺ اچي جوان ٿيو. جڏهن هن کي پيءُ ۽ چاچي جي خبر پيئي، تڏهن هي سهي سنهري انهن جي پويان روانو ٿيو. ڦريائين هن کي به ساميءَ گڏيو، جنهن هن کي نشاني ڏيئي پنهنجي وڏي ڀاءُ

ڏي موڪليو، ۽ انهيءَ وري ساڳيءَ طرح لوهار جو ڏس ڏيئي ڇڏيس. هيءُ جوان به اتان سڌو آيو لوهار وٽ، ۽ ان کان تي ڪيلا وٺي، سڌو اچي ديو جي محلات وٽ پهتو. جڏهن محلات کان اجان پري هو، تڏهن اتيئي لڪي ويهي رهيو، ته پلي ديو محلات کان ٻاهر نڪري. جڏهن گهڻيءَ دير کان پوءِ ديو کي ٻاهر ويندي ڏٺائين، تڏهن هيءُ ساڻ ساڻ ڪري سڌو آيو محلات جي در تي، ۽ ساميءَ فقير جي چوڻ موجب، ٻه ڪيلا هيٺ هنيائين ۽ ٽيون در تي— ته هڪدم دروازو کلي پيو. هن ڏٺو ته برابر اندر هڪڙي مائي ويٺي آهي. اها حقيقت ۾ ننڍي سوداگرزادي جي زال هئي، جا ديو کڻي آيو هو. بانڪي بهادر وڃي وڃي هن کي پيرين پيو، ۽ سموري حقيقت ٻڌايائينس. سوداگرزادي جي زال بانڪي بهادر کي پاڪر پائي اچي روئڻ ۾ پيئي ۽ چوڻ لڳيس ته: تون ڇو هتي موت جي منهن ۾ آيو آهين؟ ڇگو ائين آهي ته تون ديو جي اچڻ کان اڳ ۾ ئي موٽي وڃ. پر بانڪي بهادر دلجاءِ ڏنيس ته: چاچي! تون ڪو به الڪو نه ڪر، آءٌ خدا جي فضل سان هن موذي کي ماري توکي آزاد ڪندس. پر هڪڙي ڳالهه آهي، جو تون ديو کان ڪنهن اٽڪل سان پڇ ته سندس ساهه ڪٿي رکيل آهي. پوءِ آءٌ پاڻهي ٿو پهچانس. ائين چئي هيءُ وري وڃي ساڳئي هنڌ لڪو. جڏهن رات جو ديو موٽي محلات ۾ آيو، تڏهن ڏسي ته سوداگرزادي جي زال ويٺي روئي، سو ڏاڍي ويچار ۾ پئجي ويو. نيٺ پڇيائينس ته: خير ته آهي جو تون ويٺي روئين؟ تڏهن سوداگرزادي جي زال چيس ته: سون اڄ خواب ۾ ڏٺو آهي ته توکي ڪنهن آدمزاد ماري ڇڏيو آهي، تنهنڪري روئان ٿي ته خدا خير ڪري، نه ته توکان پوءِ منهنجو ڪهڙو حشر ٿيندو! ديو اها ڳالهه ٻڌي، کِلي جواب ڏنس ته: تون چري آهين جو ايترو فڪر ٿي ڪرين، منهنجو ساهه

هڪڙي طوطي ۾ آهي، جو هڪڙي پڃري ۾ بند ٿيو، ٻاهر ٽنگيو پيو آهي. انهيءَ ڳالهه جي ڪنهن بني بشر کي خبر ڪانهي، تنهنڪري تون ڪنهن به قسم جو الڪو نه ڪر. سوداگرزادي جي زال اهو ٻڌي ماٺ ڪري سمهي رهي. جڏهن صبح ٿيو ۽ ديو شڪار جي لاءِ روانو ٿي ويو، تڏهن بانڪو بهادر به اتان نڪري سڌو محلات ۾ آيو ۽ اچي هن کان حال احوال پڇيائين، جنهن سمورو احوال ڪري ٻڌايس. هن جوان به نڪا ڪئي هم نڪا تم، سڌو وڃي طوطي جو پڃرو لاٿائين، ۽ ان مان طوطو ڪڍي ڪٺي هٿ ۾ ڪيائين.

هوڏانهن طوطو مٺ ۾ بند ٿيو، ۽ هيڏانهن ديو جو ساهه منجهڻ لڳو. يڪدم مينهن واءُ ڪري اچي محلات وٽ پهتو. ڏٺائين ته پڃرو خالي آهي، سو سمجهي ويو ته موت اچي سِر تي ڪڙڪيو، تڏهن سوداگرزادي کي منٿون آزيون

ڪرڻ لڳو ــ چئي: مڃاڻ توکي بانکو بهادر آهين! بانڪي بهادر چيس ته: صحيح سڃاتو اٿئي، پر جيترا ماڻهو پنڊ پهڻ ڪيا اٿئي، انهن سڀني کي اصل حالت ۾ ڪر، ته پوءِ جيئدان ملنئي! ديو يڪدم منتر پڙهي ڇنڪاريو ته سڀئي ماڻهو اصلوڪي حالت ۾ ٿي ويا. پوءِ بانڪي بهادر وٺي جو طوطي کي نپوڙيو ته اهو اتي جو اتي مري ويو، جنهن سان گڏ ديو به مري ويو. پوءِ بانڪو بهادر پنهنجي پيءُ ۽ چاچي سان مليو ۽ پنهنجي چاچيءَ کي بند مان ڪڍي، چاچي جي حوالي ڪيائين، ۽ سڀ خوش خرم پنهنجي ملڪ روانا ٿيا.

۳۱- سوداگر ۽ هنس پکي*

ڪنهن شهر ۾ هڪڙو سوداگر رهندو هو، جنهن کي ڪوبه اولاد ڪونه هو، جنهنڪري ڏاڍو غمگين رهندو هو، هڪڙي ڏينهن ڪنهن فقير کان ڏس مليس ته: پکين جي خدمت ڪندو ڪر، ۽ کين روزانو ان. سيوو وغيره کارائيندو ڪر، ته تنهنجا مطلب پورا ٿين. پوءِ هيءَ اولاد جو سڪايل سوداگر روزانو پنهنجي جاءِ جي ڪُنڊ تي ڪيترو ئي ان ۽ سيوو پکين جي کائڻ لاءِ رکي ڇڏيندو هو، جيڪو پري پري جا پکي اچي کائي خوش ٿي ويندا هئا.

هڪڙي ڏينهن ڪنهن ولايت جا ٻه هنس ٻه اچي اُتي ويٺا ۽ پر بجاءِ ڪجهه کائڻ پيئڻ جي، هڪڙي هنڌ ماٺ ڪري ويهي رهيا. سوداگر جو اُتي بيٺو هو، تنهن کانئن پڇيو ته: توهين ڇو ڪجهه کائو ڪونه ٿا؟ تڏهن پکين چيس ته: اسان جي خوراڪ موتي آهن، هي ان ۽ سيوو اسين ڪونه کائون، تنهنڪري ماٺ ڪري ويٺا آهيون. تنهن تي سوداگر يڪدم موتي گهرائي انهن هنس پکين کي ڏنا، جي کائي خوش ٿي هليا ويا. هڪڙي ڏينهن سوداگر پنهنجي گهر جي ڪُنڊ تي بيٺو هو، ته ڏسي ته ٻه نر ماد هنس پکي سندس مٿان پيا اُڏامن. ٿوريءَ دير کان پوءِ نر ته هڪڙي طرف هليو ويو، باقي مادي لهي اچي سندس ڪُنڊ جي هڪڙيءَ ڪنڊ تي ويٺي. سوداگر ويجهو اچي هن کان پريشاني جو سبب پڇيو. تڏهن ان جواب ڏنس ته: اي سوداگر! اسين مسافر آهيون، هينئر اسان جي

*هيءَ ڳالهه اتر (تعلقي روهڙي) مان عبدالرزاق سيمڻ کان ملي.

موٽڻ جي مند آهي. تنهنجي ماڙيءَ جي جاري ۾ منهنجو آنو رکيل آهي- آهو ڪٿي اسين وڏي مسافري ڪري نتي سکهياسين، تنهنڪري آنو اتي ئي ڇڏي هليا وياسين. پر مونکي آني جي ڪشش اڏ وات تان موٽائي ورتو- هاڻي آءٌ ته اتي ويهي رهيس، پر منهنجو مڙس موٽي وطن هليو ويو- تنهنڪري وطن جي ڇڪ ۽ مڙس جي جدائيءَ ۽ ارمان ۾ ويٺي آهيان. هاڻي جي تون ڀلائي ڪري منهنجي آني جي سنڀال ڪرين ته جيڪر آءٌ بي اوني ٿي هلي وڃان! سوداگر جي هائوڪار ڪرڻ تي، ان پکيءَ کيس سمجهايو ته: هن آني کي چاليهه ڏينهن صندوق ۾ بند ڪري رکج، پوءِ هن مان هڪڙو ٻچو پيدا ٿيندو، ان کي ڇگيءَ طرح سانڍج ته هو توکي ڪنهن نه ڪنهن وقت ڪم ڏيئي ويندو. ائين چئي، مادي خوش ٿي آڏامي هلي ويئي.

سوداگر انهيءَ وقت وڃي جاري مان آنو کڻي، صندوق ۾ بند ڪري رکيو. چاليهن ڏينهن کان پوءِ ان مان ٻچو پيدا ٿيو، جنهن کي هن ڇگيءَ طرح سانڍڻ شروع ڪيو. سوداگر سان گڏ سندس زال، ماءُ ۽ پيءُ کي ٻه ان ٻچي سان اهڙو پيار ٿي ويو، جو ان کي پنهنجو پٽ ڪري سڏڻ لڳا. آخر ٿوري گهڻي ڏينهن ٻچو اچي وڏو ٿيو. ڪجهه ڏينهن کان پوءِ سوداگر واپار لاءِ سنبريو. هلڻ وقت زال کي چيائين ته: مان هن پنهنجي پٽ کي ٻه پاڻ سان وٺي ويندس. تڏهن زال چيس ته: هي منهنجي لاءِ هڪڙي وندر آهي، تنهنڪري هن کي هتي ئي ڇڏي وڃ. پر سوداگر نه مڃيو ۽ هنس پکيءَ جي ٻچي کي پاڻ سان وٺي، پيڙا هاڪارائي هليو ويو.

واپار ڪندي سوداگر کي ٽي چار مهينا گذري ويا. هڪڙيءَ رات خواب ڏٺائين ته، اڄ رات جيڪو ماڻهو پنهنجي گهر ويندو، ان جي گهر واريءَ کي اميد واري ٿيندي ۽ ان کي اهڙو پٽ ڄمندو، جو روزانو هڪڙو موتي اوڳاريندو. انهيءَ خواب سوداگر کي ڏاڍو پريشان ڪيو. دل ۾ خيال

ڪيائين ته آخر ڇو مهينن جي مسافري هڪ ئي رات ۾ ڪيئن ٿي سگهندي؟ هنس پکيءَ هن کي پريشان ۽ غمگين ڏسي، کانئس پڇيائين جو سبب پڇيو، جنهن کيس خواب واري ڳالهه ٻڌائي، ۽ چيائينس ته: جيڪر اڄ رات پنهنجي وطن ۾ هجون ها ته مونکي به اهڙو پٽ ڄمي ها. تڏهن هنس پکي دلاسو ڏيندي چيس ته: سوداگر! نااميد نه ٿي، منهنجي ڪُڇيءَ تي چڙهي ويهه، ته سان اڄوڪيءَ رات ۾ توکي وطن پهچائي ڇڏيان. سوداگر اهو ٻڌي، انهيءَ وقت تيار ٿي هنس پکيءَ جي ڪُڇيءَ تي چڙهي ويٺو، جنهن هن کي اڌ رات کان اڳ اچي پنهنجي گهر پهچايو.

سوداگر پنهنجي زال سان مليو. رات جو وقت هو، جنهنڪري سوداگر کي گهر جي ڀاتين سان ڪنهن به نه ڏٺو هو. اسر مهل جڏهن واپس ٿي وريو، تڏهن زال چيس ته: هڪ به ڏينهن هتي رهي پئو، ته تنهنجا مائٽ به توکي ڏسن... جي هينئر ئي هليو ويندين ته پوءِ جيڪڏهن مونکي اميدواري ٿي، ته تنهنجو پيءُ ماءُ مونکي گنهگار سمجهندا. مگر سوداگر نه مڃيو ۽ چيائينس ته: سان اڄ ضرور واپس ويندس، ڇو ته هوڏانهن مون کان سواءِ، منهنجي لکن جي ملڪيت تباهه ٿي ويندي. باقي بابي ۽ امان جي تسليءَ لاءِ تسو وٽ پنهنجو لکڻ نشانيءَ طور ڇڏي وڃان ٿو. زال ويچاري ماٺڙي ڪري ويهي رهي، ۽ سوداگر پنهنجي ماءُ پيءُ سان ملڻ کان سواءِ ئي هنس تي چڙهي واپس هليو ويو.

ستين مهيني سڀني کي خبر پئجي وئي ته سوداگر جي زال کي اميدواري آهي. جڏهن سندس سس ۽ سهري کي خبر پئي، تڏهن هن ويچاريءَ تي ٽپي باهه ٿي ويا ۽ چيائونس ته: ڪارمنهين! ڪهڙو نڪ ڪٽي هتي ويٺي آهين ... هتان نڪري وڃ! هن ويچاريءَ گهڻئي دانهون ڪوڪون ڪيون، پنهنجي مڙس جي نشاني ڏيکاريائين، پر ڪنهن به نه ٻڌس. هنن نوڪرن کي حڪم ڏنو ته: هن رن کي ڪٺي وڃي بر پٽ ۾ ڦٽو ڪري اچو. جي هن

بيگناهہ کي وڻي جهنگ ۾ ڇڏي آيا. هوءَ ويچاري اتي بر پٽ ۾ ٿي ڀٽڪندي رهي. خدا جي قدرت سان ٻئي ڏينهن هڪڙو بادشاهہ اچي انهيءَ بر پٽ مان لنگهيو، جو اتي هڪڙي حسين ۽ نوجوان عورت کي ڏسي لهي پيو، ۽ هن کان خبرون پڇڻ لڳو. سوداگر جي زال پنهنجي سموري حقيقت بادشاهہ کي ڪري ٻڌائي. هن جو درد ڀريو داستان ٻڌي، بادشاهہ سهي ڪيو تہ هن ويچاريءَ سان ظلم ٿيو آهي، تنهن قياس آڻي، کيس ڌيءَ بنائي، وٺي آئي پاڻ سان گڏ محلات ۾ رهايو— جتي ويچاري زندگيءَ جا ڏکيا سکيا ڏينهن بادشاهہ جي حفاظت ۾ گهارڻ لڳي.

قصو ڪوتاهہ— ڏهين مهيني هن کي هڪڙو خوبصورت پٽ ڄائو، جنهن جي وات مان روزانو هڪڙو موتي نڪرندو هو، جو دائي کڻي ويندي هئي. اهڙيءَ طرح ست ڏينهن برابر دائيءَ کي موتي ملندا رهيا. ستن ڏينهن کان پوءِ، ڇوڪري جي ماءُ دائيءَ کي چيو تہ: هاڻي مان تندرست آهيان، تنهنڪري تنهنجي اچڻ جي ضرورت ناهي. دائيءَ ستن ڏينهن وارا گڏ ٿيل موتي وڃي پنهنجي مڙس کي ڏنا. هو موتي ڏسي اچي لالچ ۾ پيو ۽ پنهنجيءَ زال کي چيائين تہ: اهو ڇوڪرو مونکي آڻي ڏي، نہ تہ ڦاهو کائيندس يا توکي ماريندس. دائيءَ چيس تہ: هوءَ بادشاهہ جي ڌيءَ ٿي سڏجي، ان جو پٽ مان ڪيئن آڻيان؟ پر جڏهن مڙس نہ مڃيو، تڏهن مجبور ٿي هوءَ سوداگر جي زال وٽ آئي ۽ هن کي چيائين تہ: آمان! هڪ سوڻ اڃان ۾ رهجي ويو آهي، جو درياءَ جي ڪپ تي ٿيندو، ۽ جي اهو نہ ٿيو تہ توکي ۽ تنهنجي پٽ کي نقصان رسندو. سوداگر جي زال گهڻئي ٽاريو، پر دائيءَ نہ مڃيو ۽ هن کي پاڻ سان گڏ درياءَ تي هلڻ لاءِ چيائين. سوداگر جي زال لاچار پنهنجو ٻچڙو ٻانهيءَ جي حوالي ڪري، دائيءَ سان گڏ درياءَ ڏانهن رواني ٿي. جڏهن ٻئي ڄڻيون درياءَ تي پهتيون، تڏهن دائي بهانو ڪري چوڻ لڳي تہ: مارا! سوڻ لاءِ گل آڻڻ تہ وسري ويا.

چڱو... هاڻي تون اتي ئي ترس، ته مان ڊوڙ ۾ گل ڪٺيو ٿي اچان. ائين چئي دل ئي دل ۾ خوش ٿيندي، ڊوڙندي محلات ۾ آئي. اتي ٻانهي ويٺي ٻارڙي کي راند ڪرائي. ان کي چيائين ته : مائي! سوڻ لاءِ گل گهرجن، سو اهو ڇوڪرو مونکي ڏي ته آءٌ سنڀاليان، تون وڃي باغ مان گل پٽي اچ. ٻانهي، ٻار دائيءَ جي حوالي ڪري پاڻ ويئي باغ ڏانهن. پٺيان هن رکيو پيرن تي زور. ٻارڙو کڻي سڌو مڙس وٽ آئي، جو اڳ ۾ ئي گهوڙا تيار ڪريو، هن جي انتظار ۾ ويٺو هو. پوءِ ته يڪدم ٻئي زال مڙس گهوڙن تي چڙهي ٻار کڻي اتان هليا، ۽ اها بادشاهي ڇڏي وڃي ٻيءَ بادشاهي ۾ نڪتا.

هاڻي ڌن دولت جي ته هنن کي پرواهه ڪانه هئي، ڇو ته سوداگرزادو روزانو سچو موتي اوڳاريندو هو. هنن ٻه ڪجهه ڏينهن ڪان پوءِ ڪنهن ويران هنڌ تي وڃي هڪڙو نئون ڳوٺ ٻڌايو. جو پوءِ ٿورن ڏينهن ۾ تمام وڏو شهر بڻجي ويو. انهيءَ ڳالهه کي ڪيئي سال گذري ويا. سوداگرزادو به اچي جوان ٿيو هو، سو سمورو مال ملڪيت سنڀالڻ لڳو. دائيءَ ۽ سندس مڙس کي ماءُ ۽ پيءُ ڪري سڏيندو هو. هن پنهنجي شهر ۾ هڪڙو وڏو مسافرخانو ٺهرائي ڇڏيو. اتي جيڪو به مسافر اچي رهندو هو، ان کان حال احوال وٺڻ کان سواءِ نه ڇڏيندو هو.

هوڏانهن ويچاري سوداگر جي زال جڏهن درياءَ تي ويهي ٿڪي، ۽ دائي به نه موٽي، تڏهن واپس پنهنجي گهر پهتي. اتي پنهنجو پٽ نه ڏسي اچي روئڻ ۾ پيئي، ۽ پاڻ کي ملامت ڪرڻ لڳي ته جي ٻچڙو هٿ کان نه ڇڏيان ها، ته جيڪر ڪيئن وڃي ها. پر هاڻي ڇا ٿيي سگهيو ٿي! بادشاهه سان حقيقت ڪيائين، جنهن دائيءَ پٺيان ڪيترا گهوڙي سوار موڪليا، پر سڀ ناآميد ٿي موٽي آيا. جڏهن سڀ اميدون ۽ آسرا لٿا ۽ پٽ جو پتو نه پيو، تڏهن بادشاهه کان موڪلائي، ويچاري پاڻ آئي پٽ جي ڳولا ۾ نڪتي. ڇا ڪيائين جو جوڳين

وارو مردانو ويس ڪري، ملڪ رلندي، جبل جهاڳيندي، ڀٽ جي ڳولا ڪندي رهي. اتفاق سان هڪڙي ڏينهن انهيءَ شهر ۾ اچي نڪتي، جيڪو سندس دائيءَ ۽ ان جي مڙس پڌايو هو. دستور موجب هوءَ پڻس جي مسافرخاني ۾ وڃي مهمان ٿي، جتي هن جي خاطرداري ٿيندي رهي. هن ويچاري کي جوڳيءَ جي ويس ۾، ۽ مسافرخاني ۾ رهندي ٻه ٽي مهينا گذري ويا، پر ڪانئس ڪنهن به حال احوال نه پڇيو. جو ته سوداگرزادي جي حڪم موجب جيسين هن کان حال احوال نه ورتجي، تيسين وچڙ جي اجازت ملي نٿي سگهي... تنهنڪري سڄو ڏينهن ڪٽين ۾ پنهنجي ڪوٺيءَ ۾ ويٺي روئندي هئي.

ٻئي طرف جڏهن سوداگر وڻج واپار ڪري واپس ڳوٺ پهتو، تڏهن پنهنجيءَ زال بابت بدراهيءَ جي الزام ڪري هن کي ڳوٺ نيڪالي ڏيڻ جون خبرون پڌي، تپي باهه ٿي ويو ۽ ماڻهن پيءَ کي چيائين ته: جڏهن مان پنهنجي نشاني به ڇڏي ويو هوس، تڏهن به توهان هن کي گهر مان ڪيئي ڇڏيو! هائي سنهنجي به الله توهارا مان به وڃان ٿو پنهنجي بيگناهه زال کي ڳولڻ، ۽ جيسين ان کي نه ڳولي لهندس، تيسين واپس نه ورندس. ائين چئي هو به اٿي پنهنجيءَ زال جي ڳولا ۾ روانو ٿيو. هلندي هلندي، خدا جي قدرت سان، هي به اچي ان ساڳئي مسافرخاني ۾ نڪتو، جيڪو پڻس ٺهرايو هو. سندس زال به جوڳيءَ جي مرداني ويس ۾ اتي ئي رهيل هئي. هو مسافرخاني ۾ رات جي وقت پهتو هو، ان وقت مينهن ۽ سردي اهڙي هئي، جو آلامان! تنهنڪري خيال ڪيائين ته جيسين مسافرخاني جي داروغي سان ملان، ۽ ڪا جدا ڪوٺي رهڻ لاءِ ملي، تيسين ڇو نه ٻئي ڪنهن سان ئي گڏجي اچوڪي رات ڪٽي گذارجي. اهو خيال ڪري هڪڙيءَ ڪوٺيءَ جو دروازو کڙڪايائين. سچان جو ان ڪوٺيءَ ۾ سندس زال، جوڳيءَ جي ويس ۾ ٽڪيل هئي، اها ٻاهر نڪري آئي. رات جي وڳڙي سبب، ٻنهي ڇڻ

هڪبڻي کي ڪونہ سڃاتو. سوداگر کيس رات سائس گڏ ٽڪڻ لاءِ چيو، پر هن خيال ڪيو تہ ڌارئي مرد سان ڪيئن رات گذارجي، تنهنڪري انڪار ڪيائين. پر جڏهن سوداگر منٿون ڪيس، تڏهن لاچار پاڻ سان گڏ رهڻ جي موڪل ڏنائين.

خبرون چارون ڏيندي وٺندي هنن ٻنهي هڪبئي کي سڃاتو، ۽ ائين اوچتو هڪبئي سان ملي ڏاڍو خوش ٿيا. سندن پٽ جيڪو ان وقت در تي بيٺو هو، ۽ سندن سڀ خبرون پئي ٻڌائين، تنهن کي ڪن ڳالهين تي اچي گمان ٿيو تہ منهنجا حقيقي ماءُ پيءُ شايد اهي ئي آهن، پر وري بہ پڪ ڪرڻ لاءِ پنهنجو منهن آرسيءَ ۾ جاچيائين، ۽ پوءِ وري سندس نقلي ماءُ پيءُ، دائيءَ دائي سان پيٽيان... نيٺ جڏهن پڪ ٿيس تہ هي دائي ۽ دايو منهنجا ماءُ پيءُ نہ آهن، تڏهن سڌو آيو دائيءَ وٽ ۽ انهيءَ مهل هن کي آڻي، سوداگر ۽ جوڪيءَ جي آڏو بيهاريائين. سوداگر جي زال، دائيءَ کي يڪدم سڃاتو، ۽ هن جا اهڙا اِتا پيتا ڪڍي ڪٽي ٻاهر ڪيائين، جو هن کي انڪار ڪرڻ جي ڪا واهہ ئي ڪانہ سُجهي. آخر دائيءَ سڀني ڳالهين جو اقرار ڪيو، ۽ هنن جي پيرن تي ڪري پيئي— چيئي: لالچ تي لڳي ڏائڻ ٿيس، پر اوهين پاڻ ڏانهن ڏسو. پوءِ نيٺ هنن ڪا ڳالهہ ڳٺي دائيءَ کي معافي ڏني، ۽ ٻنهي کي اتي ڇڏي سوداگر ۽ سندس زال، پٽ سميت موٽي پنهنجي وطن آيا، ۽ اچي پنهنجن مائٽن سان مليا، جي پڻ هنن کي ڏسي ڏاڍا خوش ٿيا، ۽ باقي عمر جا ڏينهن نهايت خير خوشيءَ سان گذارڻ لڳا.

---

٣٢. سوداگر جي سچاڻ زال*

ڪنهن ملڪ ۾ هڪڙو سوداگر رهندو هو، جو ڏاڍو سياڻو ۽ عقل وارو هو. سوداگر جي قوم جواني اچي ٽپي هئي، پر شادي ڪانه ڪئي هئائين. جيڪڏهن يار دوست چوندا هئس ته انهن کي جواب ڏيندو هو ته: آءٌ ڪنهن پاڻ جهڙي سياڻي ۽ عقل واريءَ زال سان شادي ڪندس. ٿيندي ٿيندي آخر هڪڙيءَ سوداگرزاديءَ جي واڪاڻ ٻڌي، ان سان شادي ڪرڻ لاءِ هائوڪار ڪيائين. خير سان سوداگر پرڻجي اچي گهر ويٺو ٿيو.

شاديءَ رات ڳالهين تان ڳالهيون ڪندي زال، مڙس کي چيو ته: سائين! مرد جي عورت سان پڄت ئي ڪانهي. جيڪڏهن زال ذات پنهنجيءَ تي اچي ته سيڪنجهه ڪري سگهي ٿي. مڙس جا اها ڳالهه ٻڌي، وائڙو ٿي ويو، ۽ زال کي چيائين ته: اها اڻ ٿيڻي آهي. هڪڙيءَ تي زال، ٻيءَ تي مڙس. آخر گهڻي تڪرار کان پوءِ مڙس، زال کي چيو: جي تون ضد ڪرين ٿي ته ٻڌ، آءٌ هينئر ئي سوداگريءَ جو سامان ٻڌي ٻيءَ ولايت ڏانهن ڪٽي وڃان ٿو، جتي ٻه سال ڪن رهندس. آءٌ توکي ڪوبه پئسو ڏوڪڙ ڪونه ٿو ڏيئي وڃان، پر ٻئي سال گهر جو خرچ پکو توکي ڪرڻو آهي، ۽ جڏهن آءٌ واپس اچان تڏهن تو وٽ هڪڙي هزارڻ گهوڙي، سينهن

---

* هن ڳالهه جون ٻه روايتون هڪ لاڙ (تعلقي ٽنڊي باگي) مان محترم زيب النساء لوهارڻ ۽ ٻي اتر (تعلقي ڪڪڙ) مان احمد خان ”آصف“ کان مليون. هن آکاڻي جا ڪي واقعا، بادشاهن جون آکاڻيون، جلد پهريون آيل ۾ آکاڻي ”شاهي شاهه ۽ جنڊڻ ماري“ سان مناسبت رکن ٿا.

جو وڳ، ڍڳين جو ڌڻ، ٻڪرين جو ڌڻ ۽ حق حلال جو پٽ هجي. جي تو وٽ اهي شيون نہ هونديون، تہ پوءِ آءٌ تنهنجو وري منهن ڪين ڏيندس... پر جي تو ائين ڪري ڏيکاريو، تہ پوءِ ساري عمر تنهنجو تابعدار ٿي گذاريندس. زال بہ هئي شيدتين، تنهن هڪدم ڪٿي مڙس جا شرط قبول ڪيا. اها رات جيئن تيئن ويهي گذاريائون، پشي ڏينهن اجان صبح ٿيوئي مس تہ سوداگر سامان سڙو تيار ڪري، سوداگريءَ جو مال ڪٺي، سفر تي روانو ٿي ويو.

سوداگر تہ هليو سفر تي، پر مائيءَ ڪي اڇي ڳڻتي ٿي تہ ناحق ضد ڪيم. خير، اڳيون ڳالهيون وساري همت جو سندرو ٻڌائين، ۽ مڙس کي ڪري ڏيکارڻ جو ارادو ڪيائين. پوءِ ڇا ڪيائين جو نوان پراڻا ڳهڻا ميڙي، گروي رکي پئسا هٿ ڪيائين. انهن مان پهرين هڪڙي هزارڻ گهوڙي مهينهن جو وڳ، ڍڳين جو ڌڻ ۽ ٻڪرين جو ڌڻ خريد ڪيائين. انهيءَ ڪم مان واندي ٿي، هڪڙي پروسي واري ماڻهوءَ کي سوداگر جي پٺيان موڪليائين، جنهن ٿوري وقت وقت کان پوءِ خبر آڻي ڏنيس تہ: سوداگر فلاڻي شهر ۾ رهيو پيو آهي. سوداگر جي زال بہ ڇا ڪيو جو ويس بدلائي، پنهنجي مائٽن مان هڪڙي وفادار ٻانهي ساڻ ڪري، انهيءَ شهر ۾ وڃي پهتي، ۽ هڪڙي جاءِ مسواڙ تي وٺي اتي رهڻ لڳي.

ڪي ڏينهن رهڻ کان پوءِ، هڪڙي ڏينهن سوداگر جي زال، ٻانهيءَ کي سوڪڙيون پاڪڙيون ڏيئي، سوداگر ڏانهن روانو ڪيو، ۽ چيائينس تہ: سوداگر کي منهنجا سلام ڏي. ٻانهي بہ سوداگر وٽ وڃي پهتي ۽ سوڪڙيون پاڪڙيون ڏيئي چيائينس تہ: منهنجي سائڻ جي برابر سهڻي هن ملڪ ۾ ٻي ڪابہ ملوڪزادي ڪانهي. اتفاق سان توهان کي ڏسي ورتو اٿس، هاڻي ناهيس ننڊ اکين ۾، ۽ نہ آرام. سو توهان ڏانهن هي

سوکڙيون موڪليون اٿس، ۽ سلام به چيا اٿس، سوداگر سوکڙيون سلام وٺي ڏاڍو سرهو ٿيو، ۽ پانهيءَ کي ڏاڍي عزت سان وڃهاري خبرچار وٺڻ لڳو. جڏهن پانهي هلڻ لڳي تڏهن سوداگر به ڪيتريون ئي قيمتي سوکڙيون هن ڏانهن موڪليون. اهڙيءَ طرح ڪجھ وقت تائين ته پنهي ۾ رکيو سلام ۽ ڪلام جو رستو جاري رهيو.

هڪڙي ڏينهن سوداگر وجهه وٺي، پانهيءَ کي چيو ته: منهنجي مرضي آهي ته آءٌ تنهنجي سائڻ جي مهماني ڪريان، تنهنڪري تون هن کان ڊائي وٺي اچ. پانهيءَ اچي پنهنجي مالڪيائيءَ سان ڳالهه ڪئي، جنهن چيس ته: سوداگر کي وڃي چئو ته ڀهرين سونکي پنهنجي منڊي ۽ رومال موڪل ته پوءِ آءٌ تنهنجي مهماني ڪائينديس- پيو ته آءٌ تو وٽ فقط اڌ پهر رهنديس، ٻيون ته پنهنجي ملاقات اونداهيءَ رات ۽ اونداهي ڪوٺي ۾ ٿيندي. سوداگر هن جا اهي سڀ شرط قبول ڪيا، ۽ پنهنجي منڊي ۽ رومال ڏياري موڪليائين. پوءِ چنڊ جي اٺاوهين رات، سوداگر جي زال ويس بدلائي، هار سينگار ڪري، سوداگر جي گهر ويئي. جيئونيڪ رات جو وقت هو ۽ اوندهه لڳي پيئي هئي، پر ان هوندي به هن پنهنجي منهن تان نقاب نه ڪنيو. سوداگر هن جي منهن ڏسڻ لاءِ فانوس ٻارڻ لاءِ گهڻئي پيرا چيو، پر هن شرط ياد پئي ڏياريس. سوداگر به خيال ڪيو ته جي اڄ شرم کان منهن نٿي ڏيکاري ته پئي پيري پاڻهي منهن ڏيکاريندي — تنهنڪري وڌيڪ زور به نه ڪيائين ته متان هوءَ ڪاوڙجي پوي ۽ پئي دفعي وري اچيئي نه. آخر جڏهن اڌ پهر پورو ٿيو، تڏهن وڃڻ لاءِ اٿي. سوداگر جي مرضي ته ڪانه هئي، پر زبان ڪري ويٺو هو، تنهنڪري لاچار هو. وڃڻ وقت پنهنجيءَ زال کي پيون به ڪيتريون ئي سوکڙيون وغيره ڏيئي روانو ڪيائين.

سوداگر جي زال، سوداگر کان موٽي رات وچ ۾ ئي تيڙ تاڙي پڏڻ شروع ڪيا. صبح سان ئي پاڻهيءَ سميت وطن ڏانهن رواني ٿي. ڪجهه ڏينهن جي مسافريءَ کان پوءِ اچي پنهنجي شهر ۾ نڪتي. وقت گذرندي دير ڪانه ٿي ٿئي، نيٺ ڏهن مهينن کان پوءِ سوداگر جي زال کي هڪڙو سهڻو پٽڙو ڄائو. هوءَ ويچاري ڏاڍي خوش ٿي، ۽ خدا جا لک لک شڪرانا بجاءِ آندائين، جو سندس ڳالهه پوري ٿي. اتي سوداگر کي به سفر ۾ ٻه سال ڪن اچي پورا ٿيا هئا، تنهنڪري هو واپس ورڻ جا سعيا ڪرڻ لڳو. هن گهر اچڻ کان اڳ، زال کي پنهنجي اچڻ جو اطلاع موڪليو. خير، جنهن ڏينهن سوداگر اچڻو هو، ان ڏينهن جوڻس ڇا ڪيو، جو پٽ کي نوان ڪپڙا پارائي، ڳچيءَ ۾ رومال ويڙهي، هٿ ۾ منڊي پارائي، پينگهي ۾ ليٽائي ڇڏ يائين. ورڻ ويٺي سا هزارڻ گهوڙيءَ ۽ ٻئي مال وَجَهه جي ٻه سار سنڀال وٺي، گهوڙيءَ جو ٽوبرو داڻي سان، ٻينهن ۽ ڍڳين جا آهرا ڪتر سان ۽ ٻڪرين جي واڙ ٽارين سان ڀرائي ڇڏ يائين.

سوداگر جڏهن گهر ۾ پير رکيو، تڏهن هن جي نظر ڀرين وچي ڪڙهه، وٿاڻ ۽ واڙ تي پيئي، جتي هزارڻ گهوڙي، سينهون، ڍڳيون ۽ ٻڪريون ٻيٺيون هيون. سوداگر انهن کي ڏسي دل ۾ چيو ته، زال ته ڪا سياڻي ٿي ڏسجي، پر ڏسان ته حق حلال جو پٽ به آهيس يا نه؟ اهو خيال ڪري اڳتي وڌيو. ڏٺائين ته جوڻس ڪنهن ٻار کي پينگهي ۾ ويٺي لوڏي. ٻار کي ڏسي سوداگر جون وايون بطال ٿي ويون، پر پڪ نه پيئي ٿيس ته اهو ڪو حق حلال جو ٻار هوندو. نيٺ زال کي چيائين ته: ڳالهه ٻڌاءِ ته هيءُ تو پنهنجو قول ڪيئن پاڙيو! زال انهيءَ تي شروع کان وٺي پڄاڙيءَ تائين، سڄي ڳالهه مڙس کي ڪري ٻڌائي، ۽ سندس ڏنل سوغاتون، منڊي ۽ رومال کيس ڏيکاريائين. سوداگر

اهي سڀ شيون ڏسي عجب ۾ پئجي ويو، ۽ چيائين ته: بيشڪ زال ذات پنهنجيءَ تي اچي ته سڀڪجھ ڪري سگهي ٿي. ان کان پوءِ سوداگر پنهنجي انجام موجب سڄي عمر زال سان وفادار ٿي رهيو.

٣٣- سياڻو سوداگر*

ڪنهن سوداگر کي هڪڙو سڪيلڌو پٽ هو، جو ڏاڍي لاڏ ڪوڏ سان نپنو هو. گهر جي سڀني ڀاتين جو هن سان پيار هوندو هو. سوداگرزادو اڃ ننڍو سيان وڏو، آخر اچي جوان ٿيو. جيئن ته سندس هرڪو انگل پورو ٿيندو رهندو هو، تنهنڪري ڏاڍو هٺ ڦاڙ ۽ عياش ٿي پيو هو. روزانو سوين رپيا ڪٽي وڃي دوستن کي کارائي پياري ڇڏيندو هو. هڪڙي ڏينهن سوداگرزادي پنهنجي پيءُ کي چيو ته: بابا سائين! آءٌ هاڻي جوان ٿيو آهيان... خيال اٿم ته پنهنجي منهن واپار ڪريان، تنهنڪري مونکي ڪجهه خزانو ڏيو ته وڃي قسمت آزمايان. سوداگر کي پنهنجي پٽ جا افعال سارا پيا هئا، ته هن کي جيڪي ملندو، سو هڪڙي ئي ڏينهن ۾ کائي کپائي ڏڦ ڪري ڇڏيندو. تنهنڪري خيال ڪيائين ته اهڙي ڪا اٽڪل ڪجي، جو هن کي پئسن جو قدر ٿئي، ۽ خبر پويس ته ناڻو ڪيڏيءَ نہ مشڪلات سان ٿو ڪمائجي. سو چيائينس ته: پٽ! تنهنجي ڳالهه برابر آهي، پر هاڻ ۾ رواج آهي ته سوداگريءَ تي وڃڻ کان اڳ پنهنجي منهن ڪو نہ ڪو پورهيو ڪري، آن جي ڪمائي آڻي ڪوهه ۾ وجهڻي آهي. تنهنڪري تون بہ روزانو صبح جو شهر ۾ وڃي ڪماءِ، ۽ شام جو جيڪي ملئي سو آڻي مونکي ڏج ته هلي کوهه ۾ اڇليندا سين.

---

* هيءَ ڳالهه وچولي (تعلقي ٽنڊي الهيار) مان ولي محمد طاهرزادي کان ملي.

صبح جو سوداگرزادو، پيءُ جي حڪم موجب شهر ۾ ڪمائڻ لاءِ نڪتو، پر جيئن ته هو هريل هو عيش عشرت تي، ڪڏهن ڪک ڀڃي ٻه پيڙو ڪونه ڪيو هئائين، سو شهر ۾ وچي ڦيريون پائڻ لڳو. ڳالهه ئي سمجهه ۾ نه پئي اچيس ته ڪهڙو ڪم ڪري پئسا ڪمايان، ۽ وڃي پيءُ کي ڏيان! آخر ٿڪجي ڪائي وڃي سنگتين ساٿين وٽ نڪتو. سڄو ڏينهن گهمي ڦري شام جو گهر موٽي آيو، ۽ ماءُ کي سموري حقيقت ٻڌايائين. جنهن چيس ته: ابا! تون ڪا به ڳڻتي نه ڪر، توکي ڪهڙو لاچار پيو آهي جو تون وڃي پورهيو ڪرين— مون وٽان روز سؤ رپيا ڪٺي وڃي چئجئين ته ڪمائي آيو آهيان. سوداگرزادو ڏاڍو خوش ٿيو، ۽ ماءُ کان سؤ رپيا وٺي، پٽس وٽ آيو، ۽ هن کي ٻڌايائين ته ڪمائي آيو آهيان. پٽس انهيءَ مهل تي ڪيس وٺي، پنهنجي محلات واري کوهه وٽ آيو، ۽ کيس چيائين ته: اهي سؤ رپيا هن کوهه ۾ اڇلي ڇڏ. سوداگرزادي اهي رپيا کوهه ۾ اڇلي ڇڏيا، پوءِ ٻئي ڄڻا پنهنجي محلات ۾ موٽي آيا.

اهڙيءَ طرح سوداگرزادو روزانو صبح جو شهر ۾ وڃي سنگتين ساٿين سان چڪر هڻي، شام جو گهر موٽي ايندو هو، ۽ ماءُ کان سؤ رپيا وٺي، پيءُ کي ڏيکاري، کوهه ۾ اڇلي ڇڏيندو هو. مهيني ڀر کان پوءِ ماڻس وٽان آخر پئسا کُٽي ويا، تڏهن وري ڀيڻن کان پئسا وٺڻ شروع ڪيائين. جڏهن انهن وٽان به جواب مليس تڏهن سنگتين ساٿين مدد ڪيس. هڪڙي ڏينهن نيٺ انهن وٽان به جواب مليس. هاڻي اهڙو ڪو به ماڻهو ڪونه هو، جنهن کان هي ڪجهه پئسا وٺي اچي پيءُ کي ٻڌائي ته "ڪمائي آيو آهيان." سوداگرزادو انهن ئي ويچارن ۾ دستور موجب شهر ۾ هڪڙي هنڌ ويٺو هو ته ايتري ۾ پريان "مزور مزور" جو آواز ڪَن تي پيس. ڊوڙي وڃي ڏسي ته هڪڙو ماڻهو تمام گهڻو سامان پٺ تي رکيو ڪنهن

مزور جي انتظار ۾ بيٺو آهي. سوداگرزادي وڏي وچي سامان کي ڪلهو ڏنو، ۽ ان ماڻهوءَ جي پٺيان هلڻ لڳو. سامان تمام گهڻو ۽ ڳرو هو. پلا هن ويچاري ڪڏهن ڪک به نہ چُتو هو، سو بار ۾ ڦهندو، ڪينجهندو ڪُرڪندو ويو. اڪين اڳيان آنڌ اچي ويس. آخر مس مس وچي منزل تي پهتو، اتي سامان لاهي رکيائين. آن ماڻهو کيس هڪڙو رپيو مزوريءَ جو ڏنو. سوداگرزادو حيران ٿي ويو، تہ هيترو سامان کنيم ۽ هيڏي تڪليف ڪاٽيم، پر مزوري فقط هڪڙو رپيو مليو! تڏهن آن ماڻهو کي چيائين تہ: خدا جا بندا! هيڏي بار جي مزوري فقط هڪڙو رپيو؟ تڏهن هن جواب ڏنس تہ: ميان! ماڻڙي ڪري هليو وڃ، انهيءَ بار جي مزوري اصل ۾ چار آنا آهي، پر توکي ڪنهن چڱي گهراڻي جو ڏسي، رپيو مزوري ڏني اٿم، هاڻي ريڙهہ پيڙهہ چڏ، ۽ وڃي پيو بہ ڪجهہ ڪماءِ!

سوداگرزادو، گهڻي بار ڪڻڻ ڪري نہ فقط تمام ٿڪجي پيو هو، پر سجي بدن ۾ بہ سور ٿي پيو هئس. اهڙو ڪيٽ ٿي پيو هو جو هلڻ ئي نہ پُڄيس— آخر رڙهندو شام ڌاري اچي گهر پيڙو ٿيو، ۽ آهو رپيو آٽي پيءُ کي ڏنائين. جنهن وري بہ دستور موجب آٽي کوهہ تي بيهاريس، ۽ حڪم ڪيائين تہ: اهو رپيو کوهہ ۾ اڇل! سوداگرزادو— جنهن کي هاڻي خبر پئي هئي تہ ناڻو ڪيڏيءَ نہ مشڪلات سان ڪمائجي ٿو— تنهن هٿ ٻڌي پيءُ کي چيو تہ: بابا سائين! اوهان کي رپيو ڏيان ٿو، اوهين کوهہ ۾ اڇليو تہ چڱو، باقي آءٌ پنهنجي هٿ سان کوهہ ۾ نہ اڇليندس. سوداگر هن جي مُنهن ۽ ڳالهائڻ مان سمجهي ويو تہ هيءُ اڄ پورهيو ڪري رپيو ڪمائي آيو آهي، سو وڏيڪ ڪجهيو پڇيو ئي ڪين، ۽ ماڻڙي ڪري پٽ کي ساڻ وٺي محلات ۾ موٽي آيو.

ٻئي ڏينهن صبح سان ئي سوداگر، هڪڙو غوراب سوداگريءَ جي سامان سان پرائي، پٽ جي حوالي ڪيو، ۽

اجازت ڏنائينس ته: هاڻي پلي وچي سوداگري ڪري اچ. سوداگر زادي کي جو خبر پئي هئي ته ناڻو ڪيڏيءَ تڪليف کان پوءِ آيو اچي، تنهن سنڀالي ڪفايت سان رهڻ شروع ڪيو. ٿورن گهڻن ڏينهن کان پوءِ هو بي انداز ناڻو ڪمائي اچي پنهنجي وطن پهتو.

٣٤- چڱيءَ جي چڱائي، مَدِي جي مدائي*

بادشاهن جو بادشاهه ته پاڻ ڌڻي آهي، پر زمين تي، زمين جي هڪ ٽڪري تي، هڪڙو بادشاهه حڪومت ڪندو هو. هن جي ملڪ ۾ عدل ۽ انصاف سان حڪومت هلندي هئي؛ شينهن ۽ ٻڪري گڏ پاڻي پيندا هئا. مگر چون ٿا ته نيڪي ۽ بدي، ٻئي هڪ هنڌ پيدا ڪيون ويون آهن، ته جيئن ٻنهي جي وچ ۾ فرق معلوم ٿئي؛ تنهنڪري هن بادشاهه جي حڪومت ۾ به چڱا مدا سڀ رهندا هئا.

هڪڙي ڏينهن بادشاهه پنهنجي وزير کي چيو ته: منهنجي ملڪ ۾ جيڪي به بدمعاش رهندا هجن، تن جا نالا ڏي، ته انهن کي ملڪ مان تڙي ڪڍان، ته جيئن خلق خدا جيءَ تان رهيو کهيو آزار به ٽري وڃي. تڏهن وزير، بادشاهه کي هٿ ٻڌي عرض ڪيو ته: جيئندا قبلا! چڱيءَ جي چڱائي ۽ مَدِي جي مدائي. توهين سڀني سان نيڪي ڪندا رهو، پوءِ جيڪڏهن توهان جي اهڙي نيڪيءَ هوندي به ڪو وڃي بدي ڪندو، ته اُن کان پاڻهي ڌڻي تعاليٰ حساب چڪائي وٺندو. اوهان سڀني سان نيڪيءَ جو برتاءُ ڪندا رهو، ته خدا توهان کي آجر ڏيندو. مگر بادشاهه پنهنجي هوڏ تان لهي نه، چوي ته: بديءَ جي جيسين پاڙ نه پٽي ڪڍندس، تيسين مونکي اَنُ پاڻي حرام آهي.

وزير دل ۾ خيال ڪيو ته جيستائين حق، حق ٿئي، تيستائين ناحق ۾ ڪين نپوڙجي ويندا؛ تنهنڪري ڪا اهڙي

---

*هيءَ ڳالهه لاڙ (تعلقي ٽنڊي باگي) مان مائي زيب النساء لوهار کان ملي.

اٽڪل ڪجي، جو بادشاھ ڪجھ وقت لاءِ انهيءَ ضد تان لهي وڃي، تيسين آءٌ سچن پچن بدمعاشن جي تحقيقات ڪري وٺان، ته جيئن ڪو غريب ناحق ۾ نه اڙجي وڃي! سو بادشاھ کي چيائين ته: جيئندا قبلا! هڪڙي ڳالھ آهي، جا توهان کي ٻڌائڻ ٿو گهران، اجازت ڏيو ته ٻڌايان! بادشاھ کيس اجازت ڏني، پوءِ هن پنهنجي ڳالھ شروع ڪئي، ته: هڪڙي شهر ۾ ٻه دوست رهندا هئا، هڪڙي جو نالو هو 'چڱو' ۽ ٻئي جو نالو هو 'مدو'. هنن جي هڪٻئي کان سواءِ سرندي ڪانه هئي، ۽ هروقت هڪٻئي وٽ پيا ايندا ويندا هئا. مگر جيئن ته چوندا آهن ته هرڪو ماڻهو پنهنجي عادت کان مجبور هوندو آهي، سو هيءُ ٻئي دوست به ڪڇونءَ ۽ وڇونءَ جي ڳالھ وانگر پنهنجي پنهنجي عادت کان مجبور هئا. چڱو هميشه چڱائي ڪندو هو ۽ مدو سدائين مدي. بادشاھ، وزير کان پڇيو: اها وڇونءَ ۽ ڪڇونءَ واري ڳالھ وري ڪيئن آهي؟ وزير وراڻيو ته: بادشاھ سلامت! اها ڳالھ هيئن آهي ته هڪڙي دفعي ڪنهن ڪڇون کي درياءَ جي هن پر ويٺو هو، سو سهي سنڀري اٿي هليو ته واٽ تي هڪڙو وڇون گڏيس، جنهن چيس ته: ڏي خبر، ڪيڏانهن تياري ڪئي اٿئي؟ ڪڇونءَ جواب ڏنس ته: مونکي درياءَ جي هن پر وڃڻو آهي، جو آتي اڄ ڪڇن جي پائڇاريءَ جو سڏ اٿم. تنهن تي وڇونءَ چيس ته: يار! مونکي به درياءَ جي پار ڪو ضروري ڪم آهي، پر پتڻ آهي ئي ڪونه، هاڻي مهرباني ڪري مونکي به پاڻ سان هن پر وٺي هل، ته تنهنجو شڪر گذار رهندس. ڪڇونءَ چيس ته: ڀلي! هن پر وٺي هلڻ لاءِ ته آءٌ تيار آهيان، پر تون آهين بڇڙو جيت، توتي ڪهڙو اعتبار! واٽ تي ڏنگ هڻي ڪڍين ته پوءِ توکي ڪير جهلي؟ تڏهن وڇونءَ وراڻيس ته: يار! تون مون سان مهرباني ڪرين ۽ آءٌ وري توکي ڏنگيان، ائين ڪيئن ٿي سگهي ٿو! آخرڪار ڪڇون، وڇونءَ کي پنهنجي پٺيءَ

تي چاڙهي، درياءَ ڏانهن ترڻ لڳو. جڏهن وچ ۾ پهتو، تڏهن ڪنن تي ٽڪ ٽڪ جو آواز آيس. هيڏانهن هوڏانهن نهارڻ لڳو ته هتي وچ درياءَ ۾ ٽڪ ٽڪ جو آواز ڪٿان آيو! جان ڪٽي ڪنڌ ورائي ڏسي ته مارا! وڇون پيو سندس پٺيءَ تي ڏنگ هڻي. وڇونءَ کي چيائين: اڙي وڇون! هي ڇا پيو ڪرين؟ تڏهن وڇونءَ جواب ڏنس ته: يارا! عادت کان مجبور آهيان. اتي ڪڇونءَ چيس ته: اهڙي جي تنهنجي عادت آهي، ته پوءِ تنهنجو جيئرو رهڻ ئي نقصانڪار آهي. ائين چئي ٽٻي هڻي وڃي تر ۾ رسيو، ۽ وڇون سندس پٺيءَ تان ترڪي، درياءَ ۾ ٻڏي ويو.

اها ڳالهه پوري ڪري، وزير چوڻ لڳو ته: بادشاهه سلامت! انهيءَ ڳالهه وانگر، هي ٻئي دوست چڱو ۽ مدو—عادت کان مجبور هئا، مگر دوستيءَ جي ناتي ۾ هڪٻئي سان ٻڌل هئا. خير، خدا جي حڪم سان، هڪڙي ڏينهن چڱي، پنهنجي دوست مدي کي چيو ته: يارا! ڪيترا ڏينهن ٿي ويا آهن جو پاڻ ڪيڏانهن ٻاهر نڪتائي ڪونه آهيون— هل ته هلي ڪنهن ولايت جو چڪر هڻي، دنيا جو واءُ سياءُ وٺي اچون. تڏهن مدي چيو ته: ابا! پاڻ وٽ ته پائي به ڪانهي، باقي تو وٽ ڪي ڏوڪڙ هجن ته پوءِ هلون، نه ته پوءِ ٻڌيءَ ڪي ڳالهه، ٻڌيءَ ڪي پائي... اجايو پائي نه ولوڙ. چڱي چيس ته: ٻيلي! ڪي چار ڏوڪڙ هٿ ۾ اٿم، مهيني ٻن جو ٿمر ڇڻ ته پاڻ وٽ آهي... هل ته ڪي ڀ چار ملڪ گهمي ڦري اچون. پوءِ ته اٿو ٿمر ساڻ ڪري، هي ٻئي دوست ڳوٺان نڪتا.

هلندي هلندي هڪڙي بادشاهي ڇڏيائون، ٻي ڇڏيائون، اچي ٽئين بادشاهيءَ ۾ نڪتا. ان شهر جي بادشاهه کي پيو ڪوبه اولاد ڪونه هو، فقط هڪڙي نياڻي هئس. مگر قادر جي قدرت، جو هن ويچاري نياڻيءَ جي جيءَ سان به ڪو آزار لڳل هو— کيس اهڙي بيماري هئي، جنهن کان هوءَ مرڻ وهڻي اچي ٿي هئي. ڪئين پير فقير، پڙهيا پنڊت، مُلان مورانا

پڇايا هٿائون، ۽ ڪئين دعائون، دوائون، ڏاڍا ڦيٽا ڪرايا هٿائون، پر بيماري 'جيئن رات تيئن وڌ' وانگر، اڳي کان اڳري ٿيندي ويئي. شهزاديءَ کي چنڊ رات چرڪ ٿيندو هو، ۽ آن کان پوءِ پهرن جا پهر پيئي لڇندي هئي. سمورن ماڻهن جو خيال هو ته شهزاديءَ کي جنّ لڳل آهي. جنن ڪڍڻ وارا پڻ ته ڏٺاياڻون، ساز ۽ سرود وڄارايائون، ڪيئي ڏيوائي فقير گهرايائون، مگر هن کي ڪٿان به ڪو فائدو ڪو نه ٿيو. لاچار ٿي بادشاهه پڙهو گهمارايو ته: جيڪو به ماڻهو سنهنجي نياڻيءَ جو علاج ڪندو ۽ کيس شفاياب ڪندو، تنهن کي اڌ راڄ ۽ آڌ پاڳا ڏيندس، ۽ اها نياڻي به کيس پرڻائيندس.
اهي خبرون ٻڌي چڱي چيو ته: خدا تعاليٰ هن شهزاديءَ کي آزار مان ڇڏائي ته ڏاڍو سٺو! تڏهن مدو مُرڪي چوڻ لڳو ته: پل پيئي لوڙي— انهي به گهٽن کي گهايو هوندو!

خير، جڏهن صبح ٿيو، ته ٻئي دوست سنيري آئي اڳتي هليا. هلندي هلندي اچي هڪڙي رڻ پٽ ۾ نڪتا. آتي هنن کي اُڃ اچي تپايو. هيڏانهن هوڏانهن نهارڻ لڳا ته من ڪو ماڻهو ڇيٽو ڳڌجي ته پاڻيءَ جو پتو پڇون. نيٺ هڪڙي پاسي کان هنن کي ڪي آئيون ڏسجڻ ۾ آيون. هي به اوڏانهن هلڻ لڳا. گهڻو وقت هلڻ کان پوءِ، مس مس رڙهي اچي آتي پهتا ۽ ساڻا ٿي ڪري پيا. آتي اوٺار کان پاڻيءَ جو پڇياڻون. جنهن چين ته: هو پريان وڏو ٻڙ جو وڻ پيو ڏسجي، آن جي هيٺان هڪ کوهه آهي— باقي هتي پيو اٿو پلو. آخر هي وري به رڙهندا رڙهندا اچي آن وڻ هيٺ کوهه تي پهتا، پر کوهه تي پاڻيءَ ڪڍڻ لاءِ ڪوبه ٽيڙ رکيل ڪونه هو. اتي اُڃ جي آسات کين بنهه ساڻو ڪري ڇڏيو، ۽ ڪنهن کي طاقت ڪانه رهي جو کوهه اندر گهڙي. نيٺ مدي چيو ته: ادا! مون ۾ ته ڪا به طاقت ڪانهي، جو ڪٿي هڪ وڪ به هتان رڙهان يا کوهه ۾ لهان، باقي تون کوهه ۾ لهي وڃ. سان تنهنجي چيلهه ۾

پنڪو پڏان ٿو، ۽ تون پهرين هيٺ لهي پاڻي پيءُ، پوءِ پلاند پنڪي جو پسائي سون ڏانهن موڪل ته، آءٌ به نڙي سائي ڪريان، ته ڪجهه ساهت ۾ اچي، توکي چڪي پاهر ڪيدي وٺان. پوءِ چگي سپ ڪپڙا لاهي ڪٺي مدي کي ڏنا، ۽ چيله ۾ پنڪو پڏي اندر کوهه ۾ لهي پيو. پاڻي پي ڍؤ ڪري، پنڪي جو پلاند آلو ڪري، مدي کي پاهر ڏنائين. جنهن آچ لاهڻ کان پوءِ چا ڪيو، جو پنڪي سميت ڪٽندي چگي جا ڪپڙا ۽ پئسا، رمندو رهيو. هن ويچاري گهٽئي آهون دانهون ڪيون، پر کوهه ۾ ڪريل جي ڪير ٿو پڏي! سو ويچارو سمورو سور سهي، مات ڪري الله تي توڪل رکي، کوهه جي هڪڙيءَ ڪوپ ۾ صبر سان ويهي، پنهنجيءَ قسمت جا رنگ ڏسڻ لڳو. هوڏانهن هو مدو ڪپڙا لٽا ڪٽي آئي هليو، ۽ سڌو انهيءَ بادشاهه جي ملڪ ۾ آيو، جنهن ۾ شهزادي بيمار هئي.

ٻالهيون جلدي ٿين، ڏينهن پنهنجي وقت تي گذرن، اوکيءَ جا پهر ٿورا ٿيندا آهن— الله جي رحمت وڏي آهي ۽ الله جڏهن ورندو آهي، تڏهن ڪئين بهانا بنجي پوندا آهن. اهو بڙ جو وڻ— جنهن جي هيٺ چگو کوهه ۾ پيو هو— هڪڙي رڻ پٽ جي وچ ۾ هو، جتي هيتي هتي جا ماندا مسافر اچي مانجهاندو ڪندا هئا. چگي کي تسبيحون سوريندي سوريندي اچي سج لٿو. هو ويچارو ڍپ ۾ کوهه جي هڪڙيءَ ڪوپ ۾ ويٺو هو، ته اوچتو ڪا آفت ڏڙام ڪري اچي پاڻيءَ ۾ ڪري، ۽ ترڻ لڳي. چگو جان ڪٺي ڏسي، ته هڪڙو ڪلانڌاري واسينگ نانگ آهي، جنهن جي ڪرڻ سان پنج فوٽ پاڻي مٿي چڙهي آيو. ويچارو چگو اچي ڍنو ته هاڻي اجهو ٿو مران، سو تيئن پاڻ کي لڪائڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳو، ۽ وڏيڪ سوڙهو ٿي ڪوپ ۾ ويهي رهيو. ڪجهه وقت گذرڻ کان پوءِ، انهيءَ کوهه جي مٿان بيٺل وڻ مان آواز آيو ته:

ڪلانداري! آهين يا نه؟ اتي نانڪ جواب ڏنو ته: هائو، جن جبران ويٺو آهيان. جن پڇيس ته: ڏي اچوڪي خبر، ڇا وهيو ڇا واپريو؟ نانڪ چيس ته: يارا! ڳالهه ٿي نه پڇ، اڄ به سوُ جوڳين جو جوڙ هو مون تي، اچي چيٽن جون ڏکيون منهنجي آستان جي پاسي ۾ ٺاهيائون، ۽ پوءِ اچي مرليون وڄائڻ لڳا



بس مُرلين جي مانجهه منهنجو من ماندو ڪري وڌو. هڪڙي فقير جي ڦوڪن مونکي اهڙو ته مستان ڪري ڇڏيو، جو مونکي پنهنجي جاءِ تان اُٿو پيو، ۽ آواز جي الستي موج ۾ مونکي پنهنجو جلال ياد آيو. آءٌ بيخود ٿي ويس، ۽ انهيءَ حالت ۾ وٺي جو درد جو دونهون ڪڍيم، ته چيٽا سڀ ٻرڻ لڳا، ۽ جوڳي پنهنجون مرليون وڄائيندا ته ٻه ڪان ڇڏا ٿيندا ويا، تان جو وچي اهڙي هنڌ تي پهتا، جتان مرلين جو آواز جهيڻو پئجي ويو، ۽ منهنجو مَنُ به آهستي سانتيڪو ٿيندو ويو...

تان جو جوڳين جو جوڙ ڦٽي ويو، ۽ هو مونکي جهلڻ ۾ ناڪام ٿي ويندا رهيا. ان کان پوءِ به مان ڪيترو وقت راڳ، جي رس ۾ مست رهيس. اي جنّ جبرا! چون ٿا ته راڳ، جي حڪومت دنيا جي هر بشر، پکي پکڻ ۽ جيت جناور تي هلي ٿي. مان به راڳ، جي هر سُر تي مست، اصل موج ۾ اچي ويندو آهيان.

اها خبر ڪرڻ بعد نانڪ، جنّ کان پڇيو ته: ڏي خبر، توسان ڇا وَهيو ڇا واپريو؟ تڏهن جنّ جواب ڏنس ته:

يار! اج هو چنڊ جو ڏينهن، سو مان به ويس بادشاهه جي وڏ ڪنواري ڌيءَ وٽ، ۽ وڃي ڪيومانس بدن ۾ واسو. بس منهنجو واسو ڪرڻ ۽ ٻانيهوڙ ۾ ترٿلو مچڻ— ڪا پَليتو ڪنيو اچي ته ڪا تعويذ پيئي ٻڌي، ڪا چنڊو پئي آڻي ته ڪا ڦيٽو پئي ڪري، ڪنهن عطر ڇنڪاريو ته ڪنهن لوبان ٻاريو.

مطلب\ ته سيڪا جتن ڪرڻ لڳي، پر سونکي ته اچوڪو ڏينهن ضرور رهڻو هو، پلي ڪٿي بادشاه پاڻ اچي بيهي. نيٺ ست سُرندائي گهرايائون، جن اچ ته دنگ ڪري چڏيو! سُرندن جون ڳيٺيون سروڙيندا، تندون تاڻيندا، ويا سُرندن کي سُر ۾ سلائيندا ۽ تندن جو ٺاٺ ٺاهيندا. پوءِ ته تندن جو ٺاٺ پورو ٺاهي. گز کي سهڪندرو هٿي تيز ڪري، وٺي جو تارُن کي گز جو چيرو ڏنائون ته سنهنجي بدن مان چٽاٽ نڪري ويا. آسُر جي مهل هئي، سو گز جي چيرن سونکي اهڙو ته چهري وڌو، جو آءٌ به بيخرد ٿي موج ۾ اچي جهولڻ لڳس، ۽ جهولندي جهولندي سونکي به پنهنجو اصلي چلال ياد اچي ويو، ۽ مان به لئي ۾ لئي ٿي ويس. سُرندائن پاڻ سنڀاليو، ۽ سونکي هاڪا ڏاڪا ڪيائون ۽ نيٺ سنڌون ڪيائون ته ”چڏي وڃ پرائي نياڻي کي، پيءُ پيالو، ڪٿي منٽ ميچ، وري نه اچج، شاه جي ڏوهي ائين.“ پوءِ وري هڪڙو فقير مٿو اگهاڙو ڪري، وار چوڙي مٿو ڌوڻڻ لڳو. اهو فقير ڌمال ڪندو ڪندو، اچي هڪلون ڪرڻ لڳو—هڪلن تي هڪلون ڪندو، ٽپا ڏيندو مون ڏي هليو، ۽ اچي شهزاديءَ کي ڌڪ هنيائين... پر اڪيان آءٌ به آءٌ هوس. نيٺ اهڙا گوڙ گهمسان ڪري، فقير به هليا ويا. هينئر چڏهن شام ٿي آهي، ته مان به پنهنجو واسو ڪري واپس پيو اچان. اهو ائين سمورو حال احوال، اسان جي سموري ڏينهن جو!

ڪجهه وقت ته ماٺ سڀوڙو ٿي ويو، پر ٿوريءَ دير کان پوءِ، وري ٽانگ ڳالهائڻ شروع ڪيو. جن کان پڇيائين ته: اي جن، پلا ڪهڙو علاج آهي، جو تون شهزاديءَ جي بدن مان واسو ڪيڏي وڃين، ۽ هوءَ چڱي ڀلي ٿي پوي؟ جن چيس ته: جنهن وڻ ۾ آءٌ رهان ٿو، اُن جا پن پٽي، ستن کوهن جي پاڻيءَ سان ڌوئي، ست ڪنواريون ڇوڪريون اهو پاڻي شهزاديءَ کي پيارين، ته مان هميشه لاءِ اُن جاءِ

تان پنهنجو واسو ڪري ويندس. اِتي وري جنّ، نانگ کان پڇيو ته: ڪلانداري! ڀلا ڏي خبر ته تون ستن بادشاهن جي انهيءَ خزاني تان ڪيئن پاسي ٿين، جو اها ملڪيت ڪنهن کي هٿ اچي؟ تڏهن نانگ جواب ڏنس ته: ادا! اهو ته تمام سؤکو ڪم آهي. سهائي سومر جي ڏينهن، جهنگل مان هڪڙو هرڻ جهلي، ان کي ستن ڪوهن جي پاڻيءَ سان وهنجاري، پوءِ جتي مان رهندو آهيان، سڌو اچي اُن دڙي تي هرڻ کي ڪُهن، ۽ اُن جو رت اُتي هارين ته مان هميشه لاءِ اهو آستانو ڇڏي ويندس. اهڙيءَ طرح ڳالهين ڪندي ڪندي جڏهن ڪين گهڻو وقت گذري چڪو، تڏهن هو ماٺ ڪري سمهي رهيا. ويچارو 'چگو'، جو ڪوهه جي ڪوپ ۾ لڪو ويٺو هو، سو ڏاڍيءَ ڪي ستائڻ لڳو ته: اي ربّ منهنجا! سونکي هنن آفتن کان بچائج. سندس آهه زاري الله ٻڌي، جو صبح تائين هو ڪوهه ۾ سلامت رهيو. سج اُڀرڻ کان اڳ، نانگ ۽ جنّ هڪ دفعو وري به پاڻ ۾ ڳالهايو ۽ پوءِ ٻئي آتان هليا ويا.

خدا جي قدرت سان، نانگ ۽ جنّ جي وڃڻ کان پوءِ، هڪڙي ڇيج اچي اُن وڻ هيٺ لٿي. ماڻهو دلا کڻي ڪوهه تان پاڻي ڀرڻ آيا. جڏهن پهريون دلو ڪوهه ۾ لٿو، تڏهن 'چگو' ان کي چنبڙي پيو ۽ پاڻي ڀريندڙ کي آزي نيزاري ڪري چوڻ لڳو ته: خدا جي واسطي سونکي هتان ٻاهر ڪڍ! پاڻي ڀريندڙ پهرين ته ڊڄي ويو ته الاجي ڪهڙي آفت آهي، پر پوءِ هن کي ڇڪي ٻاهر ڪڍيائين، ۽ کيس پنهنجي اجرڪ گوڏ ٻڌڻ لاءِ ڏنائين. 'چگي' پوءِ سمورن ڇاڇين کي سچي حقيقت ڪري ٻڌائي، جن مان کيس ڪنهن پهراڻ ڏنو، ته ڪنهن پٽڪو ۽ ڪنهن سٿڻ ته ڪنهن جتي ڏنيس، ڪن وري ڪجهه نقدي جي مدد ڏنيس. مطلب ته جيڪي ڪجهه مدد ڪٽي ويو هئس، اُن کان ٻيٽي رقم ۽ ڪپڙا هن کي ڇاڇين

کان ملياءِ آخر ’چڱو‘ به انهن کان موڪلائي، آن وڻ جا پن
پٽي، اڳتي هلڻ لڳو ۽ هلندي هلندي اچي انهيءَ بادشاهيءَ ۾
پهتو، جتي شهزادي بيمار هئي.

بادشاهه جو روز پيو ڍنڍورو ڦرندو هو ته: جيڪو به حڪيم
يا طبيب منهنجي نياڻيءَ کي هن بيماريءَ کان نجات ڏياريندو،
تنهن کي اڌ راڄ، اڌ ملڪ ۽ شهزاديءَ جو سڱ، ڏيندس.
سو چڱو به اهو ڍنڍورو ٻڌي سڌو وڃي وزير وٽ ويو ۽ سلام
ڪرڻ کان پوءِ چيائينس ته: آءٌ شاهزاديءَ جو علاج ڪندس،
جي اجازت هجي ته علاج شروع ڪريان؟ وزير يڪدم اها
ڳالهه وڃي بادشاهه سان ڪئي، جنهن ’چڱي‘ کي گهرائي
علاج ڪرڻ جي اجازت ڏني. چڱي، نوڪرن کي حڪم ڪيو
ته: ست ڪورا دلا ۽ ست نوان رسا کڻي، ستن کوهن جو
اڻڇٽ پاڻي ڀري اچو. جڏهن سندس اهو حڪم بجا آندو ويو،
تڏهن جن واري ٻوٽي جا پن، ڏٻڙي کونڊي ۾ وجهي
گهوٽيائين. پوءِ آن ۾ ستن کوهن جو آندل پاڻي وجهي، پاڻي
چاڻائي باقيءَ سان هڪڙو گلاس ڀڻ جي رس جو تيار ڪري،
آن ۾ کير ۽ ماکي وغيره ملايائين. پوءِ حڪم ڪيائين ته:
ست ڪنواريون ڇوڪريون حاضر ڪيون وڃن. يڪدم ست ڪنواريون
ڇوڪريون حڪم موجب اچي حاضر ٿيون، جي آهو ستن
کوهن جو ست سوادو پاڻي کڻي شهزاديءَ وٽ آيون. شهزاديءَ
به بسم الله ڪري پاڻي پيتو ته بس، هٿن جو پاڻي پيٽ ۽
تندرست ٿي ــ ڪيڏانهن ويا جن ته ڪيڏانهن ويا ڀوت!
ڇوڪري انڪور چڱي ڀلي ۽ نئين نيمري ٿي پيئي. پٺي ڏينهن
چڱي، وزير کي بادشاهه وارو قول ياد ڏياريو. جڏهن وزير
بادشاهه سان اها حقيقت ڪئي، تڏهن هن چيو ته: ڀلي چنڊ
جي چوڏهين رات گذري ته خبر پوي، ته برابر بيماري
ڇڏي ويئي آهي يا نه... آن بعد اسين پنهنجو قول پورو
ڪنداسين.

ڳالهيون ڇلد ٿين، ڏينهن پنهنجي وقت تي گذرن— آخر هڪ مهينو گذري ويو، پر شهزاديءَ کي ڪجهه به نه ٿيو. پيو چنڊ، ٽيون چنڊ، نيٺ چوٿون چنڊ به گذريو، پر شهزادي خدا جي فضل سان ويتر وڌيڪ نيمري ۽ تندرست ٿيندي رهي. تڏهن 'چگي' وري وزير کي بادشاهه جي قول جي پاگيري ڏياري. وزير سڌو اچي بادشاهه وٽ حقيقت بيان ڪئي. بادشاهه ڳالهه ٻڌي پنهنجي محلات ۾ آيو، ۽ رائيءَ سان اچي حال ڪيائين، جنهن پنهنجي ڀاڻهيءَ جي معرفت شهزاديءَ کان هائوڪار ڪرائي. پوءِ بادشاهه، وزير کي گهرائي حڪم ڏنو ته: شاديءَ جو بندوبست ڪيو وڃي. يڪدم خزانن جا در کلي ويا، عام خاص ماڻهن کي بادشاهي لنگر مان سانسي ملڻ لڳي. اهڙيءَ طرح ستن ڏينهن جي خير خيرات کان پوءِ شاديءَ جي رسم ادا ٿي. جنهن کان پوءِ بادشاهه پنهنجي محلات جي پاسي ۾ هڪڙو جدا محلات ٺهرائي، پنهنجي ڌيءَ ۽ نائيءَ جي حوالي ڪيو، جتي هو ٻئي زال مڙس ڏاڍا مزي جا ڏينهن گذارڻ لڳا.

خدا جي قدرت سان، ٿوري گهڻي ڏينهن 'مٽو' به رلندي پنندي وري اچي 'چگي' جي محلات وٽان نڪتو. جڏهن 'چگي' کيس ڏٺو، تڏهن ڀاڪر پائي ڏاڍيءَ حب مان اچي مليس، ۽ خوش خيرعافيت پڇڻ کان پوءِ چيائينس ته: واهه ميان واهه! مونکي صفا وساري ڇڏيئي! انهيءَ ڏينهن کان وري ڪا سار سنڀال به ڪانه لڌيئي ته ڪوهه ۾ لقل همراهه جو ڪهڙو حشر ٿيو— جيئرو آهي يا مري ويو! 'مٽو' ڏاڍو شرمند و ٿيو، ۽ پنهنجو ڏوهه قبول ڪيائين. نيٺ چگي ته پنهنجي چڱائيءَ جي عادت موجب سندس ڏاڍي آدرڀاءُ ڪئي، ۽ سڄو سارو مهينو پاڻ وٽ رهايائينس، پوءِ به ست وڳا ڪپڙن جا وٺي ڏنائينس ۽ وڃڻ وقت خزاني جي خرزين به ڀري ڏنائينس.

’سدو‘، جڏهن ’چگي‘ کان موڪلائي، مال متاع کڻي شهر ۾ پهتو، تڏهن ماڻهن کي چوڻ لڳو ته: توهان کي خبر آهي ته ’چگو‘ آهي ڪير؟ تڏهن ماڻهن چيس ته: هو بادشاهه جو نائي آهي ۽ پاڻ به بادشاهه آهي! اتي ’مدي‘ سڻڻي کي چيو ته: ميان! بادشاهه وري هي ڪٿان آيو؟ هي ته اسان جي ڳوٺ جو چمار آهي، جو هتي اچي طبيب جو پٽ بڻيو آهي، ۽ بادشاهه به ٿو سڏائي. مونکي هيءَ سڀ ٽپڙ انهيءَ ڪري ڏنا اٿس ته آءٌ سندس ڏک ڏکيان ۽ بادشاهه کي سچي ڳالهه نه ٻڌايان؛ باقي اٿو چمار جو چمار. ان تي ماڻهن ۾ اچي چرپر ٿي ته بادشاهه جو نائي چمار آهي! آخر اها ڳالهه وڃي بادشاهه جي ڪن تائين پهتي؛ جنهن پنهنجن وزيرن سان صلاح ڪري ’چگي‘ کي گهرايو ۽ کانئس حقيقت دريافت ڪئي. ’چگي‘ اٿي بيهي عرض ڪيو ته: جيئندا قبلا! آءٌ ستن پيڙهين کان بادشاهه آهيان، جي اوهان کي اعتبار نه اچي ته آءٌ ثابتي ڏيڻ لاءِ تيار آهيان. تڏهن بادشاهه چيس ته: جي تون سچو آهين ته ڀلي ثابتي ڏي. اتي چگي چيو ته: سائين! هڪڙو عرض آهي ته جي جهنگ مان جيئرو هرڻ جهلائي ڏيو ته مان توهان کي ثابتي ڏيان. بادشاهي حڪم ٿيو، سو ٻن چئن ڏينهن ۾ ڪيئي هرڻ پڪڙي آندا ويا. نيٺ هڪڙو هرڻ پسند ڪري، ان کي ستن کوهن جي پاڻي سان وهنجاريو ويو. پوءِ ان کي وٺي اچي ٽانگ واري ڏسيل دڙي تي بسم الله ڪري ڪٺائين. هرڻ کي ڪهڻ بعد ان جو رت سڄي دڙي تي ڇنڪاريائين، جنهن ۾ خزانو پوريل هو. رت ڇنڪارڻ سان دڙي واري زمين ڦاٽي پيئي، ۽ هڪ وڏي آفت ڦوڪون ڏيندي، ان مان نڪري هڪڙي پاسي هلي ويئي. ان کان پوءِ ’چگي‘ حڪم ڪيو ته: هاڻي هتي کوٽائي ڪئي وڃي! ڏينهن رات جي کوٽائي بعد اُتان ستن بادشاهن جو خزانو هٿ آيو، جو کڻائي اچي بادشاهه جي محلات ۾ ڍير

ڪرايائين. جڏهن شهزاديءَ، بادشاهه ۽ پين ماڻهن ايترو سارو خزانو ڏٺو، تڏهن سندن شڪ لٿو ۽ سڀني کي يقين ٿيو ته

برابر هي اصلي بادشاهه آهي. پوءِ ته بادشاهه ۽ شهزاديءَ به 'چڱي' کان معافي ورتي ۽ سڀ ڪنڌ ڪير ٿي رهڻ لڳا.

ٿورن گهڻن ڏينهن کان پوءِ، سڏو به وري اچي ان شهر ۾ نڪتو، ۽ دل ۾ اهو خيال ڪري ته ڏسان ته چڱي سان ڪهڙي ڄٽ ڪيائون—سو سڏو رخ رکيائين چڱي جي محلات ڏانهن. اچي ڏسي ته سارا هي ته اڳوڻي کان به اڳرو پيو هلي. سو نڪا ڪيائين هم نڪا تم، سڏو اچي چڱي جي پيرن تي ڪريو ۽ آزيون ڪري چوڻ لڳس ته: دوست! مون توسان سڀ برايون ڪيون، پر تو مون سان هميشه پٺي چڱايون ڪيون آهن—مگر هاڻي مونکي معاف ڪر ۽ خدا جي واسطي ايترو ٻڌاءِ ته توکي هي فيض ڪٿان رسيو؟ تڏهن چڱي چيس ته: يارا جي سچ پڇين ته مونکي اهو سمورو

فيض انهيءَ کوهه مان مليو، جنهن ۾ تون مونکي ڇڏي هليو ويو هئين. وڏيڪ تنهنجي مرضي.

نيٺ سَدي ۾ ڇا ڪيو، جو ٿمر ساڻ ڪري، سڌو ويو اُن کوهه تي، ۽ ڪپڙا گنديون لاهي اُن ۾ اندر گهڙي پيو. جڏهن سج لٿو ۽ جنّ ۽ نانگ به پنهنجن آستانن تي پهتا، تڏهن هميشه وانگر هڪٻئي کي حال احوال ڏيڻ لڳا. پهريائين نانگ کوهه مان رڙ ڪري جنّ کان پڇيو ته: ڏي خبر، ڀلا تنهنجو ساهه ڇا ۾ آهي؟ تڏهن جنّ چيس ته: يارا اڳئين دفعي به پنهنجون پاڻ ۾ ويٺي اهڙيون ڳالهيون ڪيونسين، ته شايد ڪو آدمزادو هتي لِڪو ويٺو هو، جنهن پٺي پنهنجي گفتگو ٻڌي؛ پوءِ جيڪو حشر سون سان ۽ تو سان ٿيو، تنهن جي توکي پاڻ خبر آهي — تنهنڪري اڄ ڀرين اوسي پاسي ۾ جاچ ڪر ته متان ڪو آدمزاد ويٺل هجي! تڏهن نانگ چيس ته: ڀرين تون مٿي وڻ ۾ ڳول ته پوءِ آءٌ کوهه ۾ ٿو ڏسان. جنّ سڄي وڻ ۾ ڳوليو، پر ڪجهه نه ڏٺو ۽ نه آيس — تڏهن نانگ کي چيائين ته: هت ڪجهه به ڪونهي؛ تون اتي کوهه ۾ جاچ ڪر! نانگ جانِ ڪٿي ڪنڊ ورائي ڏسي ته برابر هڪڙو آدمي ويٺو آهي. پوءِ ته بس هڪ ئي وار سان کيس پرزا پرزا ڪري، کائي ڪپائي ڇڏيائين.

وزير اها ڳالهه پوري ڪري، بادشاهه کي عرض ڪيو ته: جيئندا قبلا! چڱي جي چڱائي ۽ مدي جي مدائي — توهين نيڪي ڪندا هلو، پوءِ سيڪنهن جي نيت جائي، پاڻهي پيا اڳتي حساب ڪتاب ڏيندا. اها ڳالهه ٻڌي بادشاهه ڏاڍو خوش ٿيو، ۽ وزير کي چيائين ته: برابر، بدَيءَ کي ٻنهه ڪيڏي ڇڏڻ اسان جي وس ۾ ڪونهي — ٻران سان مقابلو ته اوس هليو هلندو، تنهنڪري بدمعاشن جا نالا مونکي ڏي...
پوءِ انهيءَ ڳالهه کي ڏٺو ويندو.

٣٥- چريٽ سوداگرزادو*

هڪڙو هو سوداگر، جنهن کي هڪڙو سڪيلڌو پٽ هو. هُن پنهنجي پُٽ کي وڏي لاڏ ڪوڏ سان پاليو، پر نينگر جڏهن چوڏهن ورهين جو ٿيو، تڏهن قضا الاهي سوداگر پاڻ گذاري ويو. سوداگر جي زال ۽ سندس پٽ روئي روئي ماندا ٿي پيا. آخر قدرت جي ڪنهن کي ڪير ٽڙ آڏو اچي! مائي پنهنجي پٽ کي وڏيڪ پڙهائڻ ۽ سڌارڻ لڳي. پر پُٽس جو حوصلو هو پورو پُٽو، سو جهڙو هو اهڙوئي رهيو. هڪڙو لاڏلو ٿي نپنو هو، پيو ويچاري جو عقل پورو سُورو، سو ڪم ڪندو هو چرين جهڙا. انهيءَ ڪري هن کي سڏيندائي هئا ”چريٽ سوداگرزادو“ هڪڙي ڏينهن هن ماءُ کي چيو ته: امان! چو نه آءٌ به بابي وانگر وڃي واپار ڪريان؟ ماڻس چيس ته: ابا! ڏاڍو چڱو... تون جي سياڻو ٿي هلندين ته پنهنجو وقت پيو سکيو گذرندو. ڪاڏي ڪوهه به ڪئيو وڃن، سو تنهنجي پيءُ جي پُنوڃي به اچي ختم ٿي آهي. هينئر مون وٽ رڳو پنج مهرون وڃي بچيون آهن، جي ڪڻي وڃي وڻج ڪري اچ.

سوداگرزادو اهي پنج مهرون کڻي هليو وڻج تي. شهر ۾ آيو ته قاصائين وٽ تمام سٺو ۽ سڻو گوشت ڏٺائين. بس اسالڪ وڃي پن مهرن جو گوشت خريد ڪري، چادر جي هڪڙي

*هن ڳالهه جون ٻه راويتون مليون. هڪ وچولي (تعلقي حيدرآباد) مان محمد بچل ڪان ۽ ٻي اتر (تعلقي فيض گنج) مان رحمت الله ونڊ ير ڪان ملي.

پلاند ۾ پڌائين. وري خيال ٿيس ته هڙوگوشت وري نصيب ٿئي الاجي نه؛ سو پين پن مهرن جو به گوشت. وٺي پٺي پلاند ۾ ٻڌي، چادر کڻي ڪلهي تي رکيائين، ۽ باقي هڪڙيءَ مهر مان ٿوم، مرچ، بصر ۽ پيا وڪروانا وٺي، جهوليءَ ۾ وجهي گهر ڏانهن روانو ٿيو. واٽ تي هڪڙي ڪتي ــ جنهن پنهنجي لڏي کان بطال ٿي پٺي هيڏانهن هوڏانهن نٻوسيو ــ تنهن گوشت جي بوءِ تي پچ لوڏي کٽي هڻ جي پٺ ورتي. مطلب ته گوشت لاءِ ڪتي کي جيڪي گُر ياد هئا، ۽ جيڪي حيلا هلائڻا هئا، سي پورا ڪري وڃي پار پيو. سوداگرزادي دل ۾ چيو ته: پيلي! هي ويچارو ڪتو ڏاڍو بکيو آهي، تنهنڪري هن کي گوشت ڏيڻ گهرجي ــ باقي رقم، سا سياڻي کٽي هن کان وصول ڪندس. اهو خيال ڪري سمورو گوشت کٽي ڪتي کي ڏنائين ۽ پاڻ پلاند چنبڙي، ٿوم، بصر ۽ پيو وکر کڻي اچي ساڻ وٽ نڪتو. ساٽس سندس خبر پڌي پٺي هٿ کڻي گوڏن تي هنيا ــ چي: ابا چريٽ! کاڻي لاءِ هئاٿي اهي ڏوڪڙ، سي به وڃي ڪتي کي کارائي آئين. ويچارو چريٽ سوداگرزادو، ماءُ جي جٽ جهلي، منهن ويڙهي سمهي رهيو. صبح ٿينديءَ سهي شنبري ڪتي کان رقم وصول ڪرڻ لاءِ اٿي پنڌ پيو.

انهيءَ رات ڪي آڙاهه چور بادشاهه جو خزانو چوري ڪري پٺي ويا، ته پهريدارن کي خبر پئجي ويئي، سي چور چور ڪندا انهن جي پويان ڪاهي پيا. چور اهو مال کڻي جيئن ڊوڙڻ لڳا، تيئن اوچتو هڪڙي گوٺري ڪانئن گهٽيءَ جي ڪنڊ ۾ ڪري پيئي. اهو ڪتو به ڪو اتي انهيءَ مهل بيٺو هو. سو گوٺريءَ ۾ چڪ وجهي، پاسائون ٿي، ان کي پيٽ هيٺان ڪري ويهي رهيو. پهريدار به هليا ويا، پر ڪتو اتي ئي سمهي رهيو. هي چريٽ سوداگرزادو به ڪتي کي ڳوليندو ڳوليندو اچي ان جي مٿان بيٺو. ڪتو هن کي سڃاڻي اٿيو ۽

هن جي اکيان پڇ لوڏڻ ۽ لولهٽ ڪرڻ بيهي رهيو. هن هٿ وڌائي ڳوٿري کڻي ورتي، ۽ کڻي جو کولي ڏسي ته سچي ڳوٿڙي هيرن جواهرن سان ڀري پئي آهي. پوءِ هن اها ڳوٿري آڻي ماءُ کي ڏني. ساڻس هئي مٺائي، تنهن سمجهيو ته هي ڳوٿري ضرور شاهي خزاني مان چوري ٿيل آهي، سو چا ڪيائين، جو پنهنجي ڪان لڪچوريءَ ڳوٿريءَ مان هڪ لعل ڪڍي هڪڙي امير ماڻهوءَ جي گهر کڻي ويئي، ۽ ان جا پئسا وٺي بازار مان ڀري ڪن ڪارڪن جي ۽ پيو ڪاڏي پيتي جو سيڌو سامان وٺي آئي. جڏهن چريٽ سوداگرزادو ماني ٽڪي ڪائي رهيو، تڏهن چا ڪيائين جو چيٽ ۽ فرش تي اهي ڪارڪون هاري، ٿوري وقت کان پوءِ پٽ کي آڻاري چيائين ته: پٽ! اڄ ڪارڪن جو مينهن وسو آهي، تون مٿي وڃي اهي ميڙي آءُ، ته هيٺان آءُ ٿي ميڙيان! هو چٽ تان سڀ ڪارڪون ميڙي آيو، ۽ حيرانيءَ مان چوڻ لڳو ته: ڪارڪن جو مينهن اڄ ڏٺوسين!

سوداگرزادو صبح ٿيڻ تي جڏهن شهر گهمڻ لاءِ نڪتو، تڏهن ڏٺائين ته سپاهين جو وڏو ٽولو آهي، جي هرهڪ گهر جو جهاڙو پيو وٺي، ۽ ماڻهن ۾ بارا ڪئي کڻي وڌي اٿس. هي به رڙهي وڃي وٽن بيٺو، ۽ احوال وٺڻ لڳو. هڪڙي سپاهيءَ هن کي شاهي خزاني جي چوريءَ جي حقيقت ٻڌائي. تنهن تي چريٽ سوداگرزادي هن کي چيو ته: يارا اهڙي هڪ ڳوٿري ته ڪالهه سونکي هڪڙي ڪتي کان هٿ آئي، جا مون وڃي پنهنجيءَ ماءُ کي ڏني، جنهن مان هن سيڌو سامان به ورتو آهي! اهو ٻڌي سپاهين جو سمورو ڏنبلو سندس پٺيان لڳو. هو سپاهين کي وٺي سڌو پنهنجي گهر تي اچي بيٺو، جٿ اچڻ سان ماءُ کي چيو ته: ڪالهوڪي ڳوٿري کڻي بادشاهه سلامت وٽ هل! ماڻي اول ته واٽڙي ٽني ويٺي، پر پوءِ چيائين ته: ابا! اوهين الاجي چا ٿا چئو؟ وري ٻڌايو ته آءُ چڱيءَ طرح سمجهان! سپاهين ڏڙڪي سان وري ڪيس ساڳي

ڳالهه چئي. مائي اهو ٻڌي، ٻشڪي چوڻ لڳي ته: ابا! اوهين ٻه ڪي ڳهلا آهيو، جو هن چريت جي چئي تي لڳا آهيو... هي ته منهنجو پٽ چريو آهي. چڱو اوهين پڇوس ته اها ڳوٺري تو ڪڏهن آندي هئي؟ تنهن تي سپاهين هن کان پڇيو ته: تو اها ڳوٺري ڪڏهن آندي هئي؟ تنهن تي نهه پهه جواب ڏنائين ته: جڏهن ڪارڪن جو مينهن وٺو هو. بس، پوءِ ته سپ سپاهي سندس منهن تڪڻ لڳا. آخر پاڻ ۾ چيائون ته: برابر هي ته اڌ چريو آهي... ڪڏهن ڪارڪن جو ٻه مينهن وٺو! ائين چئي هو هليا ويا ۽ مائي پٽ کي گهر وٺي آئي. پوءِ ڪجهه وقت ته ٻنهي ماءُ پٽن مزي سان گذاريو.

هڪڙي ڏينهن چريت، ماءُ کان پڇيو ته: امان! عشق ڪيئن ڪمائبو آهي؟ ماءُ چيس ته: ابا! بادشاهه جي کوهه ٿي ڪيترڻيون ئي سهڻيون ڇوڪريون پاڻي ڀرڻ لاءِ اچي گڏ ٿينديون آهن. انهن مان ڪا سٺائتي ڏسي، ڀهريائين ان کي اک پيچجي، پوءِ ڪو پتر ڪٽي هڻجيس ته پاڻهي ڳالهائيندي، ۽ محبت ڪندي. شام ٿي ته چريت وڃي کوهه تي ويٺو. قضا سان سپ ڇوڪريون اڳيئي پاڻي ڀري هليون ويون هيون، پر بادشاهه جي خاص ٻانهي، باغ جي سير ڪرڻ لاءِ ان وقت اتان اچي لنگهي. هن چا ڪيو جو ڀڪل سير جو اڌڙ ڪٽي ٽڪاءُ ڪرايائينس ڪـڪ ۾... سروڏو لڳڻ سان ٻانهيءَ جو ساهه نه تو ڏتو، نه موٽ. چريت سمجهيو ته پيار کان منهنجي لاءِ سمهي پيئي آهي. سو متان ويهي ڳالهڙيون ڪرڻ لڳس. ماڻس خيال ڪيو ته ڇوڪرو الاجي ڪيڏانهن ويو. سو اچي ان کوهه وٽان لانگهائو ٿي. ماڻس اهو حال ڏسي، کيس چيو ته: هن کي غش اچي ويو آهي، تون وڃي باغ مان ڪو گل پٽي اچ ته سنگهائي جاڳايونس. چريت جي وڃڻ کان پوءِ ماڻس اهو مڙهه گم ڪري ڇڏيو، ۽ جهٽ پٽ هڪڙو دنبو ڪُهي، ان جي متان ڪپڙو وجهي ڇڏيائين. چريت جي اچڻ تي

ان کي ٻڌايائين ته ڇوڪري سري وئي آهي، هاڻي وارو ڪر ته ڪٺي کوهه ۾ اڇلايونس -- نه ته بادشاهه جي سپاهين ڏسي ورتو ته پوءِ پاڻ کي ڦاهي چاڙهي ڇڏيندا. چريٽ جهٽ پٽ دنبي کي کوهه ۾ اڇلائي ڇڏيو، پوءِ ٻئي ماڻهو پٽ ڀوني گهر آيا. ڪجهه ڏينهن ته خير سلامتيءَ سان گذريا، پر آخر هڪڙي ڏينهن شهر ۾ ان ٻانهيءَ جي ڳولا لاءِ وٺ پڪڙ شروع ٿي ويئي. سپاهي هرهڪ ماڻهوءَ کان پڇا ڪندا، گهر گهر جو جهاڙو وٺندا، اچي چريٽ سوداگرزادي جي گهر پهتا. اتفاق سان ان مهل چريٽ اڪيلو گهر ۾ ويٺو هو. تنهن سپاهين کي ٻڌايو ته: برابر هڪڙي ڇوڪريءَ کي مون سرونڌو هٿي ماريو هو، ان جو لاش اسان ڪٺي کوهه ۾ اڇلائي ڇڏيو آهي. سپاهين ورائي ڪٺي سوگهو ڪيس. ايتري ۾ ماڻس به اچي نڪتي، جنهن سموري ڳالهه ٻڌي سپاهين کي چيو ته: ابا! هي ويچارو آهي چريٽ، سو اوهين هن جي ڳالهه تي اعتبار نه ڪريو، ۽ وڃي ڪٿي ٻئي هنڌ ڳولا ڪريو. پر سپاهي ڪٿي ٿا اعتبار ڪن! تن هٿي سوچڙا چريٽ کي ڪيو اڳيان ۽ چيائونس ته هلي اهو کوهه ڏيکار.

ان کوهه ۾ ويچاري چريٽ کي لاٿائون ته لاش ڪڍي ڏي. جڏهن کوهه ۾ گهڙيو، تڏهن سندس هٿ وڃي دنبي جي سڱن کي لڳا. تنهن تي دانهن ڪري سپاهين کي چيائين ته: يارو! مائي کي سڱ به هئا ڇا؟ هنن سمجهيو ته شايد سندس ڳتيل چوٽين کي هٿ لڳوانس، سوانهن جا هڇاڻ ٿوڏئي. تڏهن چيائونس ته: هائو! سڱ به انس. پوءِ وري دنبي جي اَنَّ کي هٿ لڳس. وري رڙ ڪري هنن کان پڇيائين ته: پيلي! هن کي اَنَّ به آهي ڇا؟ هنن ڄاتو ته شايد هن سندس ڪنهن ڪپڙي کي ڇهيو آهي. تنهنڪري چيائونس ته: هائو! اَنَّ به انس، پر جلدي لاش کي ٻاهر ڪڍ ۽ اسان جو اجايو وقت نه وڃاءِ. اهو ٻڌي هن

دنبي کي چڪي ڪٽي ٻاهر ڪيو. سپاهين جڏهن دنبو ڏٺو، تڏهن چريٽ کي گهٽ وڌ ڳالهائيندا هليا ويا.

ماڻس خيال ڪيو ته هي ماريو ڪنهن نه، ڪنهن ڏينهن پاڻ کي به وجهندو ڪاٺ ۾؛ مونکي به وجهندو جنجال ۾، تنهنڪري چڱو ائين آهي ته لڏي ڪنهن ٻئي شهر ۾ هلي رهجي. پوءِ چريٽ پٽ کي ساڻ ڪري، سامان سڙو ڪٺي ڪنهن ٻيءَ بادشاهيءَ ۾ وڃي نڪتي. جتي حياتيءَ جا باقي ڏينهن مزي سان گذاريائين.

٣٦. گُچمُچ راجا ۽ چِچميچ وزير*

هڪڙي وزير جي پٽ کي شڪار جو ڏاڍو شوق هوندو هو. هڪڙي دفعي شڪار ڪندي، ڪنهن ٻيءَ ولايت جي حد ۾ لنگهي ويو. هڪڙو پنڌ اڻ ڏٺل، پيو ٽٻڪ، مٿان وري آج ۾ اچي ڏاڍي لڳيس، سو هيڏانهن هوڏانهن نهارڻ لڳو ته من ڪو اجهو نظر اچي ته ڪا گهڙي آرام ڪريان. پري کان هڪڙو باغ نظر آيس. سٽ پائي وڃي اتي رسيو. ڏٺائين ته هڪڙو عاليشان باغ آهي، جنهن جي وچ ۾ کوهه آهي، کوهه تي نار پيو وهي، ۽ اُن مان باغ کي پاڻي پيو اچي. هيءُ به سڌو اچي کوهه تي پهتو، ۽ وهندڙ ڪسيءَ مان پاڻ به پاڻي پيڻ لڳو ۽ گهوڙي کي به پاڻي پيارڻ لڳو. اوچتو باغ جي مالهيءَ جي نظر وڃي گهوڙي سوار تي پيئي، تنهن ڪوڏر کڻي وٺي ڏانهس لوهه ڪئي. اينديڙي شرط وزيرزادي کي هڪل ڪري چيائين ته: اي گهوڙي وارا! اندو ته ڪونه ٿيو آهين؟ توکي خبر ڪانهي ته هي راجا جو باغ آهي، ۽ تون وري هن ڪسيءَ مان گهوڙي کي پاڻي پيو پيارين! هاڻي گهوڙي جو هيءُ اوبارو پاڻي باغ ۾ وڃي پيو ته باغ جا سڀ گُل ڪومائجي ڇڻي پوندا. وزيرزادي جواب ڏنس ته: ميان آرائين! ڪڏهن گهوڙن جي اوباري پاڻيءَ مان باغ جا گل ڇڻيا؟ اهو ٻڌڻ سان مالهيءَ کي جا آئي ڪاوڙ، تنهن پر ڪري جو ڪنڌ واري ڪوڏر هنيس، ته وزيرزادي جي سيسي وڃي پري پيئي. پوءِ آها سيسي کڏ کڻي پوري، باقي ڌڙ ٻاهر ڪچري جي ڍير

* هيءَ ڳالهه آتر (تعلقي آباوڙي) مان فاضل قائمي کان ملي.

تي ڪٽي اڇلايائين، ۽ گهوڙو ڪاهي وڃي پنهنجي گهر پڌي چڙهيائين.

پوءِ چار ڏينهن گذري ويا پر وزيرزادو گهر نه موٽيو. وزير کي ڏاڍو انتظار ٿي پيو، اهي ڏينهن هن سخت ڳڻتيءَ ۾ گذاريا، تيستائين پنهنجي راجا کان موڪل وٺي، پٽ کي ڳولڻ لاءِ روانو ٿيو. هن پاڻ سان ٻه چار پيري ڪنيا، جي آهوڙ ڏيندا اچي انهيءَ ساڳيءَ ولايت ۾ نڪتا، جتي سندس پٽ ماريو ويو هو. جڏهن انهيءَ باغ جي پاهراڻ پهتا، تڏهن پيرن ٽڪري لاش نظر آيو. وزير سڃاتو ته اهو سندس پٽ جو لاش هو. باغ جي مالهيءَ کي سڏي پڇا ڪيائين ته: منهنجي پٽ کي ڪنهن ڪُٺو آهي؟ مالهي ٻڌايس ته: تنهنجو بيوقوف پٽ، پنهنجي گهوڙي کي باغ جي اڌ تان اچي پاڻي پيارييو هو، گهوڙي جي جُوتي پاڻي ملڻ ڪري، راجا جي باغ جا گل چٽي پون ها، تنهنڪري اُڪ هٿي ماري چڙهيوسانس... توکي جيڪڏهن فرياد ڪرڻو هجي ته راجا جي دربار ۾ وڃي ڪر. پاڻيهي اهو تنهنجو نياءُ ڪندو. وزير سڌو وڃي اتي جي راجا جي دربار ۾ فرياد ڪيو. راجا چيس ته: چڱو، سڀاڻي اچجئين ته تنهنجو فيصلو ڪنداسين.

وزير شهر مان پڇيو ته: راجا جو نالو ڇا آهي؟ ماڻهن ٻڌايس ته ”ڳچمچ“. وري پڇيائين ته: ڀلا، هن جي وزير جو ڪهڙو نالو آهي؟ ٻڌايائونس ته: چچمچ“. وزير ٻئي نالا ٻڌي عبرت ۾ پئجي ويو، دل ۾ چيائين ته ”هي وري ڪهڙا نالا آهن“. قصو ڪوتاهه ٻئي ڏينهن وزير دربار ۾ ويو، جتي ڳچمچ راجا ۽ چچمچ وزير ٻئي ويٺل هئا. راجا فريادي وزير کي چيو ته: فرياد ٻڌاءِ! جنهن تي هن سڄي حقيقت بيان ڪري ٻڌائي. راجا حقيقت ٻڌي، چيو ته: ”هي تمام ڏکيو فيصلو آهي، پر پيهه ته وزير کان صلاح پڇان. ڳچمچ راجا پنهنجي چچمچ وزير کان صلاح پڇي، جنهن چيو ته: سائين! ڳالهه ته تمام

سَوَلي آهي... هي ماڻهو پنهنجي زال هن ماڻهوءَ کي ڏيئي وڃي. ماڻهي ان سان شادي ڪري... پوءِ جڏهن انهن کي پٽ ڄمي، تڏهن ماڻهي ان کي نپائي وڏو ڪري. جڏهن اهو ڇوڪرو هن ماڻهوءَ جي مٿل پٽ جيڏو ٿئي، تڏهن هي ماڻهو پيلي پنهنجي زال ۽ پٽ وٺي وڃي. دانهين وزير هي فيصلو ٻڌي عجب ۾ پئجي ويو. شهر مان پڇڻ تي معلوم ٿيس ته هن ولايت جو نالوئي آهي ''بيدادي نگري''، ۽ هتي اهڙائي انصاف ٿيندا آهن. ماڻڙي ڪري وزير پنهنجي پٽ جو لاش ڪٺائي ملڪ موٽي آيو. پٽ جي دفن ڪفن کان پوءِ هو پنهنجي راجا وٽ ويو، ۽ کيس سموري حقيقت ٻڌائي، موڪلن گهريائين ته: مونکي ڇڏيو ته پنهنجي پٽ جو وير وٺي اچان. راجا کيس اجازت ڏني. هن ٻه پيون سڀ ڳالهيون ڇڏي، بيدادي نگريءَ ڏي ڪٺي رخ رکيو.

ٿورن ئي ڏينهن کان پوءِ وزير اچي بيدادي نگريءَ ۾ پهتو. شهر ۾ گهمي ڦري هڪڙو گدام خريد ڪري، ان ۾ اَنّ جا ڪجهه ٻورا ڪٺي لهرايائين. ان بعد هن شهر ۾ ٻڙهو گهمايو ته: ان اَنّ جو واپاري آهيان، هن شهر جي اڳهه کان آنوٽا ٿويا اَنّ جا هڪ رهئي ۾ ڏيندس— جنهن کي اَنّ وٺڻو هجي، سو پنهنجا پئسا اڳواٽ جمع ڪرائي وڃي. شهر جي ماڻهن جو اهو پڙهو ٻڌو، سو پاڻ ۾ صلاح ڪيائون ته هيءَ ته ڏاڍي سوج ٿي. سو ٿپڙ ٿاڙي، ڳهه ڳڻا وڪڻي، هڙ سوڙي ڪٺي، وٽس پئسا جمع ڪرائڻ لڳا. جڏهن سڄي شهر جا پئسا ۽ زيور هن وٽ اچي پهتا، تڏهن ٻڙهو گهمايائين ته: اڄ اَنّ هلندو، تنهنڪري سيڪو ماڻهو اچي پنهنجو اَنّ وٺي وڃي. ماڻهن جا انبوهه اچي گڏ ٿيا. وزير اَنّ جو هڪڙو ٻورو کولي ڪٺي آڏو رکيو. ماڻهو حيران ٿي ويا ته آخر هيترن سارن ماڻهن کي هي هڪ ٻورو ڪيئن پورو پوندو؟ آخر هڪڙو واپاري پنهنجا ٻورا ڪٺي- اَنّ پرائڻ ويٺو. جڏهن ڏڙوائيءَ ٿيو اَنّ

۾ وڌو، تڏهن وزير اچي ٻانهن کان جهليس، ۽ چيائينس ته:
سون ڪا سڳڻ ٽوين ڀيري ڏيڻ جي ٻول ڪئي هئي ڇا؟
واپاري حيران ٿي ويا. پڇيائون: تڏهن ڪيئن؟ وزير چين ته:
ٽويا ڀربا اونڌا - جي قبول ڀوتو ته واهه، جي نه ته هليا وڃو
۽ وڃي راجا وٽ فرياد ڪريو. سڀ خلقت حيران ٿي ويئي.
پوءِ ته ٻئا راجا وٽ - چي: سائين! ههڙو انڌير؟ ڪڇمڇ راجا
ڇڇمڇ وزير کان پڇيو ته: ڪهڙي ماجرا آهي؟ وزير عرض
ڪيو ته: سائين! هڪڙو واپاري آهي، جنهن ٻول ڪئي آهي
ته جيترا ٽويا آنءُ هڪ رپئي جو شهر ۾ ٻيا واپاري ٿا ڏين،
تنهن کان آڌ انوٽا ٽويا ڏيندس - پر سنوڻ ٽوين ڀيري ڏيڻ
جي ٻول نه آهي... ٽويا ڀري ڏيندس اونڌا. راجا هيءَ ڳالهه
ٻڌي منجهي پيو، سو پنهنجي وزير کان پڇيائين ته: وزير!
هن ڳالهه جو نيٺ ڪهڙو آپاءُ آهي؟ وزير چيو ته: سائين!
فيصلو هن ريت آهي ته نه هنن جا سنوان، نه هن جا اونڌا -
ماڳهين ٽويا پاسيرا ڀريا وڃن. ڪڇمڇ راجا اهو فيصلو ٻڌي
ڏاڍو خوش ٿيو ۽ هڪدم ڇڇمڇ وزير کي حڪم ڏنائين ته:
اهو اعلان ڪيو وڃي. وزير سڄيءَ رعيت ۾ انهيءَ گهڙيءَ
اهو اعلان ڪري ڇڏيو.

هوڏانهن وزير جنهن جو پٽ ناحق ڪسجي ويو هو
تنهن جو اعلان ٻڌو، سو پيرن هيٺان زمين نڪري ويس.
هن جي ليکي ته راجا کيس گهرائي پڇندو ته: ميان! هي
آونڌن ٽوين جو ڪتان جو وهنوار ٿيو. ته پاڻ به راجا کي
چوندو ته: سائين! تڏهن هي وري ڪتان جو وهنوار ٿيو
ته پٽ به ڪسجي منهنجو ۽ زال به پنهنجي آٽي مالهيءَ کي
ڏيان ته ويهن سالن کان پوءِ پٽ ڇٽي تاتي نپائي وڏو
ڪري ڏيم. پر هتي هن ڪڇمڇ راجا ۽ ڇڇمڇ وزير جي ولايت
۾ ته هرڪا ڳالهه آبتي! سو ويچارو چپ ڪري پاسيرو ٿي
ويهي رهيو. پوءِ ڇڇمڇ وزير پاڻ پنهنجي هٿن سان ويهي

هن جي هڪڙي ٻوري آنءَ جي مان واپارين ۽ ماڻهن کي پاسيرا ٿويا پري ڏيڻ لڳو. پلا پاسيرن ٿوين تي ٻه چار داڻا آنءَ جا مس چڙهن، سو سڄي شهر ۾ ماڳهين هِن جو اهو هڪ ٻورو آنءَ جو مَس کتو... ۽ ٻوءِ پٽ جي خون تان هٿ کڻي، بيداد نگريءَ جي ماڻهن جي سڀ دولت ميڙي، خرزينون ڀرائي، اتي هليو. ڪن ڏينهن کان پوءِ خير سان موٽي اچي پنهنجي ملڪ رسيو، ۽ شڪرانا ڪيائين جو جان بچائي موٽيو هو، نه ته پٽ جي پويان مرڳو سندس ٻه مير ويو هو.

٣٧- دولت جو نشو*

ڪنهن بادشاهه جو هڪڙو خاص حجام هوندو هو، جيڪو هوندو ته سنئون سڌو ماڻهن جهڙو ماڻهو هو، پر حجامت ڪندي، ڳالهين مٿان ڳالهين ۾ جو اچي ويندو هو، ته بس ٿي ڪين ڪندو هو... بادشاهه کي به ايندو هو مزو، سو ويٺو هن جون اوپاريون لهواريون ڳالهيون ٻڌندو هو. حجام جي هڪڙي ڏاڍي عجيب عادت هوندي هئي، جنهن کان بادشاهه کي ڪاوڙ به ڏاڍي ايندي هئي، پر هن کي عادت کان مجبور ۽ چريو سمجهي، ڪٿي ماٺ ڪندو هو. حجام جي عادت هئي ته بادشاهه جي سنوارت لاهيندي لاهيندي، ڪٿان جون ڳالهيون ڪٿان پيو آڻيندو هو، ۽ ائين ڳالهائيندي ڳالهائيندي ڪونه ڪو موقعو ڪڍي بادشاهه کي چوندو هو ته: سائين! منهنجو پٽ به اچي جوان ٿيو آهي، هزارن ۾ هڪڙو آهي... اوهان جي جٽي بچي وڏي شهزادي به اچي سامائي آهي، جي مهر جي نظر ڪري شهزاديءَ جو سڱ ڪٿي منهنجي پٽ کي ڏيو ته جيڪر منهنجو پٽ به آڏجي پوي، ۽ شهزادي به وڃي شينهن ڪلهي چڙهي! حجام جي هيءَ ڳالهه ٻڌي، بادشاهه کي ڪاوڙ هڪڙي پاسي ايندي هئي ته کل ٻئي پاسي، ۽ ڪڏهن ڪڏهن، جڏهن هو چرچي ڀوڳ جي خيال ۾ هوندو هو، تڏهن کلي حجام کي چوندو هو ته: چڱو، پر هاڻي ڪجهه مهلت ڏي ته آءٌ راڻيءَ ۽ شهزاديءَ سان صلاح ڪري وٺان.

ڪجهه ڏينهن ته اهو قصو ائين هلندو رهيو. آخر هڪڙي ڏينهن بادشاهه پنهنجي وزير سان صلاح ڪئي ۽

---

* هيءَ ڳالهه وچولي (تعلقي هالا) سان علي اصغر کان ملي.

پڇيائينس ته: وزير، عقل جا ويرا! هيءَ مام ته پروڙي ڏي ته هن حجام سونڪي گهٽي وقت کان ايڏو تنگ ڪيو آهي، سو آخر ڪهڙي ڳالهه جي زور تي سون حاڪم کان سگهه جي گهرڻو ڪري. وزير، بادشاهه کان ويچار ڪرڻ جي موڪل ورتي.

ٻئي ڏينهن وزير، بادشاهه کي ٻڌايو ته جيئنڌا قبلا! هيءُ سڄو ته دولت جو ئي ٿي سگهي ٿو، جو حجام بادشاهه کان سگهه گهري. مگر سوال آهي ته ڪيئن خبر پوي ته هن وٽ ڪيتري دولت آهي، ۽ ڪٿي آهي! آخر وزير، بادشاهه سان صلاح ڪري، حجام جي گهر کي ڌاڙو هڻايو. ڌاڙيل حجام جي گهر کي ٻهاري ڏيئي ويا. وزير ۽ بادشاهه سمجهيو ته هي حجام جو ٻچڙو هاڻي ايتري جُرئت ڪري نه سگهندو. پر ائين نه ٿيو. ٻئي ڏينهن حجام سنوارت ڪرڻ وقت جڏهن تريءَ تي پاڪي کي ٽڪو ڪرڻ لڳو، تڏهن وري بادشاهه کان ساڳيءَ طرح سگهه جي گهر ڪرڻ لڳو. ان وقت ته بادشاهه وري به ڪلي هن کان مهلت گهري جند ڇڏائي.

ٻيءَ رات وزير ڇا ڪيو جو جنهن فرش مٿان ويهي حجام سنوارت ڪندو هو، اهو رات وچ ۾ کوٽايائين. ڇا ڏسي ته مارا! فرش هيٺان خزاني جون ديڳيون پوريون پيون آهن. وزير سمجهي ويو ته محلات ۾ اهو پوريل خزانو بادشاهه جي وڏن جو رکيل هو. هاڻي جڏهن حجام سنوارت ڪاڻ لاءِ اچي انهيءَ هنڌ ويهندو هو، تڏهن قدرت سان مغزچرخ ٿي ويندو هئس ۽ بادشاهه کان سندس ڏيءَ جو سگهه گهرندو هو. وري جڏهن انهيءَ هنڌان اٿندو هو، تڏهن ماڻهن جهڙو ماڻهو. پوءِ ته هن اتان سڀ سون رُپو ڪڍائي، وري رات وچ ۾ ئي فرش ٻڌائي ڇڏيو.

ٻئي ڏينهن دستور موجب جڏهن حجام سنوارت ڪاڻ آيو، تڏهن بادشاهه سان ڪچيوئي ڪين. آخر بادشاهه چيس

تہ: تو منهنجي وَڏهر ڏيءَ جو سڱ گهريو هو، پلا هاڻي تياري ڪرا حجام کي اچي ٽڙڪڻي لڳي، چپ خشڪ ٿي ويس، ڏڪندي ڏڪندي چيائين تہ: بادشاھ سلامت! هي ڇا پيا چئو؟ آءٌ اوهان جي ٻانهيءَ جو يار حجام، ڪٿي مان ڪٿي اوهين بادشاھ! سون اِئين سائينجن کي ڪيئن چيو هوندو! ائين اڏڪابرو بہ چار لفظ ڳالهائي، حجام ويچارو بيهوش ٿي ڪري پيو. بادشاھ مٿس گلاب ۽ عطر ڇٽڪاري کيس هوش ۾ آندو.

ان ڏينهن کان پوءِ وري ڪڏهن بہ حجام، بادشاھ سان پنهنجي پٽ جي آڏجڻ ۽ شهزاديءَ جي شينهن ڪلهي چڙهڻ جي ڳالهہ ڪانہ ڪئي. هڪڙي ڏينهن بادشاھ وزير کان پڇيو تہ: وزيرا اها آخر ڪهڙي ڳالهہ هئي؟ وزير عرض ڪيو تہ جيئندا قبلا! هي سڀ دولت جو نشو آهي.

صحت نامو

صفحو/سٽ	غلط	صحيح
۹/۱۰	جاءِ	جاءِ گهرجي ۽
۲۱/۲۳	حواي	حوالي
۲۴/۳	ڏٺيءَ جي سان	ڏٺي جي قدرت سان
۲۸/۵	شهزادي جي ساٿ	جادوگرياڻي
۶۴/۳	هٿ	هٿ
۱۱۹/۱۰	رج	راڄ
۱۲۰/۷	يوکن	پوکن
۱۲۱/۲۴	راز	راض
۱۳۴/۷	ماڻهوءَ ٻہ تعبير	ٻہ ماڻهو تعبير
۱۶۳/۳	شڪ	شڪا
۱۶۶/۱۷	لنهنڪري	تنهنڪري
۱۷۶/۱۵	جوندو	چوندو
۱۷۷/۵	هوندئي	هوندي ئي
۱۹۳/۱۰	سياڻي	سياڻي
۱۹۹/۸	ع رت	عورت
۲۰۰/۱۱	ترار	ترار
۲۲۴/۱۳	ٻڌي، وائڙو	ٻڌي، سو وائڙو

SINDHI FOLKLORE & LITERATURE BOOK - XXII

FOLK TALES-II
(KINGS, MINISTERS & MERCHANTS)

Compiled & Edited
by
N. A. BALOCH
M. A., LL. B. (Alig.), M. A., Ed. D. (Columbia.)
Director
Sindhi Folklore and Literature Project
Sindhi Adabi Board.

SINDHI ADABI BOARD
P.O. Box No: 12
JAMSHORO/HYDERABAD
PAKISTAN
1987

All Rights Reserved with the Sindhi Adabi Board.

Compiled under
The Sindhi Adabi Board's Research Project
on
Sindhi Folklore & Literature

Ist. Edition	February 1963	1000 Copies
2nd. Edition	December 1977	4000 Copies
3rd. Edition	August 1987	2000 Copies

[Price: Rs. 30.00]

To be had from
SINDHI ADABI BOARD'S BOOK - STALL
Tilak Incline, Hyderabad City

(G. P. O. Box No: 12 HYDERABAD SIND)

Printed] by Mian Allah Bachayo M. Yusufzai, Manager Sindhi Adabi Board's Offset Press Jamshoro Sind and Published by Mr. Mohammad Husain Turk, Secretary, Sindhi Adabi Board, Jamshoro, Sind, Pakistan.

PREFACE

This is the Twenty-second book, in serial order, compiled under the Sindhi Adabi Board's Folklore and Literature Project. In 1956, the Board had approved this 5-year research project (1957-1961) for the collection, compilation and publication of Sindhi folklore and literature. It has now been extended for a further period of three years, 1961-1963.

The scheme has been deliberately named as 'Folklore and Literature Project'. At the present stage, a considerable body of verse and tales is current through oral tradition among the village folk with which the educated and the intellectuals are not familiar. All this material in verse and prose is 'folklore' in the sense that it is popular and preserved with the village folk; yet, a considerable part of it is 'standard literature', and will be recognised as such after it is published.

The initial work on this project was started in January 1957, and the first two years were devoted mainly to the collection of material both from the oral traditions of the village folk and the written record. The oral tradition was reduced to writing through a network of field-workers, one stationed in each taluka. The compilation and publication work commenced from 1959.

The project aims at publishing representative works pertaining to the following selected segments of Sindhi folklore and literature: (*a*) Fables and Fairy tales; (*b*) Pseudo-historical romances; (*c*) Tales of historical nature; (*d*) Folk-poetry,; (*e*) Folk-songs; (*f*) Marriage-songs; (*g*) Poems pertaining to wars and other events; (*h*) Riddles; (*i*) Proverbs; (*j*) Wit and humour, and (*k*) Folk customs and superstitions. It is expected that forty basic

works will be compiled under the above categories. By now, 12 works have been published, 11 are under print and the rest are under compilation.

Of the seven books planned under the Project to incorporate different varieties of folk-tales, legends and other stories, this is the second book pertaining to what may be called 'the tales of kings, ministers and merchants'. The village folk call all kinds of tales and legends *Kahanyoon* (tales) or *Galhiyoon* (stories), more often qualifying them as *Badshahan jun Kahaniyoon* or *Galhiyoon, the tales or stories of kings,* because most of the tales open with the mention of a king. This may be considered as the general name for Sindhi folk-tales, though individual tales are called by the name of the king or any other person who figures prominently in the tale.

A broad division of Sindhi folk-tales into 'classical' and 'popular' may be made for convenience sake. Some of the significant features of the 'classical type', *e.g.*, the nature of the plot, fulfilment of 'conditions' set for the hero and the typical super-natural characters, were briefly described in the 'Preface' to the First Volume published in December, 1960.

This volume includes thirty seven tales mostly of the 'classical type'. The super-natural characters, such as demons, fairies, genii, witches and sorcerers play their part, as also the human characters such as kings, princes, ministers and merchants.

From the point of central idea, these tales may be classified as follows:

- Adventures and Individual Valour Nos. 1,2,12,14,27,30 & 31.
- Romance Nos. 23 & 24.
- A real fairy tale No. 6.

- Fortune and Misfortune Nos. 9 & 29.
- Husband's Wisdom Nos. 10, 17, 19, 20, 22, 28 & 33.
- Wife's Wisdom Nos. 8, 18, 25 & 32.
- Haste makes waste Nos. 3 & 4.
- Punishment for not keeping promise No. 5.
- Folly Nos. 35 & 36.
- True Friendship Nos. 15, 16 & 31.
- Alms giving No. 13.
- Admonition Nos. 7, 11, 26 & 34.

Thirty nine (39) Sindhi folk-tales have been brought to light through the publication of the first volume of this series. With the publication of this second volume, a total number of seventy six (76) tales would have been laid under contribution.

University of Sind,
Hyderabad.
February 19, 1963.

N. A. BALOCH,
Director.

سنن
لوڪ ا

س
لوڪ
ج

سنڌي
ڪچي
پا

پڙهندڙ نَسُل . پ نَ

The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻِڪَ ”لُڙهندڙ نَسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڇُرندڙ، ڪِرندڙ، اوسيئڙو ڪَندڙُ، ياڙي، ڪاڙُو، ياڄوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعني e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نَسل (پَنَ) کا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو کو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعویٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہ ڪُوڙو آهي.

جهڙيءَ طَرَح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پَڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، ٻَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. ٻين لفظن ۾پَنَ کا خُصوصي ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَٻِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَن پاران ڪتابن ڪي ڊِجِيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجِيٽائِيز ڪرڻ ڪان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَن سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي ڪُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي ته هو وَسَ پٽاندڙ وڏِ کان وَڏِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن به رُڪاوٽَ کي نه مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو ته:

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جٿن جٿن جاڙ وڏي تي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موٽي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛
گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن........

... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،
جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!
مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نه آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،
جنهن رِڻ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ -

اِن حسابَ سان اٽڪاٽائي کي پاڻ تي اِهو سوچي مَڙهڻ ته ”هاٽي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نه وڃايو“ نادانيءَ جي نشاني آهي.

پَنَ جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۾ سماجي حالتن تان نظر ڪجي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڻجاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پَڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **چو، چالاءِ ۽ ڪينئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشَ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽٽر گهرج necessity unavoidable سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻَ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا. بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ياڪي پائي چيو تہ ”منهنجا ياءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)